نيڻين ننڊ حرام



منوهر بيدي - جگديش لڇاڻي

وڊيو فلم اسڪرپٽ

نيڻن ننڊ حرام

(شاهه جي حياتي، ڪلام ۽ تخليقي تصورات جي آڌار تي)

رچناڪار :

منوهر بيدي - جگديش لڇاڻي

وينا پبليڪيشن

٧٠١، راجو اپارٽمينٽ،

گول ميدان، الهاسنگر - ٤٢١٠٠١.

فون : 540103

نيڻين ننڊ حرام : هڪ نئون ڪرشمو

— پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي

”نيڻين ننڊ حرام“ هڪ ويڊيو - ناٽڪ آهي، جو منوهر امدي ۽ جگديش لڇاڻيءَ جي قلم جو هڪ نئون ڪرشمو آهي. هنن اڳ ۾ به ڪن نامور هستين تي اهڙا ناٽڪ لکي پيش ڪيا آهن جي اڃا تائين پردي تي پيش نه ٿيا آهن پر عام انسان پستڪن جي روپ ۾ پڌرا ٿيا آهن ۽ مقبوليت حاصل ڪئي اٿن. هنن کي اهو امتياز حاصل آهي جو هنن سنڌي ادب ۾ اها هڪ نئين صنف ايجاد ڪئي آهي. اهو پڻ هڪ معجزو آهي جو هو بنا ڪنهن رقابت ۽ دلي صداقت سان اهڙيون رچنائون رچيندا رهن ٿا. اهو هڪ حيرت انگيز مثال آهي؛ نه ته هن رشڪ ۽ حسد جي زماني ۾ ڪيئن جيڪر هڪ ٻئي کي ساٿ ڏيندا اچن! اهو پڻ هڪ راز آهي ته هو ڪهڙي طريقي سان ڪنهن موضوع جو احساس ٿا ڪن ۽ ان کي لباس پهرائڻ ۾ ڪهڙو فنڪاريءَ جو نمونو ڏيئي وڃن. ٻنهي جو روحاني ملاپ آهي ۽ جڻ روحاني يوڳ آهي.

هي ويڊيو ناٽڪ شاهه ڀٽائيءَ جي زندگي ۽ سندس سير-و-سياحت جي نسبت ۾ آهي ۽ ان کي مطالع ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هنن نه رڳو خود رسالي جو اڀياس ڪيو آهي، پر رسالي ۽ شاهه جي سوانح عمريءَ تي عالمانه ادب به ڪافي پڙهيو اٿن ۽ موزون هنڌن تي شاهه صاحب جي ڪلام سان اثر انگيز مثال پيش ڪيا اٿن. جوڳين جي صحبت ۾ سندس قلب ڪيئن روشن ٿي ڪنول جي صورت ورتي، سو ساڻس ڪامل سنياسين جي گفتار مان پڌرو آهي.

عنوان : نيڻين ننڊ حرام
رچناڪار : منوهر بيدي ۽ جڳديش لڇاڻي
سال : ١٩٩٣
تعداد : ٥٠٠ ڪاپيون
قيمت : ٩٩ رپيا

ڇپائيندڙ : راجيش لڇاڻي، ويٽا پبليڪيشن،
٧٠١، راجيو اپارٽمينٽ،
گول ميدان، الهاسنگر - ٤٢١٠٠١.
فون : ٥٤٠١٠٣
ڇپيندڙ : ديپ پرنٽرس،
٦، اما ساگر اپارٽمينٽ،
بابا ڍولورام دربار جي سامهون،
الهاسنگر-٤٢١٠٠١. فون : ٥٤٨١٦٣

Title : NENEN NIND HARAM
(Video Film Script on the Life, Poetry & Creative Imagination of Shah Abdul Latif)
Authors - Manohar Bedee & Jagdish Lachhani
Year : 1993
Copies : 500
Price : Rs. 99/-

Publisher : Rajesh Lachhani
701, Rajiv Apt. Goal Maidan,
Ulhasnagar-421001. Tel. 540103
Printers : DEEP PRINTERS
6, Amma Sagar Apartment,
Opp. Baba Dholuram Darbar,
Ulhasnagar-421001, Ph. 548163

حوالي ۾ وڌو ھو. قدرت کي شايد منظور ھو ته ڪيس محبت جو ٿورو ڪاٽ لڳي ۽ سندس قلب ۾ سمايل شاعراڻي خزاني جي ڪنجي ڪيس عطا ڪئي. اھو پھريون واقعو ھو جنھن مٿس ارقي اثر پيدا ڪيو ۽ جوڳ جو مارڳ ورتائون. سنياسين جي صحبت جي اثر ۽ مجاز جي اثر کي ناٽڪ ۾ اھڙي نروار ڪيو آھي:

يار سڄڻ جي فراق،
ڙي جنڊيون! آئون ماري...!
عبداللطيف چئي پرين اسان جو،
ھميشه آ حسناڪ!
يار سڄڻ جي فراق...

مٿين سٽڻي واڻي موزون ھنڌ تي آڻي شاھ جي دلي ڪيفيت کي آئيني مثل روشن ڪيو اٿن.

شاه ڪنھي ٽڪر کان ھنگلاج تائين ڪاپڙين جي قافلي سان جيڪي نظارا ڏٺا، تن ڪيس سسئيءَ جي ڪشالن جي ياد ڏياري ۽ ڪنڌر پاڻ تي ڪوري ۽ چام لماڇيءَ جي عشق ۽ محبت جو نظارو اچي اکين اڳيان بيٺس، موٽندي درياه جي دھشت جو درشن ڏنائين. دل جي آئيني ۾ سسئيءَ جو حال پرو ڙھائين. موٽندي گجرات ڪڇ، ڪاٺياواڙ، ٿر جو سفر ڪندي، مومل ۽ راڻي، پنھل ۽ راءِ ڏياچ، ليلا - چنيسر ۽ ماروئيءَ جي قصن کي دلنشين ڪيائين ۽ پنھنجي ڪلام ۾ وقت-آميز لوري پيش ڪيائين. انھن سڀني سرن مان ھن ناٽڪ ۾ سندن ڪلام مان اثر - پذير ٿيڻ آندا ويا آھن فردوسي جنھن شاھنامو لکي، ايران کي امر ڪيو، سو چوندو ھو ته جيڪي به جنگيون يا نظارا وغيره مون بيان ڪيا آھن، سي منھنجي تصور جي پردي تي عيان اچي ٿيندا ھئا. مھاڀارت ۾ سنجيه جو مثال ڏيکاري ٿو ته - اھڙن پھتل شخصن جو قلب

آلائشان اڳي ٿيا، موٽي ٿين نه مس-
هو ناپاڪائيءَ کان آجا هئا ۽ موٽي مٿن ڪا ميراڻ نه چڙهي.
روميءَ سچ چيو آهي - گروچه سنگ خاره...

” جيتوڻيڪ تون سخت پٿر هجين ته به ڪنهن درويش جي صحبت ۾ گوهر ٿي پوندين. “ پنهنجي ليکڪن تي اُن ساڳيو پرڀاؤ پيو آهي.

اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته شاهه صاحب جي هٿ اکري ڪٿي به موجود ناهي پر هو پاڻ سان هميشه روميءَ جي مثنوي ۽ شاهه ڪريم جو رسالو گڏ رکندو هو. اهو به ذڪر پيو ويو آهي ته ڪنهن سندس پڙ ڏاڏا شاهه ڪريم ۽ ڀٽ واري هنڌ تان لنگهندي پيشنگوئي ڪئي هئي ته ” اسان جي پوين مان هڪ لاثاني گوهر پيدا ٿيندو. “ ظاهريءَ طرح پنهنجي اُستاد نور محمد ڀٽيءَ وٽ الف کان زياده اڳتي نه وڌيو پر اهڙن خدا دوستن تي علم لدني نازل ٿيندو آهي، جنهن ۾ سڀئي علم سمايل هوندا آهن. مون کي خوشي آهي، جو جڳديش ۽ منوهر الهيءَ جو ذڪر آندو آهي. انهيءَ مان ثابت آهي ته سندن مطالعو وسيع ۽ صحيح آهي. روميءَ جو مشهور سخن شاهديءَ طور پيش ڪيو اٿن :

علم اهل - دل نه از مڪتب بود،
بلڪ از تلقين هاي رب بود.
بي ڪتاب و بي حساب و بي ادب
اوليا را حق ڪند علمي نصيب.

مطلب ته درويشن جي تعليم ڪنهن مدرسي مان ناهي، پر سڌو ڪين رب کان عطا ٿيل آهي. بنا ڪنهن حساب ڪتاب ۽ اُستاد جي ڪين هيءُ علم عطا ٿئي ٿو.

مرزا جي دختر جي خليلانيءَ ۾ دنا طلبيءَ لاءِ ڪيس سندن

پنهنجي پاران :

اسان ٻن اديب - دوستن جي "نيڻين ننڊ حرام" اسڪرپٽ فارم ۾ ڇهن گڏيل رچنا آهي. هيءَ رچنا شاهه جي (نامڪمل ئي سهي!) تصوير آهي. هن تصوير ناهڻ ۾ ٻن ڄڻن ڀاڱو ورتو آهي. هڪ لڪيرون ڪڍيون آهن ٻي رنگ ڀريا آهن. هڪ دل لڳائي آهي، ٻئي دماغ لڳايو آهي- تڏهن ئي وڃي شاهه جي هيءَ نامڪمل تصوير مڪمل ٿي آهي

سنڌ جي ڌرتي ڀوميءَ تي سن ١٦٨٩ ۾، هڪ اعليٰ درجي جو، مهان سنت ڪوي شاهه عبداللطيف پيدا ٿيو، جو دنيا جي مشهور ۽ معروف شاعرن ۾ هڪ ممتاز هستيءَ جو مالڪ آهي هنجي شاعراڻي قوت اعليٰ پيماني تي ڄاتل هئي، جنهن ڪري هر طرح ڪامل ۽ هر دلعزيز شاعر ٿيائي ڇڏيو. شاهه جو شعر انيڪ ادائن جوهرن سان معمور آهي، جنهن تي سنڌ ۽ هند جي سنڌين کي ناز آهي.

شاهه ڀٽائيءَ جي امر ڪوتا ۾، سنت ڪوِن ڪبير، سورداس، تلسي ۽ ميران وانگر ڀڳتي، ويراڳ، يوگ ۽ گيان جو ميل آهي. هن پنهنجي وقت جي مذهبي تنگدليءَ، تعصب ۽ ڪٽرپڻي خلاف آواز اٿاري، عالم جي صحيح نموني رهنمائي ڪئي. حسام الدين راشدي شاهه لاءِ ٺيڪ ئي فرمايو آهي، "... درحقيقت هن جي ذات يا هنجو پيغام نه ڪنهن خاص طبقي جي ميراث ۽ نه ڪنهن خاص ملڪ جي ملڪيت آهي. هن جو ڪلام هر انساني برادريءَ جي ميراث آهي ۽ هن جو پيغام سڀني انسانن لاءِ آهي، ڀل هو مشرق ۾ رهندا هجن يا مغرب ۾."

ئي آئينو آهي؛ انهيءَ ڪري هو سنڌين ۽ ڳراڻين کي ڪرڪيتر جي پٽ سماچار ڏيئي سگهيو. ملٽن ۽ هومر ٽالهن هئا ته اسلاطني نظر سان پرکيو ۽ آڪاش جا درشن پيش ڪيا اٿن. شاه جو ڪلام ته انهيءَ نموني الهام جي صورت ۾ آهي، جنهن جو ڳڻي پروڙڻ ٿو فرمائي. مطلب ته شاه جا سب ڳهريا ۽ ڳوڙها پاڙائون ناٽڪ ۾ آيل آهن ۽ درويشن سان ملاقاتن سان گڏ شاه سان جوڳين جي گيان-گوشٽ ۽ قاضين ۽ مخدومن جي ديني ۽ روحاني گفتار جو به ذڪر آندو ويو آهي. رسالي جي جدا جدا سرن مان به مثالي بيت پيش ڪيا ويا آهن.

وڌيڪ وستار جي ضرورت ناهي ڇو ته "عيان را چه بيان" ديني جهڙي پڌرو آهي، تنهن کي بيان ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ ناٽڪ پڙهڻ سان شاه بابت سموري ڄاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ ناٽڪ ڏسڻ سان (جي پيش ٿيو) حاضرين تي سندس اعليٰ شخصيت جو سڪو دل تي دائم قائم رهندو. مان ليکڪ ۽ پيدا ڪندڙ کي بيحد مبارڪون ٿو ڏيان جو هنن ناٽڪ جي صورت ۾ شاه کي زنده روپ ڏنو آهي.

حافظ صحيح ٿو چوي ته:

هرگز نه ميرد آنکه دلش زنده شد به عشق
ثبت است بر جريده عالم دوام ما (حافظ.)

"هرگز اهو نه مري، جنهن جي دل عشق سان زنده آهي. دنيا جي دفتر ۾ اسان جي امرتا هميشه لاءِ اڪري پئي آهي."

سئنيما جي ايجاد جتي ناٽڪ ـ ڪلا کي ڪافي ڌڪ هنيو، اتي ريڊيو جي ايجاد "براڊ ڪاسٽ اسٽوڊيو" ۾ ان جو جنم نئون جنم ٿيو. ٻهراڙين ڏنهو ناٽڪ ـ ڪار کي منورنجن جي موقعن جي سهنجن، ڏاڍن ۽ گونج ڀور ڪان مڪتي ملي. ريڊيو لاءِ ناٽڪ لکڻ وقت ناٽڪ ـ ڪار کي پڙدن جو مٿين اسٽيج رکڻ ۽ فرنيچر ٺاهڻ کان ٻاهر آڻڻ لاءِ Sexual Bribery ڏيڻ جي ضرورت نه هئي. تنهنڪان سواءِ ريڊيو ـ ناٽڪ، ليکڪ کي اسٽيج جي پابندين ۽ زمان ۽ مڪان جي پڙدن کان به مڪت ڪري ڇڏيو، ڇو ته ريڊيو ـ ناٽڪ ۾ زمان ۽ مڪان جي سوچنا صرف آوازن (Sound Effects) ذريعي ئي ڏني ويندي آهي. ٻيو اڄ جي يگ ۾ سائنس انسان کي اهڙا به وڌيڪ سهولتون مهيا ڪري ڏنيون آهن ۽ اهو سائنس جي سهولت جو اُپيوگ ڪلا جي ڪيتري ۾ به ٿيڻ لڳو آهي. اڄ وگيان ويڊيو ـ يگ کي جنم ڏنو آهي ۽ ويڊيو ـ يگ جو اهم ذريعو آهي ٽيليويزن، جا تمام تيزي رفتار سان سئنيما تي به حاوي ٿيندي ٿي وڃي. اڄ انسان کي وگيان جي بدولت ايتري سهولت ميسر آهي جو اسين پنهنجي گهر جي ڊرائنگ روم ۾ ويهي، پنهنجي مرضي مطابق پنهنجي دل ـ پسند ڪا به ويڊيو ڪئسيٽ ڏسي سگهون ٿا. مطلب ته گهر ۾ ئي انسان کي وندر جو ذريعو ميسر ٿيڻ لڳو آهي

اڄ راماين ۽ مهاڀارت دنيا کي پاڳلپڻي جي حد تائين عجب ۾ وجهي ڇڏيو آهي، انهيءَ سڀني کي خبر آهي. "بنياد" جي رسٽي پنجابي تهذيب جي سڳنڌ سرحدون لتاڙي دور دور تائين ڦهلجي چڪي آهي. "تمس" سالن جا سال ماڻهن کي ياد ڏياريندي رهندي ته پنجاب جي سکن و رهاڱي جي اڳ ۾ ڇا ڇا سواءِ ڪيو ۽ ڪيتري حد تائين شعلن جي تپش سٺائون ۽ قربانيون ڪيائون. "ڇولي دامن ۽ ساٿڄها ڇولها"

صحيح معنيٰ ۾ شاعر انکي ئي سڏي سگهبو آهي، جنهن جو ڪلام زمان و مڪان جي پابندين کان ٻري، هر دؤر ۽ هر ماحول سان ٺهڪندڙ هجي. شاهه صاحب کي شعر چئي ٽن صدين کان مٿي عرصو ٿيو آهي پر پوءِ به سندس ڪلام جي ڪشش ۾ ڪمي ڪين آئي آهي. اڄ به سندس ڪلام اسان لاءِ ساڳي موزونيت ۽ مناسبت رکي ٿو. شاهه، پنهنجي ڪلام ۾ جذبات جي اها تند تنواري آهي، جا اڄ ڏينهن تائين سنڌ ۽ هند جي باشندن جي ڪنن ۾ گونجندي رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان هن دفعي پنهنجي اسڪرپٽ جو مرڪز شاهه کي ئي بڻايو آهي. ٻه اسان ”نيڻين ننڊ حرام“ ۾ شاهه جي حياتيءَ جي هڪ اڻ ڇهيل باب کي ئي وڌيڪ ڪرڻو آهي، جنهن جي اپٽار اسان جي سنڌي عالمن ڪم ڪا ڪئي آهي. شاهه صاحب هنگلاج ڏانهن ويندي سڄا سارا ٽي سال جوڳين جي سنگ ۾ رهيو. اسين سمجهون ٿا ته اهو عرصو شاهه جي زندگيءَ جو هڪ اهم ترين عرصو آهي، جنهن شاهه کي ڪاهيو، ٽپيو ۽ نکاريو. اسان شاهه جي شعرن کي آڌار بڻائي ئي ان جي اپٽار ڪئي آهي ۽ موزون هنڌن تي شاهه صاحب جي ڪلام مان مثال پڻ پيش ڪيا آهن. ائين برابر آهي ته اسان ڪلپنا کان ڪم ضرور ورتو آهي، ليڪن ڪلپنا به اها، جنهن کي ڪو ٺوس آڌار آهي. جيڪڏهن هن ڏس ۾ اسان جي همت-افزائي ٿي ته شاهه جي تصوير کي ايندڙ جلدن ۾ مڪمل ضرور ڪري ويندو، اها منهنجي توهان کي خاطري آهي.

هاڻي سوال ٿو اٿي ته اسان شاهه کي اسڪرپٽ فارم ۾ ڇو لکيو؟ جواب تمام سولو آهي. اڄ جو زمانو صرف ڪتابن پڙهڻ يا ريڊيو ۽ ٿيٽرس ٻڌڻ جو نه آهي. اڄ جو زمانو آهي ڏسڻ-ٻڌڻ جو؛ يعني ٽي. وي. ۽ وڊيو جو. ٽي. وي. اڄ جي دؤر جو هڪ زوردار ماڌيم آهي.

نماز جي لاءِ حاضر ٿيو !
نماز جي لاءِ حاضر ٿيو !
نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اچو !
نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اچو !

الصلوٰة خير من النوم ....

نماز سمهڻ کان بهتر آهي.
نماز سمهڻ کان بهتر آهي.

(ڪجهه وقفي کان پوءِ)
قد قامت الصلوٰة ....

يقيناً نماز قائم ٿي وئي .
يقيناً نماز قائم ٿي وئي .

الله اڪبر الله اڪبر الله اڪبر

(ڪجهه وقفي کان پوءِ)
اللهم رب هذه ....
الله تون پروردگار آهين انهن سڀني ماڻهن کي سڏائڻ جو ،
۽ قائم ٿيندڙ نماز جو .
ڏي محمد صلي الله عليه و سلم جي وسيلي سان المدد
درجو عطا فرماءِ ۽
انهن کي مقام محمود تي ڪڙو ڪجانءِ جنهن جو تو واعدو

۾ سڪن جي تهذيب کي سندن ذاتي گڻن کي نکاري سنواري پيش ڪيو ويو آهي. "مرزا غالب" ۽ "گفتگو" ۾ اردو ادب ۽ اسلامي تهذيب ۽ ان جا چمڪدار پهلو اجاگر ٿي بيٺا آهن. "امير خسرو" ۾ صوفي مت کي پرڪاشت ڪيو ويو آهي ته "ڀارت ايڪ کوج" ۾ ڀارت جو اتهاس دلچسپ ۽ پر اثر نموني دنيا جي اڳيان جلوه نما ڪيو ٿو وڃي.

پر جن سنڌين آزاديءَ جي صدقي سڀ سنڌ قربان ڪري، ڀارت ۾ شرڻارٿي ٿيڻ قبول ڪيو، ڪٿي آهي انهن جي دکن، دردن، ارمانن ۽ ذليل حالتن جي تصوير؟ جن سنڌين ڀارت ۾ اچي مٽيءَ مان سون بڻايو، پنهنجي عقل ۽ محنت سان نه فقط پاڻ کي سکيو ستابو بڻايو، بلڪ هزارين هندستانين کي روزگار ڏنو، ڪٿي آهي انهن جي پرشارٿ ۽ پرمارٿ جو داستان؟ جيڪڏهن سنڌي ان طرح نظرانداز ڪيا ويا ته نه صرف دنيا پر اسانجون ايندڙ پيڙهيون به اسانجي گڻن، قربانين کان اڻ-واقف رهجي وينديون.

انڪري اڄ اسانکي پنهنجن مهان-هستين، سنڌين جي گڻن ۽ ڪلائن جو پاڻ پرچار ۽ فهلاءُ ڪرڻو آهي. ٻيو ڪوئي واندو ڪونهي، جو اسان سنڌين جي گڻن، ڪلائن ۽ مهان شخصيتن کي ويهي پڌرو ڪرڻ جي تڪليف گوارا ڪري.

اسانجي دلي تمنا آهي ته سنڌي ڪلائون، سنگيت، گيت، لوڪ-ڪهاڻيون، لوڪ-ڪٿائون ۽ مهان-هستين جا جيون چرتر روچڪ نموني پڻ اڳيان پيش ڪريون. ان لاءِ اسان ناڳري-اسڪرپٽ ماڌيم چونڊيو آهي. جيڪڏهن ڪو سنڌي دانور ۽ سنڌي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جو شيدائي اڳيان وڌي ويڊيو فلمون يا ٽي وي سيريل ٺاهڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻي ته اسان ان سان هر ڪنهن قسم جو سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

— پروفيسر جگديش لڇاڻي

شاه :

سڄريان جي سونهن جي، ڳالهه ڪين وڃي،
وڃي در دوستن جي، سوريءَ سر ڏجي،
عاشق انگن چاڙهيا، پر سڀڪو لاهي،
لاڄ ڀرو ڀر پيٺون، ٻهرائن سر سڃي،
عاقل ٿي اوڇون ٿيا، ڀورو ڪين لاهي.

(سر يمن ڪلياڻ-داستان ٧)

(هڪ وڏو سائو ٻن وچ مان ان طرح ڏيکاريل آهي جو بئڪ گرائونڊ
مان آسمان "الله" لفظ ڏاهي رهيو آهي.)

مرداڻو آواز: سنڌ جي عظيم ترين شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ
جو ڏاڏو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو هڪ
ڏيهي نون هالن کان ٻه ڪوهه پري ڪراڙ ڍنڍ
ڀرسان لکڻي رهيو هو. آس پاس واريءَ جا
ڀڙا هئا....

(شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو واريءَ جي ڀڙي جي ڀرسان لکڻي رهيو آهي. ڪراڙ ڍنڍ ۾ ڪڏهن ڪڏهن وقت هوا لهرون پيدا ڪري رهي آهي. ٻيءَ حالت ۾ پاڻي شانت آهي. آس پاس جي زمين تي ڪجهه پکي چهڪي رهيا آهن. دور دور تائين واري ئي واري ڦهليل آهي. اوچتو هوا جي رفتار ڪجهه تيز ٿيندي ٿي وڃي ۽ آسمان لڙهي ٿو وڃي. شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو آسمان ڏانهن نهاري ٿو ۽ ريتيءَ کان منهن ۽ اکين کي بچائڻ لاءِ هٿڪي جو ڇوڙ ڪٽي ٿو منهن تي وجهي ۽ ڪجهه ڏيهي رفتار سان اٿي وڃي ٿو.

اوچتو اذان اقامت جو آواز جڳ هوائن ۾ ترندو ترندو سڄي ماحول تي ڇانئجي ٿو وڃي.)

الله اڪبر الله اڪبر الله اڪبر
اشهد ان لا اله الا الله....

مان گواهي ڏيان ٿو ته الله کانسواءِ ڪوئي معبود ڪونهي.
مان گواهي ڏيان ٿو ته الله کانسواءِ ڪوئي معبود ڪونهي.
مان گواهي ڏيان ٿو ته حضرت محمد الله جو رسول آهي.
مان گواهي ڏيان ٿو ته حضرت محمد الله جو رسول آهي.

ڪيو آهي ۽ اسان کي قيامت جي روز شفاعت نصيب ڪجان.
بيشڪ تنهنجو واعدو ڪوڙو ناهي پنهنجي رحمت سان
او سڀ کان وڏا رحم ڪرڻ وارا!

(شاهه عبدالڪريم الڙيءَ وارو ڪعبہ شريف ڏانهن منهن ڪري سعادتمندانا انداز ۾ بيٺو آهي)

شاهه عبدالڪريم: نيت ڪئي آهي مون....
(ڪجهه دير چپ ۾ ڪجهه ٻڌبدائي ٿو.)
الله اڪبر

(شاهه عبدالڪريم الله اڪبر چئي پوءِ ٻنهي هٿن کي ڪنن تائين آڻي ٿو ۽ پوءِ دن کان ڪجهه هيٺ کاٻي هٿ جي مٿان ساڄو هٿ رکي ٿو ۽ هيٺان کاٻي هٿ کي پڪڙي ٿو. هو نماز ادا ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار آهي. ماحول ۾ ثنا جي گونج.)

ثنا: تنهنجيءَ پاڪيءَ سان گڏ اي الله منهنجي دل
توکي ياد ٿي ڪري
۽ تنهنجيءَ تعريف سان گڏ
مبارڪ نالو آهي تنهنجو
۽ بلند آهي تنهنجو شان
۽ توکان سواءِ ٻيو ڪوئي معبود ناهي.

أعوذ بالله من الشيطن الرجيم

بسم الله الرحمان الرحيم

(شاهه عبدالڪريم نماز پڙهي رهيو آهي. سوره فاتحہ جي ماحول ۾ گونج)

سوره فاتحہ: الحمد لله رب العالمين
الرحمان الرحيم.....

عاشق آنگن چڙهيا

(ڀاڱو : سمر و سفر + تخليقي تصورات)

۽ نه مان توهان جي معبودن جي
پرستش ڪندس
۽ نه توهان منهنجي معبود جي
پرستش ڪندؤ.
توهان کي توهان جو
۽ مون کي منهنجو
بدلو ملندو

اڪبر ڏينهن ولي ڏينهن.
الله اڪبر ....

(الله اڪبر جو پڙاڏو جڻ ته هر هنڌ گونجي رهيو آهي. ڪراڙ ڏينهن. واريءَ جا ڍڙا، آسمان. شاه عبدالڪريم هڪ واريءَ جي ڍڙي جي پرسان بيٺو آهي، هن جي سامهون ڪجهه الله لوڪ فقير ۽ صوفي لاڪوفي بيٺا آهن)

شاه عبدالڪريم: الله لوڪو! فقيرو! صوفيو! هو سامهون وارو
واريءَ جو ڍڙو ڏسو ٿا نه؟ انهيءَ
ڍڙي جي پرسان اسان نماز پڙهي هئي....
(ڪجهه دير ڍڙي ڏانهن نهاري ٿو.)
..... اسان جي اولاد مان هڪ ولي ۽ وڏو
شاعر هن هنڌ پنهنجو آستان جوڙيندو.

(شاه عبدالڪريم جون اکيون! اهي جڻ مستقبل کي صاف صاف ڏسي ۽ پڙهي رهيون آهن.)

*

(واريءَ جا ڍڙا.)

آواز : شاه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي اها پيشنگوئي لفظ بلفظ
سچ ثابت ٿي. پر ٿوري عرصي کان پوءِ. جڏهن سنه

هر قسم جي تعريف الله جي لائق آهي
جيڪو تمام عالم کي پالڻ وارو آهي
وڏو مهربان
۽ نهايت رحم وارو آهي
روز جزا جو مالڪ (اي الله)
اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا
۽ توکان ئي مدد وٺون ٿا
اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ
انهن ماڻهن جي رستي تان جن کي
تو انعام سان نوازيو
۽ نه انهن جي رستي تان
جن تي تنهنجو غضب نازل ٿيو
۽ نه ئي گمراهن جي
رستي تان
آمين
بسم الله الرحمان الرحيم

(شاهه عبدالڪريم الحمد شريف کان پوءِ سوره الڪفرون پڙهي ٿو.
سوره الڪفرون جي ماحول ۾ گوليج .)

سوره الڪفرون: قل يا يها الڪفرون....
چئي ڏيو
اي ڪافرو !
نه مان توهان جي معبودن جي
پرستش ڪريان ٿو
۽ نه توهان منهنجي معبود جي
پرستش ڪريو ٿا

٣- اُهيان تي آهون ڪريان، نعرو منجهه نصيب!
درد جديدي، حب حبيبي!
٤- ڪاهل آهيان ڪوڙي، رسي لاه رقيب:
درد جديدي، حب حبيبي!
٥- حاذق آهئين هن جو، اڃين شال عجيب!
درد جديدي، حب حبيبي!
٦- دوا آهئين دل جي، ٻيو ڪو ڪين طبيب!
درد جديدي، حب حبيبي!
٧- اَلا! عبداللطيف کي، ڪوڙي لاه، قريب!
درد جديدي، حب حبيبي!

(شاه جي بيت جا فقير وائي اهڙي تلفظ ۾ ڳائن ٿا جو شايد ئي ڪنهن کي چڱيءَ طرح سمجهه ۾ اچي. ڳائڻ جو نوع اهڙو ته دلسوز ۽ دردناڪ آهي جو درد جي تصوير اکين جي سامهون اڀري ٿي اچي.
دلسوز موسيقي ماحول کي لوڏائي رهي آهي.)
"شاه جو رسالو" جو ڪلوز-اپ
هتا اُٿلائجندا وڃن ٿا.
هڪ صفحي تي لکيل آهي:

سوانح عمري
۽
سير و سفر

بئڪ گرائونڊ ۾ شاه جي تصوير.
اکين جو ڪلوز-اپ.

*

1689ع ۾، ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾، حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو جنم ٿيو....

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ۽ دنيا جي عظيم ترين شاعرن مان هڪ! شاهه عبدالڪريم جي اها پيشنگوئي ان وقت سچي ثابت ٿي جڏهن سندس ڏٽ پوٽي شاهه عبداللطيف خلوت پسنديءَ جي لحاظ کان ڪوٽڙي ڇڏي ٽڪ اُنهيءَ جاءِ تي اچي پنهنجن فقيرن صوفين لاڙوفين سان گڏ واريءَ جي ڍڙي مٿان ڇيڪي مٽي وجهي پنهنجي لاءِ هڪ جهوپڙو اڏيو. هڪ ننڍڙي مسجد. آءِ سيد حبيب شاهه ۽ امڙ لاءِ حويلي. فقيرن ۽ صوفين لاڪوفين لاءِ مقرر ڪيون. اهو هو ڀٽ جو اصلوڪو روپ....

وقت بدلبندو رهيو ۽ ان سان گڏ ڀٽ جو روپ رنگ ٻڻ تبديل ٿيندو رهيو....

(ڇيڪي مٽيءَ جو جهوپڙو بدلجي سادي سودي ڀٽ جي شڪل اختيار ڪري ۽.... پوءِ.... موجوده ڀٽ اُڀري ٿي اچي. ماحول وجداني موسيقيءَ سان ٽمٽار آهي، احاطي ۾ فقير شاهه جي وائي ڳائي رهيا آهن- تن-بدن کان بيخبر، وجداني حالت ۾ جڻ ڪنهن ٻيءَ دنيا سان جڙيا پيا آهن.)

وائي: معلوم حال حبيب!

مون کي درد قديمي، ورا
درد جديدي، حب حبيبي!

١- الودي آزار کان، تو لئه ٿيس طبيب!
درد جديدي، حب حبيبي!

٢- شادي ڏنيئن ڪنهن جي، غمي لاءِ غريب!
درد جديدي، حب حبيبي!

نور محمد: چؤ ابي ...

شاهه: ٻي وري ڇا جي؟ الف کان پوءِ ته ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه.

(نور محمد کان هلڪو ڇرڪ نڪري ٿو وڃي. هڪ پل لاءِ هن جي چهري تي عجب جا نشان نمودار ٿين ٿا. پوءِ هو شاهه جي اکين ڏانهن نهاري ٿو. شاهه هن جي اکين ڏانهن اول ئي نهاري رهيو آهي. ٻنهي جون نظرون ملن ٿيون. ڪجهه دير ملييون ئي رهن ٿيون نياڻن جي اڄ وچ ٿئي ٿي. پوءِ نور محمد هلڪي مرڪ مرڪندي ڪنڌ ٿو اکيون هيٺ ڪري. ان وقت ماحول مان هلڪي مرداڻي آواز ۾ هيٺ ڏنل بيت اوور لئپ ڪن ٿا.)

بيت: اکر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار،
اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا.
(ڏيمو سنگيت)
هلائيج هيين ۾، الف سندي اوڙ،
ته ڪتابن جي ڪوڙ، مڙجهائي معلوم ٿئي.

نور محمد: ابا، تون پنهنجي حق تي آهين.

(٢)

شاهه حبيب جي گهر ۾ ڪمرو/ اندر/ ڏينهن

(شاهه حبيب جي چهري جو ڪلوز - اپ)

شاهه حبيب: تون بيشڪ حق تي آهين. اول ۽ آخر الف ۾ فقط الف ئي آهي...

(شاهه حبيب پٽ کي ڀاڪر ۾ ڀري بيٺو آهي.)

شاهه حبيب: پٽ، انهيءَ علم جي مون کي پروڙ آهي. پر دنيا جي ريت نڀائڻ لاءِ، ظاهري علم ضروري آهي.

(پيءُ ۽ پٽ جون پاڻ ۾ نظرون ملن ٿيون.)

شاهه حبيب: مان اعتقاد سان چئي ٿو سگهان ته توکي پڻ لدني علم جي تحصيل آهي.... عام ماڻهن کي اها خبر ڪونه هوندي آهي.

وائي ڳوٺ / آخوند نور محمد ڀٽيءَ جو گهرو مدرسو / اندر / ڏينهن

پنجن ڇهن سالن جي ٻالڪ شاهه عبداللطيف جون معصوم اکيون، ڪئميرا جي پل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته وائي ڳوٺ جي مشهور عالم آخوند نور محمد ڀٽيءَ جي گهرو مدرسي واري صفهي جي وچ ۾ ٻالڪ لطيف کي هٿ کان پڪڙي هڪ ماڻهو بيٺو آهي. سامهون ڪاٺ جي چوُرس منجيءَ تي نور محمد ويٺو آهي.

ماڻهو : سائين، شاهه حبيب صاحب سلام مڪو اٿو.

نورمحمد : اچ ابا، ويجهو اچ. هيءُ ٻار ته شايد ...

(ان وچ ۾ اهو ماڻهو نور محمد جي اڳيان اچي هن جي پيرن جي ڀرسان ويهي ٿو رهي. ٻالڪ شاهه لطيف هڪ طرف ادب سان بيٺو آهي.)

ماڻهو : هائو سائين، هي ٻار اٿو شاهه حبيب جو نور نظر لطيف... شاهه صاحب جي مرضي آهي ته سندن جگر جي ٽڪري کي وائي ڳوٺ جو مشهور عالم فاضل سائين آخوند نور محمد ئي دنيوي علم عطا ڪري.

نورمحمد : اها شاهه صاحب جي وڏي قدر شناسي ۽ عزت- افزائي آهي جو هو اسان جهڙن ناچيز کي ان لائق سمجهن ٿا ....

(نور محمد شاهه لطيف کي پيار سان هٿ کان پڪڙي پنهنجي ويجهو آڻي ٿو. مٿي تي هٿ گهمائيس ٿو. لطيف جي چپن تي معصوميت ڀري مرڪ آهي.)

نورمحمد : پٽ، تنهنجو نالو آهي؟

شاهه : لطيف - عبداللطيف ...

نورمحمد : ڀلا، چؤ الف ...

شاهه : الف.

لاڏلي ۽ نوراني فرزند شاهه عبداللطيف کي موڪلي
رهيا آهيون ....

(ڪماشتو شاهه حبيب ڏانهن ان طرح نهاري ٿو ڄڻ ڪجهه چوڻ چاهيندو هجي پر پوءِ هڪدم پاڻ کي روڪي ٿو وٺي.)

شاهه حبيب: (ڪجهه زور سان) نورا - ميان نورا آ آ آ ....

(شاهه حبيب جو خدمتگار نورو اوطاق ۾ داخل ٿو ٿئي.)

شاهه حبيب: پٽ نورا، لطيف آهي اندر؟

نورو: هائو سائين، ننڍو شاهه صاحب اندر ويٺو آهي - ڪجهه پڙهي رهيو آهي.

شاهه حبيب: پڙهندو هوندو پير روميءَ جي مثنوي - ذرا سڏ ڪنس ته سهي ...

(نورو وڃي ٿو.)

شاهه حبيب: اسانجو فرزند پنهنجي عمر جي لحاظ کان ننڍو هجي پر نوراني آهي نوراني.

(شاهه عبداللطيف اوطاق ۾ داخل ٿئي ٿو. هن جي عمر ويهه کن سال آهي. قد ۽ بت ۾ پورو پنو ۽ سندس چهرو ڪڻڪ رنگو ۽ ڪجهه ڦڪاڻ ڏي مائل آهي. پر سندس اکيون ڄڻ نور سان ٽمٽار لڳيون پيون آهن ۽ انهن مان ذهانت ۽ فهم ڄڻ وسي رهيو آهي. لباس سادو سودو ۽ تقريباً" پيءُ جهڙو ئي پيل اٿس. مٿو اگهاڙو، وارن ۾ ڪجهه گهنڊ پون. ڏاڙهي ۽ مڇون چهري جي رونق ۾ اضافو آهن. پنهنجي هلت چلت ۽ ڳالهائڻ جي طور طريقي مان هو ڪافي سنجيده ۽ حشمت وارو لڳي ٿو.)

شاهه حبيب: پٽ لطيف، مرزا مغل سائين جو نياپو آيو آهي.
سندن دختر ڪجهه عليل ٿي پئي آهي ۽ دعا
گهرڻ لاءِ اسان کي گهرايو اٿائون. اڄ اسان وڃي سگهڻ
جي حالت ۾ ڪونه آهيون سو تون ئي هليو وڃ.

ڪوٺڙي / شاهه حبيب جي اوطاق / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز شاهه حبيب جي چهري تي. هو ڪجهه بيمار لڳي رهيو آهي. هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي.)

شاهه حبيب: ميان، اسان کي هلڻ ۾ ته نه عار آهي نه اعتراض. پر اڄ طبعيت ذرا ناساز آهي. ڪيڏانهن وڃڻ تي نه دل ٿي ٿئي ۽ نه وري بدن ۾ طاقت ئي ٿي محسوس ڪجي.

(ڪئمرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته شاهه حبيب پنهنجي گهر جي منڍ ۾ اڏيل اوطاق ۾ ڪاٺ جي مسند تي طول وهاڻي جي سهاري ليٽيو پيو آهي. عمر پنجاهه کن سالن جي اردگرد اٿس. سلوار ۽ قميص ۾ ملبوس. سندس پڳڙي مسند تي ڪنڊ کان پئي آهي. هو گماشتو لڳندڙ هڪ ماڻهوءَ سان ڳالهائي رهيو آهي جيڪو ادب سان مسند جي پاسي ۾ بيٺو هو.)

گماشتو: سائين، منهنجي مالڪ مرزا مغل بيگ صاحب جو توهان ۾ ڪامل وسواس آهي. توهان کان سواءِ هو صاحب دعا ڦيڻي لاءِ ڪنهن کي گهر گهرائيندا ئي ڪونه آهن. توهان ڪامل مرشد آهيو ۽ سوال مرزا صاحب جي نياڻيءَ آئشه جو آهي. ويچاري بيماريءَ سبب بيحال پئي آهي.

شاهه حبيب: اَدا، اسان ته هميشه کان سائين مرزا جي اڌ سڏ تي اچي حاضر ٿيندا آهيون. پر اڄ اسان بلڪل لاچار آهيون. بعد مان بيزار ۽ زندگيءَ مان ڪڪ لڳا پيا آهيون....

گماشتو: (هٿ جوڙي) سائين....

شاهه حبيب: (گماشتي کي وچ ۾ ڪٽي) پر اسان مرزا صاحب کي انڪار به نه ٿا ڪري سگهون... اسان پنهنجي

ڪوٺڙي / مرزا جي حويليءَ جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

(منظر شام: مغل بيگ ارغون جي ڌيءَ آئشه ڪمري ۾ ولڙهي سيڙهي بستري ۾ پئي آهي. چهري مان صاف صاف بيمار ۽ ڪمزور لڳي رهي آهي. پر، ان هوندي به چوڏس جي چنڊ جهڙو هن جو حسن بيماريءَ جي حالت ۾ به نکرجي بيٺو آهي. آئشه جي پيرانديءَ کان سندس ماءُ ويٺي آهي ۽ ڌيءَ جي پيرن جون تريون ڪپڙي سان مهٽي رهي آهي. اوچتو هڪ داشته ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي.)

داشته: مرزا صاحب ڪمري ۾ اچي رهيا آهن- هنن سان گڏ ننڍو سيد صاحب به آهي.

(آئشه جي ماءُ ڌيءَ جي پيرن جون ترايون مهٽڻ بند ڪري ڌيءَ کي ڍڪي ويهي ٿي ۽ پاڻ به لباس ٺيڪ ڪري ٿي. داشته ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ادب سان اٿي ٿي رهي. اوچتو دروازي تي لڳل چلمن هٽائي مرزا ۽ شاهه لطيف اندر داخل ٿين ٿا. هنن کي اندر ايندو ڏسندي ئي آئشه جي ماءُ پلنگ تان لهي زمين تي بيهي ٿي رهي.)

مرزا: (شاهه لطيف کي) شاهه صاحب، هيءَ اٿوَ منهنجي نورِ-نظر آئشه- ڪافي ڏينهن کان بخار ۾ پئي آهي. دوائون ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون، هاڻي دعائن جو ئي آسرو آهي.

(شاهه لطيف آئشه جي ويجهو وڃي هن جي منهن ۾ چتائي نهاري ٿو. آئشه به اکيون کڻي شاهه ڏانهن نهاري ٿي. ٻنهي جون اکيون ملن ٿيون ۽ شاهه بيخوديءَ جي حالت کي رسي ٿو وڃي. اُن بيخوديءَ ۾ ئي شاهه جو هٿ اڳتي وڌي ٿو ۽ آئشه جو هٿ پڪڙي، چمي کي ڪٽي ٿو هٿ سان سوگهو جهلي. سڀ عجب

شاهه لطيف : جي آبا ... جيڪو توهان جو حڪم.

شاهه حبيب : پٽ، تون ٻيهر ٻيون دفعو مرزا صاحبن جي دولت خاني
ڏانهن وڃي رهيو آهين...
(ٻنهي پٽ جون اکيون پاڻ ۾ ملن ٿيون)

... مرزا مغل بيگ ارغون آهن ۽ سندن گهر ۾ سخت
پردو آهي. وڏا ماڻهو آهن، ڪافي رسوخ ۽
رسائيءَ وارا، پر اسان کي عزت سان ڏسندا آهن-
اسان جا، انهن کٽي سمجهه، چڱا معتقد آهن. اسان
سيدن کان سواءِ ڪنهن به ٻئي اشر کي سندن گهر
جي چانئٺ اورانگهڻ جي اجازت ڪونه آهي...
(ٻنهي پٽ جون نظرون وري هڪ ٻئي سان ملن ٿيون.)
.... پٽ لطيف. تون وڃ ۽ الله کان اهڙي دعا
پن جيئن مرزا صاحب جي دختر جي علالت هڪدم
دور ٿي وڃي ۽ صحتياب ٿي پوي....

(هڪ دفعو وري ٻنهي پٽ جون نظرون پاڻ ۾ ملن ٿيون. ڪجهه
دير ملڻ ٿي رهن ٿيون. پوءِ شاهه لطيف ڌيمو ڌيمو سر لوڏي ٿو
۽ ڪجهه به ڪڇڻ کان سواءِ ئي اوطاق کان ٻاهر وڃڻ لڳي ٿو.
ڳماٺڙو ٿڙ تڪڙ ۾ شاهه حبيب کي سلام ڪري شاهه لطيف جي
پٺيان پٺيان وڏيون وڏيون ورانگهون ڀريندو ٻاهر نڪري ٿو وڃي.
شاهه حبيب ڪجهه دير ٻاهرئين دروازي ڏانهن خال ۾ نهاريندو ٿو
رهي پوءِ اکيون ٻوٽي ليٽي ٿو پوي.)

شاهه حبيب : (پنهنجي ڌيمي آواز ۾)

علم اهل دل نه از مکتب بود،
بلکه از تلقين خاصهٔ رب بود.
بي کتاب و بي حساب و بي ادب،
اوليا را حق کند علمي لقب.

ويو هو ٻاهران ماٺ ۽ صبر اختيار ڪيائين ۽ ان وقت پنهنجي مرشد جي نور چشم کي ڪجهه به ڪو نه چيائين. مرزا مغل بيگ سمجهي ويو ته دعا جي بهاني آلشه جي چيچ پڪڙي چڻ اشاري ۾ شاه لطيف هن سان شادي ڪرڻ جي خواهش جي پڌرائي ڪئي آهي.

(پردي جي تصوير بدلجي ٿي. هاڻي اسان ڏسون ٿا ته مرزا مغل بيگ ارغون ۽ شاه حبيب هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا آهن. مرزا جي چهري تي ڪٺورتا مليل گمڀيرتا آهي ۽ شاه حبيب جي چهري تي نرمائي ۽ خاڪساري ڇانيل آهي. مرداڻو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

آواز : جڏهن شاه حبيب کي خبر پئي ته سندس لخت جگر جي دل وڃي مرزا مغل بيگ ارغون جي دختر جي حسن ۽ شباب جي ڪنڌي ۾ اڙي آهي ته کيس ڪو خاص عجب ڪو نه لڳو. هو خود به هڪ پهتل شخص هو، شاعر هو، جهانديده هو ۽ کيس اول ئي اهڃاڻ ٿي نظر آيا ته لطيف سان اهڙو ئي ڪو عجيب و غريب حادثو ٿيندو. کيس خبر هئي ته اهي حادثا ئي زندگيءَ ۾ موڙ آڻين ٿا ۽ انسان ڪٿان جو ڪٿي وڃي ٿو پهچي. مجاز حقيقت جي پل آهي.

اَلمجاز قنطرة الحقيقة

شاه حبيب کان پٽ جي عشق جو درد سٺو نه ويو. هو، لهه لاهي مرزا جي چانئٺ لتاڙي سندس گهر وڃي پهتو ۽ سندس ڌيءُ جو هٿ پنهنجي پٽ لاءِ طلبيائين. مرزا کي ان وقت ته ڏاڍو غصو آيو ٻر ٻي ويو. پنهنجي ڏندن مان هڪ لفظ نه ڪڍيائين. فقط ايترو چيائين: ڏسنداسين.

مان شاهه جي ان حرڪت کي جاچي رهيا آهن.)

شاهه : (بي - اختياريءَ ۾) جنهنجي آڳر سيد هٿ ۾
تنهنکي لهر نه لوڏو ....

(مرزا مغل بيگ ارغون غصي ۾ لال ٿي ٿو وڃي. هو پنهنجو هٿ ڪرڙو ڪري پاڻ سنڀالي ٿو وٺي. آئشه جي ماءُ جي چهري تي به غصي ۽ عجب جون لڪيرون اڀري ٿيون اچن. هوءَ ڪجهه چوڻ ٿي چاهي ته مرزا اشاري سان بيگم کي روڪي ٿو ۽ ڏهري ڏهري شاهه جي ويجهو اچي هن جي ڪلهي تي هلڪو هٿ ٿو رکي.)

مرزا : شاهه صاحب، توهان جا لک لک شڪرانه - منهنجيءَ دختر جي دوا به ٿي وئي ۽ ڪيس دعا به ملي چڪي.

(اشارو صاف آهي ته هاڻي وڃو. مرزا ڪمري کان ٻاهر وڃڻ لاءِ دروازي طرف وڌي ٿو. شاهه به ڏهري ڏهري هن جي پٺيان پٺيان هلندو چلمن هٽائي ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. چلمن جنبش کائي پنهنجيءَ جڳهه تي اچي ٿي وڃي. آئشه خالي خالي نگاهن سان چلمن طرف نهاري رهي آهي.)

(شاهه عبداللطيف جي هٿ ۾ آئشه جي چهري واري تصوير جو پردي تي Statue. مرداڻو آواز اوور لئپ ڪريٿو.)

آواز : شاهه عبداللطيف، ويهن ورهين جو نوجوان، آئشا جو ماهه منير جهڙو منهن ڏسندي، ني بيخوديءَ جي حالت ۾ اچي ويو ۽ اي اختيار سندس زبان مان هي لفظ نڪري ويا.

جنهنجي آڱر سيد جي هٿ ۾،
تنهنکي لهر نه لوڏو.

اهي لفظ ٻڌندي ئي مرزا مغل بيگ ارغون غصي ۾ لال ٿي

٢- جا ٽي ڪا ٽي محبوبن جي،
آهه حسن جي هاڪ!
يار سڄڻ ....
٣- سرمو سهي ڪر اکين جو،
خاص پرين جي خاڪ!
يار سڄڻ ....
٤- عبداللطيف چئي، پرين اسان جو،
هميشه آ حسناڪ!
يار سڄڻ ....

(شاهه رکنيءَ جي ڏاڙهي تي چڙهي رهيو آهي. هو سڄو رقص سان لڏجي ويو آهي.)

*

شاهه حبيب جي حويلي / اندر / ڏينهن

(شاهه حبيب مسند تي ٽول وهاڻي جي سهاري ليٽيو پيو آهي- پنهنجن خيالن ۾ گم، غم ۾ غلطان، حيران ۽ پريشان. چلمن هٽائي، شاهه حبيب جي وڏي بيگم ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ شاهه حبيب کي سڌ به ڪو نه ٿي پوي. ٿوري دير هلندي هوءَ اچي پٺار جي پرسان بيهي ٿي. هاڻي شاهه حبيب جي خيالن جي تار ٽٽي ٿي ۽ هو بيگم ڏانهن نهاري ٿو.)

بيگم : دنيا جا ڏک، درد دور ٿا ڪريو، اکين کي سکهو ٿا ڪريو، ڪمراهن کي سنئين دڳ ٿا لڳايو، ۽ منهنجي لال پنهنجيءَ جان جي جياري کي ڪجهه سمجهائي ان اوڙاهه کان آجو نه ٿا ڪريو!...

(شاهه حبيب ڪجهه جواب نه ٿو ڏئي فقط پنهنجيءَ زال جي منهن ۾ نهاري ٿو.)

۽ ٻيءَ سيدن لاءِ ڪوٺڙيءَ جي ان ڪنڊيءَ ۾ رهڻ ئي
مشڪل ٿي پيو ....

(پردي تي ڪاري رات جو نظارو - نه چنڊ ۽ نه تارو. فقط اونده ئي اونده. ڪڏهن ڪڏهن باه جا اُلا نظر ٿا اچن. پوءِ طرح اونده ئي اونده آهي.)

آواز : آرغونن سيدن سان ٻائي ڪئي. شاه حبيب لاءِ ان کان
سواءِ ٻيو ڪوئي رستو ئي ڪونه اچيو ته هو سڀئي ڪتابت
ڀڀلي سوڙ ۽ اٿان لڏي ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي رهي....

(شاه حبيب ۽ سندس ڪٽنب ڀڀلو سامان سوڙ ۽ ڪلهانهن وڃي رهيو آهي.)

آواز : شاه حبيب مجبور ٿي، ڪوٺڙي ڇڏي، اتر طرف، ڪجهه
مفاصلو پري وڃي ڏار حويلي اڏي ويٺو.

(شاه حبيب ۽ سندس ڪٽنب نئين حويليءَ ۾ ويٺا آهن. شاه جو اداس چهرو ۽ غم ۾ ٻُڏل اکيون.)

*

واريءَ جا ڍڳا / ٻاهر / ڏينهن

(شاه عبداللطيف ويڳاڻن وانگر ريگستان ۾ پنهنجي محبوب کي پڪاري رهيو آهي. شاه لطيف جو درد وائيءَ جي صورت ۾ اظهار پائي رهيو آهي.)

شاه : (وائي ڳائي ٿو.)

يار سڄڻ جي فراق،
ڙي جيڏيون آئون ماري!
يار سڄڻ جي فراق!
اندر دوس جي ڪهين جو هو لڳا،
سون جهڙا مشتاق!
يار سڄڻ ...

پنهنجي اصل ۽ نسل کي ياد ڪر. تون معمولي عورت ڪونه آهين. تون مخدوم ديباني عربيءَ جي دختر آهين. مخدوم ديباني جيڪو مجذوب هو. خدا جو مجنون، الله جو ديوانو.

بيگم : پر سائين، منهنجو پهريون پٽ ته....

شاهه حبيب: درويش جي دعا کان پوءِ جيڪو پهريون پٽ ڄائو ۽ خدا کي پيارو ٿي ويو. اهو ان لاءِ جيئن ان جو عقل، ان جو فهم، ان جي ذهانت ۽ ان جي عمر اسان جي هن ٻئي لطيف کي ملي وڃي. ڌيرج ڌار وهلو نه وڃ.

بيگم : سائين، توهان ڀلي مون کي سڀ سمجهائيندو ڏيو ۽ هزارين حيلا هلايو پر ماءُ جي دل ماءُ جي دل آهي.... مون کي ڪنهن به ڪري، ڪهڙي به طريقي سان لطيف آڻي ڏيو - سائين لطيف آڻي ڏيو.

(بيگم روئي ٿي وڃي. شاهه حبيب به رومال جي ڪنڊ سان اکيون اگهي ٿو. مسند تان هيٺ لهي ٿو. پيرن ۾ جتي پائي ٿو ۽ زال جي منهن کي پنهنجي هٿن ۾ پڪڙي، اکين سان آٿت ڏئي، ڏيڍي ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. بيگم جون اکيون اڃا آليون آهن.)

واريءَ جا دڙا / ٻاهر / ڏينهن

(دور دور تائين ڦهليل ريگستان. واريءَ جا دڙا. آسمان ۾ سج. زمين تتل. چوطرف واري ئي واري. واريءَ جا طوفان. شاهه حبيب پنهنجي پٽ جي ڳولها ۾ نڪتو رهيو آهي. هو سڄو

بيگم : مان لطيف کي ڏسڻ کان سواءِ رهي نه ٿي سگهان. سائين ڪو ڀلو ڪريو. ڪجهه ڪريو. اڄ ٻه يا ٽي ڏينهن ٿي ويا آهن جو لال جو مکڙو ڪو نه ڏٺو اٿم. سائين ڪجهه ڪريو نه ته مان مري ويندوسان....

شاه حبيب: (گنڀير ۽ ٿڌي آواز ۾) جنهن جگر جي ٽڪري نور - نظر کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون لکين جتن ڪيا، هڪ ٻئي جي پٺيان ٽي شاديون ڪري تنهنجي سهڻي جي مٿان ٻن ڀاڄن جو بوجهه وڌم، ڇا ان کان هڪ پل به پري رهڻ مون لاءِ ممڪن آهي؟ بس، هڪ ٻچڙو آهي، هڪ وساهه آهي ته جيڪو لطيف، سائين لطيف جهڙي الله - لوڪ جي دعائن سان مليو آهي، ان جو ڪڏهن، به ڪنهن به حالت ۾ وار به ونگو ٿيڻ وارو ناهي....

(شاه حبيب چپ ٿي ٿو وڃي. سندس زال ڪجهه ڪڇي ڪو نه ٿي فقط خاوند جي منهن ڏانهن نهاري ٿي.)

شاه حبيب: ياد اٿئي لطيف سائينءَ ڇا چيو هو؟ چيو هئائين - وڃ، وڃي خوشيون ملهاءِ ميان حبيب! توکي هڪ پٽ ڄمندو جيڪو پنهنجي وقت جو قطب ٿيندو ۽ ان جو نالو منهنجي نالي پٺيان رکجانءِ - يعني عبداللطيف- دلجاءِ رک، اسان جي لطيف کي ڪجهه به ٿيڻ وارو ناهي. هن کي ته پنهنجي وقت جو قطب تارو ٿي ڪري سڄيءَ دنيا کي رستو ڏيکارڻو آهي....

بيگم : سائين، دنيا کي رستو ڏيکارڻ وارو، مون کي ته ائين ٿو لڳي، اڄ پاڻ ئي رستو ڀلجي ويو آهي.

شاه حبيب: تون ائين نه چئو، خدا جي نالي ائين نه چئو.

شاهه لطيف : ٻنهي ڪٿي ٻساهه، ٻسڻ ڪارڻ ڀرڻ جي.

(شاهه حبيب بيحد خوش ۽ پيار مان پٽ کي ڪٿي ٿو ڳلي لڳائي ۽ پوءِ ٽڪرو ٽڪرو واريءَ جا ٿهه هٽائيندو ٿو وڃي. ان وقت ۾ شاهه لطيف جون نظرون دور-تمام گهڻو دور ڪجهه تلاشي رهيون آهن.)

*

سانگرو واهه / ٻاهر / ڏينهن

(سانگرو واهه جي ڪپ تي شاهه لطيف ويٺو آهي. هو پنهنجن ئي خيالن ۾ ايترو ته گم آهي جو هن کي اها به سمجهه ڪو نه ٿي ٿئي ته هن جا هٿ ڪڏهن ٽا ننڍڙا ننڍڙا پٿر - پٿر چونڊين ۽ ڪڏهن ٽا واهه ۾ اڇلي لهرون پيدا ڪن. اڃايل ٻڪريون پياس ٻجهائڻ لاءِ دور ڪنارن واهه طرف ڊڪنديون اچي رهيون آهن. ٻڪرين جي "مين مين" جو آواز، ڊڪڻ جو آواز ۽ ڳلي ۾ پيل گهنڊڙين جي ڪن ڪن جو آواز شاهه لطيف جي محويت جي تار ٽوڙي ٿو ڇڏي. هو ٻڪرين ڏانهن نهاري ٿو.

ٻڪريون واهه ۾ منهن وجهي پياس ٻجهائن ٿيون. شاهه ڪين ڏسندو ٿو رهي.

پياس ٻجهي وڃڻ کان پوءِ اهي ئي ٻڪريون واهه ۾ ڦولڙيون ٿيون وڃن.

شاهه لطيف ڏسندو ٿو رهي.

واهه ۾ ڦولڙيون ڪنديون ٿيون رهن.

شاهه ڏسندو ٿو رهي. شاهه جون اکيون ڪنهن سوچ ۾ گم آهن.

واهه ۾ ڦولڙيون وجهي ٻڪريون واپس هلڻ ٿيون وڃن. شاهه سوچ ۾ گم آهي.

واريءَ سان لٽجي ويو آهي. هو هر اکين کي پٽڪي جي ڪنڊ
سان صاف ڪري هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو آهي ته من ڪو
لطيف جو نشان پتو ملي.

اوچتو هڪ جت اچي ٿو اتان لنگهائو ٿئي. هو شاهه حبيب جي
پرسان اچي ٿو لهي. طوفان جي آوازن سبب اسان کي ڪجهه به
ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿو اچي پر اشارن مان ائين ٿو لڳي جڻ سائيڪ
سائيڪ کان پڇيو جت شاهه حبيب کي هڪ طرف اشارو ڪري
ڪجهه ٻڌائي ٿو. جت سلام ڪري پنهنجي راهه وٺيو ٿو وڃي. شاهه
حبيب ان طرف ڏانهن وڃي ٿو جيڏانهن جت اشارو ڪري ڪجهه
ٻڌايو هوس.)

(شاهه عبداللطيف نيم بيخوديءَ جي حالت ۾ واريءَ جي دڙي ۾
اڌ دٻيو پيو آهي. واري سندس بدن تي تهه چاڙهيندي ٿي
وڃي پر شاهه لطيف کي ڪائي ڪل ڪونه ٿي پوي.

شاهه حبيب دور کان اچي رهيو آهي.

شاهه لطيف واريءَ ۾ پيو آهي.

شاهه حبيب جي نظر مٿس تي پوي ٿي. هن جا قدم ڪجهه تيز
ٿي وڃن ٿا.

شاهه لطيف جي نيم - بيخود جسم جي مٿان شاهه حبيب جو پاڇو
پوي ٿو. شاهه حبيب پٽ جي اهڙي حالت ڏسي ڪجهه دير لاءِ ته
سڪتي جي حالت ۾ اچي ٿو وڃي. هو پٽ جي اڌ پوريل بدن
ڏانهن خالي نگاهن سان نهاريندو ٿو رهي. شاهه لطيف کي
ڪجهه به خبر ڪونه ٿي پوي.)

شاهه حبيب : (نهايت ئي دردناڪ انداز ۾) :
لڳي لڳي واءُ، ويا اڱڙا لٽجي.

(شاهه لطيف ان سوزناڪ صدا تي محويت جي حالت مان چرڪ
ماري سجاڳ ٿئي ٿو ۽ پيءُ کي وراڪي ٿو ڏئي.)

شاهه حبيب ۽ شاهه لطيف يعني پيءُ ۽ پٽ جو
مڪا ميلو تاريخي ثابت ٿيو. هڪ ڏينهن موهه ۽ ممتا
جا سڀ بندن ٽوڙي اوچتو ئي اوچتو، بنان ڪنهن
کي ٻڌائڻ چتائڻ جي شاهه لطيف جهنگ منهن ڏنئي،
ماڻهن کان الوپ ٿي ويو. دنيا جي سچي ۽ حقيقي
تصوير ڏسڻ لاءِ دنيا کان دور هٽي. ڪنارو ڪري
ويٺو.

(شاهه عبداللطيف ريگستان ۾ واريءَ جي هڪ دڙي تي چڙهي
رهيو آهي. Statue شاهه کي سادي سودي پوشاڪ پهريل آهي.
بدن تي ڪاري ڏاڙهي سان سبيل هڪ ڪپڙو رليءَ ڪفني، مٿي
تي سفيد رنگ جي وڏي ٽوپي ۽ ڪلاهه ۽ ان جي مٿان ڪاري
رنگ جو ڪپڙي جو ٽڪر ويڙهيل. سندس هٿ ۾ جوڳين جي
بيراڳين جهڙي لٺ آهي. ڪاٺي پهتي لاءِ ٻانهن سان هڪ ڪشڪول
ڪيو اٿائين. پيرن ۾ جتي ڪونه اٿس. شاهه جي ان تصوير سان
گڏ ٿي شاهه جي باري ۾ هيٺ ذڪر بيان ڏنو وڃي ٿو.)

بيان : (مردانگي آواز ۾)

هيرو مل مهرچند "لطيفي سُر" ۾ لکيو آهي ته –
سُر ۾ تعليم آهي. پر جو اکيون کولي نه هليو تنهن
جهڙو سُر ڪيو تهڙو نه ڪيو. سچو ستالي سدائين
اکيون کولي هلي ٿو ۽ هيءَ ساري قدرت، جا هڪ
ڪامل ڪتاب جي مثل آهي تنهن جو هر هڪ جزو
ورقيءَ ريت جاچي، خاص خاص ڳالهين مان ان
وڏا وڏا سبق سکي ٿو. اهڙو سچو ستالي شاهه
لطيف هو. عام خلق رواجي ڪتاب پڙهي ٿي پر

شاهه لطيف : (پاڻ سان) ڪريون جي واءُ مان پياس نه ٻجهائن
ها تہ واهه ڪي گهڻو نہ ڪن ها....
(ڪجهه دير بعد)
ڳولهيندي ٿي ڳولهيندي رهان.
شل نہ ملان هوت سا
جو تن سائين!
جيڪو فراقان سو وصالان نہ ٿئي!

(شاهه جو گمڀير چهرو - سوچ ۾ ٻڏل اکيون. واهه. هاڻي واهه جو پاڻي صاف آهي. ڦولڙين جو ڪٿي بہ نالو نشان آهي ئي ڪونہ. شاهه لطيف واهه ۾ اڀرندڙ لهرن ڏانهن نهاريندو ٿو رهي.)

*

(پردي تي شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز-اپ)

آواز : شاهه عبداللطيف تي عشق جو خمار اهڙو تہ غالب پئجي ويو جو هن لاءِ گهر ۽ شهر جهڙا شمشان ٿي پيا ۽ بيابان صحرائن ۾ ڀٽڪڻ ۾ ئي هن جي دل کي عجيب سڪون ٿي مليو ۽ بي-انداز راحتون ٿي مليون.

شاهه جو اندر تہ اول ئي اجرو هو. عشق جي جلون ان اجالي ۾ بي-پناهه جلوه ۽ رنگ ڀري ڇڏيا. عشق جي ڪيف وسرور شاهه لاءِ روحانيت جون راهون کولي ڇڏيون ۽ روحانيت شاهه جي عشق ۾ الاهه اونهائي ڀري ڇڏي، بعد اڏار ڀري ڇڏي، گمڀير ٺهراءُ ڀري ڇڏي ۽ پرستش جي قابل پاڪيزگي ڀري ڇڏي.

شاهه جو عشق فقط شخصي عشق نہ رهيو. هاڻي اهو سڄي عالم لاءِ روحانيت جو رهبر بڻجي پيو.

(شاهه اڳتي وڌندو ٿو وڃي. اوچتو ڪيس ڪي جوڳي نظر ٿا
اچن جيڪي پنهنجيءَ ئي مستيءَ ۾ مگن، دنيا کان بيخبر ريگستان
لتاڙيندا ڪنهن منزل ڏانهن هلندا ٿا وڃن.
شاهه اڳتي وڌي رهيو آهي - ڪجهه تيز رفتار سان. جوڳي هلندا
ٿا وڃن.
شاهه جا اڳتي وڌندڙ پير.
جوڳين جا اڪيچار پير.
شاهه جوڳين سان ملي ٿو وڃي ۽ مستيءَ ۾ اچي ڳائي ٿو.)

شاهه : ڏولي سا ڏور ڀئين، جا جوءِ ستي، نه ڀڃي،
پاسا مٿي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
وڃا اُس ووڙين، جن لاهوت ناهه ڪا.

(جوڳي ۽ شاهه اڳتي وڌندا ٿا وڃن)

شاهه : ڏٺ نه ڪٿو ڏوٿين، جيڪي ڏٺ ڪرين،
اهڃاڻيون عالم جون، اوريان لکي آڻين،
تهان پوءِ ڏسين، پريان سندي ڳالهڙي.

(جوڳي ۽ شاهه اڳتي وڌندا ٿا وڃن)

شاهه : سدائين سفر ۾، رهن مٿي راهه،
پرين پُرب پنڌ ڏي، منجهه موالي ماهه،
جن الڪ سين آگاهه، هلوا لکيا پيرون تن جا.

(جوڳين ۽ شاهه جو سفر جاري آهي.)

شاهه : سامي ڪامي پرينءَ لءِ، ڪسي ٿيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوهه ڪي، تهڙو تن ثواب،
اوتين آرلي ڳاڏلون، منجهان اکين آب،
سندو ذات جواب، تون ڪئن پڇين تن کي؟

(سفر جاري آهي)

هن ڪتاب قدرت جو ڪتاب پڙهيو هو ۽ قدرت جو نظارو هن جو مڪتب هو. شاه صاحب جو اهو اول ئي ڪلپل هو، باقي قدرت جي مڪتب ۾ پڙهي ڪماليت حاصل ڪري ورتي هئس.

قدرت جي مڪتب مان ڪماليت حاصل ڪرڻ لاءِ شاه صاحب جي پڙهڻ جو نمونو ئي نرالو هو. هن جون اکيون، ڪن ۽ ٻيا حواس سڀ ٻيءَ طرح جا هئا ۽ هن جي خيال جي رفتار به نرالي هئي.

شاه صاحب جيڪي سير سفر ڪيا سي سڀ سچي سائينءَ جي اڪنڊ ۽ اڪير وچان... سفر جي آزمودن ۽ اثرن سندس حقيقي عشق کي تحريڪ ۽ ترقي ڏني. هو اڳ ئي سون هو، پر هاڻ پارس ٿي پيو... اهڙو سهڻو ۽ سنجيدو، مٺو ۽ من موهيندڙ ڪلام هو تڏهن چئي سگهيو آهي جڏهن هر هنڌ اکيون کولي هليو آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي هن کي سچو سڃاڻي سگهجي ٿو.

(فوٽو ڪيل تصوير ۾ حرڪت پيدا ٿئي ٿي ۽ اسان شاه لطيف کي واريءَ جي دڙي تي چڙهندو ڏسون ٿا. چوگرد واري ۽ واريءَ جا دڙا. دور دور تائين ڦهليل ريگستان. خاموشيءَ ۽ تنهائيءَ وارو ماحول. شاه واريءَ تان اٿي وڌندو ٿو وڃي. فضا ۾ هڪ ڏوهيڙو ڳونجي ٿو.)

ڏوهيڙو: هيڏي سڄڻ ساريا،
ڪٿي هوندم هير؟
لڳي لالن لاءِ لڙڪ،
مٿي پلڪن پير؟
ٿي وڻ وڻهڙ وير،
سڄڻ ٿر هوا ڪن سير؟

گهڻي ڳڪر کان پوءِ شاهه جي رسالي ۾ ڪينجهر ڍنڍ جو ذڪر اچي ٿو. ٺٽي تعلقي ۾ "هيلايا" نالي ڳوٺ آهي. هيلاين واري ٽڪريءَ جي هيٺان ڪينجهر ڍنڍ اچي وهي.

هيٺ جر، مٿي ميگهه، ماسي ۾ وڏاڻ،
اهي وهي وچ تماچيءَ جــي ساڻ،
لکي اتــر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ لوڪ ڪهاڻين جي رستي جيڪو روحاني رازن ۽ آتمڪ انڀوَن جو وستار ڪيو آهي، ان جي شروعات، لکي ٿو، اتان ٿي ٿي.

(شاهه لطيف هيلايا ٽڪريءَ تي بيٺو آهي. اڪيلو، پنهنجي خيالن ۾ گم.)

هيلايا ٽڪريءَ تان شاهه صاحب ڪلپنا جي اکين سان اهو نظارو ڏسي - ۽ - ڏسي ٿو....

شاهي محلات. هيٺان وهندڙ ڪينجهر ڍنڍ. گلن ڦلن کي رقص ڪرائيندڙ اتر جي هوا. چانديءَ جيان چمڪدار لهرون. ڪينجهر ڍنڍ تي هڪ ٻيڙو جنهن ۾ لاڏلي لاڏلي جام تماچيءَ نوريءَ سان پيار جون سرگوشيون پئي ڪيون هئون.

نوري هئي نه ماڻهي ٻار:
جئن سکيو وچ سرندڙي تئن راڳن ۾ راڳي.

(ڪيمرا هيلايا ٽڪريءَ تي بيٺل شاهه لطيف جي نظر جي ڪنڊ کان ڪينجهر ڍنڍ کي ڪور ڪري ٿي. ڪينجهر ڍنڍ ۾ هڪ شاهي ٻيڙو تري رهيو آهي.)

ٻيڙيءَ ۾ جام تماچي ۽ نوري ٻئي - ليلا ۾ مگن آهن. ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي تان صدقي وڃي رهيا آهن. آس-پاس کان بيخبر. لڳي ٿو ڄڻ ڪامديو ۽ رتي هڪ وڏي عرصي جي وڇوڙي کان پوءِ هڪ ٻئي

شاه : جي پائين جوڳي ٿيان نه سڳ، سهڻي ڇن،
وهي در دوستن جي، ناڻگا ا ڪير لسن ۽
پٽ ٽمين جي ڀن، جن ڀڃهي لـه ڀڄهو.
جي پائين جوڳي ٿيان نه سڳ، سهڻي ٽوڙ،
جي ڇاوا نه چاپندا، جسيءَ ٽمين سي جوڙ،
نه ٿون ڀاڇن ٽوڙ، محبت جي مئدان ۾.

(سفر جاري آهي)

شاه : پٽ ڇڏيائون پٽ ۾، ڏنڊ ڇڏيائون ڏس،
آلا ٿڌان اڳي ليا، موٽي ٿين نه مس،
هيءَ ڇڏيائون حس، وڃي مڪالهه ڪل ليا.

(جوڳي ۽ شاه اڳتي وڌندا ٿا وڃن. نظارا بدلبا ٿا رهن. واري، مئدان، پهاڙ، جهنگ، دريا. سفر جاري آهي.)

جابلو پر ڳچو / باهر / ڏينهن

(شاه لطيف جي ڇهري جو ڪلوز-اپ. هو جابلو رستا پار ڪندو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

آواز : (مردانو) شاه عبداللطيف ڀٽائي رسالي جي سر ڪاهوڙي ۾ گنجي ٽڪر جي واکاڻ ڪئي آهي، جو نه الهي ٽڪر رستي تي هو ڪن جوڳين جي سنگ ۾، هنگلاج جي تيرٿ تي ويو هو. گنجي ٽڪر تي روحاني اسرار ته ڏنائين ۽ ڪاپڙين جي لوڙ ته جاچيائين. هتي "گنجي" جي معنيٰ "روحاني ديس يا راهه" وٺڻ گهرجي. گنجو ٽڪر حيدرآباد سنڌ جي ڏکڻ طرف آهي ۽ ان جي دامن ۾ ڪاليءَ جو مندر آهي.

٢- گهڻگيءَ گوشو ڪيو
عطر اوس ار تهائين :
همري ....

لوُريءَ سان جام جي عادي. شاد مانا.

٣- انــڊا، مڏدا آئــهـا
سخا سڌ وڌائـين !
همري ....

مهانا مـالا مال ٿي ٿـا وڃن. سڏن خوشيون ايمثال آهـن.

٤- پـو جوُ ڊ جوان جو
ڪر هنڌ ڪو نه مڃهائين!
همري ....

لوريءَ ۽ جام جي سهاڳ راس. ٻئي هڪ ٻئي جي آغوش ۾.

٥- قيمـس ڪمڻن سين،
جهڙي ومت وٽيالين !
همري ....

لـوُري سخاوتون اٿي لي ڪري. سب هن مان خوش آهن.

٦- مولي مڇيءَ همت تي،
ڪوڏن جڻن ڪيهالين !
همري ....

سڀڻن لوريءَ ومت سلام لاءِ اچن ٿيون. لوُري لمرتا سان لمش اچي ٿي.

٧- ماٿڪ مهاٿـن ۾
چاڙن جڻن چڙهائين !
همري ....

اسڙي ٿي لوُري جام جي لمڙن ٿي سرڪي ليهڻل آهي. جام ٻاڪر ۾ اڙيس ٿو.

٨- ڏاڍي سون سوال ۾
راهي رالــد مڪيائين!
همري ....

سڀڻون خوب سهڪاريل. لوُري اباڻي وڃي ۾. جام لوُريءَ کي ٻاڻ سان وٺي ٿو وڃي. لوُري لمت-راڻي.

٩- ٻاڻمت آڻي ٻـاڻ سين،
لعلون سـب لٽيائين !
همري ....

١٠- همرو زا فقيرن تـان
گهوري سب گهوريائين!
همري ....

ٻهڙيءَ ۾ لوُريءَ ۽ جام جي اُر لمر - ليلا.

سان ملي رهيا آهن.
شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز-اپ. هو ٻڪ ٽڪ ٻنهي ڏانهن نهاري رهيو آهي.
شاهه : (چپن مرڪ ۾)

سر سلامت سپرين، مرڪڻا ٿـــون مُون ۾ مرڪيج !
آهين ٺار اکين جـــو، ڏٺان مون ۾ وهميج،
تماچي ! تڪيج، ڪر ڏيهن ڪينجهر ڪنڌ ڪيمهن.

(شاهه ٻنهي ڏانهن نهاري ٿو، ٻنهي ۾ نه ٻيڙو آهي نه جام ۽ نه نوري. لهرون، لهرون ۽ فقط لهرون.)

❋

هيلا يا ڏڪري - ڪينجهر ڍنڍ/

(لانگ شاٽ، ڏڪريءَ تي شاهه اڪيلو ويٺو آهي. ڪينجهر ڍنڍ وهي رهي آهي. سنگيت.)
شاهه : هيري هنج وڃائين،
وري سائين وچ ۾ !
(سنگيت. واليءَ سان گڏ ٿي نوري-جام تماچيءَ جو سڄو عاشقاڻو قصو دهرائجي وڃي ٿو.)

وائي	درشيه
هيري هنج وڃائين،	شاهي ٻيڙيءَ ۾ سوار جام-
وري سائين وچ ۾ !	نوريءَ تي نظر ٿي لوڏس-
هيري	
١- نوازش نـــوريءَ جي،	نوريءَ جا لمحا جام کي کهائي
آهي تماچيءَ تـــائين !	ٿا وڃن- نظرون ملن ٿيون.
هيري	

هندو : هائو سوامي جي، اِهو ننڍو نگر ئي آهي.
(ڪجهه ڏيهي آواز ۾)
ننڍو، جتي ست سؤ سال اڳ پاپي مرکه راڄ ڪندو هو جنهن هندن سان پاپ ڪئي هئي ۽ جنهن کي ورونڻ ديو جي اوتار امر لال سمجهت ڏيئي سنڌ ڏکه لاتو ۽ سمجهايو ته هندو - مسلم هڪ ٻئي جا ويري نه پر ڀائر آهن، ڀائر.

شاه لطيف: اڇا، جي توکي ست سؤ سال پراڻين ڳالهين جي خبر آهي ته سهڻي ميهار جي پريم - ڪٿا جي به ڄاڻ هوندءِ، ڪيئن؟ اسان ته ٻڌو آهي ته سهڻيءَ جي قبر هتي ننڍي ۾ ئي ڪٿي آهي.

هندو : سائين. سهڻيءَ جي قبر ته ابار هتي نه آهي. پر سهڻي-ميهار جي قصي بابت ڪيئن ڳالهيون مشهور آهن.

شاه لطيف: اَڇا، جهڙيون ته؟

هندو : سائين، ڪي چوندا آهن ته اهو پنجاب جو قصو آهي. اُتي سهڻي-ميهار کي چون سوني-مهيوال. ڪن جو وري چوڻ آهي ته اهي ٻئي ٻڏي شهداد پور ۾ ئي گذريا آهن. شهداد پور مان اڳي دريا وهندو هو. سهڻيءَ جي قبر شهداد پور شهر جي ٻاهران جڙيل آهي ۽ ميهار جي قبر ته شهداد پور شهر جي وچ ۾ هڪ پاڙي ۾ آهي.

شاه لطيف: اسان جو خيال آهي ته اها پريمين جي جوڙي لڳر ننڍي ۾ ئي گذري آهي. اڇا، اسان سهڻيءَ جي قبر جو ديدار ضرور ڪنداسين. اَڇا، سهڻيءَ جو ساهڙ سان ازلي ناتو هو. ڏٽيءَ جي عاشقن جي محبت

١١- اُتي، عبداللطيف ڀٽائي
اُچي اُتل ڏانهن!
گهوري ....
جام انڙان لوڙيءَ جو ڳڙهه
ڪوٽ. جام هن ڪلاسن صديءَ
وچي رهيو آهي.

ڪچو رستو / ٻاهر / شام

(جوڳي ۽ شاهه لطيف ڪچا رستا، دڙا، جهنگل پار ڪندا اڳتي وڌندا ٿا وڃن ۽ مردانو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

آواز : سنڌ ۾ جڏهن سمن جي صاحبي هئي تڏهن سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ڀرپاسي ساموئي نگر هو. اڄ اهو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي جيڪو مڪليءَ ٽڪريءَ جي اُتر طرف، [illegible] ڇيڙي تي، هڪ مٿاهين پٽ تي قائم آهي. جام تماچي ۽ نوريءَ جون ٽربتون اڄ تائين اُتي آهن. ساموئيءَ کان پوءِ گاديءَ جو هنڌ ڪلان ڪوٽ ٿيو ۽ ان کان پوءِ ٺٽي جو شهر سن ١٣٤٠ع ڌاري ٻڌو.

ٺٽو اڳتي هلي ان ڏينهن سان ڀرپور هڪ وڏو نگر ٿي ويو، جنهن ۾ نواب جو محل به هو. نواب جي محل جي چوگرد سدائين رونق لڳي پئي هوندي هئي. جيتوڻيڪ ٺٽي جون گهٽيون سوڙهيون هيون پر ته به اٿاه واپار جو مرڪز هو ٺٽو. سرسبز کيت، گهرو هنر ۽ ڀري ٻندر، چاهي ٻين ساموندي بندرن تان ڏيساورن سان واپار جو سلسلو. ان وقت ٺٽو سنڌ جو نڪ هو....

(جوڳي ۽ شاهه ٺٽي جي ويجهو پهچي چڪا آهن. هڪ ماڻهو جيڪو هٿ جامع مان هلندو لڳي رهيو آهي، سامهون کان اچي رهيو آهي. جوڳين جي ويجهو اچي هو هٿ جوڙي سڀني کي پرڻام ڪري ٿو.)

جوڳي : ابا، هو سامهون ٺٽو نگر ئي آهي نه؟

شاه لطيف: نہ ڪاتيءَ نہ ڪانھن، نڪو ڏوهہ قلم جو،
انگ اُتھائي لکيو، جت نہ رسي پانھن،
ڪنھن کي ڏيان ڏانھن؟ قضا قلم وھائيو.

(سڪينت. ماحول ۾ وائي گونجي ٿي ۽ سهڻي-ميهار جي زندگيءَ جا خاص خاص واقعا ڏيکاريا وڃن ٿا.)

وائي	درشيہ
مدد ٿي ميهار! يار! ساهڙ! سائر سير ۾! مدد ٿي....	سهڻي درياءَ ۾ لڙهندي لڙهندي ميهار کي سڏي رهي آهي.
١- اونھا ڪُن، اتانگ تڙ، اوليءَ هڙ، آڌار! مدد ٿي....	سهڻيءَ کي ڏسندي ئي عزت بيگ هوش وڃائي ٿو وهي.
٢- ڏينھن ڏهلا ڏم سين، آهيان اوهان ڌار! مدد ٿي....	سهڻيءَ کي ڏم سان نفرت. عزت- بيگ تلا ڪنهن وقت نوڪر ٿي رهي ٿو.
٣- پيل پاڻيءَ پار ڪري، اَس اُپما آر! مدد ٿي...	عزت بيگ ميهار. سهڻي ۽ ميهار تي فدا ٿي وڃي ٿي. پيار.
٤- تعي گهڙي سهڻي، آڳهہ رءِ آڌار! مدد ٿي....	سهڻيءَ جي ڏم سان شادي. ميهار سنياسي ٿي ويو.
٥- ڪاري رات، ڪچو گهڙو، توڏيءَ ڪي تنوار! مدد ٿي....	سهڻي ميهار کي جوڳيءَ جي ويس ۾ سڃاڻي ٿي.

۽ ازلي آهي...
عدد ناهه عشق، ڀڄائي ڀاڻ لهي-
پرين جي مهار ڪي، ڀڃي سي مهار،
ڳڙهو تنهن ڀار، عشق جنهن کي آڪرو.

(هيڏو شاهه لطيف جي اکين ۾ عجيب چمڪ ڏسي ٿو. جوڳين جي مقناطيسي ڪشش کان ۽ هو بچي نه ٿو ۽ آخر سڀني کي پرڻام ڪري پنهنجو رستو وٺي هليو ٿو وڃي.
سڀ لهڻ وارو آهي. جوڳي ٿم جي هڪ جهوُر وڻ جي پاسي ۾، زمين تي ٿي ڊيرو ڄمائي ويهي ٿا رهن.
شاهه لطيف جوڳين کان ٿورو پريرو وڻ جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي ٿو رهي. هن جي ڪلپنا جي اکين ۾ سهڻي-ميهار جي پريم-ڪهاڻي رقص ڪري رهي آهي.)

شاهه لطيف: وڃ تڪ، واهڙ تڪ، جمع ڪنڌهن، تڪ لوالي،
جن کي عشق عميق جو، ڪلو منھ ڪمالي،
وارثين سي، والي اهڙو جن هٿ ڪيو.

(شاهه جي تصور ۾ اهو نظارو ڦري ٿو وڃي جنهن ۾ سنڌس هٿ ۾ آلهه جي چپچه آهي. شاهه جي اکين جو ڪلوز - اپ.)

درياهه / ٻاهر / رات

(لانگ شاٽ. درياهه ۾ ڌهشت آهي ڪچو گهڙو پرزا پرزا ٿيو پيو آهي. سهڻي لڙهندي لڙهندي ميهار کي پڪاري رهي آهي. پر درياهه جي ڌهشتي شور و غل سبب هن جو آواز لهرن ۾ ٿي دفنائجي ٿو وڃي.)

(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ)

جابلو ۽ اڻانگا رستا / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا جبلن، ٻهاڙن، اڻانگن رستن، بيابانن ۽ جهڙ - جهنگلن کي ڪور ڪندي ٿي رهي. مردانو آواز ورد شروع ڪري ٿو.)

آواز : سڀ الهي سسئي، رمز - ورتـو روح،
ٻهي نه پانڌي ڪو، جنهن ڪر ٻچي لوح،
مُون هي وجهي توح، مونجهه جي ڪاڻ ڪري.

هئان هڏ نـ چئان، صبر شڪرانـو،
ذوق زمانـو، مون وَر! ويو وسري.

شاهه صاحب گهڻن ئي عاشقن بابت ڳالهيون ڪيون آهن، پر جيترو ڪلام سسئيءَ بابت چيو اٿس، اوترو ٻئي ڪنهن عاشق بابت ڪو نه چيو اٿس. ان جا ٻه سبب آهن. پهريون ۽ مکيه سبب هي آهي ته شاهه صاحب جي دل جون حالتون سسئيءَ جي دل جي حالتن سان بلڪل گهڻو ملي ٿي آهن ....

ٻيو مکيه سبب هي آهي ته ڪيچ ڏي وڃڻ لاءِ جيڪا واٽ سسئيءَ ورتي هئي، سا گهڻو ڪري ساڳي شاهه صاحب کي لاهوت ۽ هنگلاج ڏانهن وڃڻ لاءِ وٺڻي پئي هئي.

(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اَپ، هو جوڳين سان گڏ پهاڙ طرف وڃي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: پـريائي ته پيار، ڦوڪ ته لڳي انهن،
هئي جي هڏ جون، ڦٽون سڀ وسار،
سمُري سرڪار، ليئي رکيج نـاهه ۾،

(پالهر واهه جي ڀر ۾، پنهنجي ڪچي مڪان جي هڪ ڪمري ۾

٦- سيوهڙو سهڻاهه سهڻ،
سُکو وس سڳهار!
مدد ٿي ...

سهڻي دلي تي چڙهي، درياهه
پار ڪري ٿي.

٧- اوراران آهون ڪريان،
ٻهچان ٿل ٻـِـرار!
مدد ٿي ....

سهڻي ۽ ميهار جي ٻول-چال.

٨- سٽيون جهانءِ جهڙي هڏون،
ساٿيارا سيپار!
مدد ٿي ...

سهڻيءَ جي نراڻ ڪيس دلو ڪڍي
رات جو ٻاهر ويندو ۽ درياهه پار
ڪندو ڏسي ٿي.

٩- آيم رلي ريءَ سهڻ،
الله، تو آڌار!
مدد ٿي ....

نراڻ سمجهائيس ٿي. وري،
رات جو هوءَ ميهار سان ملي ٿي.

١٠- تار ترانديس، لڙ لنگهينديس،
وينديس ويڙ وچار!
مدد ٿي ....

نراڻ ڪچو دلو رکي ٿي.

١١- ٻو ڙينديس ڀار مٽي،
ڀيهين جي ڀهار:
مدد ٿي ...

ڪچو دلو ٻري ٻري ٿو. سهڻي
ٻڏي رهي آهي!

١٢- گولي گهاگهاڻي گهڙي
جکن تا جانار!
مدد ٿي ....

ميهار درياهه ۾ ٽپ لڳائي ٿو.
ٻئي هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾
لڙهندا وڃن ٿا.

اکيار واڳو، سيسارا، مڇ ۽
ڪچ شڪار ڏانهن ڪاهيندا
اچي رهيا آهن.

هڪ ڌوٻي: يا الله! هيءَ ڇوڪري تہ سونهن ۾ سچ-پچ چنڊ آهي.
ڪهڙي سنگدل ماءُ - پيءُ هن کي هيئن ڪٺي لهرن جي حوالي ڪيو آهي.

ٻيو ڌوٻي: آها، هل تہ هلي هيءَ درياءَ جي سوکڙي لالا محمد جي حوالي ڪريون.

(ڌوٻي صندوق ۾ ٿي ڪنيا کي وجهي، ڍڪ ڪولي، محمد جي گهر طرف وڃن ٿا. محمد پنهنجون ٻئي ٻانهون وڌائي ڪنيا کي هنج ۾ کڻي ٿو. هو ڏاڍو خوش آهي.)

محمد: پنهور جي شهر ۾، محمد ڌوٻيءَ جي گهر اسان تو جهڙي هيري جو استقبال ٿا ڪريون. ڌيئڙي، تون خدا تعاليٰ جي نعمت ٿي لالا جي گهر جيءُ آئين، نچ آئين. مان پاڻ اولاد جو سڪايل آهيان. مون کي تہ ٻن - گهرني بي بها خزانو ملي ويو. خزانو.

هڪ ڌوٻي: سائين، سونهن ۾ تہ ننڍڙي سائڻ سان چنڊ نہ پڄي...

محمد: رجهي يار، جڏهن چنڊ جو نالو ڪيو اٿيئي تہ هن ماڻڪ جو نالو نہ ٿا کڻي رکون سسئي. چوڏس جو چنڊ سسئي.

(سنگيت.)

وائي: ١- پنهل! ليو پاڻ سان، ٻو رهيس لڙ لڏائي!
ڇوري ....

(رانديون ڪندي ڪندي، ڊڪندي ڊڪندي سسئي جوان ٿيندي وڃي ٿي. سونهن ۽ جوڀن جڻ شمع ۽ شعلو.)

وائي: ٢- ٻو رهيو ڪندس لڙ جو،
پرينديس ڀاڻي!
ڇوري ....

(پنهون پنهنجي تنبوءَ ۾ شان سان گاديلن تي ويٺو آهي. هن جي سامهون هڪ ماڻهو اڀو آهي.)

مندر کٽ تي سمهي پئي آهي. سندس ٻر ۾ ٿالهن چانور ڪيا ليٽي پيئي آهي. کٽ جي پاسي ۾ مندر جو پيءُ نائون ٻانهڙ ٻيٺو آهي.)

نائون: مندر، مان پرهمڻ آهيان، جوتش جو ڄاڻو آهيان. هن ڪنيا جي گرهن جو گهرو اڀياس ڪيو آهي. اسان ٻنهي ۾ هڪ ماڻڪ - موتيءَ جهڙيءَ ڪنيا کي جنم ته ڏنو، پر...

مندر: پر ڇا سائين؟

نائون: هن ڪنيا جو انگ هڪ اَجنبيءَ سان لڳل آهي.

مندر: اَجنبي؟ ڪهڙي ڪير؟

نائون: ڪوئي ٻه ڌاريو - ٻئي ديس جو، ٻيءَ جاءِ جو، ٻيا ٻئي ڌرم جو... ڪوئي ٻه ڌاريو ماڻهو...

مندر: پوءِ؟

(ٻئي جڻا اکيون ٻوٽي ۾ ملن ٿيون. ڪجهه ڄڻ ٿي وڃي ٿو.)

(نائون هڪ صندوق پاڻيءَ واهه جي لهرن جي حوالي ڪري ٿو. صندوق ترندي اڳتي وڌندي ٿي وڃي. نائون جي اکين ۾ پاڻي آهي. هو ڏوتيءَ جي ڪناريءَ سان اکين جون آليون ڪنڊون اگهي ٿو ۽ واپس وري ٿو. صندوق ترندي رهي ٿي. سنگيت.)

وائي: ڇوري ڇڏ ۾ ڇپر ٻن
ٻارو ڇل ٻانهي،
جانب جهڙو جڳ ۾، ناهي ڪو ٿالي!
ڇوري ....

(ٻيون ٻه جي پر ۾، درياهه جي ڪناري تي ڪجهه ڌوٻي ڪپڙا ڌوئي رهيا آهن. اوچتو هڪ صندوق ترندي اچي ڪناري تائين پهچي. ڌوٻين جي نظر صندوق تي پوي ٿي. صندوق ڪناري تي آڻي کولن ٿا ته اندر هڪ ننڍين چانور ڪيا ڏسن.)

(پنھون درياهہ جي ڪناري تي ڪپڙا ڌوئي رهيو آهي. سسئي هن جي ڀرسان بيٺي آهي. پنھونءَ جي هٿن ۾ زخم ٿي ٿا وڃن ۽ ڪپڙا بہ ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي ٿا وڃن. پنھون ملول آهي.)

سسئي: (پنھونءَ جي هٿن ۾ پيل ڇالن ۽ ڦٽيل زخمن کي چمندي)
صدقي وڃانءِ تو تان، قربان وڃانءِ تنھنجي همت تان...
فڪر نہ ڪر. هر هڪ ڪپڙي جي تہ ۾ هڪ بہ اشرفي
وجهي ڇڏ تہ پوءِ ڪنھن وٽان بہ شڪايت ڪو نہ ايندي.

(سسئي ۽ پنھونءَ جي شادي وڏي ڌومان ۽ شان مان سان ٿئي ٿي. آري جام بيھوش ٿي ٿو وڃي. سندس ٻئي پٽ چنري، هوتي ۽ نوتي ڪجھہ هوش ۾ اچن ٿا.)

چنري: ابا، مان توهان جي سر جو قسم ٿو کڻي چوان تہ اسان
ٻئي ڀائر پنھونءَ کي هر حال ۾ واپس وٺي اينداسين.

(مجلس چالو ٿي خان ڀائر رقص بہ ڏسي رهيا آهن ۽ شراب بہ پي رهيا آهن.

پنھونءَ کي ٻئي ڀائر گهڻو شراب پيئارن ٿا. پنھون بيھوش ٿي ليٽي ٿو پوي.

اڌ رات جو خان ڀائر پنھونءَ کي اٺ تي کڻي ڪيچ مڪران ڏانھن هليا ٿا وڃن.

سسئي ننڊ ۾ الوٽ آهي.

اٺ ڊڪندو ڊڪندو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.

سسئي ننڊ ۾ غلطان آهي.)

وائي: ٣- اديون! عبداللطيف چئي،
ايندم آرياڻي!

ڇوري....

(سسئي زار و زار روندي بر ڀٽن، جهنگلن ۽ جبلن ۾ پنھنجي پنھونءَ کي ڳولهي رهي آهي.)

ماڻهو: قبلا، ڪڇ، مڪران ڪان وٺي سنڌ-هند تائين هن اکين
هزارين-لکين حسن جا شهپارا ڏٺا آهن. پر حضور، سسئي،
سسئي آهي. آهي نہ محمد ڌوٻيءَ جي دختر پر رهندي
آهي محل جهڙي مڪان ۾.

پنهون: اڇا!

ماڻهو: پنهنجن ساهيڙين جي وچ ۾ ائين لڳندي آهي جيئن جيئن...

پنهون: (مرڪندي) ستارن ۾ ماهتاب!

ماڻهو: (سر لوڏي) جي، جناب!

پنهون: تہ هل ميان! دير وري ڇا جي؟ هاڻي اسان جو قافلو
ڀنڀور ۾ ئي هلي منزل ڪندو.

(سسئي ساهيڙين سان گڏ مشڪ ۽ عنبر خريد ڪرڻ لاءِ پنهونءَ جي
قافلي ڏانهن اچي ٿي.
سسئي ۽ پنهونءَ جون نظرون پاڻ ۾ ملن ٿيون.
ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهن ٿا.
سسئيءَ جون ساهيڙيون هن کي گهلي وٺي ٿيون وڃن. پر ٿورو
اڳتي وڃي سسئي وري پنهونءَ ڏانهن نهاري ٿي.
ٻنهي جون نظرون ملن ٿيون. چپ مرڪي سلام ڪن ٿا.)

وائي: تہ هوت! مَ ڇڏيس هيڪلي
هيءَ جا ولڙ وڪاڻي!
ڇوري....

(محل جي هڪ ڪمري ۾ سسئي پلنگ تي ويٺي آهي. محمد
بيٺو آهي.)

محمد: مان تنهنجي شادي ڪنهن بہ حالت ۾ اهڙي شخص سان
نہ ٿو ڪرائي سگهان جيڪو نہ فقط پرديسي اجنبي آهي
بلڪ پنهنجي ذات جو بہ نہ آهي.

سسئي: ابا، پنهون بہ ذات جو ڌوٻي آهي. جي اعتبار نہ
اچيوَ تہ آزمائي ڏسو.

ڪي ٽڪاريو، جنهن ڦاٽي ڪيس پنهنجي گود ۾ الٽيم
وشرام ڏنو. ڀڳوان جو اهو اپادو ڏسي سڀئي ٻه
پرماتما ڏانهن پاڏايو. پرماتما سندس پٺ رکي. پهاڙ
ڦاٽو ۽ سڀئي اندر سمائجي ويئي.

ٻيو جوڳي : اهو پرهمواسي. مان ئي برهم آهيان. پاڻ کان الڳ
نه برهم آهي، نه پوڄا پتي، نه پرماتما ۽ نه پرميشور.

شاهه لطيف : ڪوڙهي آهه ڪوهيار، جنهن تو پوري! پانڌيو،
پنڌ ۾ ڪر پهاڙ ڏي، وجود نئي وڃار.

جوڳي : الک نرنجن...

(وڻيد - اهه. دور کان جوڳين جو گرو مهايوگي پرونتامڪ اچي رهيو آهي. هن جي عمر جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. سنهڙو سڪل شرير ان مان شڪتي ۽ چستي جون جڻ لاٽون نڪري رهيون آهن. قد ڪجهه ڊگهيرو، ڪپڙي لنبي، ڪمر سنهڙي، مٿي تي جٽائون، ڏاڙهي مڇون صاف، ڪلهي تي ردراڪش جي لنبي مالا، اکين ۾ تيج، نراڙ تي ترپنڊ. هو ان طرف وڌندو ٿو اچي جنهن جي چاپا ۾ جوڳي ۽ شاهه لطيف ويٺا آهن. سڀ کان اول شاهه لطيف جو ڌيان مهايوگي پرونتامڪ ڏانهن ڇڪجي ٿو. ان کان پوءِ ٻيا جوڳي به گرو ڏانهن نهارن ٿا. مهايوگي ويجهو ايندو ٿو وڃي. سڀ جوڳي ۽ شاهه هن جي سواگت ۾ اٿي ٿا پون.)

شاهه لطيف: جنهن لڪي ۾ پير، تنهن تڪي ڪاهڙي،
پيو پار پندو ڪير ڪاهوڙڪي ڪير ري؟

(پرونتامڪ سڌو اچي ٿو شاهه لطيف جي ڀرسان ٻيهي ۽ تجوان اکيون کڻي ٿو شاهه جي اکين سان اٽڪائي. شاهه پڻ گمڀير آهي. ڪجهه ئي پلن ۾ پرونتامڪ جون ڪوجي اکيون پنهنجي تڪ ۾ جڏي مرڪڻ لڳن ٿيون. ساڳي وقت هن جي چپن تي به هلڪي مرڪ اڀري ٿي اچي.)

(شاهه لطيف ۽ جوڳي هڪ شاهي وڻ جي هيٺان ويٺا آهن.)

شاهه لطيف: اي ڪم ڪمهٽن، جنّ سمهن ٻيو دڳها ڪري،
لوچين چوڻ لطيف چئي، هاري! لڏڻ هورتن؟
لنڊن لياڪين ڪي، او ٻالا اچن،
سي ٻنهون ڪوهه ٻچن؟ جي سنجهي رهن سمهي.

هڪ جوڳي: تون ڪوي آهين. تنهنجي ٻچڻ ٻري ٻري
تانين آهي، سرسوتيءَ جي تو تي ڪرپا آهي.
سنگيت ۽ مذرتا تنهنجيءَ ڪرتا جون خاص
خوبيون آهن. هنگلاج هلين ٿو. اتي ڪالي ماتا
سمهل مدرا ۾ آهي. ڪاليءَ جي ڪرپا ٿيڻ ڪ
تنهنجيءَ ڪوتا ۾ اوج گڻ به اچي ويندو. سورج
ٿي چمڪندين، جڳ متان، سورج ٿي، اهڪ چند
پيدا ڪندين، اهڪ چندن ۾ پرڪاش پريندين،
انيڪ چندن کي ڪلاڻون دان ڪندين.

(شاهه لطيف سر جهڪائي ٿو. هن جي چپن تي هلڪي
مرڪ آهي.)

ٻيو جوڳي: الک ...

سڀ جوڳي: اسرلچن ...

جوڳي: جئه گورکناٿ ...

سڀ جوڳي: جئه گورکناٿ...

شاهه لطيف: سٽين سنجهيئي، سهن و پرڙهي منّ جنّ،
او جاڳو اکين کي، جاڻوهه نه ڏهئي،
هتان تو ٻيئي، ٿي ڪچو ڪچين ڪرين!

هڪ جوڳي: سسئي ارٿاڻ شڪي. شڪي ٿيو چندرما. سرسئي
ٻيئي چندرمکي. سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ تي سيتا
ماتا جي جيون ڪٿا جي پوري پوري ڇاپ آهي.
جيون ٻر دک سهي سهي آنند ۾ سيتا ۽ ماتا پرٿويءَ

قرآن کي الله جو ڪلام سمجهو ٿا وڃي، بلڪل ٺيڪ آهي. انهن گرنٿن جي رچنا ڪندڙن جو ايشور سان سڌو سمپرڪ هو. هنن پنهنجين ساڌنائن ۽ تپسيائن سان پنهنجيءَ آتما جو، پنهنجيءَ چيتنا جو ايترو ته وڪاس ڪيو هو جو هو ايشور سان ڳالهه ڪري ٿي سگهيا، پنهنجي سامهون گهرائي ٿي سگهيا ۽ ڀاڳ هن وقت وٽي ٿي سگهيا .... پر لطيف، اهو سڀ چمتڪار مانسڪ استر تي ٿيندو آهي جنهن کي صوفي تصوف سڏيندا آهن ۽ اهم برهماسمي يا انالحق جنهن جا لفظي چٽ آهن. اهي منتر پڌائيندا آهن ته چوندڙ جي ڪيتري آتمڪ اُنتي ٿي آهي- روحانيت جي رستي تي ڪيترو اڳتي وڌيو آهي.

شاه لطيف: پر سوامي جي، اهي منتر ته ڪير به چئي ٿو سگهي.

پروهت: (مرڪندي) برابر، ڪوبه به چئي ٿو سگهي پر پوءِ انهن منترن مان آتما نڪري ويندي. پوءِ اهي فقط لفظ هوندا، منتر نه. لطيف، من-وچن-ڪرم جو ميلاپ ئي شبدن کي منتر بڻائي ٿو.

شاه لطيف: گيان جو، ودّيا جو آهي ڪوئي انت؟

پروهت: نه ڪو آد، نه ڪو انت! انهي ڪري جنم ڪڻي هن وشو، هن سرشٽيءَ کي ڪجهه سمجهڻ لاءِ. پوءِ ته رشين چيو آهي- نيتي نيتي. هي به نه، هو به نه!

شاه لطيف: ڪامل پرکن انهن به چيو آهي ته پاڻ سڃاڻي لهه پرماتما-

پروهت: ڇا، پاڻ سڃاڻڻ ايترو سولو ٿو سمجهين؟ جو پڙهي، سو پرهيندي.... جيڪو برهمانڊ ۾ آهي سو تنهنجي شرير ۾ به آهي. پر، مان وري ٿو چوان: ڇا پاڻ کي،

پروهت: پٽ لطيف، مٺا وارو آهن، پر ڪجهه لٽ چڙهيل آهي- سنساري سنڌ جي لٽ. سڄو آهي، تمام سڄو آهي. جن چالاڪ ماري آهي، اهي ڪڏهن ڪڏهن پٽ به اچي پيا آهن. ڏاڪو ڏاڪو ڪري چڙهڻ ئي سچي گيان جو صحيح مارگ آهي.

شاهه لطيف: (اکيون جهڪائي) سوامي، منهنجي من ۾ توهان جي باري ۾ نه ڪو سنسو آهي نه سنڌ ۾..

پروهت: (شاهه کي اڏ ۾ ڪٽي، ساڄو هٿ مٿي ڪٽي) پٽ لطيف، پوڳي ترڪال درشٽا ٿيندا آهن. هڪ پوڳيءَ لاءِ نه ڀوت آهي نه ڀوشيه - پر هڪ لڳو ورتمان آهي. هڪ پوڳيءَ جي سامهون جڏهن ڪاٺ جي ڪاري لڪڙي آڻجي ٿي وڃي ته ان جو سڄو اتهاس پوڳيءَ جي ڪلپنا درشٽيءَ جي سامهون گهمي اچي وڃي. اتهاس - وڻ جي ٻج کان وٺي ان لڪڙيءَ جي شڪل ۾ اچي ٿي وڃڻ تائين سڄو اتهاس - سڄي ياترا.... لطيف، تون اهو ٿي سوچي رهيو هئين نه ته هيڏو سکل، بکايل ۽ ڪمزور شرير ۽ ڪالو پروهت!

شاهه لطيف: سوامي جي، مون کي ڪرس هو. توهان لاءِ من ۾ ڪائي گستاخيءَ جي ڀاونا ڪرڻ هئي... مان خدا جو....

پروهت: نه، پٽ نه، قسم نه کاءُ. تون قسمن، شاهدن ۽ ثبوتن کان گهڻو مٿي آهين. تنهنجو سوال ئي پرماڻ آهي، ساکشي آهي.

شاهه لطيف: ته ڇا سوامي جي، وهمن ان ڪري ٿي....

پروهت: هائو، ان ڪري ٿي. بلڪل ان ڪري ٿي... وهمن کي اڳوڻي-رهڻ جهڙو رهيو آهي. بلڪل ٺيڪ آهي.

آهن. ڇو ته هنن لاءِ به ڪيترائي نقطا لاڀڪاري ۽ روشني-بخش آهن.)

پروتنات: آتمڪ مارگ ۾ ڪٿي موڙ آهن، ڪٿي طلسمي دوکا آهن، ڪٿي گمراهه ڪندڙ شڪتيون آهن، ڪٿي سبز باغ آهن ۽ ڪيترئي ئي مرگ-ترشنائون آهن. انهن سڀني آفتن مان فقط هڪ پورڻ گروءُ ئي جگياسوءَ جي رکيا ڪري ٿو سگهي.

(شاهه لطيف پروتنات ڏانهن ان طرح ٿو نهاري جڻ ان گفتي جي ڪيس اها نه وڏيڪ سمجهاڻي گهرجي- وضاحت گهرجي.)

پروتنات: ليڪ آهي پٽ لطيف، اسان توکي اها حقيقت سولي نموني ٿا سمجهايون.... آتمڪ مارگ تي ڪجهه ئي قدم کڻڻ کان پوءِ تماشا شروع ٿي ٿا وڃن.... اسان اهڙن ٿيندڙ گهٽنائن کي تماشا ٿا چئون جيتوڻيڪ جگياسو انهن کي چمتڪار سمجهندو ۽ ان مايا جال ۾ ڦاسي اهڙو سوچيندو جڻ ته ڪيس ڪي الوڪڪ شڪتيون مليون آهن. حقيقت ۾ اهي مايا جا رنگ هوندا آهن، شيطان جون شرارتون ۽ ڪارستانيون هونديون آهن- هڪ جگياسوءَ کي، هڪ طالب کي گمراهه ڪرڻ لاءِ، هيٺ ڪيرائڻ لاءِ جيئن اهو جگياسو پنهنجي منزل تائين نه پهچي سگهي- نه ايشور ۾ لين ٿي سگهي ۽ نه الاهه جي اڳيان سرخرو ٿي سگهي- ان سرو شڪتيمان سان هڪ ٿي سگهي.

شاهه لطيف: شيطان جي ڪارستانين کان ته مان به واقف آهيان. ان کان بچڻ جو طريقو آهي- خاڪساري، تواضع، سوامي جي، جا سڀني گڻن ۾ مول ڪڻ آهي. جڏهن وقت هوندي لوڙهت ان وقت ٻيا گڻ پاڻهي ڀڄندا ايندا

پنهنجي پنڌ کي، پنهنجي هستيءَ کي سڃاڻڻ سولو
آهي؟

(شاهه لطيف ڪنهن اونهي سوچ ۾ ګم ٿي ٿو وڃي. لڳي ٿو هو ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ پهچي ويو آهي. پروتناٿ ڪجهه دير ٽڪٽڪي لڳائي هن جي چهري کي ڏسي ٿو ۽ پوءِ پاڻ به خيالن ۾ ګم ٿي ٿو وڃي. اتي ڪنڌ ٽيل ٻيا جوڳي جيڪي ڌيان سان پنهنجي ګروءَ ۽ شاهه لطيف جون ګالهيون ٻڌي رهيا هئا، هاڻي انهن ۾ به ڪجهه چرپر پيدا ٿئي ٿي ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳن ٿا. ٻه - ٽي جوڳي اٿي وڃي هڪ وڻ هيٺ تي ويهي ٿا رهن. انهن جي ديکا ديکي ڪجهه ٻيا جوڳي به آس پاس ڪٿي نه ڪٿي ويهي ٿا رهن. هو سڀ آهن پنهنجي ګرو پروتناٿ ۽ شاهه لطيف جي واجهه ٿي.)

شاهه لطيف: ګروءَ بنا ګت ڪونهي۔

(پروتناٿ خاموش آهي)

شاهه لطيف: ڏوڏ دل تان دور ڪري،
ڪر ساجن! صفائي،
من لاشيخ له فشيخه الشيطان،
ان ري اونداهي.

پروتناٿ: هائو لطيف، ګروءَ بنا، مرشد بنا اونداهي ئي آهي.
انيڪ پاتڙا ۽ انيڪ وکهڙ واٽاڙون آهن، خوف ۽ خطرا آهن. جګياسوءَ کي، طالب کي جيسين ڪونه سچو ګرو، ڪامل رهبر نه ٿو ملي تيسين هن لاءِ منزل تي رسڻ ممڪن ناهي....

(شاهه لطيف پوري ڌيان سان مهاپرکي پروتناٿ جون ګالهيون ٻڌي رهيو آهي. جدا جدا مدرائن ۾ ويٺل ۽ الګ الګ قسم جي ڪمن ۾ لګل جوڳي به هنن جي ګفتګو ڪن لائي ٻڌي رهيا

شاهه لطيف: سوامي جي، مون قرآن شريف جو مطالعو ڪيو آهي
مڪمل صدق سان. جلال الدين روميءَ جي مثنوي
به اڙ زبان ياد اٿم. منهنجي ڏاڏي شاهه عبدالڪريم
بلڙيءَ واري سائين جو ڪلام به رڳ رڳ ۾ رچيو پيو
آهي. پر، سوامي جي، هيءَ اونڌي منهن وارو
امرتسر ڪند.... چند ۽ ٽتو... انهن جو لاڳاپو شايد
يوگ وديا سان آهي.. مون لاءِ اهي نيون ڳالهيون
آهن ...

پراڻناٿ: سنسار ۾ گهڻو ڪجهه نئون ناهي- فقط نالا بدليل آهن.
مول وستو ساڳي آهي، فقط جدا جدا ڪندن ۽ جدا جدا
ڀاشن تي جدا جدا ودوانن ۽ وچارڪن پنهنجي درشٽي
وڌي آهي.... تو پنهنجي ڏاڏي جي باري ۾ ٻڌايو
هو ته تنهنجي باري ۾ هن هڪ اڳڪٿي ڪئي هئي...

(شاهه لطيف جواب ڏيڻ جي بجاءِ هاڪار ۾ سر لوڏيندو. هن جون
اکيون ٻوٽيل هيون آهن پوءِ منهن ٿورو مٿي ڪري پراڻناٿ
ڏانهن نهاريندو).

پراڻناٿ: ان ڪي يوگي پوشيده درشٽي ۽ سنڪلپ شڪتي ڄاڻندا
آهن. ٿي ٿو سگهي تنهنجي ڏاڏي جي آئينده
ڏسندڙ اک ٽوڪي ۽ تنهنجي آستان ڪي پنهنجي سامهون
مورت-روپ ۾ ڏٺو هجي.... يا ائين به ٿي ٿو سگهي ته
هن جي من ۾ اها اڇا پيدا ٿي هجي ۽ هن پنهنجي
سڀني روحاني قوتن کي ڪٺو ڪري سنڪلپ ڪيو
هجي ته هيئن ٿئي ۽ ائين ٿي ويو- تنهنجي ڏاڏي
جو اهو سنڪلپ ته پورو ٿي ويو. تون سنسار ۾
اچي ويئن....

(پراڻناٿ مرڪندڙ نظرن سان شاهه لطيف ڏانهن نهاريندو. هن جي

۽ شيطان جو ڪلا بازيون، هن جو وار به ونگو نه
ڪري سگهندا هون. سوامي جي، مان ته هر هڪ ناٿ
کي اهو ئي چوندو آهيان ته:

ٻاٻو منهن موڙين ٻه، غريب ساڻ گدار،
مٿئين منجهه وهار، ته قاضي ڪانيارو نه ٿئين.

(اوم جو آواز اوور ائيڪو ٿو. پروتنامو ۽ شاهه آواز طرف نهارن ٿا.

ٿورو ئي پري هڪ جوڳي پنهنجي پاڻهون ڌيان ڪري، هٿن جي آڱرن جي آڌار تي زمين تي ٻيٺو ليٽيو پيو آهي. هو پنهنجي ئي خيال ۾ مگن آهي ۽ ان حالت ۾ ئي هن جي منهن مان ٻه-چار دفعا اوم-اوم جو آواز نڪري ٿو وڃي. اوچتو، آسمان طرف نهاريندي هو ڪبير جو هڪ دوهو آلاپي ٿو.)

جوڳي: ڳڳن منڊل ۾ اوندا ڪنان،

تهه امرت ڪا واسا!
سگرا هوئه سي ڀر ڀر پيا،
نگرا جاهه پياسا!!

(شاهه لطيف سوالي نگاهن سان مهايوڳي پروتنامو ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتنامو: ڳڳن-منڊل ۾ اونڌي منهن وارو هڪ امرت ڪنڊ آهي. ان کي جوڳي چندر تتو به چوندا آهن. ان امرت-ڪلش مان لڳاتار امرت-ڌارا وهندي رهندي آهي. جيڪو ان امرت-ڌارا جي چڪي پيئندو آهي، اهو اجر-امر ٿي ويندو آهي. پر اهڙو نصيب ڪنهن ڪنهن يوڳي جو ئي ٿي سگهندو آهي، جنهن کي ڪو ئي پورڻ-گرو ملي ويو هجي. ڪبير ان دوهي ۾ ناٿ پنٿي يوڳين جي ان مهتا جو ئي ورڻن ڪيو آهي.

۲. ڪاھوڙين وٽ رات گذار

(شاه : يوگ ـ مارگ تي ڪجهه قدر)

چهن ٿي ته هلڪي مرڪ آهي. شاهه لطيف بلڪل چپ آهي.)

پروتناٿ: پرماتما چاهيو ٿي ته تون آستان ته جوڙيندين- آخر ، ڀٽ لطيف ، هي سڀ پرماتما پرميشور جي سنڪلپ جو ئي ته نتيجو آهي. قرآن ۾ به ته اهڙو ورڻن آهي. ڪئين ؟

شاهه لطيف: هائو . آهي - ڪن فيڪون. ڌڻيءَ حڪم ڪيو ته "ٿيءُ" ۽ ڪائنات پيدا ٿي وئي. پر ، سوامي جي، ايتري طاقت ڇا ڪنهن ماڻهوءَ ۾ به ٿي سگهي ٿي؟ آخر ولي ۽ جوڳي به ته انسان ئي آهن....

پروتناٿ: ڪنڊلني ... ڀٽ لطيف ، ڪنڊلنيءَ جي جاڳ .

شاهه لطيف: ڪنڊلني؟ ڪنڊلنيءَ جي جاڳ؟ ڇا هي اها ڪنڊلني؟

پروتناٿ: سڀ ڪجهه هڪ ئي پلڪ ۾ جاڳي وڃڻ لڳو چاهين ڀٽ لطيف ؟ ڌيرج رک . ڦل کي پچڻ ڏي. انتظار ڪر اُن گهڙيءَ جو جنهن گهڙيءَ کان وٺي تنهنجي جيون ۾ وشمش گهٽناؤن ٿيڻ شروع ٿينديون- ان سمي جي پرتيڪشا ڪر .

(شاهه لطيف کي اُتي ئي ڇڏي پروتناٿ اڳتي وڌي ٿو وڃي . شاهه لطيف جو ڪلوز-اَپ .)

شاهه لطيف (ڀڻ ڀڻ ڪندي) ڪنڊلني ....

(شاهه لطيف جي سوچ ۾ ٻڏل اکين جو E.C.U)

مورڙي جو مقام / ٻاهر / پرڀات

(وائيڊ شاٽ. ڪراچيءَ کان ٻه ڪن ميل پري، جبل جي دامن ۾ جڙيل "مورڙي جو مقام" جي آس-پاس جو ميدان. اُڀ ۾ سج نڪري رهيو آهي. انڌيري-اُجالي جو ڇمڇڙو ميلاپ اکين کي آنند ڏيئي رهيو آهي. هڪ ساڌو يڪتاري تي ڪبير جو پد ڳائيندو ميدان لتاڙي جبل طرف وڌندو وڃي رهيو آهي.)

ساڌوُ: اَوَ ڌوُ جوڳي جڳ سي نيارا!
مدرا نرت سرت ڪر سنگي ناد نه کنڊت ڌارا!!
اَوَ ڌوُ ....

(پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف ميدان طرف اچي رهيا آهن. ساڌوءَ جي گيت جو آواز اوور لئپ ڪريو.)

ساڌو: بسي گگن ۾ دني نه ديکي چيتن چوڪي ائنا!
چڙهه آڪاس آسن نهين ڇاڏي، پيوي مهارس ميٺا!!
اوَ ڌوُ ....

(شاهه لطيف ڪجهه رکجي مها يوگي پروتناٿ جي منهن ڏانهن سوالي نظرن سان نهاري ٿو. پروتناٿ مطلب سمجهي ٿو وڃي. هٿ جي اشاري سان سمجهي کي رکجڻ لاءِ چوي ٿو. سڀ جوڳي رکجي ٿا وڃن.)

پروتناٿ: ان پد ۾ ڪبيرداس سهج-يوگ جو اصلوڪو روپ
سنسار جي سامهون رکيو آهي....

ساڌوُ: پرگٽ ڪيتا مانهين، جوڳي، دل ۾ درپن جو وي!
سهس اڪيس ڇهه سئه ڌاڳا، نهچل ناڪي پوءِ وي!!
اَوَ ڌوُ ...

پروتناٿ: سهج-يوگيءَ جو ساهه کڻڻ ۽ ڇڏڻ به جاپ ٿي آهي.
ڇڏهن اهڙا ايڪيهه هزار ڇهه سؤ جاپ پورا ٿيندا آهن
ته پاڻمرادو "ناد" پيدا ٿيندو آهي.

مون سين ڏٺا، ماءِ! جهڙين ڏٺو ڌڻين کي،
ڪهي اچي والوڙي، آن جهڙن سنديءَ جاءِ،
لکن جي ساءِ، ڳرهو لڳي لسار ه.
(سر کاهوڙي-١)

اڄ نه اوطاق ۾، جاڳيءَ جوڳيئڙن جو،
ساري سيامن ڪي، ڏنديون ڏسان ڏو،
ڏس! هارايان لو، لاهوتي لنگهي ويا.
(سر رامڪلي-٨)

ڪڏهن ڏسان پاڇهه اٿي، ساڄن! سڄڻ سلام،
محب ڏيهنديءَ مرلين! ڪهڙ ڏسن ڏسام،
ڏتون هج وڃ آسي، ليڪين ڏڌ هرام،
ڏوس! ڏه سهان دام، ڏوڻ ولڏ لو ويلا ڪرين!
(سر ڏيهي-٧)

۽ . اهو ئي شاهه موڙي جو مقام آهي جتي سڀ
ئي ڀاڳ ڏئي ڏنل آهن .

(ڪئمرا موڙي جي مقام کي ڪور ڪري رهي آهي. هن وقت
مقام بلڪل سنسان لڳو پيو آهي- نه مجاور، نه موڙي جو مسافر.)

پروتناٿ: هاڻي ڪلاچي پري ناهي- ڪوهه ڪن پنڌ مس هوندو.

شاهه لطيف: هنگلاج ته ڪلاچيءَ جي اولهه طرف آهي نه ؟

پروتناٿ: هائو، بلڪل سٺ پنجهٺ ڪوهه پري.

(جوڳي جئه جئه ڪار ڪن ٿا.)

سڀ جوڳي: جئه شو شنڀو-
جئه امبي ڀارتي-
جئه هنگلا ديوي-

هڪ جوڳي: الک....

سڀ جوڳي: نرنجن.

پروتناٿ: پٽ لطيف...

شاهه لطيف: (ڇرڪ ڀري) هاڻي سوامي جي توهان سڀ
سوريه - نمسڪار ڪندا ٿيو ته...

پروتناٿ: سوريه ديوتا درشن ڏيئي رهيو آهي.

(شاهه لطيف هڪ پٿر کي ٽيڪ ڏيئي ويهي ٿو رهي. هو پنهنجن
ئي خيالن ۾ گم آهي.)

پروتناٿ: (سوريه نمسڪار ڪندي سڄو ٽولو جاتيءَ جي سامهون
اٿي هٿ جوڙي)
اوم مترا يه نمه
(اٿي هٿ مٿي آڻي ڪري ڪمان وانگر جهڪي)
اوم راوي يه نمه...

(سڀ جوڳي هيٺ جهڪي پنهنجن هٿن جون اٺئي آڱريون ڌرتيءَ
سان لڳائي جهڪن ٿا. پروتناٿ به ان مدرا ۾ جهڪيل آهي)

شاهه لطيف: ناد - انهد ناد ؟

پروتناٿ: هائو، انهد ناد - انهيءَ انهد ناد مان ئي پرڪاش نڪرندو آهي ۽ ان پرڪاش جو ظاهري روپ آهي "مها بندو" مها بندو ٽن قسمن جو ٿيندو آهي- اڇا، ڳاڙها ۽ ڪارا. پوءِ انهن کي ئي ڪڏهن سورج، چنڊ ۽ اگني چوندا آهن ته ڪڏهن برهما، وشنو ۽ شو به سڏيندا آهن.

(سادوءَ جي گيت جي وچ وچ ۾ پروتناٿ ۽ شاهه لطيف ۾ جيڪا گفتگو ٿئي ٿي، ان وقت به گيت سان واسطو رکندڙ سنگيت چالو آهي. گيت اڳتي وڌي ٿو.)

سادو: برهم اگن ۾ ڪايا جاري ترڪٽي سنگم جاڳي!
ڪهي ڪبير سڻي جوڳيسر، سهج سمن لئو لاڳي!
آ ڙ ڙ ....

(سادو يڪتارو وڄائيندو وڄائيندو اڳتي وڌندو ٿو وڃي. ڪبير جو پد پورو ٿي چڪو آهي پر يڪتاري جو ڏنل آواز ماحول ۾ اڃا ڦهليل پيو آهي.)

پروتناٿ: ترڪٽيءَ تي ڌيان ڪندڙ ۽ شرڌا جا سڀ پاپ برهم اگنيءَ ۾ ڀسم ڪندڙ جوڳي ئي جوڳيشور، جو پد پراپت ڪري ٿو.

شاهه لطيف: وڏو گورک-ڌندو آهي.

پروتناٿ: سو ته آهي ئي- آخر به يوگسادڪ کي هيٺينءَ وٽيءَ اوچ تي پهچائيندڙ يوگيشور ڪو ڪدائڪ ئي ته آهي.

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف اڳتي وڌن ٿا. باقي جوڳي به هنن جي پٺيان هلڻ لڳن ٿا. سڀئي ڌير اڳتي وڌندا ٿي رهن ٿا.)

شاهه لطيف: سوامي جي، لڳي ٿو اسان مورڙي جي مقام تائين پهچي ويا آهيون هو ڏسو سامهون، جبل جي دامن

ڪندا ۽ ڪيترا ماڻهو مڇ جي ڄارن ۾ وڃي ڦاٿا انڪري ۽ ٻيڙا سبب هو ڦڙڦڙ لڳي ٿو. ٺيڪ اُن وقت مورڙو وٺي ٿو رسا لوڏي.

ٻاهر مورڙي ميربحر جا همراه سائين سان ڀاڄارڻ جوڙي وٺي ٿا انهن جي پٺن تي ٻڌل مڇا رکن. سان وٺي ٿا هيٺ ۽ انهن سان ڏنل ٿي رسا مٿي ڇڪيا ٿا اچن.

شاهه لطيف جي ڇهري جو ڪلو زيب. هو خيالن ۾ گم آهي. اوچتو هو ڏهري ڏيري اکيون کولي ٿو ۽ سامهون نهاري ٿو.

ميدان ۾ جوڳي آسڻ ڪري رهيا آهن. ڪي ارڌ منسڪيندر آسڻ ۾ ڪي اڀياس ڪري رهيا آهن. ڪي پروتاسن ڪندي انساني ڀهاڙ لڳي رهيا آهن ته ڪي وري سکاسن جو آنند ماڻي رهيا آهن. مهايوگي پروتماٿ پدماسن ۾ ويهي ڌيان ڪري رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اُنهن جا لڏو لوڏ...
ڪن ڪلاچي ڪوڏ...

(ڪجهه دير چپ چاپ جوڳين ڏانهن نهاريندو رهي ٿو ۽ وري جهڪي يوڳ - آسڻ ڪرڻ ۾ مگن آهن.)

شاهه لطيف: اُنهن جا لڏو لوڏ،
اي ٻر گهاتو اڙن جي،
ڪن ڪلاچي ڪوڏ،
سڪ نه سڌا ڪڏهين.

(شاهه لطيف جوڳين ڏانهن نهاريندو ٿو رهي.)

شاهه لطيف: (پاڻ سان ڳالهائيندي) نماز ادا ڪرڻ وقعت اسان مومن ته آهيون وٺ ڪندا آهيون... ڏيهن ۾ ٻيڄ

پروڊڪشن: لوم سوريا يا لمهه...
(شاه لطيف جوڳين جي سورن - نمسڪار ڪري ڏسي ٿو ۽ رهيو
رهيو آهي پر هن جي چهري مان صاف ظاهر آهي ته سندس حال
ٻئي پاسي ٻڪي رهيا آهن.)

شاه لطيف: ڪو جو ڦهر ڪلاچ ۾، گهڙي سو لئي،
هيرو ڪو نه ڏئي، ته رچ ڪهاڙي رنديا؟

(شاه لطيف جي اکين جو ڪلوز - اپ. هن جي ڪلپنا جي نظرن
جي سامهون مورڙي مير ٻحر جي زندگيءَ جو اهم واقعو چٽ ٿيندو
ٿو وڃي...)

(مورڙو مير ٻحر ٻنهين ساٿين سان گڏ ڪلاچيءَ جي ڪن طرف
وڃي رهيو آهي. هن جا ساٿي ٻاڻ سان هڪ مضبوط لوهي پڃرو
کڻي وڃي رهيا آهن، جنهن جي ٻاهرين پاسي تکا ڪنڊا ۽ ڪيلا
لڳل آهن. هنن سڀني جي چال تيز آهي...
ڪلاچيءَ جي ڪن جو دريشه. مورڙو مير ٻحر ٻنهين ساٿين
سميت اتي پهچي ٿو ۽ ڪن ڏانهن چتائي نهاري ٿو. هن جا ساٿي
لوهي پڃرو پرسان ئي رکي ٿا ڇڏين. مورڙو هڪدم وڃي ٿو
پڃري جي اندر وهي.)

مورڙو: (ساٿين کي) يارو، پڃري کي ڪن ۾ ڪيرايو. جڏهن
رسا لڏندا ڏسو تڏهن اُن کي ڇڪي ٻاهر ڪڍجو.

(ڀيانڪر مانگر مڇ شڪار لاءِ تيار ويٺو آهي.

پڃري کي ٻنهي ويجهو محسوس ڪندي ئي، مورڙي کي
ڳڙڪائڻ لاءِ وات کولي پڃري کي جهپٽو ماري ٿو. پڃري ۾ لڳل

جهڙا ڪي افلاطون طالب ڪهڙين....
ڪنڌي سانڀيان ڪان،
يا أمن! أمان!
يا الاهي! ٻاجھ ڀلائي ٻانهان....

پروڪناٿ: الڙ ۾ پڪ چالو اٿئي- ڪنڌين، ضرور ڪنڌين ...

(ان وقت دور کان ٻولي ۾ ڪوتا جون ڪي سٽون پڙهڻ ۾ اچن ٿيون. آواز مردانو، پر پڙهڻ درديلو آهي.)

چوپائي: نيند نه ٻيره رين جو آوا،
سيج ڪمدواچ جان ڪوه لاوا!
دهه چند اؤ چندن چهرؤ،
دگڌ ڪره تن ابره گهيرؤ!
ٻيره لاگ هوه سر چڙه دسا،
هوه اگن چندن مهن بسا!

(شاهه لطيف چوپائي ٻڌندڙ جوڳيءَ ڏانهن نهاريندو.)

شاهه لطيف: هي نه ڪمل ناٿ آهي.... درد-فراق جو قتل ٿو لڳي ڪو.... ڇا ٿي ڳائين؟

(ڪئميرا ڪمل ناٿ کي ڪلوز ڪري ٿي جو پريشانيءَ واري عالم ۾ آهي.)

ڪمل ناٿ: مهند ڪوي جؤ اوٽر ڪا،
سا تن رکمڻ نه مالس!
جهه مک ديکا تهه هسا،
سما تو آئي آس!!

(ٻيا جوڳي ڪمل ناٿ جي پرواهه نه ڪندي اڳتي وڌن ٿا ڪمل ناٿ جوڳين ڏانهن نهاري ٿو ۽ "الک نرنجن" جو نعرو هڻندي اڳتي وڌي ٿو ۽ ٻين جوڳين سان وڃي ملي ٿو.

ڪئميرا پروڪناٿ ۽ شاهه لطيف کي ڪلوز ڪري ٿي. هو ٻئي

دفعا ... نماز ... پوءِ ... نماز جي اُٺ ويهه ... پوءِ جا
آسڻ ۽ مدرائون ... ڪٿي نماز ۽ پوءِ ۾ ...

(ڪجهه دير لاءِ اونهي ننڊ ۾ پئجي ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: ڏسڻ ڏسڻ جي ته همه ڪي حق چون.

(شاهه لطيف اُٿي ٿو بيهي ۽ جبل جي دامن ۾ جڙيل ”مورڙي جو مقام“ طرف ڌيري ڌيري هلڻ شروع ٿو ڪري. جوڳي پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ رڌل آهن. شاهه لطيف هلندو هلندو اچي ٿو اُن مقام تي پهچي، جتي مورڙي جا ڇهه ڀائر ۽ مورڙو پاڻ دفن ٿيل آهن. شاهه لطيف مقام ڏانهن خيالن ۾ گم نگاهن سان نهاريندو ٿو رهي.)

شاهه لطيف: رام ويو، راوڻ ويو، ڪرشڻ ويو، ڪنس ويو،
حضرت محمد ويو، حسن ويو، حسين ويو، معاويه
ويو ۽ يزيد ويو.
ادا مورڙا، هر چيز جاسي،
رهي سي خدا ... بس رهي سي خدا!

(شاهه لطيف خيالن ۾ گم ٿي ٿو وڃي. هن کي آس پاس جي سڌ بلڪل ڪونه ٿي رهي. اوچتو ڪو ٿي هن جي ڪلهي تي هٿ ٿو رکي ۽ اِن سان گڏ ٿي مهاپوڳي پروتمانت جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.)

پروتناٿ: ست لطيف، هاڻي اسان کي به هلڻ گهرجي.

(شاهه لطيف ادا به پنهنجن خيالن ۾ گم آهي.)

شاهه لطيف: (جڻ پاڻ سان ڳالهائيندي جيتوڻيڪ نهاري پروتناٿ
جي منهن ڏانهن رهيو آهي.)
انسان جو نفس مانگر مڇ مثل آهي ۽ سندس طمع
جي حد ئي ناهي .... انهيءَ نفس کي نهوڙڻ لاءِ،
ماري ماٺ ڪرڻ لاءِ، شڪست ڏيڻ لاءِ مورڙي

ڪوي هو. سندس حياتيءَ ۾ دهليءَ جي تخت تي ستا
سارا ڇهه بادشاهه ويٺا - ستا سارا ڇهه - بهلول لودي،
سڪندر لودي، ابراهيم لودي، بابر، همايون ۽
شيرشاهه! هر جانسي گڏگان شيرشاهه جو ئي ڪيو
آهي. چولدا آهن جانسي ڪاٽوءَ ڏاڍو ڪروپ هو.
هو هڪ کن کان پڌي ۽ ڪولي سگهندو هو. ٻڌايون
ٻڌايون جڏهن شيرشاهه جي درٻار ۾ ويو ته درٻاري
سندس بدصورت چهري کي ڏسي کوب کليا. جانسيءَ
شائستگيءَ سان پڇيو، موهيڪا هنس کي ڪوهره؟
يا مون تي ٿا کلو يا ڪنڀر تي؟......

شاهه لطيف: واهه! واهه! موهيڪا هنس کي ڪوهره...
واهه جو سوال آهي.

پروفتات: ٻڌو ته ڪويءَ جو شيرشاهه سان پڙهڻ ٻڌجي ويو.
اهڙي اَمر گرانت پدماوت ۾ شيرشاهه کي آشيرواد
۾ ڏني ائائين. صوفي طبيعت وارو انسان هو ۽ عربي،
فارسي، سنسڪرت ڀاشائن جو ودوان هو.

شاهه لطيف: پدماوت ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾ لکيو ائائين؟

پروفتات: ليت اودي ڀاشا ۾... پدماوت جي رچنا جي عربي،
فارسي يا سنسڪرت ۾ ڪري ها ته اهڙو پرسڌ نه ڪوله
ٿئي ها... ڪوتا اها جا لوڪ جي مهن ۾ واسو
ڪري وڃي. جانسيءَ جي ڪوتا سندس جيون - ڪال
۾ ئي پرسڌ ٿي وئي هئي. ڪمل ناٿ پڌائي پيو ته
سندس هڪڙو چيلو نائمتي جو ٻارهه ماسو ڳائي ڪري لکيا
پندو هو. امنيءَ جو راجا ٻارهه ماسو پڌي ايترو ته
پرسن ٿي ويو جو چيلي کان ڪويءَ جو نالو - پتو
پڇيائين. راجا عزت سان جانسيءَ کي امنيءَ گهرايو.

” مورڙي جو مقام “ کي پوئتي ڇڏي اڳتي وڌي رهيا آهن.)

پروتهات: پريم ۾ دوکو کائي جوڳي ٿيو آهي. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ هوڪ اٿندي اٿس ته ڪوڪ نڪري ٿي ويندي اٿس.

شاهه لطيف: اهڙن ماڻهن لاءِ ڀوڳ آهي؟ ڇا اهڙا ماڻهو ڪنهن به وقت ڏاڍو ڪالي همت ڪري نه ٿا سگهن؟

پروتهات: بت لطيف، ڏاڍو ڪالي ته هرڪو ٿي ڪري ٿو سگهي. مان به ته توهان به. هونءَ جپ تپ، يوگ ويراڳ، گيان ڀڳتي سڀني لاءِ آهي. جيڪو وهندو سو لهندو. ڪرڻ جي ڳڻ کان ڪو ڪري، ڪرڻ ڇڏي ڪو نه ڏيو. جي ڪريو ته وري چڙهڻ جو جتن ڪيو.

شاهه لطيف: هندن کي اهو وڏو سهارو آهي ڇو ته پنر جنم ۾ توهان جو وشواس آهي. مومنن لاءِ ته قبر کان پوءِ قيامت ٿي آهي.

(پروتهات شاهه لطيف جون اکيون ملن ٿيون. ٻئي هلڪو هلڪو مرڪي رهيا آهن.)

پروتهات: ان جو ذڪر نه ڪر بت! پنر جنم هوندو ته سڀني لاءِ هوندو. قيامت هوندي ته سڀني لاءِ هوندي. پرماتما جو وڌان سڀني لاءِ سمان آهي. الک کي ٻولين جي پرواهه ناهي. سڀ ئي سرشٽي ٿي هن جي آڳر مان پيدا ٿي آهي.

(ٻئي اڳتي وڌندا رهن ٿا.)

شاهه لطيف: هوءَ اڳن چندن مهن پلا... واهه واهه! اهي ستون اون اون اون ....

پروتهات: جانسي ڪوڙ جون آهن. گهڻي ته مون کي جاڻ ڪونهي آهي. پر ڪمل ناٿ جي مکون پلڻم ته وڏو.

(ڪجهه دير چپ چاپ اڳتي وڌندا رهن ٿا. پوءِ جوڳي به ٽولي
لاهي اڳيان پٺيان هلندا رهن ٿا)

ڪمل ناٿ: ڪنڪوٽ جي راجا راجاسنگهه جي درٻار ۾ درٻاري ڪري هوس. راڻا جي جو مون تي وشواس هو. هو درٻار يعني منصوبن ۽ شڙيترن جو گرڀ-استان. ڪوئي ڪنهن کي سهي ڪو نه. هرڪو پاڻ کي ڪمزور ۽ ٻئي ٻنهنجي جيون جي سار ڪندا ٻيو سمجهي. منهنجا به ڪيترا ئي دشمن ها. راڻا جي جا ڪن ڀرائون ته مان هٿ ڪري ڪو نه آهيان هو سڌو ڳالهه به آهيان. گهڻي کي وڏڪ ڪڍو ڪرڻ لاءِ اهو به چيائونس ته مان تڏهن کي اهڙين لوڪي ڳاني سکيندو آهيان جڏهن ڪنهنا ترڪي منهنجي سامهون هوندي آهي. راڻاس جي دل ۽ دماغ جو ڪو به دين ئي نه ايمان. اٿي ڏنهن درٻار ۾ آيس ته چا ٿيو ڏسان، راڻا جي مون ڏانهن نهاري مرڪي رهيو آهي ۽ سڀ درٻاري اکيون کڻي هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيا آهن. جان جو اوڏانهن نظر وڌم ته دماغ ڦري ويو. ڪنهنا ٻيٺي هئي اتي، سو رڙهن سينگار ڪري ترتيب لاءِ بلڪل تيار...

شاهه لطيف: ته ڇا ڪنهنا سان ڪنهن ٻي اڄ هئي؟

ڪمل ناٿ: هئي. بلڪل اڄ هئي. دشمن به ڇيني ڇيني لهر هنيو هو.

شاهه لطيف: سو ڪنهنا سورهن سينگار ڪري ترتيب لاءِ بلڪل تيار ٿيل هئي... پر ڪمل ناٿ! اهي سورهن سينگار آهن ڪهڙا؟

ڪمل ناٿ: ٻڌ رهن چوڻ گهرجن. جو نه سورهون سينگار آهي

ان وقت کان ڪوي آئي لي رهي هئو ۽ ان ڏرتيءَ
تي لي اڏرا لڳايائين.

شاه لطيف: عالمن کي اُهان نه سمجهائي ٿا سون. پر آهر هوري کي جڙهوي نه ملڪ وارو لي آهي. لال ڪستاٽين منيءَ ۾ ڏاهو رهندو؟

پروفيسر: اشتاوڪر جو به اهڙو ئي قصو آهي. وڏو وڏوان هو، پر هو پسو ۾ اٺ وڪر هئس. سو چوندا ئي هئس اشتاوڪر. راجا جنڪ جي ڏرٻار ۾ و ڀوڻ سڀ ڏرٻاري هُن کلڻ لڳا. پر جنڪ سان جيڪا گيان-گفتگو ڪئي اٿائين اها بيمثال آهي. اشتاوڪر جي گيتا سنسار جي اوليه پستڪن مان هڪ آهي ۽ ڪن حالتن ۾ ته ڪرشن جي گيتا کان به چار قدم اڳتي وڌي ٿي وڃي.

(ان وقت ڪمل ناٿ هلندو هلندو هن جي پاسي ۾ اچي ٿو بيهي. هن سان گڏ ڪجهه ٻيا جوڳي به آهن. پروفيسر ڪمل ناٿ کي اشارو ڪري ويجهو اچڻ لاءِ چوي ٿو. ڪمل ناٿ ٻين جوڳين کي پاسيرو ڪري پروفيسر ۽ شاه لطيف سان گڏ هلڻ لڳي ٿو.)

پروفيسر: ٻيا ڪمل! بدلاه لطيفي کي ته ولوايه ڪمين و رته ۽ جوڳي جو لئين.

ڪمل ناٿ: گروديو جا رکيو آهي انهن اڄاڻن ۽ ويرمت لڪائن جي ڌمالن ۾ .... جيڪو لٽو هو سو ليو، جيڪو لٽ وارو هوندو سو ليندو. اسان آهيون ئي ڪمر جو ونئا السنا پڌون ۽ حساب ڪتاب ڪراون.

پروفيسر: ٻيا، لطيفي جي ته لو جهڙي ئي حالت آهي.

ڪمل ناٿ: گروديو، توهان کي ته سمجهيءَ ڪهاڻيءَ جي اوري پوري جاڻ آهي. توهان ئي ڪٿي ٻڌايوس.

پروفيسر: ته ٻيا، تنهنجي مکون وڏيڪ اڙدار هندي.

(راڻاجيءَ جي سدواد ۽ مهاڻل حرف-تجنيس تي درٻاري واه واه ڪن ٿا. راڻاجي مسڪرائيندي چوگرد نهاري ٿو ۽ ڪمل ناٿ ڪجهه ڪروڌ ۾ لڳي رهيو آهي.

اوچتو ڪمل ناٿ راڻاجيءَ ڏانهن پٺي ڪري ۽ ڪنچنا ڏانهن منهن ڪري ڳائڻ شروع ٿو ڪري. سازندا ساز وڄائن ٿا ۽ ڪنچنا لرزي، جون مدرائون پيش ڪري ٿي.)

ڪمل ناٿ: ڇٽي نه سگهتا ڪي جهلڪ، جهلڪيو جوڀن انگ،
ديپڪ ديهه دهون مل، ديپڪ تاقتا رنگ.

(راڻاجي ۽ درٻاري واه واه ڪن ٿا.)

ڪمل ناٿ: ديپت تاقتا رنگ وسن برڇي گرڻا سي،
ڇتراٽي لهن چڙهي تتو ڪڇهه لاج پرڪا سي،
ديهه لتمبن پيار اهوٽن ڪت پلي لٽي نهن،
جوڀن آيو جتو تتو مگدتا ڇٽي تهن.

راڻاجي: واه واه ڪمل ناٿ، واه!... جوڀن آيو جو تتو مگدتا ڇٽي نهن، جواب ناهي...

(درٻاري به وچ وچ ۾ واه واه ڪندا ٿا رهن.)

راڻاجي: ڪنچنا ڪامنيا! تنهنجو به جواب ناهي! ڪري جي ڪانچنا ڪي ديهه جيسي مدرائن سان تو ساڪار ڪري ڇڏيو... اسان جي اکين جي سامهون ويهندڙيءَ جو چترُ ڇٽي ڇڏيو - هاڻ وٺ..

(گلي مان موتين جي مالا لاهي ڪنچنا ڏانهن اڇلي ٿو. ڪنچنا مالا کي جهٽي هردي سان لڳائي گلي ۾ پائي ٿي ڇڏي ۽ جهڪي ڪري پرڻام ٿي ڪري. راڻاجي ۽ ڪنچنا جون نظرون ملن ٿيون. هڪ جي نظرن ۾ پياس آهي ته ٻئي جي نظرن ۾ سمرپڻ. ڪمل ناٿ ڪجهه پريشان نظر اچي رهيو آهي.)

راڻاجي: هوي مهاراج، اڄ اسان جي پياس ڪو نه اجهي

اِستريءَ جو پتو، تا هٿڙ ۽ هڪ ٻالڪيءَ مان اُها
آشا رکڻ آهي پورن ڪان پر گهرڻ....
(پروتناٿ ۽ شاه لطيف هلڪو هلڪو مرڪن ٿا.)

ڪمل ناٿ: اوچتو راڻاجيءَ جو حڪم ٿيو - هاڻي اسان جي دربار جو سرمور ڪوي ڪمل ناٿ هڪ مندر ۾ منوهاري پرڀات - گهٽ ماکيءَ جهڙي مٺي سُرَ ۾ ڳائيندو ۽ ڪمل-نئني ڪنيا انهن ٻولن تي لرتيه ڪندي....

(ڪمل ناٿ جي چهري جو ڪلوز-اپ. تاڙين جو آواز. ڪمل ناٿ جي اکين جو ڪلوز-اپ. تاڙين جو آواز جاري آهي. ڪمل ناٿ جون اکيون ماضيءَ جي وادين ۾ ڪوئجي ٿيون وڃن. تاڙيون مسلسل جاري آهن.)

راڄ - دربار / اندر / صبح

(ڪئميرا ڪمل ناٿ جي اکين تان پل-بئڪ ڪري ٿي. اسان ڏسون ٿا ته هو راڻاجيءَ جي سامهون بيٺو آهي. منتري، سيناپتي ۽ ٻيا درباري عهديدار پنهنجين پنهنجين شاهي ڪرسين تي راڻاجيءَ جي تخت جي سامهون ٻن قطارن ۾ هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا آهن. دربار ۾ عام جنتا به ويٺي آهي. دربار جي وچ ۾ وڏو دائرو خالي پيو آهي جنهن جي هڪ طرف ڪجهه سازندا ويٺا آهن. راڻاجيءَ جي اشاري تي ڪنيا ناز و انداز سان ٺمڪندي ٺمڪندي دائري جي وچ اچي ٿي بيهي.)

راڻاجي: ڪوي ڪمل ناٿ، ڪنيا ۽ ڪامني سامهون آئي.
هاڻي ڏيکار پنهنجيءَ ڪاو-ڪلا جو ڪرشمو...

راڻاجي : ٺمري الڪا ۾ جو بسنن ڪوري...
(ڪنچنا خوب ايمانداريءَ سان ڀاؤ-پردرشن ڪري ٿي.)
ڪمل ناٿ: ٺمري الڪا ۾ جو بسنن ڪوري!
ان جوبن ڀرو سو اس لوٽيو،
من ليو چورا- چوري!
ٺمري...
(راڻاجي ۽ درباري خوب واهه واهه ڪن ٿا؛ تاڙيون به وڄائن ٿا)
ڪمل ناٿ: چوڙ دئي ڪن بند چوليا،
ڪرلن جو ڍر الهو-وي!
ٺمري...
(سڀ واهه واهه ڪن ٿا.)
ڪمل ناٿ: "ڪمل ناٿ" ان دونن مهري،
لاحق، ڪمي، چمڪ چوري!
ٺمري...
راڻاجي : بلڪل ٺيڪ. ڪوڙ جو ڪٿو نه ناهي
ان ۾. ان دونن مهري لاحق ڪمي
چمڪ چوري...
(اوچتو گهنگهرن جو آواز راڻاجيءَ جي سنواد کي ڪٽي ٿو ڇڏي. ڪنچنا پوري جوش و خروش سان نچي رهي آهي. سڀني جو ڌيان ڪنچنا ڏانهن ڇڪجي ٿو وڃي.)
ڪنچنا: مهري نڪٽ تو آءُ هوس ٺمري سنڌ ڀڄالون ري،
بهه بس ڪا، وس لڳ اڏون ڪر گر لپٽانون ري،
ڪام-امنگ نڪاس اڄن ڪس جو سرائون ري،
لڄهي پيار آهو ڪر ڇاڙون لب ڳهو ڀڄانون ري.
راڻاجي: ڪنچنا، جي اڄن آهي ته پوريءَ درٻار ۾ اسان کي هوش ڪر- اسان جو هوش اڏاءِ- اسان کي سمجهي

آهي اڃا بهار، ڪوتا جو امرت گهول

(ڪمل ناٿ جهڪي پرڻام ٿو ڪري.)

ڪمل ناٿ: ڏرڪڻ لڳمس، پڙهت هيو، بڪل ڪرت انگ آن،
اي تيري سڀ تي وشر، ايڇن ٺيڇن پان.

(درٻاري واه واه ڪن ٿا، پر راڻاجي پنهنجن ٿي خيالن ۾ گم آهي. ڪمل ناٿ ڪنڌلي؟ جون باقي چار سٽون ڪجهه جوش ۾ چوي ٿو.)

ڪمل ناٿ: ايڇن تيڇن پان، آج آمت اڇرج ڀاري،
ملت ڪربجي گهاڻ ڪري، ڀيري ٿيه ماري،
ڪاڙهي اوره ڏيست پڙهت آهچار ترڪ ڏگ،
جيه لاگت تيه لڳن ڏيت ٿهن لڳن لاڻه ڏرگ.

راڻاجي: (چوڻ لاءِ مان سڄاڳ ٿيندي) هاه! ڪمل ناٿ، هاه!
ڪاڪجو ڇپري چليٺ...
جيه لاگمت، تيه لڳن ڏيت ٿهن،
لڳن لاڻه ڏرگ!... واه واه!!

لڳ اڙيا ته پوء نيڻين ٺٻ ايندي ڪٿان؟

(ڪنڀيا جهڙ ڇمڪائي ٿهرائي ٿي. راڻاجيءَ جو ڌيان ڇڪجي ٿو ۽ ڪنڀيا جي شرمسار ڏانهن پاسي ٿڙن سان نهاري ٿو. ڪنڀيا ڪجهه وڌيڪ آنيجڪ مدراڻون ڏيکاري ٿي.)

راڻاجي: ڪنڀيا جهڙي ڪامڻي سامهون آهي. ڪوي جي،
پڙهين ڪي ڪهه ڏه، ڪامڻائون جاڳاه ڪامناڻون.

(ڪمل ناٿ جو منهن سڄو وقت ڪنڀيا ڏانهن آهي ۽ راڻاجيءَ ڏانهن ٺٺي. فقط پرڻام ڪرڻ وقت هو راڻاجيءَ ڏانهن منهن ڪري ٿو.)

ڪمل ناٿ: ٺمري الڪيا ۾ چوان ٿيڻ گوري!

راڻاجي: واه! واه! واه!

درٻاري: واه! واه! واه!

(راڻاجي منتري ڏانهن سوالي نظرن سان نهاري ٿو.)

منتري: ڪري ڪمل ناٿ جي اندر همت جو هوءِ توهان ڏانهن هٿ کڻي ڳوٺان-ٻاٽ ڪري ڪيئن ڳالهائي! اسان اهو ٻه سهي ورتيون. ڪجهه ٻڌو ڪرڻ ڪونه سگهيون. پر هاڻي ته حد ٿي وئي. توهان ڪنهن ديوي جي درٻار ڏانهن رهيا آهيو ۽ هي ڪمل ناٿ، توهان کي هٿي ڏاڍي ڏني آهي! ان کان وڌيڪ ٻيو مهاراج درٻار جو ڪهڙو ٿو اپمان ٿي سگهي؟ آهي، مهاراجا، گستاخي جي به ڪا حد هوندي آهي. هي ڪمل ناٿ ته مرياداجون سڀ سيمائون پار ڪري ويو آهي.

ڪيترائي درٻاري: ها ها! منتري جي ٺيڪ ٿي چئي وهيا آهن. ڪمل ناٿ گستاخي جون سڀ حدون لتاڙي ويو آهي.

(راڻاجي تي شراب جو نشو صاف ظاهر آهي.)

راڻاجي: گستاخي.... گستاخي! ڪري ڪمل ناٿ، تو اسان جو اپمان ڪيو آهي، اسان جي وفادار درٻارين ۽ امير امراوَن جو اپمان ڪيو آهي .. تو... تو... اسان جي خانداني شانداني ... هچ هچ .. اسان جي خانداني شاهي درٻار جو اپمان ڪيو آهي...

(ڪجهه دير چپ ٿو رهي.)

راڻاجي: اسان توکي... اسان توکي هن وقت کان وٺي جلاوطن ٿيا ڪريون... ڪري وڃ... دفع ٿي وڃ. اسان جي راڄ جي حدن کان ٻاهر هليو وڃ ۽ ورنه...ورنه... اسان تنهنجو سر هن تلوار سان... قلم ڪري ڇڏينداسين.

(راڻاجي ڪمر سان ٻڌل ٻٽهڙي ۾ تلوار کي ميان مان ڪڍي ٻاهر

ٻالڪ جو مغرور شاهه...

(اشارو سمجهي ٻه اَنگرکاٻون داسيون ٿالهي جي ٽري ۾ ٿولي صراحيون ۽ ٻيل انگوري شراب. ڪٺي راڻاجيءَ جي ٻنهي پاسي ٻهي ڦيون وڃن. جام ۽ سوني جاني آهن. راڻاجي صراحيءَ مان شراب جام ۾ اوتي ٿو ۽ جام چپن سان ٿو لڳائي...

ڪڇنا هڪ لهرو کائي جهٽڪي سان پنهنجي شرابو جي مٽيون ڇڏيون ڪيءَ هيٺ زمين تي ڪيري ٿي ڇڏي. هاڻ هوءَ نقطو لڳيا ۽ الله رسولءَ ۽ راڻاجيءَ جي سامهون ڊانري ۾ بيٺي آهي.

درٻاري عجب ۾ ٻڌي اڱا وڃن.

ڪمل ناٿ جي پٺيءَ راڻاجيءَ طرف آهي ۽ ڇوري تي غصو اٿس.

درٻاري ان لقاءَ مان سمجهي ٿا وڃن ته هوا جو رخ ڪهڙي طرف آهي.

ڪڇنا ان ئي حالت ۾ جهون ٻيو تيز رفتار وارو ڊرم ڪري ٿي. سازندا هن کي ٻورو ٻورو ساٿ ڏين ٿا ڪجهه دير تائين اهو بدتميزيءَ جو طوفان جاري رهي ٿو.

راڻاجي جام تي جام پيئندو ٿو رهي.

آخر راڻاجي ڪڇنا کي هٿ جي اشاري سان ڀانڊو وٺ گهرائي ٿو. ڪڇنا راڻاجيءَ جي سامهون لڳي اچي ٿي. راڻاجي پنهنجي ڳلي مان ڪجهه موتين جون مالائون لاهي ڪڇنا جي ڳلي ۾ وجهي ٿو.

درٻاري خوشيءَ ۾ تاڙيون وڄائن ٿا.

ڪمل ناٿ ٻاللجي ۽ ڪڇنا کي ٿٽڻي نديءَ بيٺو آهي. هن جي ڇوري تي ازحد نفرت آهي.

درٻارين ۾ ڪجهه سس پس ٿئي ٿي.)

هڪ وڏيري:- (ائي ڪري) راڻاجي، هي ڪهڙو اپمان آهي...

درٻار جو اپمان، درٻارين جو اپمان ۽ سڀ کان
وڌيڪ توهان جو اپمان آهي...

چڙهيو. دل، دماغ، جسم سڀ جلي رهيا ها، ٽانڊن واڱر ٻري رهيا ها. دربار مان نڪتس ته نه هوش ٺڪاڻي ها نه حواس. جهڙالهن وانگ ملير ۾ هلندو ويس. ڪڏاڻي ڏيهن ويرانن جي خاڪ ڇاڻيندو رهيس. نه بک نه اُڃ. نه سڌ نه سماءُ. ڪڏهن ڇا مٿان موڙيو، منهنجو نه چٽ ڏاڍن ۾ ويو، دليا ۾ ولي.

(ڪجهه دير سڀ خاموشيءَ سان هلندا ٿا رهن).

ڪمل ذات: هڪ ڏيهن بکايل، اُڃايل، ٿڪل، ٽٽل، اڌ بيهوشيءَ جي حالت ۾ هڪ وڻ جي هيٺان پيو هوس ته سواميءَ جو ديا ڀريو هٿ منهنجي مٿي تي محسوس ڪيم... ٻڌ ته ڄڻ هڪ قسم جو چمتڪار ٿي ويو. سواميءَ منهنجي ديامي درشٽيءَ سان، ٻرٻر ٻوٽل وچن سان، منهنجانب واري وهنوار سان ۽ گهڻن گنڀير گيان سان مون ۾ سمپورڻ ڦيرو آڻي ڇڏيو. ڇا جي ڪڏهن، ڇا جي راڄ-دربار ۽ ڇا جا ٻڌن!

شاه لطيف: ٺيڪ پر اها ۽ ڪڏهن درد جاڳندو اٿئي. ڪيئن؟

ڪمل ذات: اها ڪير آهيان-ڪجهه ڪيو. ڇڪ ٿي محسوس ڪريان ٿو قاسط وارو ٿاهيان. ڪرلدس هڪو نه ۽ نه ڪو ٿايو ڪالهندس.

پرونتاٽ: گهمنڊ نه ڪر ڪمل ذات. مايا کي گهٽ نه سمجهه. پرماتما منهنجون سمپورڻ شڪتيون، سندر روپ ۾ مايا ۾ ٻري ڇڏيون آهن. ٻهش جو مثال هميشه ياد رکندو ڪر.

ڪمل ذات: ڪيها ڪريو ڪرو ڏيو، ڪيها ڪريو.

ڪري وري زور سان اندر وڃي ٿو ڇڏي. دربار ۾ سس-پس
شروع ٿي وئي هئي. سڀني جون نظرون ڪري ڪمل ناٿ تي
آهن. ڪمل جي چهري مان غم ۽ غصو صاف ظاهر آهي. هو
ڌيري ڌيري هلندو هلندو لڙڪندي ڪنچنا جي اڳيان اچي
ٿو بيهي.)

ڪمل ناٿ: هلين ٿي مون سان گڏ؟

ڪنچنا: (اٻوجهائيءَ مان) ڪيڏانهن؟

ڪمل ناٿ: ٻڌ، ڪولهه جو مون کي ديش-نيڪالو مليو آهي؟

ڪنچنا: توهين مون کي ٻاهر ٿا ڪڍو، منهنجو سچ ٿو سڏائين
پر ٻئي وقت سوار ٿي اوهان ڇهڙي جو ٻيو هلت هلين؟

ڪمل ناٿ: سوار ٿي اوڙو؟ توهان ڇولن جا پڇي؟

ڪنچنا: مان بلڪل ٺيڪ چئي رهي آهيان. اڄ تي نه منهنجو
نصيب ڪهڙو آهي. اڄ تي نه پاڳو قيدو ڪاٿو آهي جو
راڻاڻيءَ جي ڪرناڊ رشتي مون تي پئي آهي. ۽ اڄ
تي، هاٿي تي لوڻ چاهين ٿو نه منهنجي سڪرڙياڳه
کي ڪيئن هٽي توهان گڏ هلي بن-ان ٻنڪان؟

(ڪمل ناٿ ڪجهه دير غم ۽ غصي گسائڻ نظرن سان ڪنچنا
ڏانهن نهاريندو رهي ٿو. ڪنچنا چهري ۽ اکين مان بلڪل اٻوجهه،
معصوم ۽ وچاري لڳي رهي آهي. ڪمل ناٿ زور سان زمين تي
پير پٽڪائي تڪڙو تڪڙو دربار کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي.)

ڪليو منڊان / ٻاهر / ڏينهن

(پروڊڪشن، ڪمل ناٿ ۽ شاهه لطيف هڪ ٻئي قطار ۾ اڳتي وڌي
رها آهن. پيا جوڳي هنن جي پٺيان پٺيان اچن پيا ٿا.)

ڪمل ناٿ: ڪنچنا جي ورتاءَ مون کي بلڪل پاڳل بڻائي

ترسرا جي هتيا ڪري ڇڏي". ترسرا جي ڀاءُ ورتر اندر کي شڪست ڏني ۽ اندر کي هن سان صلح ڪرڻو پيو. دشمن دوست ٿي ويا. پر اندر آهي حرفتي. سام، دام، دنڊ، ڀيد سڀ نيتيون ڄاڻي. هڪ ڏينهن دوکي سان اندر ورتر کي به ختم ڪري ڇڏيو. اندر تي ٻيو پاپ چڙهي ويو- هڪ برهم هتيا ۽ ٻيو وشواس گهات جو پاپ. ان ڪري اندراسڻ ڇڏي، پراشچت ڪرڻ لاءِ کيس ايڪانت جل ۾ سماڌي لڳائڻي پئي.

سوال اٿيو ته تيستائين سرڳ جي رکشا ڪير ڪري ۽ ڪاروبار ڪير هلائي. ان لاءِ ڌرتي لوڪ جي راجا نهش کي هر طرح يوڳيه سمجهيو ويو ۽ نهش پنهنجي جيون-ڪال ۾ ئي اندراسڻ تي ويٺو!...

(پروهتاڻي، ڪمل ناٿ، شاه لطيف ۽ ٻيا، جوڳي ڪجهه دير چپ چاپ اکيون وڌندا ٿا رهن. ماحول ۾ مڪمل گمڀيرتا ڀريل آهي.)

پروهتاڻي: ٻڌ لطيف، پد ۾ سدائين مد سمايل هوندو آهي. سماوَ جي لحاظ کان ديوتائون سدائين ديوتائون هوندا آهن ۽ دئيت سدائين دئيت. پر انسان جي گت-مت نرالي آهي. هو ڪنهن به پاسي وڃي ٿو سگهي.

هڪڙي ڏينهن نهش جي نظر وڃي اندر جي پتني شچيءَ مٿان پئي. سونهن ڏسي سرابجي ويو. من ۾ وڪار جاڳي اٿيس. وڪار کي دليل سان پختو ڪري ديوتائن کان طلب ڪيائين ته مون کي پورو اندر بڻايو. اندراسڻ ڏئي اڌورو اندر بڻايو اٿو. هاڻي اندراڻي ديوي شچيءَ سان منهنجو وواهه ڪرائي مون کي پورو پورو اندر بڻايو.

شاھ لطيف: نهش جو ڪھڙو مثال آهي؟
(ڪجھ دير سڀ چپ چاپ ھلندا ٿا رھن.)

پروتمان: نهش جو نالو وڏڪ ڪال کان وٺي ٻڌو ويندو آهي ۽ هن جو مثال ڏنو ويندو آهي. "شريمد والميڪي رامائڻ" ۽ وياس-ڪرت "مهاڀارت" ۾ به نهش جي ڪٿا اچي ٿي. ان ڪٿا مان پتو ٿو پوي ته انسان ٻار ٻار مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ انساني ڪمزوريون ٻار ٻار کيس هيٺ گهلي ٿيون اچن. انسان کي پنهنجين ڪمزورين تي جيت حاصل ڪرڻي ئي آهي چاهي ان لاءِ ڪيترائي ڀيرا کيس ڪرڻو ڇو نه پوي...

شاھ لطيف: پر اها ڪٿا آهي ڪهڙي؟

پروتمان: پيارا لطيف! تپسيائن ۽ يوگ-سادنائن جو اُديشه هئڻ گهرجي برهم ۾ لين ٿيڻ- آواگمن جي چڪر کان مڪتي ۽ موڪش جي پراپتي. پر ڪي رشي-مني-جپي-تپي اهڙا به ٿي ويا آهن جن سک-ڀوڳ ماڻڻ لاءِ ۽ اي-ڪتڪي عيش-عشرت ڪرڻ لاءِ تپسيائون ڪيون. اهڙو ئي هڪڙو تپسوي هو ترسرا جنهن کي اندر جو تخت حاصل ڪرڻ جي اڇا هئي. اندر ترسرا ڏانهن اپسرائون موڪليون پر تپسوي ان جار ۾ ڪو نه ڦاٿو...

شاھ لطيف: (مرڪندي) واهه! جي جوڳين ڏاڍا چال، ته به لاهوتي لنگهي ويا...

پروتمان: بلڪل ائين ئي. لاهوتي لنگهي ويو. پر اندر به اندر آهي. پنهنجو راڄ بچائڻ لاءِ هٿيائون ڪرڻ کان به جهجهڪندو ناهي. اندر، وٽ هڪڙو اچرڪ ۽ اموگهه هٿيار آهي وجر ۽ ان وجر سان کي هن تپسوي

مون ڀيا ڊر ڏٺا نهاريا، آهين تون ئي تون.
تون ئي تون سائين!
تون ئي تون!! تون ئي تون!!

گرونانڪ: لطيف، جبر الٽي نهش جي پالڪي ڪير کڻي هليا شيءِ جي گهر ڏانهن؟ رشي سڀ رشي. سڌا، سڪل ۽ لوڀل رشي ڏيري ڏيري هلي رهيا ها. ويچارا هر هر پيا ڪنڌ هلائن. راجا نهش کي تڪڙ ته بس اڏامي وڃي شچيءَ وٽ پهچان. سو ڪروڌ ۾ پيرجي نهش وٺي هڪ رشيءَ کي لت وهائي ڪڍي! لت ته هڪ رشيءَ کي لڳي پر ڪروڌ ۾ ست ئي رشي ٽپي پاه ٿي ويا. سڀني جون آنڪ شڪتين کي ڪروڌ جي اگنيءَ ۾ تپائي نهش کي شراپ ڏنائون: "نانگ، اسان ڏوڪي ڪير پهاريو، اوڇي پد تي وهاريو، تنهن اسان کي ئي ڌڪيو! وڃ، نانگ ٿي ڪري ڌرتيءَ لوڪ جي ڪنهن ڏر ۾ وڃي واسو ڪر."

(ڪجهه دير خاموشي.)

گرونانڪ: لطيف پٽ، اهو سڀ چرتر هڪ سپنو هو. اندراسن سپنو هو، شچيءَ جي ڪامنا سپنو هو، رشين جو پارٿسو سپنو هو. فقط هڪ ئي سچ هو- سپنن جي اُن لاٽ ۾ فقط هڪ ئي سچ هو. اهو سچ هو، انسان جي اندر ۾ نواس ڪندڙ وڪارن جو ناڳ. نهش لاءِ ڪرڻ مڪيه ناهي، مکيه آهي پاڻ سنڀالڻ. پاڻ سنڀالي الڻ. اٿي اڳتي وڌڻ. اڳتي وڌي پنهنجي منزل حاصل ڪرڻ!

شاه لطيف: (جڻ پاڻ سان ڳالهائيندي.)
وڃين لاه و راکو، سٽين ڪرڻهي سنگ.
هوت هلندن ڪٿهو، جن الڪن چاڙهيو انگ،

آخر تنهن سان شيءِ جي شاديءَ جو ذهن مخمور
هو ....

شاهه لطيف: (پروميٿيس کي وچ ڪٽي) اوه! شيطان جي اٿلي
ٻه جهت لي. سوامي جي، انساني من جو نه دين نه
ايمان... تنهن نفس جي ڪهڙن ۾ وهي ڦاٿو. سو
به آئي جتي چوگرد سرها گل ئي گل ها!...
هي من جو چانگو:
ڪاٽي نه ڪٺهار، چندن جا چوڀا ڪري،
اگر اوڏو نه وڃي، سرڪنڊ لهي نه سار،
لاٽيءَ جي لغار، مهو منارو ڪيو.
ميا! چانگا! ڪرها!
ٿيندي نه سوڪ،
لکين چڙهين ٿوڪ،
لڪ لعنتون ٿي دوزخي!

پروميٿيس: واه پٽ لطيف، رچندو تو وڃن، ٻچندو تو وڃن،
رڳهندو تو وڃن! تون دلو ڏسي دلي لساهل وارو
ناهين. ڪيماگر آهين. تنهن کي تو ٻڪرين.

(شاهه لطيف پروميٿيس جي اکين ۾ نهاري اکين سان سلام ٿو ڪري
۽ پوءِ ٻئي هٿ آسمان ڏانهن کڻي ڏاتيءَ جا شڪرانا ادا ٿو ڪري.)

پروميٿيس: (اکين ۽ چپن ۾ مرڪندي)
ڳرو ڳوبند ڊڄو ڪڙي؟

شاهه لطيف: ٻهاري ڳرو آهٺي...

(ڪجهه دير سب خاموشيءَ سان اٿتي وڌندا ٿا رهن.)

شاهه لطيف: (گنگنائي ٿو)
توڻي ترنين تون، يا الله! ٿو در نوه نه ڇڏيان!
موٽڪي سو مشاهدو، جي مهن نه ڏٺين موڻ،

آهي منهنجي اندر جي حالت. سڄڻ جي سڪ ۾ سڀ سانگ نه ڀڳا ٿي آهن نه! ڪهڙي ڪل نه الائي هو ڇا ۾ ٿو راضي ٿئي.

ڪلاچي ڳوٺ جو ٻارهون حصو / ڏينهن

اوائلي شام: ڪلاچي هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو آهي جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي مهاڻا ئي رهن ٿا. ڪجهه مهاڻا ڪکيءَ هاڻيون ڪاريون ۽ ڇپريءَ هاڻا ڇپر کنيو اچ وڃ ڪري رهيا آهن. ڪن مهاڻن جي ڪلهن تي ڄار به آهن. ڪي مهاڻيون مٿي تي مڇين سان ڀريل ڪارا کڻيو پنهنجن پنهنجن گهرن طرف وڃي رهيون آهن. ڪارن مان بدبودار پاڻي هيٺ وهي رهيو آهي. مهاڻيون رنگ جون ڪاريون شڪل ۾ بدزيبون پر جسماني طور چست ۽ ڦڙت آهن.

شاه لطيف هڪ وڏي پٿر جي وڻ جي ڇانوَ ۾ اڪيلو ويٺو ڪجهه سوچي رهيو آهي. هن وقت جوڳي هن جي آس-پاس ڪو نه آهن. هڪ مهاڻي، جنهن جي مٿي تي خالي ڪارو آهي، لنگهندي لنگهندي، ڇپلهه کي منڪائيندي شاه لطيف جي ڀرسان لنگهي ٿي وڃي. هوءَ ڪجهه گنگنائي رهي آهي.)

مهاڻي : لوڪ لاڄ ڏي فڪر نه ڪيئي،
سسئي ٿي جند وار ڏنئي،
مٺن ٿي صدقي جاوان يار تون!
سر گهول گهماوان يار تون!

(مهاڻي نه اڳتي وڌي ٿي وڃي پر شاه لطيف هن جي پٺيان نهاريندو ئي رهي ٿو.)

ساڻين هاڻ ٻر آهي سوپ ۽ ويڇڻ ٻر آهي هار.
جيڪي سمنڊ سمونڊن سي لي ماڻڪ ۽ موتي ميڙين
ٿا. جيڪي ڍڳو هاڪڙيو ن ٻوڙيون ٿوليندا انهن جي
هٿ ته ڍڳو سنڪ ۽ سڄون لي لڳيون آهن. آهڪي
راه آلاه جي، آهڪي، آهڪيءَ ٻت!

(پروتنامه، ڪملاڪ ۽ شاه لطيف جي پنيان پنيان ۽ آس-پاس هلندڙ جوڳي ڏاڍي اتساه سان "الک نرنجن" جو گهوش ڪن ٿا ۽ ان کان پوءِ هڪدم سڱيون ۽ ڏيڏون وڄائڻ شروع ٿا ڪن. جهانجهون ڇڙيل، ڍولڪ تي پيوند مليل، ٻير اڪهاڙا، پڳڙيون ويس اوڍيل جوڳي، ماحول تي پنهنجي عجب ڇاپ ڇڏيندا ڪرڳل ۽ ڪوچ ڪندا پيا وڃن.

شاه لطيف جي ڏاڙهي ڪجهه وڌي وڌي آهي ۽ وار به وڏا ٿي ويا اٿس. بدن ۾ ڪجهه لهڪاريل ٻر قوت ۽ چستي. ٻير اکهاڙا جيڪي منيءَ سان لڳي ويا آهن. هن وقت تائين شاه لطيف جي بدن تي اڇي سلوار ۽ اڇو چوغو ئي اوڍيل ٿيل رهيو آهي. شاه لطيف ٽڪٽڪي لڳائي جوڳين جي ٽڪڙي ويس ڏانهن نهاري رهيو آهي.)

شاه لطيف : اڄ ملنديس ماءُ! ته ڇا ڪنديس ڪمڙا،
جهجل! جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهل م ٻاه!
مون کي جهل م ٻاه!
اڄ ملنديس ماءُ!

(پروتنامه مرڪندي شاه لطيف ڏانهن نهاري ٿو.)

شاه لطيف : سوامي جي، هنگلاج واري ڪالي ماتا به ته ماءُ لي آهي... مان پاڻ به ته هڪ جوڳياڻي ئي ته آهيان. منهنجو جوڳي ته آهي. اهو هڪ ڏٺي جڳهن جي فراق ۾ جهنگل-جهنگل، پربت-پربت ڀٽڪي رهي

شاهه لطيف: مون پاڻهو مڙمان، هميشه هوندا پرين،
مون پاڻهو مڙمان !...
(سسئي ترنم ڪري ٿي.)
سسئي: مون پاڻهو مڙمان !
هميشه هوندا پرين ، مون پاڻهو مڙمان !
شاهه لطيف: ڪهي ڪميڻي هليا، ڪهل ڪيائون ڪان ،
ڏنئي ويا ڏاهه ڪي ، سوڙن جا سامان ،
جورو رامه جوان ، جيڏهون جت ڪري ويا !
(سسئيءَ جو پاڙ - ترنم جاري آهي.)
شاهه لطيف: وارو ! ڦر وٺي ويا ، آريچا اظلام !
سسئي : وارو ! ڦر وٺي ويا ، آريچا اظلام !
شاهه لطيف : اٺڙائون آريءَ جا، پنهون ڏي پيغام ،
پهه ڪمائون پاڻ پر ، منهان مٺڙي مام ،
سنپوڙا سانڀ ڪئي ، ويساهي وسرام ،
ڪاڪ ڏون! رامه تمام ، جيڏهون جت ڪري ويا!
(شاهه لطيف جي سامهون سسئيءَ جو ديوانا وار ، جنون ڀريو رقص.
رقص غم ۽ عشق جو عجيب سنگم آهي.
اوچتو رقص ڪندي سسئي الوپ ٿي وڃي ٿي.)

٭

(ڪجهه جوڳي ميدان پار ڪري شاهه لطيف ڏانهن اچي رهيا آهن.
هنن سان گڏ هڪ پروهت اڳوڻو به آهي. اڳوڻي کي اکي ڏولي
هربل آهي، مٿي تي تلڪ ، چوٽي، ڄڻيو ۽ هٿ ۾ هڪ لٺ.)
شاهه لطيف: ولهون ويا ، واڻ ، جوڳين جهليا جان ۾ ،
اڄهو ره الاهه ، ڪولهي ڪاپڙين جو .
(ان وقت پروهت به ڪن جوڳين سان گڏ ايندو نظر اچي ٿو .

شاهه لطيف: سسئي! اُنهنجي ۽ منهنجي هڪ ئي راهه آهي.
توکي اُن ڪنهن جي تلاش هئي، مون کي اُن ڪنهن
جي تلاش آهي. تون به دردن جي ماري هئين، مان
به فراقن ۾ قتيل آهيان.

لکين لوڙائون، سهسين آهين سڄ ۾،
سو ۾ پورائون، ڪَڏ ٻاڏي ٻاجهه سين!

(دور کان فراقن جي ماري سسئي اچي رهي آهي. اُگهاڙا، ڏڏر
سان لٽيل ۽ ڇڙيل وار، سڪل منهن، اکين ۾ ڳوڙها ڀريل، شولو ۾
اسماني، لباس لڙڪن لڙڪن آليءَ ٻر قتيل، سراپا درد و سوز
جي تصوير. هوءَ آهستي هلندي شاهه لطيف جي سامهون
اچي بيهي ٿي.)

سسئي: لطيف، منهنجو پورائو آهي عشق ۽ اهڙو آهي ذوق
جو سوز ۽ منزل مقصود آهي پنهون.... پورائو جي
ضرورت پوندي توکي، هڪلاڻ ڪو وڃن ڪ، ان
ڪري.

شاهه لطيف: ڀلي آئي. چوڪ آئين سسئي، شاهه لطيف سلام ڪو
ڪري اُنهنجي عشق کي ۽ تنهنجي درد کي!
منڌ نه منجهان تن، پسي لڪ لڙن جي،
جا ڪا هوءَ ڙڦن، سا ڪو سگهي سسئي...
اي عشق ۾ فنا ٿي وڃيل سسئي!
سعدي لالن ڏاڻ، مٿان پوءِ منڌ آئي!

سسئي: اهو هرگز نه ٿو مڃي جنهن جي دل عشق سان زنده
ٿيل آهي. ساڃهه سالو همت. ڏاهه دنيا جي دستور ۾
اڪيلي رهندو. وسري ويئي؟

(ماحول ۾ سنگيت جي گونج، ڪلام جو شروعاتي سنگيت. هو
ڏس ان قسم جي آهي جو ان تي لڙڪ ڪري سگهجي.)

شاه لطيف: مون ٻانهو مزمان، هميشهه هوندا ٻرين،
مون ٻانهو مزمان !...
(سسئي لُڏڻ ڪري ٿي.)
سسئي: مون ٻانهو مزمان!
هميشهه هوندا ٻرن، مون ٻانهو مزمان!
شاه لطيف: کهي ڪميٽي هليا، کهل ڪمائون ڪان،
ڏيئي ويا ڏاه ڪيي، سوڙن جا سامان،
جوڙو راٽ جوان، جيڏيون جت ڪري ويا!
(سسئيءَ جو ٻاڙ - لُڏڻ جاري آهي.)
شاه لطيف: وارو! ڦر وٺي ويا، آرِيچا اَظلام!
سسئي: وارو! ڦر وٺي ويا، آرِيچا اَظلام!
شاه لطيف: آڏائون آريءَ جا، ٻهون ڏي پيغام،
ٻه ڪمائون ٻاڪ ٻر، منهان مخفي مام،
سنيڙا ساٿ ڪئي، ويساهي ويسام،
ڪاڪوئا رات قيام، جيڏيون جت ڪري ويا!
(شاه لطيف جي سامهون سسئيءَ جو ديوانا وار، جنون ٻريو رقص.
رقص غم ۽ عشق جو عجيب سنگم آهي.
اوچتو رقص ڪندي سسئي الوپ ٿي وڃي ٿي.)

(صحيح جوڳي ميدان پار ڪري شاه لطيف ڏانهن اچي رهيا آهن.
هنن سان گڏ هڪ ٻروهت اڳوڻو به آهي. اڳوڻي کي ڳچي ڏوڪي
ٻهريل آهي، مٿي تي تلڪ، چوٽي، جٽو ۽ هٿ ۾ هڪ لٺ.)
شاه لطيف: ولهون ويلا، واڙ، جوڳين جهليا جان ۾،
آڃهو ره الاه، ڪرلهي ڪاپڙين جو.
(اڃ وقت ٻروتماڻ به ڪن جوڳين سان گڏ ايندو نظر اچي ٿو.

ڪجهه ئي دير ۾ پروٽاگونسٽ، سڀ جوڳي ۽ اڳوڻو شاهه لطيف جي اڳيان اچي ٿا اهن. شاهه لطيف به اُٿي کڙو ٿئي ٿو. پروٽاگونسٽ اڳتي ڏانهن نهاري ٿو. اڳوڻو هڪدم ڪيس پرڻام ڪري ٿو. اڳوڻو شاهه لطيف جي چهري ۽ لباس ڏانهن عجب ڀريل نظرن سان نهاري ٿو. شاهه لطيف سڀ سمجهي ٿو وڃي ٿو مرڪي ٿو.)

شاهه لطيف: اڳوڻا سائين! منهنجي منزل به ڪنهن ٻي آهي. ڪنهن جوڳين سان گڏ ئي مان ماڻا [illegible] روشن ڪندس.

(شاهه لطيف اڪيلو [illegible] ڪري ٿو ۽ تي مرڪ آڻي هڪ اڳتي مستي جي عالم ۾ اچي ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: اچ [illegible] ماءِ! [illegible] ڪنهن هڪڙا [illegible] جيجان! [illegible] [illegible] [illegible] ماءِ.
[illegible] [illegible] لاءِ، ڪنهن ڪر پڇان.

پروٽاگونسٽ: لطيف ۽ ٻانهن کي [illegible] سان ملائي هڪ ڪري ڇڏيو آهي. هن [illegible] جا اهڙا آهن ڪي جا ٿي ۽ ڪي [illegible]. [illegible] جو [illegible] ڪري [illegible] ٿانون [illegible] سگهن ٿو. اصل تت آهي الله جي [illegible] سڀ تو رکو آهي [illegible].

ڪچو رستو / پاهر / ڏينهن

(ڪئميرا [illegible] اڳتي ٿي. هو اڳتي وڌندو ٿو وڃي. ڪئميرا جي [illegible] هڪ ڪرڙ [illegible] سان [illegible] ٿا اڳتي کي هڪ [illegible] سان [illegible] آهي. هو [illegible] هلي رهيو آهي ۽ [illegible] هو قافلو هن جي [illegible] [illegible] [illegible] پروٽاگونسٽ ۽ [illegible] لطيف [illegible] ۾ گڏ هلي رهيا آهن. هنن جي [illegible] [illegible] ڪمل [illegible] ۽ [illegible] جوڳي آهن. [illegible] جوڳي [illegible] جي [illegible] آهن.

شاهه لطيف کي جوڳين جهڙو ئي لباس اوڍيل آهي.)

پرونناٿ: ڀيرون هاڻو حب نديءَ تي ڪنداسين.

شاهه لطيف: هاڻو؟

پرونناٿ: منزل پڙاءُ. جتي جل-ٿان ڪجهي، چوڌري ڪجهي.

شاهه لطيف: جوڳين کي به هاڻو ڪرڻ جي لوڙ پوي؟

پرونناٿ: لطيف، ڏنگو به آهين... ڇا جوڳين کي شرير ڪونهي؟ شرير آهي ته شرير جا سڀ بندن به هوندا ۽ اهو به نه وسارج ته اسان سان گڏ اڳوڻو به آهي ۽ وڃارو پروهت جوڳي ڪونهي.

شاهه لطيف: ڇرچو سمجهي آهو سوامي! ٻيو ڪو مطلب ڪو نه هو...

پرونناٿ: لطيف، جوڳين جو هاڻو اُتئي يوڳ، ڌيان، پرماتما جو چنتن. سنسار ۾ آيا آهيون ته سنساري ڌرم ته پالڻا ئي آهن... فرق آهي اُديشيه جو، انتر آهي وچار-ڌارا ۾. جڳت لاءِ سنسار سچ آهي، هڪ جوڳيءَ لاءِ سنسار جا سچ به مٿيا ئي آهن.

شاهه لطيف: هوُ ڏسو قافلو. هنگلاج جا جاتري.

(جوڳين کان ڇگو پند اڳيان هڪ قافلو هنگلاج ڏانهن وڌي رهيو آهي. قافلي ۾ زالون، مرد، ٻار، نياڻيون، ٻڍا، جوان سڀ آهن. ان قافلي جي اڳيان به هڪ اڳوڻو هلي رهيو آهي جنهن جي پيٽ سان لٺ ٻڌل آهي.)

شاهه لطيف: سواميجي! حب نديءَ ۾ واڏوُ آهن. ڪلاچيءَ جي ڪن وانگر؟

ڪمل ناٿ: چو لطيف، اڄ به موروڙي جهڙي ڪا ڪهاڻي ڪهڻي ڇا؟

پرونناٿ: نه. حب ندي اچا ته واڳهن ۽ ماڪرمڇن کان آجي

ڪجهه ئي دير ۾ پروتناٿ، سڀ جوڳي ۽ اڳوڻو شاهه لطيف جي اڳيان اچي ٿا بيهن. شاهه لطيف به اٿي بيٺو آهي. پروتناٿ اڳوڻي ڏانهن نهاري ٿو. اڳوڻو هٿ ڪري پرڻام ڪري ٿو. اڳوڻو شاهه لطيف جي چهري ۽ لباس ڏانهن عجب ڀريل نظرن سان نهاري ٿو. شاهه لطيف سڀ سمجهي ٿو وڃي ۽ مرڪي ٿو.)

شاهه لطيف: اڳوڻا سائين! منهنجي منزل به هنگلاج ئي آهي. هنن جوڳين سان گڏ ئي مان ماتا جو درشن ڪندس.

(شاهه لطيف اکيون بند ڪري چپن تي مرڪ آڻي هڪ ازغيبي مستيءَ جي عالم ۾ اچي ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: اڄ ملهيندس ماءُ! تنهنجا ڪندس ڪرڻا،
جهجهان! جوڳياڻي ٿيان، مرن ڪي جهل ۾ ڀاهه،
هوت پروڄي لاءِ، ڪنهن ڪر پاڻيان.

پروتناٿ: لطيف، بابا ڪي سنئين سان ملائي هڪ ڪري ڇڏيو آئي. هن تائين پهچڻ جا اليک رستا آهن- ڪي چالاڪ ۽ ڪي اڻچاتل. سنئيءَ جو پيرو ڪري اسان پرماتما تائين پهچي سگهون ٿا. اصل تت آهي اندر جي اک. اهو سڀ ڪو رک آهي ...

ڪڇو رستو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز اپ ڪري ٿي. هو اڳتي وڌندو ٿو وڃي. ڪئميرا جي پل ۾ هڪ ڪرڙ ٿي اسان ڏسون ٿا ته اڳوڻي کي هڪ ڇڙي پيٽ سان ٻڌل آهي. هو اڳيان پيدان هلي رهيو آهي ۽ جوڳين جو قافلو هن جي پٺيان پٺيان هلندو پيو اچي. پروتناٿ ۽ شاهه لطيف گڏ ۾ گڏ هلي رهيا آهن. هنن جي بلڪل پٺيان ڪمل ناٿ ۽ ٻيا جوڳي آهن. باقي جوڳي انهن جي پٺيان آهن.)

شاهه لطيف: (وچ ۾ ڪٿي، ٻڪدم) وحده لاشريڪ آهي.
(پروتناٿ، شاهه لطيف ۽ ڪمل ناٿ مرڪن ٿا. هنن جي مرڪ آتمڪ سنتوش جو ثبوت ڏيئي رهي آهي.)
پروتناٿ: هو هڪ آهي ۽ سرشٽيءَ جي ڪڻ-ڪڻ ۾ سمايل آهي.
شاهه لطيف: (ڪجهه سوچي)

ڪوڙين ڪايائون تنهنجون، لکين لک هزار،
جيءَ سڀ ڪنهن جيءَ سان، درسن ڏارون ڏار!
بس. درسن ڏارون ڏار!

اڳوڻو: (رڙ ڪري) هنگلاج جا جاترو! جب ندي اچڻ واري آهي. پاڻو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. جئه هنگلا ديوي!
جوڳي: (هڪ آواز ۾) الک نرنجن.

✱

ڪچو رستو / ٻاهر / ڏينهن

(جوڳين جو قافلو اڳتي وڌندو ٿو وڃي)

آهي. ٻئي هن طرف، هن نديءَ جي آس-پاس
روجهه سو هوندا آهن.

شاهه لطيف: روجهه؟

پروتڪات: روجهه هڪ جابلو هرڻ آهي. روجهن جا ٻچڙ اڇا ٿيندا آهن. ڏينهن جو ڪنهن ۾ نظر ڪو نه ايندا. ويچارا ماڻهن کان ڊڄندا آهن. پاڻي پيئڻ لاءِ به رات جو ئي هن نديءَ تي ويندا آهن. لطيف، تون ڪهڙيءَ ئي ۾ سوچي ويو آهين؟

شاهه لطيف: (جڻ پاڻ سان ڳالهائيندي)

اوڙ ڪيهن نه اوليا، سڄڙ ويا سالم،
هڪالي هيڪ ڏيا، احد سين عالم،
سي ٿيا سالم، آڪي ڪما اڳهين.

(پروتڪات سڪ ڀريل نظرن سان شاهه لطيف ڏانهن نهاري ٿو)

پروتڪات: شل وڏي آو رجا ماڻهن پيٿ لطيف، تون به پاڻ سالم آهين، پر پيرهرڊي وارو آهين. سدائين سڄڙ ويندين. تنهنجي لاءِ ڪولي اوڙ آهي ئي ڪونه. تون پاڻ سڄو روح پرڪاش آهين.

شاهه لطيف: سوامي‌جي، سچ کي ڪو سور ئي نه پهچندو. قرآن پاڪ ۾ به فرمايو اٿائون:

لا خوف عليهم ولاهم يحزنون

پروتڪات: سساري چترن مان آڌياتمڪ آرام ڪيڻ پرمارٿ آهي تنهنجي آتمڪ وڪاس جو ۽ پرڪاشه آنند جو. تون اڳياني سسار کي پڏاليندين ته تمڻ ۽ سڀ هڪ ئي آهي، فقط نالن جو ڦيرڦار الڳ الڳ آهن. تون وڏي واڪي چوندين ته جي پرماتما هڪ آهي ۽ امر آهي ته الاهه به...

پاسو وٺي ويهي ٿا وڃن. واپسيءَ وارو قافلو هنن جي پاسي کان
ڏيري ڏيري هلندو ٿو وڃي.)

شاهه لطيف : اِن اَلاهَ وِتر يحب اَلوتر - ڏٺي هڪ آهي ۽ ڪنهن هيڪڙائي وڻندڙ آهي. ڪلام پاڪ جو فرمان آهي سوامي جي!

ڪمل ناٿ : ايڪو برهم دويتيو ناستي - اِن الک برهم کان سواءِ ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه! اهو ويدانت - واڪيه آهي لطيف سائين!

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف کلن ٿا. ڪمل ناٿ جي منهن تي شرارتي مرڪ آهي.)

شاهه لطيف : مون کي هندو ڌرم ڪافي پيچيدو لڳندو آهي. هندو نرگڻ برهم ۾ به وشواس ڪن ٿا ته سگڻ برهم ۾ به! پرماتما الک به آهي ته اوتار به وٺي ٿو. برهما، وشنو ۽ مهيش شڪتيون به آهن ته ديوتا به آهن! سوچيندي ئي مٿو ڦرڻ ٿو لڳي.

پروتناٿ : پت لطيف، هڪ مکيه مُدو وساري ڇڏيئه. سڀ ڪجهه ڇوڙڻ کان پوءِ رهي ڇا ٿو آهي - نيتي نيتي! هي به نه، هو به نه. سڄو رهسيه ان سوال ۾ ئي سمايل آهي وتس! هي به نه، هو به نه.

شاهه لطيف : يعني؟ يعني ته...

پروتناٿ : هائو، ائين. يعني نه فقط تون ۽ فقط تون. تون هڪ بوند مان اُڀريو آهين. تون پاڻ هڪ بوند آهين، توکي ئي ساگر ٿيڻو آهي. ڇو ڪيئن؟ هي سڀ شاستر، هي سڀ مت-متانتر، هي سڀ يوگ، وراٽ روپ پراپت ڪرڻ جا ئي رستا آهن. رشين ان کي مڪتي به سڏيو

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيه
هنگلاج جا جاتري هب نديءَ کان پوءِ ڀوانيءَ جي ڪوهيءَ تي منزل ڪندا آهن. هتي ديوي ڀوانيءَ جو ڪوئي مندر ڪونه آهي، فقط نالو رکيل آهي. شاه لطيف به جوڳين سان گڏ اتي منزل ڪري پوءِ اڳتي وڌيو.	جوڳين جي قافلي کان اڳ ويندڙ قافلو ميدان ۾ هڪ هنڌ آرام ڪري رهيو آهي. هڪ هنڌ رڌ پچاءُ ٿي رهيو آهي.
	جوڳي ۽ شاه لطيف اڳتي وڌي رهيا آهن.
ڀوانيءَ جي ڪوهيءَ کان پوءِ واٽ تي ڪافي ور وراڪا آهن. انهيءَ هنڌ کي عام طرح ”گهٽيڪا“ چوندا آهن. اها سوڙهي واٽ پيهه تنگ ۽ ور-وڪڙن سان ڀريل آهي.	تنگ ۽ ور وڪڙن سان ڀريل واٽ.

(گهٽيڪا مان گرهستين جو قافلو ۽ انهيءَ پٺيان پٺيان جوڳين جو قافلو هنگلاج طرف وڃي رهيو آهي. هڪ ٻيو قافلو هنگلاج جي ياترا ڪري واپس اچي رهيو آهي.
ٻنهي قافلن جي اڳواڻن جي نظر هڪ ٻئي تي پوي ٿي. ٻئي اڳواڻ هٿ جي اشاري سان پنهنجن پنهنجن قافلن کي روڪين ٿا.)

موٽندڙ اڳواڻ: جئه هنگلا ديوي!

ويندڙ اڳواڻ: جئه هنگلا ديوي!

(ويندڙ اڳواڻ هٿ سان اشارو ڪري موٽندڙ قافلي کي رستو پار ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. هنگلاج طرف ويندڙ ٻئي قافلا هڪ

وڏيڪ لاڙو رکندا آهن. صوفين جو مجازي عشق
انسان جي ان مشڪلات کي دور ڪرڻ جو ئي
هڪ رستو آهي. ڇو ته من ۾ پيدا ٿيو ۽ صدق جي
نه ڪٽي لڳڻ وارو ئي ناهي. ڀوڳ به ان نامراد
من کي قابوءَ ۾ آڻڻ جو هڪ رستو آهي.

ڪمل ناٿ : لطيف، ڪبير جي هڪ سٽ آهي :

اوه پرش ديواڻ ديو،
ڀڳمه هيمه نرسهه ٿئي !

اهو سچو ڀڳتيءَ جي ڀاونا جو ئي چمتڪار آهي
جو ديون جو ديو رام پرش پورڻ ڀڳمه پرهلاد
لاءِ نرسنه اوتار ڌارڻ ڪري ساڪار روپ ۾
پرگٽ ٿئي ٿو. پر اسلام پورڻ - روپ ۾ ايڪ -
ايشور - وادي ڌرم آهي - فقط هڪ الاهه ۾ عقيدو
رکندڙ مذهب

پروهت : ان ڪري اسلام جي پيروي ڪندڙن ۾ انوکي
ايڪتا ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

شاه لطيف : حدون ۽ دائره ايڪتا نه آڻيندا ئي سوامي جي !

پروهت : پر لطيف، سنڌ جي هوائن کي سڃاڻجانءِ - سگريو
جي ڀاءُ ٻاليءَ کي وردان مليل هو ته، دشمن هن
جي سامهون ايندي ئي پنهنجي اڌ شڪتي وڃائي
ويهندو. رام جهڙي اوتاري پرش به هن جي سامهون
وڃڻ ٺيڪ نه سمجهيو ۽ وڻ جي پٺيان لڪي ٻاليءَ
تي تير هنيو. ٻاليءَ چيو به ڏنس ته : رام، مون
کي تو ويرن وانگر نه، پر هڪ شڪاريءَ وانگر
ماريو آهي. پر، مهنجو اشارو سمجهي ويو هوندائين.

شاه لطيف : سمجهي ويس سائين! بلڪل سمجهي ويس. پر،

آهي. وراٽ روپ ۾ مڪتي، ٻئي ڀاڱا آهي
ته پرماتما جي مايا اَپرمپار ؟ ان اَپرمپار جي پار
وڏو آهي. توکي.

شاهه لطيف : سواميجي، صدين جو رچيل آهي اهو مايا جار.
پر ويدن ۾ ته پرماتما جو نراڪار روپ ئي پرڪٽ
ڪيل آهي...... ساڪار روپ ۽ اوتار تہ......
پوءِ جي ڪلپنا آهي نه؟

پروتناٿ : اهين ناهي، پرماتما جي ساڪار روپ جو بيان
سڀ کان اول رگويد جي پرش - سوڪت ۾
ملي ٿو. يٿا :

सहस्त्र शीर्षा पुरुष: सहस्त्राक्ष: सहस्त्रपात।
स भूमिं विश्वता वृत्वात्यतिष्टद्शाङ्गुलम ॥

رگويد ۾ پرماتما جي وراٽ سروپ جو ذڪر
ڪيل آهي. ان وراٽ پرش جا هزارين مستڪ،
هزارين نيتر ۽ هزارين چرڻ آهن. هن پرٿويءَ کي
چئني طرفن کان گهيري رکيو آهي ۽ پوءِ به هو
فقط ڏهه آڱر آهي.

لطيف، جيتوڻيڪ برهم جو اصلي روپ نرگڻ،
نراڪار ۽ الک ئي آهي پر نرگڻ برهم جي ڀڳتي
ڪٺن آهي. ڀڳوان شري ڪرشڻ "گيتا" ۾ صاف
صاف چيو آهي : " اويڪت (نرگڻ) ۾ چت
کي ايڪاگر ڪندڙ کي تمام گهڻو ڪشٽ ٿيندو
آهي ڇو ته نراڪار گتيءَ کي ڀڪڙڻ / پالڻ،
ديهه - ڌاري منش لاءِ سڀاويڪ طور ڪشٽ -
ڀريو آهي.

ان لاءِ، پٽ لطيف، ڀڳتي سگڻ ساڌنا ڏانهن

لطيف، تون هن دنيا ۾ پنهنجي هستيءَ کي نور ۾ لڪيل آيو آهين، تون پرڪاشمان آڳ آهين. ان آڳ جي تڙ ۾ مايا جا چار پکھڙ جي وهي ويندا ۽ فريب جلي خاڪ ٿي ويندا.

(قافلي جو سفر جاري آهي.)

شاه لطيف: هڪ ڏرتي پيو اندر ۾ عشق جي آڳ- عاشق کي پنهن جيون جي وچڙ پڄندي نهن نباهڻو آهي.

پروتڻات : اهائي چاشني صوفين جي ڪلام ۾ رنگيني ۽ دلڪشي پري ٿي ۽ ڀڳتن جي ڀڳتيءَ کي رس- ڀرڻو بڻائي ٿي. يوگ- مارگ ۽ گيان- مارگ تي سڪل ٿوت رسعا آهن. ڪوئي فولادي هرد ۾ ۽ لوهي شرير وارو سادڪ ئي انهن مارگن تي لڳاتار پالڙا جاري رکي سگهي ٿو.

ڪمل نات: سمجهان ٿو لطيف! تون پريم جي ڪهر مان جڪا ڪمرڙي ڏاهيندين ان ۾ يوگ ۽ گيان جو، پسڻ ۽ ڪاڄن جمعر و ٿي انداز هولدو. چڻعا نـ هڪر. تنهنجي ڪمرڙي ماڻهو آگرهون چڙهي ڪاڻيندا- ڪاڻيندا ۽ گرط ڳائيندا......

شاه لطيف! مان ڪمرڙي ڏاهط وارو ڪهر؟

ماڻهين پسي پاڻ کي، ماڻهين محبوب،
ماڻهين خالق خوب، ماڻهين طالب تن جو ا

پروتڻات : ڪمل ناٿ، وڏي پد واري ڳالهه آهي اها. اها فقير جي ڪشڪول ۾ هٿان هٿان ڪٽي ڪمل گيان جي مٺاڻري وارتا ناهي. لطيفو، پڏو به آهي ته اڏيو به آهي.

(قافلو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

رام ڀلي ٻاليءَ کي لڪي ماريو هجي، هنومان ڪنهن
سامهون وڃي ماري ها!

(پروانات هڪدم اٿي ٿو وڃي ۽ ڪجهه دير ٽڪ ٽڪ شاهه لطيف جي منهن ۾ نهاريندو ٿو رهي. پوءِ مرڪي، ڏاڍيءَ سڪ سان ڪُٺي ٿو شاهه لطيف کي گلي لڳائي. ڪمل ناٿ پنهنجين اکين جون ڪنڊون اگهي ٿو.)

*

(هنگلاج مان واپس ايندڙ قافلي جا سڀ جاتري سوڙهو لنگهه پار ڪري چڪا آهن. گرهستين جي قافلي جو اڳوڻو جاترين کي اڳتي وڌڻ جو اشارو ڪري پاڻ به اڳتي وڌي ٿو. انهن کي اڳتي وڌندو ڏسي جوڳين جو قافلو به اڳتي وڌي ٿو.)

شاهه لطيف: مون کي لڳندو آهي ته خودي ۽ خدا هڪ جاءِ رهڻ وارا ناهن. توهان جو سنگ ۽ ساٿ ماڻڻ کان اڳ مون به ايئن لکيا ها ته:

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه نماز،
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئو.
جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئو.

پروانات: بالڪل سچ چيو آهي تو لطيف! پنهنجو آپو وڃائڻ کان پوءِ ئي پرماتما جي وڏائي ڪري سگهجي ٿي. جنهن اندر ۾ خودي هوندي، اهنڪار هوندو، مان - ٺٺو هوندو، ڪيئن انسان پرماتما جي ناڻي ۾ فقط پنهنجي پيو وڏائي ڪندو، پنهنجون صفتون پيو ڳڻائيندو ۽ پنهنجو ڳڻ - گان پيو ڪندو.

پيون چاڪا ڏين. قدرت
هن جڳهه جي نظاري کي
عجيب نزاڪت بخشي آهي.
پريدي لڪ جي نزديڪ
ٻه ٽي ٻيون کوهيون آهن، جن
کي "سيتا ماتا جون کوهيون"
ڪري سڏيندا آهن.

هنگلاج ياترا جي انوسار شري
رامچندر جڏهن پنهنجي پتني
سيتا ۽ ڀاءُ لڪشمڻ سان گڏ
چوڏهن سالن جو بنواس پوري
رهيو هو تڏهن انهيءَ عرصي
۾ هنگلاج آيو هو. سيتا
ماتا جون کوهيون ڪيئون
آهن. تنهنڪري جلد جلد
ڏنجي وڃن ٿيون ۽ ماڻهو
اهي وري سوڀي صفا ڪندا
آهن.

اريدي لڪ کان پوءِ ڪارڙي
ناڪو اچي ٿو. شاهه صاحب
جي وقت ۾ انهيءَ ناڪي
تي لس ٻيلي جي جام جا
ملازم هنگلاج جي جاترين جو
سامان کولائي ڏسندا هئا.
ان لاءِ ٻيل ڪرڻ کي
جهڏي ڪري هاڻي سڀني

سمنڊ جو درشيه

سيتا ماتا جي کوهين
جو درشيه

گرهستين جي قافلي جو سڄو
سامان کليو پيو آهي. ملازم
ڏسندو لڳائي رهيا آهن ۽
ان مطابق محصول وصول
ڪن ٿا.

شاهه صاحب جي ڏکي چوري
جو ڪلوز - اپ.

سوتر ڌارا: (فقط آواز)	درشيه
شاه لطيف سر ديسي ۾ سسئي جي منهن مان چواءِ آهي ته: وروواڪا وڃ لکين آڏا لڪ، هڙجي آڏا حق، سي ڪيدا ڪوهه ڪيدان ڪي؟	جوڳين جي ياترا جاري آهي.
لنگهه ۽ وروڪڙن واري واٽ جنهنکي عام طرح گهٽڪا چوندا آهن ۽ جنهنکي روحاني معنيٰ ڏيئي شاه صاحب "سوڙهي سگهه" ڪوٺيو آهي اهن گهٽڪائن مان لنگهو ته اول متاهون پٽ ايندو ۽ پوءِ لڪن پٺيان لڪ ايندا ويندا. سڀ کان اول ايندو پيدو لڪ.	گهٽڪائن جا ڪجهه درشيه
پيدي لڪ جو نظارو نهايت وڻندڙ ۽ دلڪش آهي.	پيدي لڪ جو درشيه
هتي قدرتي طرح هڪ ٽڪري جبلن جي قطار کان ڇڳي، ڌار ٿي، عمدو نظارو لڳائي بيٺي آهي.	جبلن جي قطار ۽ ٽڪريءَ جو درشيه
پبان سمنڊ جون ڇوليون	

تحقيق جي نڪتي تي، جنهن ڪيائون جواب،
تن کهڙو ڏوه حساب، جن هڏڙي هادي حل ٿيا!

پروتمات : پٽ لطيف، تون ڇو ٿو پاڻکي شرمندو محسوس ڪرين؟ جو ڪرينگا سو پرينگا، هم ڪيون هون اداس؟

شاهہ لطيف : دک ٿو ٿئي تہ مغلن جي راڄ ۾ هندن تي هيڏيون جزائون مڙهيون وڃن......

پروتمات : مغلن جي راڄ ۾ نہ چئو... چئو اورنگزيب جي راڄ ۾. پٽ، مغل تہ اڪبر بہ هو.

(ڪجهہ دير سڀ خاموشيءَ سان هلندا ٿا رهن.)

پروتمات : پرجا جو پيارو ۽ انصاف پسند راجا ٿيڻ بہ نصيب وارن جي قسمت ۾ لکيل هوندو آهي. اڪبر نصيبن وارو هو. لطيف، سڀڪنهن سمجهہ بہ پاڻ سان ملندي آهي. سوڀ پرست آهي تہ زوال ڪالي ونامس پسندي. جنهن ماڻهوءَ جو زوال ٿيڻ وارو هوندو آهي، پاڻ ڀرپور سنڌس پسندي پروشت ڪندو آهي.

شاهہ لطيف : مون ٻڌو آهي تہ اڪبر بادشاهہ سڀني ڌرمن وارن جو رواج نئي ڪري ڇڏيو هو.

پروتمات : ماڻهن ۾ گهٽو هو. چاڻ هئس تہ احسان جهڙو ڪو ٻوجهہ ڪونهي ۽ احسان فراموشيءَ جهڙو ڪو گناهہ. امرڪوٽ ۾ ڄائو هو، راڻي پرساد جي محلات ۾. ان جي سوڍن جا اڪبر جي پيءُ همايون تي احسان ها. ٺٽي جي حاڪم شاهہ حسن ارغون سان لڙائي ڪرڻ لاءِ راڻي پرساد همايون کي پنهنجو لشڪر ڪري ڏنو هو. ان لاءِ اڪبر هندن سان سدائين

وٺن ٿا هي سڀئي سامان لئي
محصول لڳائيندا ها. جيئن
ته اهو محصول فقط هندن
کان وصول ڪيو ويندو هو
ان لاءِ شاه صاحب کي ڪافي
ڏک رسيو هو.

(پردو کلي ٿو، ڪجهه ماڻهو، ٻيا جوڳي ۽ شاه لطيف ناڪي وٽ اچي قطار ۾ بيهي ٿا رهن. ملازم جوڳين کي ڏسي کلن ٿا.)

شاه لطيف: اسان جوڳين - سنياسين تي ڪلو ڇو ٿا؟ مهرباني ڪري حساب ڪري ٻڌايو ته اسان کي ڪيترو محصول ڏيڻو پوندو؟

(ملازم مذاقي انداز ۾ جوڳين جي شڪلين ڏانهن نهارين ٿا.)

هڪ ملازم: توهان جوڳي جاءِ تي ٻـهر در در ۾ ڀٽڪندا رهو، توهان جون کٿڙيون مٽيءَ جهڙيون ميريون. توهان جي جسمن جا وار ڇڳل، توهان جي بدن تي ڪپڙن جي بجاءِ فقط لنگوٽيون ۽ ڪن لاءِ لنگوٽ ۽ پٽوڪ جا ٽڪر، توهان ٻڌو ۽ ڪالو. اسان توهان کان محصول وٺي توهان جو مان - شان ڪرڻ وڃائينداسين. وڃو اڳتي، جهڙو ٿيو جاءِ.

(پردو ڪري ٿو، شاه لطيف ۽ جوڳي ناڪي کان اڳتي وڌي ٿا وڃن. شاه لطيف ڏاڍو دکي لڳي رهيو آهي.)

شاه لطيف: سوامي جي! هي سورا ٻانڀڻ ڪاڏي ۽ ڪيري ۾ فرق به نه ڪري ڄاڻن. هي اڳيائي جا ڄاڻن ته جوڳين، سچن جوڳين جي شڪتي ڇا لمدي آهي...

ڏونا جن محراب، جنهن جامع تن جو،
ڪعبي ٿيا قلب ڪري، تن کي ڪيائون طواف،

جي آهي. ان ڪري انهيءَ جڳهه کي سڏيندا ٿي آهن امباولي.	
امباوليءَ کان پوءِ ايندي ولندرن. ولندرن امباوليءَ ۽ سونمياڻي جي وچ ۾ آهي. ولندرن کان سونمياڻي ٻه ڪوهه پري آهي.	ولندرن جو نظارو.
سونمياڻيءَ کان ڪوهه کن اڳ هڪ زبون ٿيل قلعي جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان قلعي کي ”هالا وارو ڪوٽ“ ڪري سڏيندا آهن. ان ڪوٽ جو نرماڻ ڌاڙهي چورن ۽ ڌاڙن تي نظر رکڻ لاءِ ڪيو ويو هو.	”هالا وارو ڪوٽ“ جا اوشيش ڏيکاريا وڃن ٿا.
سونمياڻي اصل ۾ مهاڻن جي مياڻي هئي. سمنڊ جي ويجهو هئڻ سبب هي هنڌ واپار ۾ ايترو ته ڦليو ڦولهيو جو مٿس نالو ئي پئجي ويو- سونمياڻي!	سونمياڻي ۽ سمنڊ جا ڪجهه شاٽس.
سونمياڻيءَ کان پوءِ شاهه لطيف جوڳين سان گڏ ”ڪرو ڇماهي جي رڻ“ ۾ داخل ٿئي ٿو. ڪرو ڇماهي جو رڻ...	جوڳين جو قافلو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.

سدا ٻـڌا پيا. جڏهن گاديءَ تي ويٺو ته هڪدم
امرڪوٽ جي راڻن کي لکيائين ته توهان منهنجي
پتا سان بلڪل وفادار ٿي هليا هئا ۽ مان پاڻ
امرڪوٽ ۾ جائو هوس، تنهنڪري توهان جي
ملڪ مان ساليانو ڏن وٺڻ مان حرام ٿو سمجهان،
ان ڪري توهان کي سڀ ڍلون معاف آهن.

شاهه لطيف: اڪبر امرڪوٽ ۾ جائو ٻڌجي...
نڪا جهل نه پل، نڪو راڻو ڏيهه ۾!

ڪمل ناٿ: لطيف، اها سٽ مان جيڪر ڪرتا ۾ هيئن چوان:
نه ڪو ڏن نه ڍل، نڪو راڻو ڏيهه ۾!

شاهه لطيف: ڪري جي! ڏن، ڍل ۽ راڻو - دهراءَ لاءِ هي
هڪ ئي معنيٰ ۾ ساڳي لفظن جو؟ جهل ۽ پل
لفظ سوڍن کي مليل آزاديءَ جو اهڃاڻ ٿا ڏين.
ٿر وارن کي مليل سکن جو ن سيمائون وڌائي ٿا
ڇڏين. توهان جو ڪهڙو رايو آهي سوامي جي؟

پرونتناٿ: هاڻي ٻولين کي ڪاوڙ - ڪلا جي ٻـ. جاڻ رکڻي
پوندي؟

(قافلو ڪجهه دير چپچاپ اڳتي وڌندو ٿو رهي.)

*

سوترڌار (فقط آواز): درشيه

ڪارونڀر ڪان پوءِ واٽ
تي هڪ هنڌ ٿوري ٻاغ-اس
آهي. اتي جهڪي وڻ آهن
انهن ۾ گهٽائي انهن جي وڻن

انڌاونيءَ جو درشيه.

پروهتاڻ : لطيف، هيءَ اها نئين ٿوڙندي الهڻي جنهنجي
وهڪري جي دهشت سبب سسئي اڳتي نه وڌي
سگهي هئي ۽ واپس وري وئي هئي.
شاه لطيف : سوامي جي، مون ڪئي سسئيءَ ڪي الائي گهڻا سلام
ڪرڻا پوندا. عشق جو اوتار هئي ۽ درد جي لهن
ڪان ڇوٽيءَ تائين جنهي تصوير... سوامي جي، سورمي
سسئي پڻ. ٿوڙ نديءَ جي وهڪري جي ٽڪ جي
دهشت سبب واپس وري هجي، پر اهو ته مونکي
نئي پوندو ته هن درد جي ماريءَ پب پهاڙ جا
ڏکيا رستا پار ڪيا ها.
(شاه لطيف پنهنجي ٻانهون آسمان طرف کڻي دردناڪ آواز ۾ هيءَ
ترنم ۾ چوي ٿو.)
شاه لطيف: ڏونگر! ڏور راهو، پهرين ڇولڊس پرانءَ ڪي:
"پهڻ پير پٽون ڪيا، ٽڪرين ڇنيون ٽو،
رحم نه پيئه روح ۾، قلب مونجهيو ڪو،
واڪو ڪندي س:
وا مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري!"
ڪمل ناٿ : لطيف، تو ۾ سسئيءَ جي روح واسو ته ڪونه اهي
ڪيو آهي؟
شاه لطيف: شل ڏيڻي ڪري اهين ٿئي، ادا!
(ٺيڪ ان وقت پب پهاڙ جي قطارن ۾ ٽڪي ۽ دردناڪ زنالي
آواز ۾ "وو او او او او" جو واڪو ۽ ان جو پڙاڏو گونجي
ٿو ۽ ان کان پوءِ "مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري - مون
سين جبل ٿو جاڙون ڪري - مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري"
جي گونج ماحول ۾ چوڌاري ڦهلجي ٿي وڃي.)
شاه لطيف جي اکين جو E.C.U.

(ڪئمرا ڦري ٿو شاهه لطيف جي چهري تي. ڪئمرا جي پين
ٽڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هو پروتڊاڪ سان گڏ اڳتي وڌي
رهيو آهي، سندن پٺيان پٺيان باقي جوڳي ۽ ٽوليون لاهي اچي
رهيا آهن)

شاهه لطيف : گرو چيلي جو رڻ! آخر هن جڳهه تي اهو نالو ڪيئن پيو ؟

پروتڊاڪ : ٻڌائيندا آهن ته هڪ گرو پنهنجي چيلي سان گڏ جي، هنگلاج جو درشن ڪرڻ لاءِ ويو. جڏهن وقت پئي گرو چيلو هن جڳهه تي پهتا ته اُج اچي پريشان ڪين. هنگلاج جي واٽ تي جيڪي به پاٽا آهن، اُنهن سڀني تي پاڻي ملي ٿو سگهي، فقط هن جڳهه جي آس پاس تي پاڻي ملڻ ناممڪن آهي. گرو - چيلي کي اُج اهڙو ته وياڪل ڪيو جو هو ماندا ٿي ڌرتيءَ تي ڪري پيا ۽ اُتي ئي ڦٿڪي ڦٿڪي پراڻ تياڳيائون. ان کان پوءِ هن اسٿان جو نالو پئجي ويو : گرو - چيلي جو رڻ.

(جوڳين جو قافلو هنگلاج طرف وڌندو ٿو وڃي.)

اڳـوڻو : (جوڳين ڏانهن منهن ڪري) جوڳيو! هنگلاج جا جاتريو! گرو - چيلي جو رڻ لتاڙي آيا آهيون. هو ڏسو، سامهون ٿي ڦورندي آهي. هن وقت ته چڙهه سگهجي پئي آهي، پر چوماسي ۾ ڦوڪجي ڪري وهندي آهي. ڦورندي هاڙهي جبل جي ٻچڙيءَ وانگر آهي. جوڳيو! هاڙهو جبل بلوچستان کان هلي، هتي ڦورنديءَ وٽ اچي کٽي ٿو.

(پروتڊاڪ، شاهه لطيف ۽ جوڳي ڦورنديءَ جي پرسان اچي ٿا بيهن.)

وڃي ڪنهن نہ وڃڻ،
تن آن سڀن آرام،
ره ۾ ڳڻن رام،
پندان چڙهيا ڪاپڙي.

لوڪ آستان جي ياترا لئي وڏي مهم واري آهي. ره ۾ ڳڻن رام. ياترا ۾ لئي ڄڻگهاسو ڪئي ڪيان جا امله ماڻڪ - موتي ملي ٿا وڃن. قادر جي قدرت جو چلڪو - ول کان آجو ۽ نجو ديدار ساڻ ڪئي سهرن جي تمام وڻجهو آڻي ٿو ڇڏي.

هنگلاج جا ياتري چندر ڪوپ کان هلي ”سنگل“ تي اچي منزل ڪندا آهن.
حقيقت ۾ ”سنگل“ ٻہ مڪان آهن: هڪ ننڍو سنگل، ٻيو وڏو سنگل.

سنگل لنگهي وارا ٻہ مڪان ڏيکاريا وڃن ٿا. جوڳين جو قافلو اتي رکجي ياٽو ڪري ٿو.

سنگل کان پوءِ اچي ٿي:
اگهور ندي!
هيءَ ندي هاڙهي جبل جي هڪ پاسي آهي ۽ ٻئي پاسي هنگلور يا هنگول ندي!

اگهور ندي جو درشن.

اسڪاچ شامت، هاڙهي جبل ۽
ان جي ٻنهي پاسن کان وهندڙ

سنئين ڏاڍا ڪانئيندي پٻ پهاڙ پار ڪري رهي آهي.)

اڳوڻو : جوڳيو! هتان اڳيرو هلو ته جلد ئي هڪ ڪارائو
ميدان ڏسڻ ۾ ايندو. ان ميدان کي چندر ڪوپ
ڪري چوندا آهن. اتي جيڪي ٻه ڪوهه آهن، اهي
قدرتي آهن يعني ڪنهن ماڻهوءَ جا کوٽيل ڪونه آهن.

(ڪئميرا ”چندر ڪوپ“ کي ڪوَر ڪري ٿي. اتي ڪاري
ڪپ لڳي پيئي آهي. ان ڪپ جا ڪئين ٿهه. هڪ ٻئي مٿان
ڄمي تمام وڏا ڏڙا ٿي پيا آهن. ان وقت، اتي رکي رکي ڪي
آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

جوڳين جو قافلو ڏڙن جي ڀرسان بيٺو آهي.)

اڳوڻو : هي آواز ٻڌو ٿا نه؟ هنگلاج ٿي ٻولي، هنگلاج
ٿي ٻولي! ڀاڳن وارا آهيو جو آواز ٻڌي رهيا آهيو.
جي آواز ٻڌڻ ۾ نه اچن ته سمجهو توهان جي ياترا
اجائي وئي، تيرٿ قبول نه پيو.

(رکي رکي پڙاڏو ڪي آواز ايندا ٿا رهن.)

*

سوترڌار (فقط آواز)
شاهه صاحب سر رامڪليءَ ۾
چيو آهي ته :
”پويندي ٿي پير لاهه،
چڙهي گنجو گام،
گروءَ سندي ڳس ۾،
جن ڪيا تن تمام.“

درشيه
اڳوڻو ۽ جوڳي هنگلاج طرف
وڌندا ٿا وڃن.

ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ماتا جو درشن سڀ ڪشٽ
ني هٽي ٿو ڇڏي، سڀ دک-درد دور ٿو ڪري
ڇڏي.

(مهايوگي پروتنات، جوڳي ۽ شاه لطيف هڪ وڏي ڪنڊ ۾ سدان ڪن ٿا، ڪورو ڪپڙو پاتل اٿن، سرن (ننڍين غفائن) ۾ آندر گهڙي، ڦيرو ڏيئي، پٺي هندان باهر نڪري ٿا اچن. جيئن ته سرن مان فقط هڪ ماڻهوءَ جي لنگهڻ جي جاءِ آهي ان ڪري سڀ جاتري هڪ ٻئي جي پٺيان پٺيان قطار ۾ لنگهي باهر اچن ٿا.

هنگلا ديويءَ جي بت تي لعل اوستا ۾ ٻڍي مورتي!

هنگلا ديويءَ جي سڄي شرير تي سندور لڳل آهي. ڪيترا ئي هندو ڇاهي مسلمان درشن ڪري رهيا آهن. هندو ۽ مسلمان جاتري هنگلاج جا فقير ديويءَ جي شرير تي هر هر ڪهر اوتي رهيا آهن. هنن جي اها ئي ڪوشش آهي جيئن ماتا جي شرير تان ڪير سڪي نه ۽ ماتا سدائين ڪهر سان آلي رهي. ان وقت پروتنات، جوڳي ۽ شاه لطيف به ديويءَ جي استان ۾ داخل ٿين ٿا ۽ ڪجهه گهڙيون، خاموشيءَ سان ديويءَ جي الوڪڪ سندرتا جو آنند ماڻيندا رهن ٿا.

هڪ فقير : يا علي! ناني اي اي اي .. حق! ناني اي اي اي ... حق! هنگلاج جي نانيءَ جو ڪير نه سڪي! يا علي، هرگز نه سڪي! واه، واه، اسان جو نصيب رڙ ۾ رلي ويندو.

(هنگلاج جا فقير ۽ هندو - مسلمان جاتري ديويءَ تي ڪهر اوتڻ لڳن ٿا.)

شاه لطيف: هيءَ به هڪ عجيب رسم آهي.

پروتنات: رسم نه چئو لطيف، صدق آهي، وشواس آهي، پڪيرو آهي. هنگلاج جي فقيرن، پوڄارين ۽ هندو-

اگهور ندي وري ٻن ڄبلن
جي وچ مان وهي ٿي. انهن
ڄبلن مان هڪ کي سڏين "چندر"
۽ ٻئي کي "وچندر".

۽ نديون.
چندر - وچندر ڄبلن جي وچ مان
وهندڙ اگهور نديءَ جو درشن.

پراڻن ۾ هڪ ڪٿا ٿي اچي
ته چندر - وچندر نالي ٻه وڏا
دئيت ها جن جو ديويءَ سنهار
ڪيو هو.

هنگول ۽ اگهور ندين جي
نزديڪ آشاپور نالي مڪان ۾
ڪالي ماتا جو آستان آهي ۽
ان جي ڀرپاسان ڏيڍ ڪوهه کن
پنڌ تي آهي هنگلاج!

آشاپور جا ڪجهه شاٽس.
ڪالي ماتا جو درشن.

هاڙهي جبل جي ڀاڙ / ٻاهر / پرڀات

(لانگ شاٽ. هاڙهي جبل جي ڀاڙ ۾ هنگلا ماتا جي غفا جي
ڀرسان زمين جي سڌي ٽڪر تي جوڳي ويٺا آهن. پروڪاسٽ ۽
شاهه لطيف سڀني کان الڳ الڳ ويٺا آهن.)

شاهه لطيف: ڇپون ڇپر ڪٽ، ٻهڙ ڀتراٽيون ڀالنيان،
جتي رهان راتڙي، مرون مڌهجا مٽ،
سوٽن جيءَ سهٽ، ڏونگر ڏولي مون لئو!

پروڪاسٽ: ٻت، هنگلاج جي ياترا برابر اٿانگي ۽ ڇڙ - ڇڙ

ڇڪڻي وڌو آهي ۽ سنڌن چهرن تي عجيب قسم جا جذبا ملهائن ٿي رهيا آهن. ان ڪري پروٽيئانف اڪا جي اشاري سان شاه لطيف کي وڏڪ ڳالهائڻ کان روڪي ٿو ۽ شاه لطيف اشارو سمجهي هڪدم چپ ٿي وڃي ٿو ۽ هنگلا ديويءَ ڏانهن نهارڻ لڳي ٿو.)

پروٽيئانف: بت لطيف، ڪمرجاڻي سچ چيا آهي. اڪمن تڏهن ڪيهن ڪجهه نڪو ناهي. ڪڏهن ڪڏو ن پيا ٿا. وري آخرين سچ ۽ صدق پڻي آهي. فقط صدق...

ڪملاتات: لطيف، هنگلا ماتا سڀني جي آهي- جوڳين جي، سناسين جي، ڪرسچين جي، هندن جي، مسلمانن جي، سڀني جي... دل ۾ صدق ۽ شرڌا رکي هن در تي اچ ۽ مرادن وارو جهولي ڪڏهن- خالي ڪري وڃ!

(پروٽيئانف، جوڳي ۽ شاه لطيف هنگلا ديويءَ کي نمسڪار ڪري قطار ۾ ٻاهر نڪرن ٿا. فقير خالي نظرن سان هنن کي ٻاهر ويندو ڏسي رهيا آهن.)

*

هاڙهي جبل جي ٻاڙ / ٻاهر / ڏيکهن

(لاڪ شاٽ. هنگلا ماتا جي غفا جي ٻاهران ڏسڻ جي سڏي نڪري ٿي ڪمرا ٿي جاتي ماتا جو درشن ڪرڻ کان پوءِ جل- پان ڪري رهيا آهن

پروٽيئانف، جوڳي ۽ شاه لطيف هنگلا ديويءَ جي ٿان مان ٻاهر اچي رهيا آهن. شاه لطيف سڀني جي اڳيان آهي ۽ مجذون حالت ۾ آهي. ڪيس لهڻهي ڦن ڏان جي اڪل سڌ ڪري آهي،

مسلم جاڻن جو اهو وهوائن آهي ته جڏهن هنگلا ديوي جي ٿرو تان ڪير سڪي ويندو ته هن لاءِ ارو نه هندو. ڪهڙ سڪي وقت ڪي هو هڪ قسم جو بيانڪ آسورٽ ڪري مڃيندا آهن.

شاه لطيف: انسان لاءِ عجيب قسم جا آڏاو ۽ [illegible] لڏا آهن... [illegible] پر آخر ڪهڙي چالو انسان ڪي؟

ڪچل ذات: [illegible] ..... [illegible]

شاه لطيف: ڪچل [illegible] ڪي الٽو ڪيو آهي [illegible] ته [illegible] عام لوڪن جي [illegible] ڏو .....

پروتمات: هنگلا ديوي هندن لاءِ ماتا آهي پر مسلمانن لاءِ نالي! نالي، ماءُ جي ماءُ. نالي [illegible] مسلمان هنگلا ديوي کي حضرت علي جي داڻي ڪري مڃيندا آهن:

(شاه لطيف جي اکين ۾ چپن تي [illegible] آهي [illegible] هن ڏانهن نهاري ٿو.)

شاه لطيف: هنگلا ديوي کي ڪالهي ماتا ۽ [illegible] آهي ته ماتا [illegible] هندن حالت ۾ هنگلا ديوي [illegible] آهي، قديمي آهي، ته حضرت علي جي داڻي ڪيئن ٿي سگهي؟ شايد توهان کي خبر نه هجي ته حضرت علي خليفي عثمان غني جي خون ٿي وقت ٿي هجري ٢٥ ۾ چوٿون خليفو ٿيا هو ۽ هو. حضرت علي جو هر مسلمان جي دل ۾ خاص درجو آن ڪري آهي جو هو صاحب ۽ فقط حضرت محمد جو نالي هو ۽ حسن حسين جو ناني [illegible]

(جيئن ته ڪجهه [illegible] جو ڏيان شاه لطيف جي گفتن ڏانهن

جي ڪائي طاقت ڪانهي. لطيف، وڏي ڪربلا
تي اچي، وڏو مهم ملهو ماڻي.

شاهه لطيف: (المستيءَ ۾ آلاپي ٿو)

سائين سدا ٻار، وو!
تن ٻانڌڻ سدا ٻار،
توکي آرس اکڙين ۾!
پاتا پاڙ پوارين پڳهه منجهه پاتار،
پنڌ تو پور ڪري، آئي تنهنجڙي وار،
سڄون راتون سمهين، ڪهو منجهه خمار،
ڪ تو ڪنين نه سئي، هلڻ جي هڪار؟
تانب ٿيو لڪڙا، سڄي ايءَ سنيار،
لنڊ نه ڪجي اتري، سڄڻ ادا يار!
سائينءَ مڪين سچ، ڪي، تون ڪوڙو منجهه قطار،
ڪ تو ڪنين نه سئي، ڪڙ جي ڪوڪار؟
کهڙان تي ره کهڙي، الاهي تهار!
هوُ جو شڪ شارڪ جو، تنان رکو سنار!
ڪل نفس ذائقه الموت، پڙهو اي پچار!
شڪار تون شهباز جو، تون تان منجهه شڪار!
يوم يفرالمرءُ من اخيه، جت پڇندا ٻار،
تڙهو چئو تار ۾، اڄ تون اوسار!
لکه مڙئي لڪيا، هنڌين ويا هزار،
ڏٺئه جي الاهه ڪي، هوند ڏٺين پرڏين پار،
جوڻ مٿان جڳڪي، دلي تنهنجي دار،
جيڪو آهه حديث ۾، الذيءَ "ايءَ" آچار،
وٺيءَ ڪين ولهن سين، ڪنهن ٿي ٿهار،
سا ڪنين هئي توسين، جا ٻڌي ڪان پچار؟

مستيءَ جو عالم هنجي دل و دماغ تي طاري آهي. هنجي الجهه حال ۾ اهو فيصلو ڪرڻ تمام مشڪل آهي ته هو هلي رهيو آهي، جهومي رهيو آهي، ڦيرڻو پائي رهيو آهي يا رقص ڪري رهيو آهي.

جوڳي ۽ ڪملناٿ عجيب نظرن سان شاهه ڏانهن نهارين ٿا. ٻروڪناٿ جي چپن تي جانڪاريءَ ڀري مرڪ آهي. هن جي اکين جي چمڪ ۾ ۽ منهن تي ڇانيل سنتوش جي ڀاءُ ۾ ظاهر آهي ته هو سڀ ڪجهه سمجهي رهيو آهي. هنکي ڄاڻ آهي ته ڇا ٿي رهيو آهي ۽ ڇو ٿي رهيو آهي.

ٻروڪناٿ : (شاهه لطيف ڏانهن نهاريندي جڏهن ڀاڻ سان ڳالهائيندي) پٽ لطيف، ماتا هنگلا ديويءَ جي ٻولي و شمش ڪريا ٿي آهي......

(شاهه لطيف جي المستي جاري آهي.)

ٻروڪناٿ : ماتا توکي وري ڳهرائيندي... لطيف، لوني ماتا جي مهر جا مينهن سدائين وسندا رهندا... پٽ، جس لنهنجي در جو دربان ٿي رهندو...

(شاهه لطيف زمين تان مٽيءَ جي مٺ کڻي ان ڏانهن نهاري ٿو. مٽي ڏيري ڏيري هن جي آڱرين جي وچين ۾ وهندي ٿي رهي.)

شاهه لطيف : مٽي ملهائتي مولين کان،
مٽيءَ جو ڏس ۾،
جنهڙي ٿي لعل ٻيس پڻون هيمان،
موندان ته سچو پدن ڏکيندو،
رهندو سدا سر مٿان سوار!
مٽيءَ جو ڏس ۾،
شان ۽ طومان!

ٻروڪناٿ : (ڀاڻمراد و) هنگلا ديويءَ جي مٽيءَ جي مٺ ڏليا

(شاهه لطيف فقط ڪنڌ ڌوڻي ڪري هاڪار ڪري ٿو.)

پرونداٿ : تنهنجي جيون ۾ وشمش گهڻا ٿورا ٿيڻ شروع ٿي
ويون آهن. هاڻي توکي ڪنهن ۽ ڪنهن جي
جاءِ بابت جاڻڪاري ڏيڻ تمام ضروري آهي –
بيحد ضروري .. پر لطيف، اجا پنڌ ٻاري آهي،
منزل دور آهي. هن لمبي ياترا جي انت ۾ ڇا
ملندو، ان جي نه توکي خبر آهي ۽ نه اسان کي –
پر، اڳتي وڌڻ ضرور آهي، ضرور......

(پروتنامو ۽ شاهه لطيف ڪجهه قدم گڏجي اڳتي وڌن ٿا)

⁂

پهاڙي رستا / ٻاهر / ڏينهن

پروتنامو، ڪملناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف اڳتي وڌندا ٿا وڃن.
اڻانڪا رستا، لاهيون، چاڙهيون، ڇپن تي چڙهڻ، ڇپن تان
کسڪندي کسڪندي لهڻ. هڪ هنڌ ڪجهه ڇاياادار استان ڏسي
جوڳين جو قافلو اُتي پڙاءُ ڪري ٿو.

ڪملناٿ : سوامي جي، توهان سٺو ڪيو جو اڳوڻي ڪان اسان
کي آجو ڪيو. هاڻي اسان آزاد آهيون.

پروتناٿ : پر ڪمل، اسان کي ڪو واپس نه ڪلاچي ڏانهن
ورڻو ڪونه هو جو اڳوڻي کي اڪائي رکون. اسان
رمتا جوڳي، اڄ ڪٿي ته سڀاڻي ڪٿي. ماتا جو
درشن ڪيوسون، هاڻي ڏسون ته ماتا ڪيڏانهن
ٿي موڪلي.

شاهه لطيف : ته پوءِ سوامي جي، ڪاٿي منزل ته ضرور خيال ۾
هوندي توهان جي؟

جيڪي جال نه لهي، تنهن اي سنڀار،
جو وساريون وسرا! پنهنجي پڪار.

(شاهه لطيف جي وائيءَ ۾ سمايل درد جي خوشبوءِ نه فقط آس-پاس ويٺل جاتين کي پر پروتمانڪ سوڊ ۽ جوڳين کي به آرتاڻي ڇڏي. هر ڪوئي پنهنجا پنهنجا ڪم ڇڏي پاري پاري ڌيان سان شاهه لطيف جي دردائي صدا کي ٻڌندو رهي. ڪجهه فقير ۽ جوڳي جاڳي ته طنبور به ڪرڻ شروع ڪن.)

پروتمانڪ: ڪمال ٻيت، ڏٺءِ لطيفي جي ڪلام جو ڪمال؟
هي نوجوان ناچيون ناچي مائٽن کي پنهنجي وس ۾ ڪنديون، پنهنجي ڪرتب جو ديوانو بڻائينديون ۽ سنسار ۾ خوشبوءِ ڦهلائينديون.

شاهه لطيف: اڀرندي ۾ سج، ٻولن جي پسنديون،
ڪهي پيئي ڏج، اکڙيون ڪانگن کي!

پروتمانڪ: اهو الڳ ٿي هڪلا ديويءَ جو چمتڪار. ماتا ٿي جاتين اکيون ٿي چاڙهيون، ڏسو ڪهڙو نه ڪمال؟ ڪريءَ جي ڪلپنا ۽ ڀاڳ جي آڳ پن ستن ۾ ٿي اکين کي مهاڀروگي ۽ ان-ڀروگي بڻائي ڇڏيو آهي!

(پروتمانڪ ڏاڍي ڌيري هلندو شاهه لطيف جي سامهون اچي بيهي ٿو. جيتوڻيڪ هن وقت شاهه لطيف شانت آهي ته به سندس اکيون دور دراز آسماني وڻين ۾ ڪجهه ڳولهي رهيون آهن. پروتمانڪ پنهنجو ساڄو هٿ آهستگيءَ سان شاهه لطيف جي ڪلهي تي رکي ٿو.)

پروتمانڪ: هاڻي وقت اچي ويو آهي ته تنهنجي سوال جو جواب ڏجي ٻيت لطيف!

(شاهه لطيف سوالي نظرن سان پروتمانڪ ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتمانڪ: ڪندلنيءَ ۽ ڪندلنيءَ جي جاڳ - ياد اٿيئي، لطيف؟

مهرشي پاتنجليءَ جو يوگ - درشن مکيه اسٿان والاري ٿو...

شاهه لطيف: مون هندن جا چار ويد ته پڙهيا آهن پر اهي ڇهه شاستر ڪهڙا آهن؟

پروتنات: ويشيشڪ، نياءِ، سانکيه، يوگ، اُتر - ميمانسا ۽ ويدانت. ان کان سواءِ سؤ کن اُپنشد به آهن، جيڪي اصل ۾ ويدن سان ئي واسطو رکن ٿا...... پر لطيف، تون ان چڪر ۾ نه پؤ - بلڪل پيچيده ويندين. نياءِ ترڪ - وترڪ سيکاريندو، سانکيه ناستڪ بڻائي ڇڏيندو. اهڙا ته رستا آهن جو هڪ به رستو ختم نه ٿيندو. ان لاءِ ئي ته آخر هار مڃيندي رشين چيو - نيتي نيتي: هي به نه، هو به نه.

(شاهه لطيف ڌيان سان ٻڌي رهيو آهي. ڪجهه نه ڪجهه چنچل ٿو لڳي، شايد ان لاءِ جو ته کيس انهن سڀني ڳالهين جي ڄاڻ آهي.)

پروتنات: مهرشي پاتنجليءَ يوگ شبد جي معنيٰ سمجهائي: چت جي ورتين تي روڪ ٿام رکڻ واري ساڌنا. پر اڳتي هلي يوگ جو ارٿ ڪافي ڪشادو ٿي ويو. اهڙي هرڪا ساڌنا جيڪا آتما جو پرماتما سان ميل - ميلاپ ڪرائي ان کي يوگ چوڻ لڳا. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو پاڻ ۾ ڪيترن ئي قسمن جا يوگ شروع ٿي ويا. خود گيتا ۾ ئي ارڙهن قسمن جي يوگن جو اُپديش ڏنل آهي. پر ساڌنا جي کيتر ۾ مکيه طور اشٽانگ يوگ ئي قبول ٿيل آهي. ان اشٽانگ يوگ جي آڌار تي

پروتمات : منزل ته پري، ڏکي آهي. باقي سڀ ته وشرام-
گهر آهن. جوڳي رستن رڻي ۽ ڪارڻ ڪوم لاهي
ڪم ڪوڙ ڪندا آهن. اسان جي جيون جي لاءِ
هوا جي حوالي آهي ۽ هوا جو مالڪ آهي پرماتما.
پنهنجو سڄو جيون هن هڪ جي حوالي ڪري ڇڏ.
لطيف، پڙهه لکڻ مڪمل ٿي ويندين- ٻالڪ
مڪمل. تنهنجا سڀ ڪم هن جا ڪم ٿي ويندا
۽ پنهنجا ڪم هو پاڻهي پورا ڪندو.

(سڀ جوڳي ڪاني نه ڪائي جڳهه ڳولهي ويهجي ٿا وڃن. سڀئي ڏاڍا ٿڪل، ماندا، بکيا ۽ پياسا آهن. ڪپڙي جي ڳوٿريءَ مان ڪجهه رکيل سڪل روٽيون ڪڍي هڪ- ٻه گراهي کائن ٿا ۽ پاڻيءَ جا ٻه- ٽي ڍڪ پيئن ٿا. پروتمات ۽ شاه لطيف ڪجهه پري ڪوند ٿا ويٺن. اُتي سڀني کان الڳ هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ وڃي ٿا ويهن. سندن پيشان ڪملائل آهي ٿو ۽ پروتمات جي موڪ آگيا پاڻي هٿن سان ٿي گڏ ويهي ٿو رهي. هن وقت به شاه لطيف ڪسي جوڳين جهڙو ئي لباس اوڍيل آهي.)

پروتمات : پت لطيف، اسان کي ياد ٿو اچي ته اول ته اسان
توکي پڙهايو هئو سهڻن ته پرم- پد- پراپتيءَ جا ٽي
مارگ آهن: يوگ- مارگ، گيان- مارگ ۽ ڀڳتي-
مارگ. ڀارت ۾ يوگ- ابهياس تمام پراچين ڪال
کان ٿيندو آيو آهي. يوگ جو ذڪر ويدن ۾ به
ملي ٿو. اُپنشدن ۾ ته يوگ کي اچا ۽ وڏيڪ
مهتو ڏنو ويو آهي. جيتوڻيڪ اڄ ڪلهه سڀ هندو
ڌرم ٿا سڏين، اهو اصل ۾ سناتن- ڌرم آهي ۽
سناتن- ڌرم جا ڇهه پراچين شاستر آهن جن ۾

پرو تندات: ۽، ڇو ته تون هڪ بالڪ وانگر سرل آهين. نروڪار آهين ۽ معصوم آهين.

(شاهه لطيف اکيون کڻي نو جهڪائي)

پرو تندات: ڀڳتي نرگڻ ۽ نراڪار به ٿيندي آهي ته سگڻ ۽ ساڪار به ٿيندي آهي. برهم ۽ الاهه جي ڀڳتي نرگڻ ۽ نراڪار ليکبي پر رام، ڪرشڻ، محمد ۽ عليءَ جي ڀڳتي سگڻ ۽ ساڪار ليکي ويندي...

شاهه لطيف: پر اسلام ۾ ته فقط الاهه جي عبادت ئي جائز آهي...

پرو تندات: سمجهڻ جي ڪوشش ڪر پٽ لطيف! جڏهن تون حضرت محمد جو گڻ گان ٿو ڪرين يا عليءَ جي تعريف ۾ ڪجهه چوين ٿو ته اها سگڻ ۽ ساڪار ڀڳتي ئي ليکبي. يا محمد! يا يا علي! چوڻ وقت جي ڪائي تصوير، ڪائي صورت تنهنجي ڪلپنا ۾ اڀري ٿي ۽ ان وقت، ان گهڙيءَ ۾ تنهنجي اها سگڻ ۽ ساڪار ڀڳتي ئي آهي. پر جي "محمد" جو نالو تون الک پرماتما جي ارٿ ۾ ڪم آڻين ته اها نرگڻ يا نراڪار ڀڳتي ئي ليکبي. ڪبير جو رام، ياد رکج، "دشرٿي رام" ڪونه آهي پر "پرم برهم" جي معنيٰ ۾ اچڻ وارو ان ڪري ئي کيس نرگڻ اپاسڪ به چيو ويو آهي...
اٿ پٽ، وڌ اڳتي. وڌڻ سان ئي وڌڻ ٿيندو. هل ته ڪجهه حاصل ٿئي.

(پرو تندات، ڪمل ناٿ ۽ شاهه لطيف اڳي اڳتي وڌن ٿا. هنن سان گڏ ئي ٻيا جوڳي به هنن جي پٺيان پنڌ هلڻ شروع ٿا ڪن. جوڳين جو اڳتي وڌندڙ قافلو.)

ئي ڪجهه ٻيا يوگ ٻڌايا ويا آهن جيئن ته هٺ-
يوگ، راج يوگ، تپ يوگ ۽ منتر يوگ. هاڻي
ته يوگ جي معنيٰ ئي وڃي هٺ-يوگ ۽ منتر-
يوگ رهي آهي.

سو، ڀٽ لطيف، تو ڏٺو ته يوگ مارگ ڪنڊن سان
تن جي تپسيا سان ڀريل آهي. گيان مارگ اٿئي
رکو. ويتو جيون ڀر درشن- شاسترن ۽ گرنٿن جو
ابياس ڪر، واد- وواد ڪر، ترڪ- وترڪ ڪر
۽ هن- هن سان ڀيڙ متو ٽڪرا. ڀيرو، ڀڳتي
مارگ اٿئي سرس، رس- ڀريو، رس- ڀڏو
۽ رس-مئو. تون ڪوي آهين. ڪوين کي گهڻو
ڪري ڀڳتي مارگ ئي وڻندو آهي. سورداس کي
ڀڳتي مارگ وڻيو، ميران کي ڀڳتي مارگ وڻيو،
تلسيداس کي ڀڳتي مارگ وڻيو ۽ ڪبير کي به
ڀڳتي مارگ ئي وڻيو. جيتوڻيڪ هو ڌرم اُپديشڪ
به هو، سڌارڪ به هو، يوگي به هو ۽ وڏو وچارڪ
به هو، پر هو ڀڳت ڪبير جي روپ ۾ ئي
مشهور. ڀٽ ڀڳتيءَ ۾ هڪ عجيب قسم جي
مستي آهي، شڪتي به آهي ئي.

شاهه لطيف : سوامي جي، توهان مونکي ڪنڊليءَ جي باري ۾
ڪجهه ٻڌائڻ وارا ها...

پروتمات : ڌيرج سان ڀٽ، ڌيرج سان سڀ سلسلو سمجهڻ جي
ڪوشش ڪر. اُتاولو ٿئي ٿو ته تون آهين ته
ڌير-گنڀير ڀر هن وقت ايترو ڇو ٿي رهين آهين؟

شاهه لطيف : ڇو نه سوامي جي، مان هڪ بلڪل نئين ڳالهه ٻڌڻ
وارو آهيان، ڪجهه بلڪل نئون سکڻ وارو آهيان.

پروٽمات : لاٽپمت کان وٺي وڃڻان ٽاڻين ياترا ڪندين تہ
پاڻ مرادو سمجهي وينديون تہ انسان ڪڏهن
ڪيٽن ئي پرم-پد-پراپتيءَ جي ڀانئي پنهنجا سوارٿ
پورا ڪري ۽ اندرين جا سک ماڻي. آتمڪ ڪيٽرہ
ڪمن ٿيون شيطاني شڪتيون گهڻي اڄ-ن. اهو
بلڪل ڇٽو ٿي ويندو تنهنجيون اکيون جي سامهون...
ان لاءِ اسان توکي چيو هئوسي تہ سڀ کان وڏي ڪ
سندر ۽ سرڪشمہ آهي پگڙي مارڳ. پرماتما کي
نرگڻ ڪري ڪٿين يا سگڻ، ڪوئي فرق ڪونہ ٿو
پوي. سهارو اوم جو وٺين، الاهہ جو وٺين، رام
جو وٺين، ڪرشڻ جو وٺين يا محمد جو وٺين.
ڪهڙو ٿو فرق پوي. مقصد تہ آهي پنهنجي من
جي ورتين کي اونچائين ڏي پهچائڻ. ياترا تہ توکي
پاڻ ئي ڪرڻي آهي، اهي ٽالا تہ فقط ٽالا آهن-
دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ ڀانا آهن. ڇوٽڪارو توکي ٿي
آهي ...

شاهہ لطيف : پر همت وٺي تہ هوءَ هلندو نہ؟

پروتمات : لولو لنگڙو آهين؟ ڪوئي همت وٺي ڪو نہ هلندو.
تون پنهنجو همت پاڻ ئي پڪڙيندين پر سمجهندين
تہ تنهنجو اشت ديوتا ٿو توکي هلائي. اهو ئي راز
اٿئي، اهو ئي ڀيد اٿئي. اهو جاڻين تہ سڀ جاڻين.

(شاهہ لطيف سوالي نظرون کڻي پروتمانت ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتمات : پٽ ٻٽ لطيف! جنهن وقت اسان تنهنجي سامهون نہ
هونداسين ان وقت جي توکي اسان جي ضرورت
پوندي تہ تون اسان کي ياد ڪندين، اسان کي سڏ
ڪندين ۽ اسان تنهنجي سامهون اچي پهنداسين ۽
توسان ڳالهائينداسين ... پر، اهي اسان نہ هونداسين.

شاه لطيف: سڳڻن سان نہ سوُر جي، تنا ولکن رلجوُري،
ٻيا آهن پست پر، مٿن ماموُري،
لڳن لنوَ لطيف چئي، سدا جي سوُري،
پرس جن ٻوري، تن رو ٻو وهامي راتڙي!

پروتنات: سچ ٿو چوين لطيف! جن جي دلين ۾ پرماتما لاءِ پرام آهي، تن جي واس تہ ڇا پر سڄي زندگي درد ـ سوُر سهندي ئي گذري ٿي. پر، جن جي لنوَ لڳل آهي پرماتما سان، انهن جي ٻار ۾ وهڻ سان ئي ڪشت ڪٽجو وڃن، آنمڪ آنند جي سڳنڌ ٻن سان تن ـ من وهڪجو وڃي.

شاه لطيف: وڻان وايو وڙهن، رهي اچجي راتڙي!

(ڪجهه دير پروتنات، شاه لطيف ۽ جوڳي چپچاپ اڳتي وڌندا ٿا رهن)

پروتنات: اسان ناٿ پنٿي آهيون.

شاه لطيف: ناٿ پنٿي؟

پروتنات: جوڳين جا ٻه ڪئين پنٿ هوندا آهن. اسان ناٿ ـ پنٿي آهيون. اسان شو ڀڳوان کي آدي ـ ناٿ کري مڃيندا آهيون. کي وري ٻڌ ـ مت کي مڃيندڙ مهاياني ۽ هنياني هوندا آهن. تنهنکان سواءِ چوڙاسي سڌ به آهن سڌ ـ پرمپرا ۾ وري کي سهجياني نہ کي وري وجرياني. ڀوڳ ۾ سڀني جو وشواس آهي پر هر هڪ مت جو ڀوڳ پنهنجو پنهنجو آهي.

(شاه لطيف جي چهري مان ائين ٿو لڳي ڄڻ هو سڀ ڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي به گهڻو ڪجهه ڪري نہ سمجهي سگهي. پروتنات هن جي ايا اڻهن ڏسي هلڪو مرڪي ٿو.)

پرولتي راهون / ٻاهر / ڏينهن

(جوڳي ۽ شاهه لطيف پرولتي راهون جهاڳيندا اڳتي وڌندا وڃي رهيا آهن. الائي ڪيترو هليا آهن، پر سندن منهن تي ٿڪان جو نشان به ڪونهي. ازغيبي المستي جي عالم ۾ هلندا ٿا وڃن. لڳي ٿو ڄڻ هلڻ ۽ هلڻ ئي هنن جي منزل آهي.)

شاهه لطيف: رڙان ٿي، راڻا! هنڌ تنهنجو ڇڏيا،
ڀنئي ڪهه ڪٽن تي، آيا ٻانگر ٻراڻا،
ڏريائي ڏوڙا ٿيا، ڏو ر ۽ وهاڻا،
جانون، گل، جبل، وڻ تو ري ڪوماڻا،
مينڌرا! ماڻا، تو ري ڪنديس ڪنهن سين.

ڪمال ذات: لطيف، اها لڳي ٻئي الڳي، ڇپي ڪانه ٿي......
ڇوڙون نه ڇوٽي، ٿوڙون نه ٿوٽي، انهي لڳن لڳي ساڄن سون! ڪيئن؟

پر وتفات: هڙو ڀرو ائين ناهي. ڀٽ لطيفي جي الڏ ۾ ٻانهه جو ساز نه سدائين وڄندو ئي رهندو. پر ان ۾ سر ۽ ٻول، ٻرماتما جا هوندا. ڪونسر جي ڪنڊ ڇن جهڙي ڪلا مستي جي مول ڪونه وڪامندي. لطيفو ٻرنم - مارئي ڪري آهي، صوفي شاعر آهي. هن جو عشق الاهه جو ئي هڪ ٻيو نالو آهي.

شاهه لطيف: جڳ جين ئي ڇوه، عاشق ٿئين نه سکيو،
اکين ڏئين نه روه، اڳوڙهو جين ڳل ڳڙي.

پر وتفات: پڇ ڪمل ڀت؟ لطيفو عاشق ٻراٻر آهي ٻر صبر وارو نه الهئي، ڦٽر ڪيٽر نه الهئي. رونندو، ٻهو اکين مان ٻاڻي وهي ڳلن تان ڳڙندس ڪونه... ٻيانين والگر جلندو سڄو ڏينهن، ٻر ٻاهر ٻاڦ نه ڪيلندو!

آهي اسان نه هونداسين. اهو تون پاڻ هوندين- تون پاڻ هوندين. تون پاڻ ئي، اسان جو روپ ڌاري ڪري، اسان جي گمان ۽ ساڃاڻ ۽ شڪتين کي پاڻ سان ڪٺي پنهنجي سامهون ئي اچي پهچندين ۽ پنهنجي رهبري ڪندين.

(شاهه لطيف اڳتي ته گڏ گڏ ئي ٿو وڃي جو هنجي اکين ۾ پاڻي ٿو اچي وڃي ۽ مدهوشيءَ جي حالت ۾ سوامي پرمانند جا ڪٺي ٿو پڪڙي. هڪ عجيب نظارو آهي. سڀ جوڳي پنهنجي ٿا وڃن ۽ ان نظاري جو آنند ماڻين ٿا.

شاهه لطيف : سوامي جي! سوامي جي!

پرمانند : هائو ڀٽ لطيف! هائو! تون ئي آهين. تون ئي آهين. تون پاڻ آهين. تو کان سواءِ ٻيو ڪوئي آهي ئي ڪونه. هيڏانهن هوڏانهن، هتي هتي، جتي ڪٿي تون جهڪي ڏسين ٿو، محسوس ڪرين ٿو، اهو ٻيو ڪوئي ناهي- تون، تون ۽ فقط تون ئي آهين. سڄي برهمانڊ ۾ سمايو پيو آهين تون. تون پاڻ ئي گرو آهين، پاڻ ئي چيلو آهين ۽ پاڻ ئي گيان ۽ ڀڳتي آهين. تون پاڻ ئي پاڻ کي ئي جدا جدا ڪرم ڪندو جدا جدا نظارن ۾ ورهايل ڏسين ٿو. ڀٽ لطيف، آهين تون جو ڪڏهن به ”مان“ نه چئجانءِ. سڀ ڪجهه، ”مان“ سوڌو، ”هو“ جي حوالي ڪري ڇڏجانءِ. ان ڪري تان ڪسندين نه سو چوٽون کائيندين.

(شاهه لطيف آلين اکين سان پرمانند ڏانهن نهاري ٿو. پرمانند شاهه لطيف کي ڀاڪر پائي ٿو. مها-ملن جو هڪ الوڪڪ درشيہ آهي اهو.)

آهي سوئي ننڊ يعني شرير ۾ آهي. پٽ لطيف، انسان جو شرير سموري سرشٽيءَ، سڄي ڪائنات جو هڪ ننڍڙو روپ آهي. ان آڌار تي ئي ڪلپنا ڪئي وئي آهي ته هر منش جي شرير جي اندر وشو- شڪتي به آهي ته قسمين قسمين برهمانڊ به آهن. انهن کي ئي چڪر چيو ويو آهي. سمپورڻ سرشٽيءَ جي سمپورڻ شڪتيءَ کي مها ڪنڊلني چيو ويو آهي. ڪنڊلني شبد هيٺين نموني آهي :

कुण्डले अस्याः स्तः इति कुण्डलनी

يعني اها شڪتي جنهنجا ٻه ڪنڊل هجن، ڪنڊلني آهي. اهي ٻه ڪنڊل آهن اڙا ۽ پنگلا- جن کي ڪبير پنهنجيءَ من- موڙ جي ڀاشا ۾ انگلا- پنگلا جي نالن سان پڪاريو آهي.

شاهه لطيف : ڪبير صاحب لوڪ جي خاص لفظن جو استعمال نه ڪيو آهي؟

پروتمات : ڪبير جي واڻيءَ ۾ لوڪ ۽ تنتر جا ڪيترا وشيش شبد ڪم آيل آهن، شايد ئي ڪنهن ٻئي ڪويءَ جي ڪاويه ۾ هجن. اها ڪبير جي ئي وچتر شڪتي آهي جو اڄ نه هو ڪوين ۾ مرڏان جڳهه والاري ٿو.

شاهه لطيف : (ڌيمي آواز ۾) سچ آهي سواميجي !

پروتمات : اڙا ۽ پنگلا ٻه ناڙيون آهن. انهن جي وچ ۾ سشمنا ناڙي آهي. انهيءَ سشمنا ناڙيءَ مان ئي ڪنڊلني شڪتي مٿي ويندي آهي.

اڙا ۽ پنگلا ناڙين جو اڀيوگ ته گهڻو ئي رهندو آهي پر سشمنا ناڙيءَ جي راهه اڪثر بند ئي رهندي آهي. لوڪ جوڳ خاص ڪرياڻون ڪرڻ سان ئي سشمنا- پٿ کلندو آهي ۽ ڪنڊلني- شڪتيءَ

شاهه لطيف: سوامي جي! ڪنڊليني ...
(پروتناٿ هڪ پل رکي شاهه لطيف ڏانهن نهاري ٿو. پوءِ مرڪي ٿو.)
پروتناٿ: هائو، ڪنڊليني. اسان کي چڱيءَ طرح ياد آهي.
(ڪجهه دير خاموشي.)
پروتناٿ: ڪنڊليني جاڳائڻ جو ورڻن هٺ-يوگ جي گرنٿن سان گڏو گڏ تنتر جي ڪتابن ۽ گرنٿن ۾ به ملي ٿو. ڪنڊليني جاڳائي ڪري ئي اسان يوگي آتم-جوتيءَ جو درشن ڪري سگهندا آهيون ۽ انهد ناد ٻڌي سگهندا آهيون.
ڪنڊليني پنهنجو پاڻ ۾ ئي ناد-سروپ، جوتي-سروپ ۽ شڪتي-سروپ آهي. هر ناد، جوتي ۽ شڪتي پراپت ڪرڻ لاءِ سادڪ کي چڪر-ڀيدن ڪرڻو پوندو آهي. يوگ-سوتر ۽ شو-سنهتا گرنٿن ۾ ڇهه چڪر ليکيا ويا آهن ۽ اسان ناٿ-پنٿي ۽ تانترڪ چڪرن جي سنکيا ڇهن کان وڌيڪ مڃيندا آهيون. اهي چڪر نوڙٽا هوندا آهن لنگهن ٿي سادڪ جي ڪنڊليني جاڳندي آهي ۽ ڪيترن قسمن جون سڌيون ڪيس پراپت ٿينديون آهن.
(ڪجهه دير شانتي)
پروتناٿ: پٽ لطيف! جيئن تو اهو سڀو ڏورڪڏندو ڪلپنا ۾ هلندو رهندو آهي، سوکم آهي، اسٿول ناهي، ان ڪري مٺن ۽ وچار ڌارائن ۾ ايڪتا ساهي. جيئن جيئن پاڻو، تيئن ئي مجهو ۽ ٻڌايو. هر هڪ ڳالهه ۾ سڀ يوگي شامل راهه آهن ته ڪنڊليني-ساڌنا سڀني قسمن جي يوگ-ڪريائن جو آڌار آهي. يوگ-شاستر جو سڌانت آهي ته جيڪو برهمانڊ ۾

ڪنهن لئي - بندگيءَ جو جاڳرڻ هرگز نٿو ٿي سگهي.

شاهه لطيف: بلا شيخ من يمشي في الطريق- جو مرشد کان سواءِ طريقت ۾ هلي ٿو سو جڻ ابليس جي سنگت ۾ هلي ٿو......

(اوچتو هوا جي رفتار تيز ٿي وڃي ٿي. گهوگهاٽ جا آواز اچي رهيا آهن. دور کان واچوڙو اچي رهيو آهي. چوطرف ڌوڙ ئي ڌوڙ ڇانئجي ٿي وڃي. مرولداس، شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي ٻاهر جي ڇپن جو سهارو وٺي ويهي ٿا رهن. چوگرد ڌوڙ جو ميرڊو ڇانئجي ٿو وڃي.)

*

سوترڌار (فقط آواز)

درشيه

شاهه لطيف سر سسئي آبري
جي داستان ۾ چئي ٿو:
جهڪي ٻار ڪماس،
وڃي وڻڪار ۾،
جلد جريدي ٻنڌ ۾،
اڏيون اڄ اماس،
وڃي ڪڇ ٻيماس،
ٻارو ڇاڻي ٻاجهه سان.
۽......
واقف نه وڻڪار جي،
پاڻي ڪيم نه پاڻ،
جبل جلداڻون ڪري،
نڪر ڏيکاري ناڻ،

سرسبز زمين جا نظارا.
مانڊري ۽ چراگاهه

"جانو" چراگاهه
"جانو" ٻاهر...

جو مقالعو ٻاسي وهڪرو لڳندو آهي ۽ ڪيترين
شڪتي جاڳندي آهي. ان ڪري ئي ٻيجي سانڪ جا
مراڪ شڪر ئي وهندا آهن ۽ هو ان شرنيت-ٻيت مان
ٻرندو انهد ناد ٻڌندو رهندو آهي.

(ڪجهه دير لاءِ سڀ چپ چاپ ائين ويٺا رهن. او چتو
پرولنات هڪ هنڌ ٻيجي اٿي وڃي. شاهه لطيف جاڳي جوڳي ٻيا
اهي لڳا رهن.)

پرونات: ٻٽ لطيف! ٻرهم کي پرڪاش ۾ آڻيندڙ ناد ۾ ارهم
ئي آهي. ان جو سڌو سادو مطلب ۾ اهو مطلب
آهي ته ٻرهم ئي ٻرهم کي پرڪاش ۾ آڻي ٿو.

شاهه لطيف: وڏو ڪور ڪندڙ آهي.

پرونات: گور ڪندڙ شبد لهي ئي نه ها جي مهانوئي
گور ڪنات جو يوگ اهڙو پرسند نه آئي ها. لطيف، اسان
جيڪو ڪجهه توکي ٻڌايوسي ۽ اها ئي جيڪو ڪجهه
توکي ٻڌائيندا سين آهي سڀ مستڪ ۽ مولڻ پڙهڻ
سان ها ڪنهن جي ٻڌائڻ سان سمجهه ۾ اچڻ وارو نه
ڳالهيون ڪو نه آهن. يوگ جي اهڙا جتل سانڌنا پڌتي
مان، چيتن چاهي ڌيان ڪرڻ سان ئي مراڀيت لهڻ
واري ناهي. ان کي ته اکين جي سامهون ئي نور ۽
ڪري ڏيکاريو ويندو آهي. گرو ڪندو، شش
ڏسندو ۽ سکندو. يوگ سانڌنا ۾ گروءَ جي هٿ-هٿ
تي ضرورت پوندي آهي. ان ڪري لڀي اسان
ناٿ پنٿي يوگي، سنياسي، وجريانالي، ڪالڪرڪ ۽
سمت لوڪ گروءَ ۽ ڪامل مرشد جو اهڙو گڻ ڳائي
ڪندا آهيون. سڀئي گروءَ ڪانسواءِ سنسار جا چاهي
ٻيا سڀ ڪم راس اچي وڃن پر يوگ-سانڌنا ۽

واري ايراضيءَ ۾ ساوڪ ۽
سرسبز زمين آهي. انهيءَ ماٿريءَ
۾ وسيع چراگاهه آهن. انهن
چراگاهن مان هڪ جو نالو
آهي: جانُو!

ماٿري
وسيع چراگاهه.

"جانُو" نالي وارو هڪ پهاڙ
بہ آهي ۽ انهيءَ پهاڙ جي
پاسي ۾ ٻي "جمر" ۽ "جر"
نالي وارا جبل بہ آهن.

"جانُو" پهاڙ
جمر ۽ جر جبل

"وڏڪار" هڪ ڳوٺ جو نالو
آهي ۽ اهو ڳوٺ لس-ٻيلي
کان کيرٿر جبل جي قطار سان
لڳو پيو آهي.

"وڏڪار" ڳوٺ
کيرٿر جبل جي قطار.

ان کيرٿر جبل مان ٻي "ٻارن"
ندي نڪري ٿي جا ڦٽارا
بهت لتاڙيندي، ڪونڙي تعلقي
جي ڳوٺ "سال مڪان" وٽان
لنگهي سنڌو ندي- ۾ وڃي
چوڙ ڪري ٿي.

ٻارن ندي جو آسمان مان نظارو

ٻارن ندي جو سنڌو نديءَ ۾
چوڙ ڪرڻ جو نظارو:

ڪونڙيءَ کان "سال مڪان"
سٺن ڪوهن جي مفاصلي تي
آهي ۽ ان ڳوٺ جي آباديءَ
۽ خوشحاليءَ جو دارو مدار

سال مڪان ڳوٺ جو نظارو.

لکي لڪ لطيف چئي،
معذورن مٿاءِ،
اٿي اوڏو آءُ،
جت هوت هيڪلي آهيان.

۽......

وڏا وڻ وڻڪار ها،
جت لالڪ سڄڻ ليلا،
اٿي عبدال لطيف چئي،
ڪيا هيڪلين هيلا،
جت ڪڙم نه قبيلا،
اُت رسج رهبر! راهه ۾.

"ڄمر" ۽ "ڄر" جبل......

۽......

وڻڪاريءَ وڻڪار،
اڃ نه ڏئو ڪڏهين،
مور نه هٿي مارهين،
هو سڀ هندوڪار،
جت ڪيالين يار،
سڙن ڪارڻ سرلهون!

ڪيرٿر جبل جي قطار...
"وڻڪار" ڳوٺ...
"ٻارن" لڪن جو نظارو..

هنگلاج جي ياترا ۽ هنگلا ماتا
جو درشن ڪرڻ کان پوءِ
شاهه لطيف مها يوڳي ٻروتنامه
۽ ٻين جوڳين سان گڏ لاهوت
طرف ويو جنهن جو اصلوڪو
نالو گوڪل هو.

لس - ٻيلي جي ان آڳر - اوٻار

پرونانت : (گايتري منتر جو جاپ ڪندي.)

ॐ भूर्भुवः स्वः तत्सवितुर्वरेण्यं भर्गो
देवस्य धीमहि धियो यो नः प्रचोदयात ॥
ॐ शांति शांति शांति.....

(اس-ٻولي جا ڪجهه درشيه. ڪجهه قدرتي نظارا. وايو منڊل ۾ ڦهليل "اوم" جي ڌوني. جوڳي پنهنجن جدا جدا يوگ-ڪريائن ۽ ساڌنائن ۾ لڳا پيا آهن. ڪمل ناٿ پدماسڻ لڳائي ويٺو آهي ۽ پراڻايام ڪري رهيو آهي. نظر نڪ جي چوٽيءَ جي سڌ ۾ اٿس. پر ڪويءَ جو چنچل من لڳي ڪونه رهيو آهي. هو ڌيري ڌيري اکين کي کولي ان طرف نهاريو جتي مها يوگي پرونانت ۽ شاهه لطيف ويٺا آهن.

پرونانت ۽ شاهه لطيف به پدماسڻ ۾ ئي ويٺا آهن پر هو ڪجهه ڳالهائي رهيا آهن. ڪمل ناٿ پنهنجيءَ جڳهه تان اٿي هنن جي پرسان پدماسڻ ۾ ئي ويهي ٿو. پرونانت چاهي شاهه لطيف هن ڏانهن بلڪل ڌيان ڪونه ٿا ڏين.)

شاهه لطيف : گهڙو ڀڳو ته گهوريو، پاتان هو حجاب،
واجهه تو جي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ۽ صواب، آئون گهٽو لي گهوريان.

ڪمل ناٿ : (مذاق ڪندي) هاهه! هاهه! لطيف-ناٿ! سنڌيا جي سڀ يوگ-ڪريائن ۾ هي سهٽيءَ جو گهڙو ڪٿان گهڙي آيو؟ آسان-پاسان ڪاني لنگهندي ڏٺئه ڇا؟

(پرونانت ڪجهه تکين نظرن سان ڪمل ناٿ ڏانهن نهاريو. ڪمل ناٿ هڪدم چپ ٿي ٿو وڃي. شاهه لطيف پنهنجن ئي خيالن ۾ مگن آهي.)

"ٻاڙن" لاءِ جي پاڻيءَ لئي
آهي. ان ڪري ان طرف
ويندا آهن ته:

وسي جي وڏڪار،
نه سرهي ٿئي سال ڏهاڙي!

ڪهڙو جبل جي وڏڪار ڏوڻ
۾ وسڪارا ٿيندا ته سال
مڪان جون گهرڙيائيون
سرهيون ٿينديون.

سال مڪان جي آسودگيءَ جا
ڪجهه ڏرشيه ....

شاه لطيف جوڳين سان گڏ
جبل جهاڳيندو. انهن تان
ٻڌ ڪندو، اڏانگن ٻيڙن
کي پار ڪندو، خوف ۽
خطرن کان بيپرواهه، اڳي
ٿس-ٻلي ٿيندو.

جوڳين جو قافلو ۽ شاه لطيف
اڏانگن راهن تان اڳتي وڌندا
ٿا وڃن.

*

اس ٻيلو / ٻاهر / سنڌيا

(ڪئميرا ڪلوز ميڊيم پروگرام جي چهري لئي. هو ڌيان ۾
مگن لڳي رهيو آهي. ڪئميرا جي پل ٻئڪ ڪرڻ سان اسان
ڏسون ٿا ته پروگرام ۽ ٻيا جوڳي دم-چت لئي گايتري منتر جو
جاپ ڪري رهيا آهن. شاه لطيف به هنن سان گڏ آهي، پروگرام
جي ڀاسي ۾ ويٺو آهي ۽ ڌيان ۾ مگن آهي.)

ڪمل ناٿ : گروديو، توهان بلڪل ٺيڪ چئي رهيا آهيو. پـر جنهن ڪبير جـو توهان اُداهرڻ ڏنو آهي اُهي ڪبير ني ڪيترن هنڌ آتمڪ گيان جون ڳالهيون رکن ۽ سکن شبدن ۾ ڪيون آهن. شبد-ناد جو ورڻن ڪندي چيو اٿائين:

سبدهن تالا، سبدهن ڪولجي، سبدهن سبد سمايا!
سبدهن سبد سي ٻرچا ٿيو، سبدهن سبد سمايا !!

(پروتناٿ ۽ شاه لطيف چپ آهن.)

ڪمل ناٿ : ڪبير ناد-بندو جو ورڻن ته تمام رکي-سکي ٻاشا ۾ ڪيو آهي :

अव्यक्त नादैं बिन्दु गगन गाजैं
सब्द अनहद बोले।
अतरि गति नहि देखै नंडा।
ढूंढत बन बन डोले ॥

شاه لطيف : سوامي جي، ناد نه سمجهم پر بندو ڇا هي؟ ناد-بندو جو ٻاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي.

پروتناٿ : ناد-بندو جو ٻاڻ ۾ اهو ئي سمبنڌ آهي جهڙو آتما ۽ پرماتما جو آهي، جهڙو جيو ۽ برهم جو آهي، جهڙو انسان ۽ الله جو آهي.

شاه لطيف : سو ڪيئن سوامي جي؟

(ڪمل ناٿ مٿهن لڪائي مرڪي ٿو. شاه لطيف جو ڌيان ان طرف ڪونه ٿو وڃي ۽ پروتناٿ ڏسي ٿو وٺي، ڏسي ڪري به هو ڪمل ناٿ جي حرڪت کي نظرانداز ڪري ٿو ڇڏي.)

پروتناٿ : شاه لطيف، هڪ دفعو وري اسان توکي ناد-بندو جو ارٿ سولي نموني سمجهايون ٿا. اسان جوڳي ناد-بندو شبدن جو پرئوگ الڳ ارٿن ۾ ڪندا آهيون. عام طور ناد جو ارٿ آهي سوکيم شبد

پروتڪات : ڪوئي لطيفي جو سٽيءَ جي گهڙي سان ڪولسي مطلب ئي ڪونه آهي. ڪويءَ پنهنجي پلڪ سان انهدناد جو ورڻن ڪيو آهي ... اها سٽ وري ته چئج ته پنهنجي لطيفه، رباب واري ...

شاهه لطيف : واڄٽ وڄي وجود ۾،
رهيو روح رباب ...

پروتڪات : ڪمل آهه، اها سٽ فقط پڙهل-پڙهايل ڳالهين جو دهراءُ ڪونه آهي. اندر جي آنـوهار جي تصوير آهي... سالڪ جي سچي سادنا جي سڳنڌ آهي. ان سٽ ۾ ... اهڙان شبد نه آهن اهي، اهو ته هڪ جاندار ۽ جاڳرت منتر آهي. سچي هستي ئي ابهم ئي وئي آهي ۽ سچيءَ هستيءَ مان ئي اسرم-ناد گونجي رهيو آهي...

آهه ڪمل، سڀني سنتن مهاتمائن ۽ ڀڳت ڪوين اهوئي طريقو اپنايو آهي. ان کان سواءِ ٻيو ڪو رستو آهي ئي ڪونه. ڪرتا ۾ ڳالهه چوڻي آهي ته رس پيدا ٿي ٿيندو، مدرتا آڻڻي ئي ٿيندي ۽ سنگيت پريا پول چوڻا ئي پوندا. ڪبير جو هي دوهو ضرور پڙهو هوندو:

ليکا ڪي ڪر ڪولري، پتلي پلنگ بڇاءِ!
پلڪون ڪي چِڪ ڊالڪي، پيءُ ڪو ليا رجهاءِ!!

ڪوي مهراج، ڇا توهان هن دوهي کي شرنگار رس ۾ ليکيندا؟ ڀڳتي انس ۾ ٻاهر جي ساگر ۾ ٻي وڃي سمائجندي آهي. ڀڳت ڪوي ٻانهن کي استري بڻائي ٿا ۽ پيءَ کي ڪنهن ناٿ جو سهارو وٺي، ڪوئي فرق ڪونه ٿو اوري.

ڪملناٿ : ڪبير جهڙو المست، نڊر، ڦڪڙ، اکڙ، صاف-گو ۽ همت ڀريو شايد ئي ٻيو ڪو ڀڳت ٿيو هجي، هڪ هنڌ چئي ڏنائين :

बिन्दु राख जो तरवै भाई ।

खुसरै क्यों न परम गति पाई ॥

ويريه جي رکشا ڪرڻ ۽ برهمچريه پالڻ سان ئي جي سنسار جي ساگر مان پار پوڻ ممڪن هجي ته پوءِ جيڪر سڀ کدڙا ۽ هيجڙا پرم-پد کي پائي وڃن!

(شاهه لطيف جي چهري تي به هلڪي مرڪ نمودار ٿئي ٿي. صاف ظاهر آهي ته ڪبير جي صاف-گوئي ۽ دليل جي پختگيءَ کيس ڏاڍو متاثر ڪيو آهي.)

پروتناٿ : چوڻ جو مقصد فقط اهو آهي ته اڌياتمڪ انڀوتيءَ کان سواءِ، روحاني احساس کان سواءِ ڪائي به ساڌنا ڪم اچڻ واري ناهي. اندر ۾ اگني نه هوندي ته ڪجهه به هٿ اچڻ وارو ناهي.

شاهه لطيف : لا تقنطوا من رحمة الله ... ڌڻيءَ جي مهر مان اميد نه لاهيو.

پروتناٿ : اهو به سچ آهي. پرماتما جي سامهون ته نه هلي حيلو ۽ نه حجت. وٽس ته ٻن ٻوڙي ڇڏي ۽ وٽس ته پٿر به تاري ڇڏي!

(ڪجهه وقت جوڳين جو قافلو ۽ شاهه لطيف چپ چاپ اڳتي وڌندا ٿا رهن.)

شاهه لطيف : سڀ جوڳي اهڙن ئي هوندا آهن جهڙن توهان آهيو؟ ڀڀوت، مالائون، ڪنن ۾ ڪنڊل...

پروتناٿ : اسان جوڳين ۽ اوڌوتن جو سروپ اهڙو ئي هوندو

جهڙو ڏيهري ڏٺي اسٿول روپ ۾ بدلجندو ٿو وڃي ۽ آلمت ۾ سرشٽيءَ جي رچنا جو ڪارڻ بڻجي ٿو. ناد جو ارٿ انهد ناد به آهي. ان کان سواءِ ناد برهم ۽ پرماتما جي ارٿ ۾ به ڪم ايندو آهي. بندو شبد جو ارٿ آهي ويرج. ان شبد جو پريوگ اسان جوڳي پرمپرا ساڌنا جي ارٿ ۾ ڪندا آهيون. پر بندو شبد مان جيو آتما يعني منش يا پراڻيءَ جو به ارٿ نڪري ٿو.

اسان جي ڀڳوان مهايوگي گورکناٿ نه ناد ۽ بندو ساڌنا کي نئين روپ-سروپ پرادان ڪري جو هڪ نئين پڪو رستو ڏيکاريو آهي. ڀڳوان گورکناٿ پنهنجيءَ وائيءَ ۾ صاف صاف شبدن ۾ گهوشنا ڪئي آهي ته:

नाद बिंद है फांका सिला

जिहि साध्या ते सिधैं मिला ॥

اسان ناٿ-پنٿي جڏهن ناد ۽ بندوءَ جي سمائڻ جي ڳالهه ڪندا آهيون ته صاف ارٿ هوندو آهي پرماتما ۾ جيو آتما جو لاءِ ٿي وڃڻ، لين ٿي وڃڻ..

اڙي او شيطان ڪملناٿ، تون لڪي لڪي مرڪين ڇا ٿي پيو؟

ڪملناٿ : گرديو، مان اهو سوچي مرڪي رهيو هوس ته توهان بندوءَ جي وياکيا ضرور ڪندؤ پر "ڪسري" وارو حصو اڏائي ڇڏيندؤ ...

(ان تي پروتناٿ کان هلڪي کل نڪري ٿي وڃي. شاهه لطيف عجب ڀريل نظرن سان ٻنهي ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتناٿ : هاڻي ٻڌاءِ لطيف کي، جهڙا شيطاني الهامي دماغ ۾ ۽ دل ۾...

ٻڌي آهيون.
اسان ڪنڪريءَ جي ٻڌران هرڻ جي سڱن مان ٺهيل
هي واڄو رکندا آهيون. توکي ته ڄاڻ آهي سنڱي
واڄو ڪهڙن وڄائبو آهي!...

(او ڇڏو سنڱي جي وڄڻ جو آواز ٿيو اچي. ٻروتنات ۽ شاه لطيف ٻئي واري ڏسن ٿا ته ڪملانڪ هٿن جي ٻنهان ٻنهيان اچي رهيو آهي ۽ سنڱي وڄائي رهيو آهي.)

ٻروتنات : ۽ هيءَ آئيڙي ميکلا...

(ٻروتنات ڪمر ۾ ٻڌل هڪ خاص قسم جي رسيءَ کي ڇهي ٿو.)

ٻروتنات : هيءَ آهي گهنگهاري چڪر...

(ٻروتنات شاه لطيف کي گهنگهاري چڪر ڏيکاري ٿو. لوهه جي شيءِ کي ٿوڙو موڙو ڪري هڪ قسم جو چڪر ٺاهيو ويو آهي. ان جي وچ ۾ هڪ سوراخ ڪيل آهي. ان سوراخ ۾ ڪوڏي ٻڌي آهي.)

ٻروتنات : اسان منتر پڙهي ڦوڪ سان هيءَ ڪوڏي ٻاهر ڪڍندا آهيون. ان کي ئي گهنگهاري گورکڌندو به چيو ويندو آهي...

شاهه لطيف : ڇا توهان جو انهن سڀني ٻاهرين ڳالهين ۽ نشانين ۾ وشواس آهي؟

ٻروتنات : خاص ڪري... ان ڪري مان پنهنجن لوڪن کي سمجهائيندو رهندو آهيان ته چڪر ٻلي ڌارڻ ڪرڻ لاءِ منتر پڙهي، ڦوڪون ڏئي ڪوڏي يا ٽاڪو ڪڍڻ جي ڪالي ضرورت ڪرڻ آهي...

(شاه لطيف سوالي نظرن سان ٻروتنات ڏانهن نهاري ٿو.)

ٻروتنات : منهنجون شڪتيون ۽ آڌياتمڪ شڪتيون ڪوڏيءَ جي ڪم ٿي ته وڌائڻ گهرجن. اسان

آهي جهڙو ڏسڻ ۾ ٿو. هن تي پڪوڙ ڪ هوندي
ٿي آهي ۽ هو سدائين لڳاتار رهندا آهن اسان
کي ڪن-ڦٽا جوڳي ته چوندا آهن ڇو ته اسان پنهنجا
ڪن ڦاڙائي ڪنبل پائيندا آهيون.

شاه لطيف: سوامي جي، جي اوهان نه ٻڌايو ته توهان پڙهائيندا ته
ان مان ڇا ٿيندو؟ ڪهڙو ٻيو ٻڌائيندو آخر
ڪن ڦاڙائي ڪنبل پائڻ مان؟

پروتناٿ: پيت لطيف، هن شهر جي ڳالهه عجب آهي.
ڪهڙي الڳ ٿي ڇا ڪرڻ سان ڇا نتيجو نڪرندو
يا شهر جي ڪرڻ تي ڪهڙو اثر پوندو ان جو
ٺيڪ ٺيڪ جواب ڏيڻ ممڪن ناهي...... پر اهڙو
اسان توکي ٻڌائي ٿا سگهون ته ان پرٿا جي شروعات
مهاجوڳي متسيندرناٿ ۽ مهاجوڳي گورکناٿ ڪئي
آهي. اسان جوڳين لاءِ ڪجهه پنجن نشانين ڌارڻ
ڪرڻ به ضروري هوندو آهي. مکيه طور اسان
ڪنگري، ميکلا، سينگي، گهنگهاري، رودراڪش،
آڌاري، گودڙي، کپر ۽ جهولو ضرور ڌارڻ
ڪندا آهيون.

(شاه لطيف پروتناٿ جي شهر تي ڌارڻ ڪيل نشانين ڏانهن
نهاري ٿو. سندس نظر پروتناٿ جي ڦاٽل ڪن ۽ ان ۾ پيل
ڪنبل تي ٽڪجي ٿي وڃي.)

پروتناٿ: ڪنبل ته ڏسڻ ۾ پيو ٿو. ڏس، سڀئي جوڳين
جا ڪن ڦاٽل آهن. اسان مان ڪنهن وٽ به ڪنگري
کول آهي. ڪنگري هڪ قسم جو واڄو آهي ۽
اهو فقط پرٿوهري جا پوئلڳ ٿي پاڻ سان رکندا
آهن ۽ وڄائيندا آهن. اسان گورکنالي ناٿ پنٿي

شاهه لطيف : انهيءَ لاءِ تہ ٻيھر بہ توهان جي سنگت ۾ مون من لڳايو آهي .

پرو تقدات : اهي سڀ نشانيون اسان ٻوٽن کي ان لاءِ شروع کان ڌارڻ ڪرڻيون پيون ٿيون جيئن اسان کي سدائين ياد رهي تہ هن سنسار جو اصلوڪو روپ ڇا آهي ۽ اسان جي جيون جو ۽ جنم وٺڻ جو اديشہ ڪهڙو آهي . اسان ٻوٽن لاءِ سؤ سال بہ ڏهن پلن جي برابر آهن .

شاهه لطيف : سؤ سال ڏهن پلن جي برابر ڪيئن ٿا ٿي سگهن سوامي جي؟ آهن بہ سؤ سال سؤ سال آهن ۽ ڏہ پل ڏہ پل.

پرو تقدات : ڌيان سان پڇاڻ پٽ لطيف - بلڪل ڌيان سان...

(قافلو اڳتي وڌي رهيو آهي، ڪجهہ دير سڀ چپ چاپ اڳتي وڌندا ٿا رهن. ڪمل ناٿ شاهہ لطيف سان گڏو گڏ هلي رهيو آهي.)

پرو تقدات : پٽ لطيف، هڪڙو ماڻهو سپنو ڏسي رهيو هو — تمام عجيب ۽ سلسليوار سپنو ڏسي رهيو هو، اسان کي اڪثر سلسليوار سپنا ڪونہ ايندا آهن. پر هو ماڻهو سپني ۾ هڪ پوري ڪهاڻي ڏسي رهيو هو. سڀ کان اول هن پاڻ کي هڪ ننڍڙي ٻالڪ جي روپ ۾ ڏٺو . پوءِ ٿي نہ گذريو تہ هن ڏٺو تہ هو هڪ ناهوڪو نوجوان آهي سپني ۾ ئي شادي ڪري ٿو، پنهنجي ڪي ماڻي ٿو ۽ ٻارن جو پتا ٿئي ٿو. پوءِ پل مس ٿا گذرن تہ هو ڏسي ٿو تہ هن جو هڪ پٽ جوان ٿي ويو آهي ۽ شادي بہ ڪئي اٿائين. نہ فقط ايترو پر پنهنجي پٽ کي پتا جي روپ ۾ بہ ڏسي ٿو- پنهنجي پاڻ هاڻي ڏاڏو ٿي ويو- پوڙهو ٿيو، وڏي عمر وارو ڏاڏو! لطيف! ڌيان ڏي. سنسار

ٻرڪي چاهيون ته ٻهڪجهن سڌن جي آڌار تي لڏي،
کي اُلٽي پار ڪري سگهون ٿا ڇو ته ڌرتيءَ تي
هلي رهيا آهيون. پر ان مان اسان کي ملندو ڇا؟
۽ ان مان اسان وڃايو سين ڪهڙو؟ سمجهڻ ٻت
لطيف؟ جڏهن ٻيڙي اسان کي ندي پار ڪرائڻ لاءِ
ڪناري تي هڪ اٿي آهي ته ان مهل جون
شڪتيون ۽ آتمڪ شڪتيون ڇو وڃايون.
سڌن کي اُتي ڪم آڻجي جتي ٻيا سڀ رستا بند
ٿي ويا هجن.

(شاهه لطيف جي ڇوري تي اهڙا ڀاوَ ڏسڻ ۾ اچن ٿا جيڪا اها ڳالهه نه فقط هنگهي وٺي آهي پر هنجي سياءُ سان ٺهڪي به آئي آهي. ٻوڪهن جو ڦاڙلو هلندو ٿو رهي.)

پرولمات: هيءَ روحدائش جي مالا آهي. روحدر ارڌامه شوشنڪر ۽ اڪش ارڌامه اڪ. هيءَ نشان ڏسي ان کي ٿي اڪ چيئر آهي. جڏهن داڻي ۾ هڪ اڪ هجي اهو مهاشڪتيشالي ٿيندو آهي. لطيف، اسان جي هن سڄيءَ مالا ۾ ايڪ اڪشي روحدائش جا داڻا پوئل الهئي. ڪيهن ڏيهن ردائش جي مهما پڌائيندا سون. ٻڌون ڪلهيا به نه ڪري سگهندان ته هنن داڻن مان اسان جي شرير کي ڪهڙي ٿي شڪتي ملي ۽ من، چيت ۽ ٻڌيءَ ۾ ڪيترو ٿو سنتلن رهي. اسان جو هي ڪهڙو رنگ جو لنبو چولو الڪي، گوڏڙي ۽ ڏلبو ته سدائين ٻاڻ سان ڪٽيندا ٿي آهيون. جهاڙ-ڦوڪ جي جهاڙ-ڦوڪ ۽ رکيا جي رکيا. اسان هنن ۾ ڪيترا سدائين ڪٽيندا آهيون ۽ ...

آهن ڏاڍو سهڻو. سڄڙ دان پر ڏسا سڀ گهوڙا،
تو سڀ سلامن پر ٿي ڪم پورو ڪري ڇڏيو! پڪو
ڪري آهن- شبدن جو جادوگر ۽ ڪلپنائن جو
ڪاريگر...

پرو تڏائت: اس، وڌيڪ نه چئجانءِ... بلڪل نه. لطيفو فقط
شبدن جو شهر ناهي، ڪرم - ويڙ به آهي. ڪجهه
عرصو ترس، ڏسڻ ٿي دشائون هن جتي پرڪاش
سان اجهون ٿي وڃڻ پون- اجهون!

(شاه لطيف خيالن پر گم، پوڳين جي قافلي سان گڏ اڳتي
وڌندو ٿو وڃي.)

※

اس - پيلو / پاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز شاه لطيف جي چهري تي.
ڪئميرا جي ٺهل اسٽڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هو هڪ
گهاٽي وڻ جي ڇڙ ڪي هيٺ ڏٺئي ويٺو آهي ۽ ڪجهه سوچي
رهيو آهي.)

شاه لطيف: چارڻ لڳو، ٻيڻ گهٽو، ڪي ڄوڻانئي چئيج،
هٿ ڪي هلانيج، اٿي آئون نه اٿڻو.
اٿي آئون نه اٿڻو، هٿ ڪي هلانيج...

(شاه لطيف جي چهري جو ڪلوز- اپ. خيالن ۾ ٻڏل لڳرو ن)

※

۾ هڪ ماڻهوءَ کي ڏاڍو ٿيڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ
پنجاهه کن سالن جي عمر گهرجي. جيتوڻيڪ پنجاهه سالن
جو ڏاڍو به ڪي قدر جوان ٿي اُسرندو. پر سپني
۾ هڪ انسان ڏهن-ويهن سالن ۾، ڪجهه گهڙين ۾
ڏاڍو به ٿي ٿو وڃي!
پنجاهه سالن جو اڀياس، سپني ۾، ڪجهه گهڙين ۾
ملي وڃي ٿو سپني ڏسندڙ کي!
لطيف! هن درشنائت جي گهرائيءَ ۾ وڃ. جاڳرت
اوستا جا پنجاهه سال سپن-اوستا جي ٻن گهڙين جي
برابر آهن!
اسان ڀوڳي اهو ٿي سگهندا آهيون ته سون سالن جو
جيون ٻن گهڙين جو سپنو ٿي ته آهي!
ان ڪري، لطيف! هي سڄو سنسار، هن سنسار جا
سڀ ڪي الوڀو ٻن گهڙين کان وڌيڪ قيمت ۽ اهميت
رکن ٿي ڪونه ٿا- سو به سڀئي جيون ٻه گهڙيون!

ڪمل ناٿ: لطيف، هن سپني جي سنسار ۾ مهاداني ”سڄڻ“
جهان کي سمجهه-ڪاريه ڪري وڃڻ گهرجن... چوندا
آهن ته هن لس-ٻيلي جو هڪ حاڪم ٿي گذريو
آهي سڄڻ. هن جي سخاوت، اداريا ۽ دان-پنج
جون ڪيئن ڪهاڻيون پرسڌ آهن. هڪ دفعي هڪ
مديءَ چارڻ کي هڪ سو تازي گهوڙا دان ۾ ڏئي
ڇڏيائين... ويچارو چارڻ ته ڪهڙو؟ جهڪو نه ڳائي
چاڙهي نه وڃائي چاڙهي!...

شاهه لطيف: سڄڻ سردار، لس-ٻيلي جي جام کي لطيف جا
سوين سلام!

ڪمل ناٿ: ادا لطيف، ڪجهه سلام اسان لاءِ به بچائي رکو... پر

چمن جي صفن ۾ ڳاڙهي جي لٽڪن جهڙا ٻُور جا ڳوڙها ڇڻن- جن
مان ڪن جي ڏاڍا وڻندڙ هجن، نغاري جي شڪل جهڙو ٻُور
هجي، ڪٽنگهو ۽ جهُولو ڏيکي سگهڻ جهڙا ٻُور هجن ۽ ننڍڪا جهڙو
ٻُور هجي، اهو استان فقط "گوڪل" جي نالي سان ئي سڏجي
سگهي ٿو- ۽ "گوڪل" نالو ئي ان جڳهه کي خاص قسم جي دلڪش
معنيٰ عطا ڪري سگهي ٿو.

جڏهن انسان کي پرماتما ذرا به ڪاپڻا ڏٺي ڏسي هوندي ۽
جڏهن ڀارت جي پراچين اتهاس جو ڏورو ٻه اکين هيٺ هوندو
ان جي منهن مان هي استان ڏسندي ئي اوچتو نڪري ويندو:
آها! هي ته جسودا-نندن شري ڪرشڻ ڀڳوان جي گوڪل ٻاري
آهي!

(پنج سهڪنڊ شالعي)

ڳاڙهن، ڪن، جهولا... ڪرشڻ ڪنهنجي ڪان سواءِ آهي ڪوئي
ٻيو دليا ۾ ماکڻ-چور ۽ راس-رچئيا؟

شاهه بلاول جي درگاهه ۽ لاهوت جو درمياني رستو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪٽمبرا ڪاوڙ شاهه بلاول جي درگاهه جي هڪ خدمتگار ٿي.
ڪٽمبرا جي ٻل ڦٽڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هن جو لباس
فقط ڪاري ڪفني آهي ۽ ٻئر اگهاڙا اٿس. شاهه لطيف هن سان
ڪٺو ڪجهه هلي رهيو آهي- ٻرو تماشو ۽ جوڳي هن جي پٺيان پٺيان
اچي رهيا آهن. ٻرو تماشو، جوڳين جاهي شاهه لطيف کي ساڃهو ئي
ڪهرو رنگ جو ٻهراڻ اوڍيل آهي.)

خدمتگار : شاهه صاحب، ڏسوهان سهڊ آهيو، مومن آهيو،

سوترڌار (فقط آواز)

شاهه لطيف جي حياتيءَ جي احوال ۾ ڄاڻايل آهي ته هڪ دفعي هن لاهوت ڏانهن وڃڻ جو ارادو ظاهر ڪيو هو ته ان تي سندس پيءُ شاهه حبيب روڪيو هوس ۽ چيو هئائينس ته لاهوت وڃڻ ۾ ڏاڍي مصيبتن ۽ آفتن کي منهن ڏيڻ پوندو ته الهيءَ پاسي جن، ڀوتن، نانگن ۽ بلائون آهن. سڄو رستو خطرن سان ڀريو پيو آهي.

انهيءَ تي شاهه لطيف پنهنجي پيءُ کي جواب ڏنو

ابا ميان!

لکو جن جهان ۾، لکو سڄي لانگهه......

شاهه لطيف ڄاڪوڙن تي هريل هو ۽ مشڪلاتن کان ڊڄڻ وارو ڪونه هو. پر جڏهن وقت هو لاهوت طرف، جوڳين جي قافلي سان گڏ وڃي رهيو هو ته کيس به محسوس ٿيو ته سندس پيءُ ڪو وڌاءُ ڪونه ڪيو هو. هن اٿاهه گي پاسي، واٽ تي جيڪي خوف ۽ خطرا آهن تن جو ذڪر شاهه لطيف به ڪيو آهي:

چيتا چوڙ چنجن ۾، ار ۾ الائون...

ار ۾ الائون به آهن ۽ ٻيٽ جبل پاسي چيتا به چار آهن.

باقي رهيا جن ۽ ڀوت...

چون سڀ ٿا، ڏٺا ڪنهن ڪونه آهن...

هڪ ٻي ڳالهه، اڪ مکيه ڳالهه ...

ٻيٽ جبل ۾ واهڙون آهن جن تي انب، انجير، ڏاڙهون، ڪيوڙا ۽ نارنگيون ٿين ٿيون. هن جابلو ملڪ ۾ هيءَ باغات سچ پچ هڪ قسم جو معجزو آهي. پر اهو چمتڪار ڪو اڄ جو ڪونه آهي بلڪ ان وقت کان ولي وجود ۾ آهي جڏهن وقت لاهوت کي چوندا ئي ها "گوڪل"- گاڏين جو پويتر استان: گوڪل! جنهن جڳهه تي موهن سان پريم وڪار هجي، باغات هجي،

جبل جو منظر لاهوت / اندر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز لاهوت منظر جي چوٽي ۾ قدرتي نموني ٺهيل ڳانءِ جي ٿڻن جهڙن پٿر جي ڦڙن تي. انهن پٿرن ٿڻن مان پاڻي ڦڙو ڦڙو ڪري هيٺ ڳڙي رهيو آهي.
ڪئميرا جي پل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته منظر ۾ پروتداس، جوڳي، شاهه لطيف ۽ خادم بيٺا آهن. سڀني کي ڪاري رنگ جي ڪفني اوڍيل آهي. خادم لاهوت جو اتهاس بيان ڪري رهيو آهي.)

خادم : جڏهن شاهه بلاول سائين هتي قدم مبارڪ رکيا ۽ ان وقت هي جبل، هي زمين ۽ هي آس پاس گوڪل نالي هڪ ديو جي قبضي ۾ ها. گوڪل ديو هن ملڪ جو حاڪم هو ۽ سوا لک ديو هن جي زيردست ها.
سائين شاهه بلاول صاحب هتي اچي چلا ڪڍيا ۽ پنهنجي عبادت جي زور تي گوڪل ۽ سندس تابعدار ديون کي هتان ڀڄائي ڪڍيو. سائين شاهه بلاول صاحب اولياءَ ها ۽ سائين قلندر لعل شهباز جا همعصر ها. شاهه بلاول سائينءَ جي درگاهه هن جبل جو حقيقي سينگار آهي. هر سال رمضان مهيني جي نائين تاريخ درگاهه ۾ عرس لڳندو آهي، جيڪو سالانه ٽي ڏينهن هلندو آهي...
عرس ۾ اڪثر مومن ئي شامل ٿيندا آهن...

(اوچتو درگاهه جو خادم خاموش ٿي ٿو وڃي. هو محسوس ٿو ڪري ته شاهه لطيف ۽ جوڳين جو ڌيان هن جي ڳالهين ڏانهن گهٽ آهي. هو سڀ ڳانءِ جي ٿڻن جهڙي شڪل وارن پٿرن جي ڦڙن ڏانهن نهاري رهيا آهن، جن مان ڦڙو ڦڙو ڪري

روزي نماز جا پابند آهيو، توهان لاءِ "لاهوت" جي زيارت معمولي ڳالهه رکي ٿي ۽ توهان ان جا حقدار به آهيو... پر هي جوڳي...

شاه لطيف: ادا، جي مون مومن هوندي به هنگلا امبا جي قدمن ۾ سر جهڪايو ۽ ماتا جو درشن ڪري آنند ۽ مستي حاصل ڪئي ته ڪهڙو سبب آهي جو هي جوڳي "لاهوت" جي زيارت نٿا ڪري سگهن؟

خدمتگار: جوڳي "لاهوت" جي زيارت ڪن، ان ۾ ڪوئي هرج ڪونه آهي... رنڊڪ پيدا ڪري ٿو هي جوڳيا لباس - اهو گيرو رنگ.

پروتناٿ: (وچ ۾ ئي خدمتگار کي ڪٽي) پٽ لطيف! اسان سڀ جوڳي ڪاري ڪفني ۽ پڳ لاءِ بلڪل تيار آهيون. اسان جوڳين جون ٻيون به جيڪي نشانيون ڪاٿي اڙچڻ يا رنڊڪ پيدا ڪنديون، اسان ڪجهه وقت لاءِ انهن کي تياڳڻ لاءِ به تيار آهيون... پر هن بيابان ۾ ايتريون ڪفنيون آڻينداسون ڪٿان؟

خدمتگار: ان جو فڪر توهان نه ڪريو - اهو ذمو هن خادم جو...

ڪملناٿ: نه مهان، ڪاري ڪفني پائي لاهوت جو درشن ڪرڻ جو ذمو اسان پنهنجن جو...

(سڀني کان هلڪي کل نڪري ٿي وڃي.)

خدمتگار: توهان مهرباني ڪري اتي ئي ترسو، مان اجهو ٿو ڪفنين جو بندوبست ڪري اچان...

(خدمتگار واپس وڃڻ لاءِ مڙي ٿو. پروتناٿ، شاهه لطيف ۽ جوڳي اتي ئي ويهي ٿا رهن. خدمتگار تيز تيز قدمن سان شاهه بلاول جي درگاهه طرف وڃي رهيو آهي.) ✱

لاهوت واري صفي جي ٻاهران / ڏينهن

(پروهت، يوگي ۽ شاهه لطيف خادم سان گڏ لاهوت واري صفي کان ٻاهر نڪري رهيا آهن. ڪجهه ئي قدم هلڻ کان پوءِ پروهت ۽ شاهه لطيف سڀني جي اڳيان ٿي ٿا وڃن. باقي سڀ هنن جي پٺيان پٺيان اچي رهيا آهن. خادم سڀني جي پٺيان پٺيان هلي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: سوامي جي، مان ڌن ٿي ويس گوڪل جو درشن ڪري، اکيون ٺريون منهنجون گوڪل جي ڪلپنيءَ جو ديدار ڪري!

تهڙا چالهيا لسي چالهه،
جهڙو ٻسڻ پرينءَ جو!

پروهت: لطيف، هي گوڪل ناهي، گوڪل لاهوت ٿي ويو - وجود ٿي وڃائي ويٺو...

شاهه لطيف: سوامي جي، خدا نه ڪري - سڀ ٿو سمجهان - ايترو اڻڄاڻ ناهيان...

(پروهت مرڪي ٿو.)

شاهه لطيف: سوامي جي، هيءَ سنڌ ناهي، بلوچستان جي سرزمين آهي. هتان جا مڪاني ماڻهن "گوڪل" نالو ڪيئن ٿي برداشت ڪري سگهيا؟ سو "گوڪل" لفظ ميسارڻ لاءِ هنن افواهه ڦهلايا ته گوڪل هڪ بدڪردار جن-ڀوت جو نالو آهي ۽ جيڪو ان لفظ کي اچاريندو ان جو خير ناهي. گوڪل هن اچي پرگهٽ ٿيندو ۽ نالو وٺندڙ کي کائي ويندو... ان طرح لاهوت وجود ۾ آيو.

(ڪجهه دير ٿي چپ چاپ اڳتي وڌندا رهن ٿا.)

شاهه لطيف: گوڪل جي درشن کان پوءِ هڪلا ماڻسا ٻار ٻار

ٻاٽي سمي رهيو آهي.)

خادم : چوندا آهن اڳي انهن ڏٺن مان ڪيرو وهندو هو. هاٽي ته بس ٻاٽيءَ جا ڦڙا ٿي ڪِرندا ڏا نظر اچن...

شاهه لطيف : توهان انهن مان ڪير وهندو ڏٺو هو؟

خادم : نه ابا، اسان فقط ٻڌو آهي ته اڳي ڪير وهندو هو...

شاهه لطيف : شايد انهن ڏينهن ۾ جڏهن هن استان کي ”گوڪل“ ڪري سڏيندا ها...

(خادم ڪجهه ڇرڪي نظرن سان شاهه لطيف طرف نهاري ٿو. ڪملات جي چهري تي مرڪ نمودار ٿئي ٿي ۽ هو منهن ڪٽي ڏر ڦيري ڇڏي.)

خادم : هو ڏسو تغاريءَ جي شڪل جهڙو ٻٽر. اها آهي ٻيبي فاطما جي ڏوڙي! ٻيبي فاطما سڳوريءَ انهيءَ ڏوڙيءَ لي ماني پچائي هئي...

(ڏوڙيءَ جو ڪلوز- اپ.)

خادم : ... ۽ هن ٻٽرن ۾ پينگهو ٿلڪي، ٻيبي فاطما سڳوريءَ امامن کي پينگهي ۾ لوڏيو هو ....

عجب نه ڪائو. حضرت محمد ﷺ هتي آيا ها. حضور جن هتي هڪ ٻٽر مان ڪشتي پيدا ڪئي هئي. اها ڪشتي اڄا تائين هتي موجود آهي. لاهوت کي معمولي جڳهه نه سمجهو سائين! هي مڪي شريف جو دروازو آهي. خاص دروازو ...

ساڄن مهڙيس سوُ ر ،
سڪ نہ مهڙيس سهڙن ،
ساڄن مهڙيس سوُ ر !...
ڏهوڙي جي اکين جو ڪلوز - اپ.
شاھ لطيف جي اکين جو ڪلوز - اپ.
ڏهوڙي جون اکيون چڱي ڄانداز لڳي رهيون آهن.
جهان ۾ ڪم شاھ لطيف جون اکيون...

✻

سوتر ڏار (فقط آواز)	درشيہ
هنگلاج جو پهرين دفعو درشن ڪرڻ ڪان پوءِ شاھ لطيف ۽ ڄوڳي واپس ڪلاچي آيا...	واپسي ياترا جا ڪجهہ درشيہ
۽ پوءِ ڏيول - ڪوٽ جو ديدار ۾ ڪيائون...	ڏيول ڪوٽ جي زمين
ليلا - چنيسر جي لوڪ - ڪٿا وارو ڏيول ڪوٽ شاھ لطيف جي سر ليلا - چنيسر وارو ڏيول ڪوٽ...	ليلا ۽ چنيسر جون تصويرون

بيت : (مرداڻو آواز)

چنيسر سهن چاءِ ، مٿان ڪا مدد ڪري ،
ڪالڪ ڪنهن جو نہ وَٽي، ڪهرب ۽ ڪاءِ ،
جي ڳڙي ڳور ڳياءِ، تہ ڏوس دسائي داسڙو ،

مون کي پاڻ ڏانهن سڏي رهي آهي- مان ماتا ڏي
ويندس، اوس ويندس. اسان سڀ ماتا هنگلا ديويءَ
جي درشن لاءِ هلنداسون- هنگلاج هلنداسين!

(پروڊيوسر شاهه لطيف جي پر خيال چهري ڏانهن نهاري ٿو ۽
مرڪي ڪنڌ لوڏي ٿو.)

*

هنگلا ماتا جو ٿان / اندر / ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز هنگلا ديويءَ جي چهري تي. ڪئميرا جي پئن پٺ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا پٿر تي لکيل هنگلا ديويءَ جي شرڌا تي مجاور ۽ جاتري ڪجهه اوتي رهيا آهن. شاهه صاحب ٽڪٽڪي لڳائي ماتا جي چهري ڏانهن نهاري رهيو آهي. لڳي ٿو ڄڻ ماتا جي ڪشش هن تي مقناطيسي اثر ڪيو آهي. پروڊيوسر ۽ ٻيا جوڳي ڪجهه پريان بيٺا آهن ۽ اهو نظارو ڌيان سان ڏسي رهيا آهن.

هن وقت پوڳين چاهي شاهه لطيف جي بدن تي جوڳيا رنگ جو لنبو چولو پيو آهي ۽ جوڳين کي پيهڪون سڀئي نشانيون شريو تي ڌارڻ ڪيل آهن. شاهه لطيف جو هڪ بيت اوو ٻلئپ ڪري ٿو. جنهن ۾ هو پاڻ سڏ - پڌ ڪويل انسان جي حالت ۾ آئي بيٺو آهي ۽ ديويءَ ڏانهن نهاري رهيو آهي.)

بيت : وڃي ڏور نه ٻاڙن، سڄڻ مون نه سهرين،
جي مٿي رلدن رڃن، ساجن ملي تنکي...

(ڪجهه پل خاموشي)

ڪنهن هڪ سندر سهڻي ڏيهه
هئي، جنهنجو نالو هو:
ڪونروُ ...
ڪونروُءَ جو مگھڻو سنڌس
سونت اِلهاديءَ سان ٿيل هو...
۽ هڪ ڏينهن....

ڪونروُ پنهنجن سهيلين
سان گڏ باغ ۾ کل - چرچا
ڪري رهي آهي.

✻

محل ۾ ڪونروُءَ جو ڪمرو / اندر / صبح

ڪئمرا ڪلوز ڪونروُءَ جي چهري تي. ڪئمرا جي ٽلٽ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هوءَ آدم قد آئيني جي سامهون اڀي سينگار ڪري رهي آهي. ان سان گڏو گڏ هوءَ ڪجهه گنگنائي رهي آهي:

ڪونروُ : (گنگنائي ٿي) مهري، تو گرڌر گوپال، نند ڪي لال،
دوُسرو نه ڪوئي!
هان جي، دوُسرو نه ڪوئي...

(ڪجهه دير چپ رهي سينگار ڪري ٿي، وري گنگنائي ٿي.)

ڪونروُ : پريت ڪر، ڪاهوُ سکه نه لهيو - نه لهيو، نه لهيو!
هم جو پريت ڪري مانڌو سون،
چلمن نه ايڪ کهيو!
پريت ڪر ڪاهوُ سکه نه لهيو... هون هون هون...

(اوچتو ڪوئي زنانو هٿ ڪونروُءَ جي ڪلهي کي ڇهي ٿو. ڪونروُءَ ڪان چرڪ ڀرو نڪري وڃي ۽ هڪدم منهن ورائي ڏسي ٿي.)

ڪونروُ : اڙي جمني! تون آهين؟ مون کي ته ڏڪائي
ڇڏيئه...

بيت : (زنانو آواز)

ڪوڙين ٿنڀن ڪاٺين، لوڻ ڪوڙين سندو ڪالڪ،
مون کي ڇڏ م داسڙا! تہ وڃان تہ وٽ وانڌ،
مون ڳچيءَ ۾ ٻانهڙ، تو، چنيسرا ھنڪ ۾.

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيہ
راجا چنيسر سومري گهراڻي جو هو ۽ "ديبل ڪوٽ" تي راڄ ڪندو هو . جنهن تہ "ديبل ڪوٽ" سنڌو نديءَ جي هڪ شاخ ٻگهاڙ جي ڪنڌيءَ تي آباد هو الڪري ان کي "ديبل بندر" بہ ڪري ڪوٺيندا ها.	راجا چنيسر محل ۾ ڇهل قدمي ڪري رهيو آهي- هو بيحد خوبصورت ۽ ٺاهوڪو آهي . ٻگهاڙ جي ڪنڌيءَ جو درشيہ ڇوليون
ليلا سندس ٻت راڻي هئي...	ليلا ۽ چنيسر جو پلنگ تي ليٽ - ليٽ ڪرڻ ۽ ٻاراڻم ولوڙ. ٻئي بيحد خوش آهن.
راجا چنيسر جو وزير هو جکرو .	جکرو . ڪجھ سوچي رهيو آهي.
اُهيءَ ئي زماني ۾، ڪڇ ملڪ ۾، راڻو کنگهار لکپت جو ڇٽ ڌڻي هو ...	راڻي کنگهار جو ڪلوز- اپ .

مرکي : نہ ڇا بدناميءَ جي ڊپ کان هٿ تي هٿ رکي ويٺي رهون؟
کنگهار : ڪالهي رمز ڪرڻي پوندي.
(ڪجهه دير هو سوچي ٿو.)
کنگهار : تون ۽ ڪونرو ونجارڪو ويس ڪري، ديول ٻندر وڃو ۽ ڪنهن حيلي حوالي سان وڃي چنيسر جي ويجهڙائي حاصل ڪريو. اوماڻا چاهيو ته ليلان‌ءِ جو نيڻن هٿي وڃي هٿ ڪندو.

*

ديول ڪوٽ ۾ ڳلن واريءَ جي گهر جو اڱڻ / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز ڳلن جي ٽوڪريءَ تي. ڪئمرا جي ٽل-اپ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته ڳلن جي ٽوڪري هٿ تي کڻي آهي ۽ ان جي پرسان تي ڳلن واري مائي، مرکي ۽ ڪونرو ويٺا آهن.)
ڳلن واري: ادي، مون کي ٻڌايو سمجهي ٻڌجي اڳهان اندر ڪوٺيو اٿو ته مان به اندر جو ٿي ڏس ڏيندس.
ڏسجانءِ ادي، تنهنجي ليلان جي راڄ-ڀاڳ نه مائي نه تنهنجا ٻچا ۽ منهنجو منهن...
مرکي : نہ نہ ادي، ائين نہ نہ چئو ا ٻچا تنهنجي وارن تي!
ڳلن واري: ادي، تنهنجي من جي ڪامنا وڏي جکري، هيستان ته پوري ٿيندي. جکرو آهي چنيسر جو جکرو، چنيسر جي جان، چنيسر جي اکيالي... جکري جا ڪٿي ته سمجهاڻا ڪر ڏيو- هان...... هل ته ادي مان اي ڳالهه هلاڻا جکري وڏو وٺ.

(جمني ڪنرُوءَ کي ننهن کان چوٽيءَ تائين چتائي ڏسي ٿي.)

ڪنرُو : ڇاهي ڙي جمني؟ ڪڏهن مون کي نه ڏٺو اٿئي يا هي وڳا ڪونه ڏٺا اٿئي؟

جمني : ڏٺو ته ٿو ڪي به، اڄ ته تنهنجي سڀني وڳن کان به واقف آهيان، پر هيڏو سينگار مون اڳهين نه ڏٺو...

(ڪنرُوءَ فقط مرڪي ٿي ۽ آئيني ۾ پاڻ کي ڏسي ٿي.)

جمني : ڪوئي ته سبب هوندو هن سينگار جو. پاڻ کي لاهي وري، پائي ناهين، ڪٿي چندر تي ته دل ڪونه اچي ويٺي اٿئي؟

ڪنرُو : چندر؟ هاءِ چندر! ڪنرُوءَ جي پيار ۾ چندر ڪٿي؟

جمني : ڪنهنکي ڪهڙي خبر ته ڪنهنجي پيار ۾ ڪير آهي. دل ۾ ويچار اٿيو آهي ته ڪجهه ته ٿيڻو هوندو.

ڪنرُو : جمني، چندر جي ڳت - راڻي ليلا جي اڳيان هليا آهن ڪنهنجا حيلا؟

جمني : ڪلهه نه هليا، اڄ نه هليا ته ڇا سڀاڻي به نه هلندا؟ سؤ کان پوءِ سؤ هڪ به ٿيندو آهي ۽ هزار کان پوءِ هڪ هزار هڪ به هوندو آهي.

راڻي ڪنگهار جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

ڪنگهار : مرڪي، چندر سان سڱ ڪرڻ ته مان - شان وارو پر جي انڪار ڪيائين ته جڳ ۾ کلڻ - هاب ٿينداسين.

چنيسر : اسان آڳاٽي پرو ڏهاڙن کان ته ٻڌرائي ليلا جي
وفائي، پر ڪڏهن سان نه ڏاتو نه پرکيو هوسين اسان،
ڏيهن هاڻي وچ سکڻو تا...

☆

رستو / ٻاهر / ڏينهن

(رستي تي هڪ وڏي وڻ جي هيٺان گلن واري، مرڪي ۽
ڪوئرو بيٺيون آهن. رستي تان ڪي لانگهائو اچي وڃي رهيا
آهن. هنن ڏانهن ڪنهن جو به ڌيان ڪونه آهي.)
گلن واري: هاڻي ڇا ڪنديئن ادي؟
(ڪوئرو ڏاڍو مايوس لڳي رهي آهي. هن جي اکين مان درد
جهلڪي رهيو آهي.)
مرڪي : هاڻي ته بس هڪ ئي رستو وڃي بچيو آهي...
(گلن واري ۽ ڪوئرو هن ڏانهن نهارين ٿيون.)
مرڪي : ...... ٻئي ليلا وٽ موٽي هلون ٿيون ڪري وڃي
پڇنديونسين. سندس سموا ڳالهه ڪنديونسين. جنهن
سانگ جا سمر ٻولندا، اتي ٻڌڪون وڃائي
چڏينديونسين. ايئن ڪندو ڪنهن ڏينهن اهڙو
اوسر اوس ملندو جو چنيسر جو چت ليلا تان
ڦري ويندو ۽ ڪوئرو جا لايا سڀايا ٿيندا.
گلن واري: چنيسر کي گهٽ نه پالڻو، ليلا ۾ ساه اٿس ۽
آڌوٽ و ساهه اٿس.
مرڪي : ادي، سموا - ڳالهه جهڙو جڳ ۾ نه ڪوئي جادو
نه ڪوئي هٿيار.

جکري وزير جي محل جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

(جکري وزير جي سامهون ڳلن واري هٿ جوڙيو بيٺي آهي)

ڳلن واري: سائين، هين آسوندين جا بس توهان ئي آسرا آهيو...

(مرڪي هڪدم ڪٽي ٿي جکري جا پير پڪڙي ڪولڙو ٻـ جکري کي ٻهري ٻوڙ واري آهي ته جکرو هڪدم ڪٽي تو ڪولڙو جا هٿ ٻاري ڪري ۽ ٻاڻ ۾ ڪجهه ٻوڙتي هڻي تو وڃي.)

جکرو : تون ٻهاٽي آهين، مون تي ڏٺن ته چاڙهه... اڃ ادي، ويهه – دل نه لاه – ڪجهه سائين ٿي ته رکڻ.

(جکرو هاٿي ڀلنگ، ٿي ويهي ٿو رهي. مرڪي ۽ ڪولڙو ٻاسي ۾ ئي ٻهل گدبدار ڪرسين تي ويهن ٿيون. ڳلن واري ٻيٺ ۾ ويهي ٿي رهي.)

جکرو : ادي، سائين ٿي رک، مڙئي ڀلو ٿيندو. سائين ڪندو سڀ سٺائي ٿيندي. سڀاڻي ٻوٻاٽ جي وڏي صبح سوير و ٻاڻ چنيسر وٽ چڙهي ويندس. اميد ته ڏيئ، ٿوکي نراس نه ڪندو، ضرور محل ۾ گهرائيندو.

❋

چنيسر جي محل ۾ راڄا جو خاص ڪمرو / اندر / صبح

چنيسر : معتري مهاشه، ٻتراٽي ٿهلا جي وٽي، اي ڪنهن سان ٻه ٻاتو ته رکنداسين اسان!

جکرو : (هٿ جوڙي) آسوندن جي طرفان هٿ ٻڌي وري هڪ دفعو وينتي ٿو ڪريان- ڪولڙو تي ڪا ڪرپا جي ڪٽي وسايو... ٻماسي جي ٻماس ٻجهايو.

انسان مصيبت جي مارئل ابلائن تي هٿ رکڻ لاءِ
مهر لي اوي.

(ليلا ڪجهه دير سوچي ٿي. ان وچ مرڪي ۽ ڪونروُ اُٿڻ - ٽڪ
پرائل نظرن سان هن ڏانهن نهاريندون رهن ٿيون.)

ليلا : ٺيڪ آهي، اڄ کان وٺي توهان ٻنهي ماءُ - ڌيءُ
منهنجون خاص پالڻهارون آهيو... هاڻي منهنجو منهنجو
ڪم سمجهي ڇڏيو .

(مرڪي ۽ ڪونروُ گڏجي ڪنڌ ٿيون ليلا جا پير پڪڙين. ليلا
هڪدم کين اُٿڻ جو اشارو ٿي ڪري. ٻئي ڏاڍي ادب سان
بيهي ٿيون رهن.)

ليلا : منهنجو نالو ڪونروُ آهي نه؟... تو لئي ڪم ٿي
رکان راجا چندر جي سيج وڇائڻ جو - ۽ مرڪي،
تون منهنجي دل جي سرتاج چندر لاءِ هڳاءُ اُٽلائيندينءَ -
هڳ به اهڙي جهنڪي ڏسي وڏن وڏن پرينن
جا سر جهڪي وڃن.

سوترڌار (فقط آواز) درشيه

ڪونروُ هر رات چندر جي
سيج سجائيندي رهي ۽ مرڪي
هر روز چندر لاءِ هڳاءُ
اُٽلائيندي رهي...

ڪونروُ چندر جي سيج
سجائي حسرت ڀرئل نظرن
سان اُن ڏانهن نهاري ٿي...
مرڪي هڳاءُ اُٽي رهي آهي...

گلن واري: ڀڳوان ڀلي ڪندو......

❋

چنيسر جي محل ۾ ليلا جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز ليلا جي چهري تي. ان وقت مرڪي ڳالهائي رهي آهي.)

مرڪي : سائڻ، اسان غريبڙن تي هٿ رک - پنهنجي ڪنهن ڪاج ۾ لڳاءِ.

(ڪئمرا جي پٺ ٽِڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته مرڪي ۽ ڪونرو غريب عورتن جي ويس ۾ ليلا جي خاص ڪمري ۾ بيٺيون آهن. ٻنهي جا هٿ جوڙيل آهن ۽ نماڻائي چاهي عاجزيءَ جون تصويرون لڳي رهيون آهن. ليلا مهاراڻين جهڙي لباس ۾ شاهي ڪرسيءَ تي ويٺي آهي. مرڪي جهڪي ڪري ڪٽي ٿي، ليلا جا پير اکڙي. ڪونرو اٻني تي رهي ٿي.)

مرڪي : سائڻ، زماني جي ڦيري اسان کي روئي هڻي در تائين آندو آهي. ڀئيو - ٻچڙا، مڙئي ڇو نڀي جو ڪجهه هو سواهه ٿي ويو. پرماتما پنهنجيءَ ڪرپا سان توکي پٽ-راڻي ڪيو آهي، وڏا ڏان ڏنا آهن... اسان تي هٿ رک.

(ليلا مرڪيءَ کي پيرن تان اٿڻ جو اشارو ٿي ڪري. مرڪي اٿي ڪونروءَ سان گڏ بيهي ٿي رهي.)

ليلا : ڪو هٿ جو ڏانءُ به اٿو؟

ڪونرو : سائڻ! اما اٿڻ جي ڪم ۾ ڪو ثاني نه رکي... مان وري گهرو ڪم ڪار ۾ ڪڙي تڙي آهيان.

دل، ڪهڙي سور توکي هڻي، وڌو آهه مجبور ڪيو؟

(ڪنورُ ڪجهه دير چپ رهي ٿي ۽ هن جي چهري ۽ اکين مان صاف ظاهر آهي ته هوءَ راز سلڻ لاءِ تيار آهي. ليلا هن ڏانهن نهاري ٿي.)

ڪنورُ : ڪو ڏينهن هو جو مان به راڻين وانگر راڄ ڪندي هئس ۽ هندورن ۾ جهولندي هئس... سانئڻ، رات جي وقت منهنجي نو-لکي هار جا هيرا ائين چمڪندا ها، جرڪندا ها جو ڄڻ ته اونداهه ۾ سوين ڏيئا ٻري پوندا هجن! سوين شمعون روشن ٿي وينديون هيون! اهي ڏينهن ياد ڪندي ۽ منهنجي اڄوڪي حالت ڏسي، تقدير جي تماشي تي روئي ڏيان.

ليلا : مون کي وشواس ڪونه ٿو اچي...

ڪنورُ : منهنجي ڳالهه جي اوچ ٿي؟

ليلا : نه، نو-لکي هار ٿي. اهڙو هار تو وٽ ڪٿي ٿي رهي سگهي.

ڪنورُ : ترس، سانئڻ. ترس، هاڻي ته ٿي اهو هار ڏيکاريانءِ.

(ڪنورُ چوليءَ ۾ هٿ وجهي اندران هڪ ڏٻلي ڪڍي ٿي ۽ ان جو ڍڪ کولي ٿي. ڏٻليءَ جو ڍڪ کلندي ئي ڪمرو تيز چمڪاٽ سان ٻرجي ٿو وڃي. ڪنورُ نو-لکي هار جو هڪ هيرو ڪڍي ٿي ليلا جي هٿ تي رکي.)

ڪنورُ : سانئڻ، هيءَ ته منهنجي نو-لکي هار جو فقط هڪ هيرو آهي. ذرا سوچ، جنهن وقت اهڙا ڪيئن هيرا، هار ۾ پوئجي، منهنجي ڳلي جو سينگار

ان طرح ڪيترو ئي عرصو
گذري، ويو هو ڪونروءَ لاءِ
وصال جو وارو نه ٿيو...
ڪونروءَ جي دل جي اڪواري
وڌندي رهي، اداسائيءَ جو
دونهون وڌيڪ گهاٽو ٿيندو
ويو... وڌيڪ گهرو ٿيندو
ويو...
هڪ رات انهيءَ بدقسمتيءَ
تي ڪونروءَ جي اکين ۾
پاڻي اچي ويو...

سڀاڻي صبح...
ڪونروءَ جون اداس اکيون...

چنيسر جو ڪمرو / اندر / رات

ليلا : ڪونرو، تنهنجي اکين مان پاڻي ڇو وهي رهيو آهي؟ ڪهڙو درد آهي توکي؟ ڪهڙا سور ستائي رهيا آهن توکي؟

ڪونرو : روئان ڪونه ٿي سائڻ! راڻا چنيسر جي سيج وڇائيندي چادر جي ڪنڊ وڃي اکين ۾ لڳي، سو پاڻي اچي ويو...

(ڪونرو منهن ڦيري اکيون اگهي ٿي ڇڏي.)

ليلا : مون کي ٻار ٿي سمجهين ڪونرو؟ درد جي ڳوڙهن ۽ چادر جي ڪنڊ لڳڻ واري پاڻيءَ جو فرق نه سمجهي سگهنديس؟ ٻڌاءِ ڪونرو، ڪهڙي

سوٽڌار : (فقط آواز)

ڪورُوڙ ڪار - ڪلا جي ڄاڻو هُئي. اُن ڄاڻ جي سوني تي سهاڳي جو ڪم ڪيو هن جي جيون، ديوانگيءَ ۽ تشنگيءَ هڪ راس ۾ ٿي ڪيو، چنيسر کي اهڙن ته جسماني سکن جي هندورن ۾ لوڏايو ۽ جهولايو جو هُو داسڙي مان داس ٿي پيو! شاهه لطيف اهو سڀ سمجهندي به لڪائي ويو. ان گهٽنا کي ٻي اڏائي ويو. هو جيڪڏهن ائين نه ڪري ها ته هن جي سچي روحاني اڏاوت اچي پٽ پوي ها! پٽ پوڻ ته پري رهيو، روحاني اڏاوت اڏجي ئي نه سگهي ها! شاهه لطيف ڪيءَ، آخر ۾، چنيسر مان ڏاڍيءَ جو ڪم ورتو هو! هن جي پنهنجي مجبوري هئي.

پر، اسان جي ڪهڙي مجبوري آهي جو روحانيت جي هڪ ڪانئڪ اوچائيءَ کي دنيوي ۽ جسماني پرتڪ سکن کان ۽ لذتن کان پرتر ۽ اهتر سمجهون؟

شاهه لطيف جي مجبوري اسان سمجهون ٿا پر ان مجبوري جا تمغا کي، اسان ڇو صاحب والڪر ڪلهن تي کڻو نيندا ڦرون؟

سچ پڇو ته شاهه جي رسالي ۾ دنيوي ۽ جسماني لذتن جي لفظي چاشنيءَ جا ڪا گهٽ ڪونه آهي ۽ اُها هر ڪنڊ، هر طرف کان ڪلاسڪ به آهي ته ڪاويه - ميه ۾ آهي...

پر عام ماڻهن ۾ اُن ڪهاڻيءَ جو جيڪو روپ مشهور ٿي ويو سو هي آهي!

ٻڌندا هوندا، ان وقت ڇا مان ستارن سان ٻرندڙ
چانڊوڪي رات، پونم جي رات، نه لڳندي
هونديس؟

(هيرو ڏسندي ئي ليلا جا هوش اڏامي ويا آهن. هوءَ ٽڪ ٽڪ
هيري ڏانهن نهاريندي ئي رهي.)

ليلا : سچ ٿي چوين ڪنور، سچ ٿي چوين... هيءُ
چوڏس جي چنڊ جهڙو چهرو، ڳچي ۾ هيٺين هيرن
جو نو-لکو هار؛ تون ائين جهرمر جهرمر ستارن
سان ٻرندڙ پونم جي رات لڳندي هوندين، پونم
جي رات!

(ڪجهه دير لاءِ خاموشي. ڪنور اٿندو آهي ڇو ته کيس پنهنجي
منزل بلڪل ويجهي لڳي رهي آهي. ليلا پش و پيش ۾ آهي
ڇو ته هن کي اهو هيرو گهرجي، اهڙن هيرن جو هار گهرجي.)

ليلا : گهر جهڙو گهرڻ هجئي، مون کي پنهنجو نو-لکو
هار گهرجي. هن هيري سوڌو نو-لکو هار.

ڪنور : تن-دولت ۽ مال-متاع جي مون وٽ ڪمي ڪون
آهي... فقط چنڊ سان هڪ رات گذارڻ ڏي،
فقط هڪ رات...

ليلا : فقط هڪ رات؟

ڪنور : هائو سائڻ! فقط هڪ رات.

ليلا : قبول.

ڪنور : قبول؟

ليلا : قبول.

(ڪونروُ چنيسر جا ٻه ڪٽي ٿي اڇڙي. چنيسر ڏاڍي ٻيا ۽
قرب مان ڪونروءَ کي هٿ کان اڪڙي اُٿاري ٿو ۽ ڪٽي ٿو
کي سان لڳائيس .)

نديءَ جو ڪنارو / ٻاهر / پرڀات

(ڪئمرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي. ڪئمرا جي ٽِل
ٻئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته شاهه لطيف خيالن ۾ گم نديءَ
جي ڪناري تي هڪ پٿر تي ويٺو آهي. هو ڪوئل ڪوئل نظرن
سان لهرن ڏانهن نهاري رهيو آهي. ۽ چهرو، هو چپن ۾ ڪجهه
ٻڙ ٻڙ ٿو ڪري.)

شاهه لطيف: ليلا ! او ليلا !

هيئن نه گهٽو هوشيار، ڪل ٻه هيءَ ڪانگ جي،
ٿو ٻانهو موچاري لسان، ڇڏيءَ ٻانسي هار،
ڪانگ ڪوڙيءَ جو نه وٽي، سٽن پٽن سهڪار،
وهم لهي ونجهار، دلهون ٻري داڙو.

(نديءَ جي لهرن ۾ ليلا جو چهرو ڪڏهن ڪجهه چٽو ۽ ڪڏهن
ڪجهه ڌنڌلو ۽ ڪڏهن لهرن ۾ لهرائيندو نظر اچي ٿو. شاهه
لطيف ٽڪ ٽڪ نگاهن سان لهرن ڏانهن نهاريندو رهي ٿو. ليلا
جي چهري جو ڪلوز- اپ، اکين جو ڪلوز - اپ.

ڪئمرا ڪلوز ليلا جي اکين تي- اکين ۾ لڙڪندڙ ڳوڙها.
ڪئمرا جي ٽِل ٻئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته. ليلا ويراڳڻ
جي ويس اڪيلي اٿي آهي. ليلا جي چوگرد ٻٻاڪ ڪنڌهر آهن
۽ دوُر، دوُر تائين ڪنهن به انسان جو نالو نه ڪونه آهي. ليلا
غم ۽ پڇتاءَ جي مجسم لڳي رهي آهي. هوءَ لڙڪ لاڙيندڙ نيڻن

چنيسر جو ڪمرو / اندر / پرڀات

(چنيسر اکيون مهٽيندو پلنگ تي اٿي ٿو ويهي. هن جي پاسي ۾ ڪونرو سمهي پئي آهي ۽ چنيسر هن کي ليلا ٿو سمجهي ۽ هن ڏانهن نهارڻ کان سواءِ ئي آلس ڀڃندو پلنگ تان هيٺ لهي جتي پائي، ٻاهر وڃڻ لاءِ دروازي طرف وڌي ٿو ته اوچتو هڪ ٺون آواز هن جي ڪن تي پوي ٿو.)

ڪونرو : (مرڪندي، آهستي - وشواس ڀريل آواز ۾) ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو منهنجا پراڻ-ناٿ! منهنجي سر جا سائين! پنهنجي ٺون لال کي ڇڏي؟

(چنيسر هڪدم رڪجي ٿو وڃي ۽ ماٺ ورائي ڪونرو طرف نهاري ٿو. هن جي اکين ۾ عجب آهي)

ڪونرو : ليلا ته توهان کي نَو-لکي هار تي وڪڻي ڇڏيو آهي!

چنيسر : تون ڪير آهين؟ اسان جي بستري تي...

ڪونرو : ليلا مون کان نَو-لکو هار وٺي هڪ رات لاءِ توهان کي بستري سوڌو وڪڻي ڇڏيو! ڪونرو جي جند-جان جا مالڪ! هيءَ قرب جي ڪاتيءَ جي ڪُٺل، توهان جي محبت جي ماري، توهان جي پد-ڪملن جي داسي، هڪ ته ڇا نو لک نَو-لکا هار، توهان جي پيار جي هڪ ڪڻي تي قربان ڪري ٿي سگهي...

چنيسر : اوهه! ته ليلا مون سان دوکو ڪيو! جنهن تي مون وشواس ڪيو، ان مون سان وشواس-گهات ڪيو! سو به هڪ معمولي هار تي هرکجي! ليلا! لٽي ڇڏيو، ڪٽي ڇڏيو - اسان تو تان پنهنجو من ڪٽي ڇڏيو..

ليلا : اچي سار لهيج،
ساجن! سُور تماري آئون ماري!
اچي سار لهيج.
١- سُور تماري جي مران،
تان مون ڏوهه م ڏيج!
اچي......
٢- ڏاڍا ڏيري هيڙا،
داروُن دوست ڪريج!
اچي......

(ليلا فرش تي اکيون ٻوٽي ليٽي آهي. هڪ طرف کان چنيسر اچي ٿو ۽ ليلا جي ويجهو اچي بيهي ٿو. ليلا اکيون کولي ٿي ۽ اٿي ٿي چنيسر جا پير پڪڙي.
شاهه جي چهري جو ڪلوز-اپ، اکين جو E.C.U.)

شاهه لطيف: ڪهن تان ڪر لهن، ڪر لهن تان ڪهن،
سهڻي ساهه! مهن، سهڻي راحت روح جي!

(ٽرانس - سنگيت - ليلا شاهي ڪمري ۾ چنيسر جي سامهون نهٺي عاجزاڻه نوع ۾ ٻاڏائي رهي آهي.)

ليلا : ورسا وڃج وڇارا!
دل ۾ درد وڇڙن جو!
ورسا وڃج وڇارا!
١- آئون ويچاري ۾ وهون، وڃو ڏب ڪٽي،
ڪي ڏينهڙا ٻاجهه جي، آيا سُور ڏٽي،
آيا جيءَ جهارا،
دل ۾ درد وڇڙن جو!
ورسا......

(سنگيت ۾ ڦيرو)

سان هڪ طرف وڌي رهي آهي. شاهه لطيف جا بيت اوور لئپ ڪن ٿا.

بيت (زناني آواز ۾):

اوڳڻ ڪري اپار، تو در آيس داسڙا!
جئن تو رسڻ سنديون روح ۾،
تيئن مون پيٽي ناهه پچار!
سائين لڳ ستار، ميٽ مندايون منهنجيون.

(ليلا اڳتي وڌندي ٿي وڃي.)

جي مون موڙهي مت، ته تون پاڻ سڄاڻ سهڻا!
اصل اوائن جا، عيب ڍڪين تون امت،
اي، يار! ڍڪجي پت، جئن والهون ڍڪين، والها!

(ليلا دور ويندي ويندي ڌنڌ ۾ غائب ٿي وڃي ٿي.)

شاهه جي اکين جو E.C.U هو ڪالپنڪ دنيا ڏسڻ ۾ محو آهي.
ٻنهي سيڪوئنس اوور لئپ ڪريو.

چنيسر جي تصوير جو ڪلوز اپ

هڪ شاهاڻو ڪمرو - فرش تي ڳاڙهي رنگ جو غلم وڇايل آهي. ليلا درد و غم جي تصوير بڻي غلم تي اڪيلي ويٺي آهي. ڪمرو بلڪل خالي آهي. ڪڏهن ڪڏهن وقف ڪڏهن ٻاري مان، ڪڏهن آئيني مان، ڪڏهن ڪنڊ مان چنيسر جي صورت جهلڪ پائي غائب ٿي وڃي ٿي. چنيسر جي جهلڪ ليلا کي ٻاڻ وڌيڪ اضطرار ڪري ٿي ڇڏي.

(سيڪوئنس جاري آهي.)

تنهن ليلا جو چهرو گهونگهٽ ۾ ڍڪيل آهي.
ڍولڪ ۽ گهمٽ شروع ٿئي ٿو.)

ليلا : دوس منهنجي گهر آيو،
تنهن ملڪ جو سائين!
دوس ...
۱- ڏينهن ڀاڳن آئي اسان کي
مولي محب ملايو!
دوس ...
۲- ويو وڇوڙو، پيو ملايو،
واحد واهه وڌايو!
دوس ...
۳- هو جنهن جو ڏس ڏورانڊو،
اوڏو اڄ سو آيو!
دوس :
۴- عبداللطيف چئي، اچي عجيبن،
ڀاڳ فضل فرمايو،
دوس ..

(ليلا مجنون حالت ۾ رقص ڪندي ٿي رهي، منهن اڃا به ڍڪيل
اٿس. رقص ڪندي جڏهن اچي ٿي هوءِ چنيسر جي ڪچهه
ويجهو ٿي اچي ته چنيسر ڪڍي ٿو ليلا جو هٿ پڪڙي ۽ ڇڪي
پنهنجي ويجهو آڻيس.)

چنيسر : اي نازنين پنهنجي ماهتابي مکڙي مٿان گهونگهٽ
هٽائي نوراني جلوه ته ڏسائيم.

(ليلا هڪدم ڪڍي ٿي گهونگهٽ هٽائي. ليلا تي نظر پوندي ئي
چنيسر جي دل تي اهڙي ته چوٽ ٿي لڳي جو اتي ئي
دم ڏيئي ڪري ٿو پوي. حال تي اچو گذري ته ليلا به بيهوش

ليلا : ڳوليو لهن طبيب،
داروُن منهنجي درد جو!
ڳوليو ......
١- اڪي ڏينهن ٻاجهه جي، اچي حال عجيب.
ڳوليو ......
٢- ارمان اچي اسان ڪيو، سندو غوث غريب.
ڳوليو ......
٣- ڏکندو سوني ڏور ڪيو، منجهون تن طبيب
ڳوليو ...
٤- اديون عبداللطيف چئي، هالڪ آه حبيب
ڳوليو ...
(ٽرالي - چهري جي ليلا ۾ دلچسپي وٺڻ.)
شاه لطيف جو مڪالمو شامل)

شاه لطيف: منهنجو سپرين لاشڪ ماهر ويج آهي... سائين سدا سوُر هڪ لفظي ۾ لاهي، منهنجو اُهو اهڙو آهي.
(شاه لطيف جي چهري جو ڪلو ز - اپ.)

شهر جو ٻاهريون حصو / ٻاهر / شام

(اا ز ڪ. شام. شهر جي ٻاهران ڪرڙو ڪمل ۽ شاهاڻي طرح جي سان سينگاريل هڪ شاهي شاميانو. مکيه رستي تان ليلا ۽ سندس ساهيڙيون نچنديون ٽپنديون شاميانې طرف وڌنديون ڏسڻ اچن. شاميانې ۾ اندر محفل لڳي ٿي آهي جنهن ۾ محفل جو مور راڻو چنيسر هڪ شاهي ڪرسيءَ تي ويٺو آهي.
ليلا - هن جون ساهيڙيون نچنديون ٽپنديون محفل ۾ داخل ٿين

ڪهاوت، ڪائي رسم، ڪائي عادت، ڪوئي درشٽ، ڪوئي ويسهه-وشواس، اهي سڀ ڪافي هوندا هئا شاهه لطيف جي ڪلپنائن کي آڪاش ۾ اڏائڻ لاءِ يا پاتال ۾ اونهو وڃڻ لاءِ! اهڙو سمويدن-شيل ۽ ڪلپنا-شيل ڪوي جي ٻهڪجڻ اٿڻ کي آڌون يا مٿر ڪوئي ڏو ته ان ۾ هو سڄي صدي حق بجانب آهي.

جي تو امت پائيان،
سي آڌون آهن......
(ڪڇه پل شانتي)

سنڌ جي ارهون سمراٽ ڇچ جي زماني کان وٺي ميرن جي حڪومت تائين ڪڇ جو لاڙ وارو ڀاڱو واپار ۽ هنرن سبب ڪافي مشهور هو.

آڳاٽي وقت جا ٺاڪارا بندر جهرڪ، ديبل بندر ۽ لاڙي بندر به ان طرف ئي هئا.

ٻيو هڪ ٺاڪارو بندر جيڪو هو، شاهه لطيف جي ڏينهن

۽ وڻج-واپار جي وکر سان ڀريل، ٻيڙي دُور وڃي رهي آهي.

وڻجارن جون استريون دريا جي ڪناري تي بيهي امرلال جي پوڄا ڪري رهيون آهن ۽ پاڻيءَ ۾ اکا وجهي رهيون آهن.

شاهه لطيف جي تصوير...

لاڙ جي سرزمين جا نظارا...

ٿي چؤسر جي ميدان ۾ ڪري ٿي پوي ۽ ميدان ڇانئجي ٿي.

شاهه لطيف (اکيون اگهندي)

ٿڙڪي پيئي لوڪ، لڙڪي ٿڪجو ۾ ائي...
(ڪجهه دير ترسي)
پاڻان ڌار ماڻهو، ڪانڌ ڪنهنجو نه وٽي...
(شاهه لطيف ڪٽي ٿو اکيون بند ڪري)

سوتر ڌار (فقط آواز)

شاهه لطيف جي دل ۾ عشق،
درد ۽ روحانيت جو سمنڊ
سدائين پيو ڇوليون ماريندو
هو ۽ سندس مستڪ ۾
ڪلپنائن جو ڇوڙسي ڇنڊ
چوويهه ئي ڪلاڪ ۽ ٻارنهن
ئي مهنا پيو ڇمڪندو هو.
شاهه لطيف کي فقط ڪنهن
بهاني يا ننڍڙي سهاري جي
ضرورت هوندي هئي. بس،
پوءِ تہ ولي الهام پلٽان
ڪندو هو.
ڪائي ننڍڙي ڪهاڻي، ڪائي

درشيہ

شاهه لطيف جون جدا جدا
تصويرون.
سمنڊ ـ اٿاهه سمنڊ
آسمان ۾ ڪڙڪيل ڇوڏس جو ڇنڊ
ڇنڊ جون ڪرڻون سمنڊ ۾
جهڙ طوفان آڻي لهرون ڇڏين.

بندر، تان هڪ جهاز، وڻجارن

ڪارو سمنڊ جهاڳيندڙ وڻجارا
سنڌو نديءَ جي مٺي پاڻيءَ
رستي موٽيا آهن-
پاڻيءَ جون اهي ٻئي جنسون
يعني ڪارو پاڻي ۽ مٺو پاڻي
ڪراچيءَ جي لاڙ واري ڀاڱي
۾ ئي فقط ملن ٿيون-
(ڪڇ ڀل شانتي)

عربي سمنڊ ۽ سنڌو نديءَ جا ڪڇ درشيه.

شاهه جو رسالو سفرنامو ناهي، تاريخ گرنٿ ناهي، نيتي-شاستر ناهي، درشن-شاستر ناهي، پرچار جو ساڌن ناهي، ۽ نه ئي ڪويءَ جي ڪاويه-ڪلا جي شڪتيءَ جو ثبوت ڏيڻ اُن جو مقصد آهي... رسالو ته هڪ سچي انسان جي دل جي اندرين تهن جو چتر آهي.

شاهه جو رسالو ڏيکاريو وڃي ٿو.

تنتر-شاستر چوي ٿو: ڪام رستي ۽ آڌياتمڪ اوچ پد پراپت ٿي سگهي ٿو، سماڌي واري استٿي انهن ٿي سگهي ٿي... صوفي-پرپر مارگي[چون ٿا: عشق مجازيءَ مان ئي عشق حقيقي پيدا ٿئي ٿو.

کجراهو جي هڪ تصوير-سائمت چمه سان مٿن-ڪريا ڪندڙ جوڙي جو درشيه.

مجذوب حالت ۾ رقص ۾ مست صوفي.

۾ ان زور هو ۽ جنهنڪري ميان غلام شاهه ڪلهوڙي پنهنجي لالــي پنـهان "شاهه بندر" ڪوٺيو ۾ فـخر محسوس ڪندو هو ۽ جنهن اندر تان جهاز به هلندا هئا، اهو "شاهه بندر" اڄ ڪراچيءَ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ هو.

"شاهه بندر" جو نظارو.

شاهه لطيف جي رسالي جا ٻـ سر: سر سريراڳـ ۽ سر سامونڊي پڙهندي اها حقيقت صاف ظاهر ٿي اچي ٿي تـ شاهه صاحب جوڀن سان گڏ ڪراچيءَ جي لاڙ واري ڀاڱي جو چاهي آس-پاس جـــي بندرن جو چڱو چوکو سير سفر ڪيو آهي ۽ سندس ڪلپنا جي چندرما سندس دل جي جل پاڻيءَ جي سطح ۾ پيڇاهه ڇوليون اُٿاريون ۽ اُڀاريون آهن!

ٻنهي سرن جا عنوان ڏيکاريا وڃن ٿا.

شاهه لطيف جوڀن سان گڏ بندرن جو سير ڪري رهيو آهي.

شاهه لطيف سر سامونڊيءَ جي داستان ٽئين جي پهرئين ۾ چيو آهي:

ڪاري ڪيڙانو،
مٿي مٺي موٽيا ...

سا سڀ سارياڻون، الف جنهنجي اڳ ۾،
" لا مقصود في الدارين"، ان ۾ اٽڪائون،
سگهر سونائون، ٽيا رسملا رحمان سين.

شاهه لطيف هڪ ياتري هو.
ٻاهر - راهه تي هلندي هلندي
وڃي روحاني - راهه تي پهتو.
عشق الاهه ۾ ٻڏاڄي ويو.
اها وچڙ ياترا ڪندي ڪندي
شاهه جي مَن ۾ جهڪي آ
ياونائون آيون، جهڪي آ
خيال آيا آهي ٽي رسالي جا
اهڙا اٽما ۽ اهڙن مان آيون
ٻڄي ويون !

۞

شاهه بندر / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي. ڪئميرا هئي پوئتي هٽي تي اسان ڏسون ٿا ته شاهه لطيف ۽ مهاڙوڳي پروتدامڪ ٻندر تي چهل قدمي ڪري رهيا آهن. دُور دُور تائين ساگر ڦهليو پيو آهي. ڪناري وٽ ڪجهه ٻيڙا ۽ ڪجهه ننڍا جهاز نظر اچي رهيا آهن. ماڻهن جي اچ - وڃ جاري آهي. هن وقت هنن سان گڏ ٻيو ڪوئي به جوڳي ڪو نه آهي. پروتدامڪ ۽ شاهه اڪيلا آهن.)

شاهه لطيف: چيمبر ڪسي ڏٺي جي روپ ۾ تلاش ڪرڻ سان

انساني ڀرم ٿي ٻڌجي
ايشوري ڀرم جو روپ ڌارڻ
ڪري ٿو...

هڪ سوال:
ته ڇا انساني ڀرم ۾ ڪام
شامل ناهي؟

(ڪجهه پل شانتي)

شاهه لطيف جي تصوير...

شاهه لطيف وٽ ڪوئي سلسلو
ناهي- سلسلو ٿي به ڪو نه
ٿو سگهي. سلسلي جو مطلب
ڌاري آهي- اول ٿي طئه ٿيل
ڳالهيون. شاهه جي زندگيءَ
۾ ڪجهه به طئه ٿيل ڪو نه
هو. ڪجهه به طئه ٿيل هجي
ها ته هو مهاڪاويه لکي ها،
ڪسنب ڪاويه لکي ها يا
”مهاڀارت“ ۽ ”رامائڻ“ جي
طرز تي ”ڪربلا“ جي ڪٿا
ڪٿي هڪ مهاگرنٿ جي رچنا
ڪري ها. پر شاهه وٽ ته
ڪجهه به طئه ٿيل ڪو نه هو.
هن ته پنهنجي سڄي هستي،
سڄو وجود هڪ اڪال پرش
اَلاهه جي حوالي ڪري ڇڏيو
هو!

ڪوئي گدا هجي يا غني، مالڪ هجي يا غلام سڀ
هڪ ئي صف ۾ بيهندا هئا، هڪ ئي طريقي سان
سجدو ڪندا هئا...

پروتڊانت : جي ائين آهي ته ٻين کي اعتراض ڇو آهي هڪ سيد کي پنهنجي ڌيءُ ڏيندي؟ برابري هڪ اصول آهي جنهنجو عملي روپ آهي روٽي-بيٽي جو رشتو.

(شاهه لطيف جو منهن ڪجهه لهي ٿو وڃي. پروتڊانت کلي ٿو وري. هو هڪدم اٿي ٿو شاهه لطيف جي ڪلهي تي هٿ رکي.)

پروتڊانت : پٽ لطيف! انساني من پاڻيءَ مثل آهي جنهنجو سدائين هيٺاهين وهندو آهي. هيٺي هيٺائينءَ جو مطلب امرتا ناهي پر نيچتا ۽ سوارٿ آهي. اوتار ۽ پيغمبر ڪهڙا به اصول ناهي رچن پر انساني من جو شيطان پنهنجا سوارٿ ۽ مطلب پورا ڪرڻ لاءِ ڪوئي نه ڪوئي رستو ڳولهي ئي وٺندو. انساني سڀاءَ ۽ هلت چلت تي نه گهڻو سوچ ۽ نه گهڻو پريشان ٿيءُ. دنيا کي پنهنجي ڍنگ هلڻ ڏي تون پاڻ کي مٿي چاڙهيندو وڃ.

(ٻئي ڪجهه دير چپ چاپ هلندا ٿا رهن.)

پروتڊانت : اسلام جي مطابق الله هڪ آهي ۽ توهان سڀ مومن بندا آهيو. توهان سڀ هڪ ئي ورڳ ۾ شامل آهيو - بندا ورڳ. ان ڪري توهان ۾ اصولاً برابري آهي. پر هندن سان ائين ڪونهي. اسان وٽ چار ورڻ آهن ۽ جنن کي هزارن ۾ ورهائڻ انساني من جي شيطان لاءِ هڪ معمولي ڳالهه آهي...

ڪانئي اڙجڻ ٿيندي ڇا سوامي جي؟

(پروهت شاه ڏانهن نهاري فقط مرڪي ٿو.)

شاه لطيف: ڌڻي ته پاڻ ئي ٿو سڏهي- ڌڻي کي ڪفر ۽ ايمان کان سخت نفرت آهي. ڌڻي ڪڏهن به اهو پسند نه ڪندو ته سندس پوڄي ڪو دنيوي پدارٿن تي دل هرکائي...

پروهت: سوال ته پاڻ ٿو ڪريان ۽ جواب به پاڻ ٿو ڏيان. پنت لطيف! هندن جي ويچار-ڌارا ته اها آهي ته هي سڀ پرماتما جو روپ آهي. جڏهن سڀ ڪجهه آهي ئي پرماتما ته پوءِ جهيڙو نه ڇا تون ٿو ڪرين- پٿر کي به پرماتما چئي ٿو سگهجن. سڀ گڻ-دوش، آڪار-پرڪار هن جا ئي آهن. هن کان سواءِ ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه.

شاه لطيف: منهنجو پاڻ وحدت الوجود ۾ عقيدو آهي- ويدانت جي فلسفي ۾ مان سچائي ڏسندو آهيان... پر هڪ ڳالهه مون کي سمجهه ۾ ڪو نه ايندي آهي. توهان هندو ادويت ۾ وشواس رکندي به ذات-پات ۽ اونچ-نيچ جو ڀيد ڇو رکندا آهيو؟

(ڪجهه دير لاءِ چپ چاپ هلندا رهن ٿا.)

شاه لطيف: اسلام ۾ ته پاڻ ادويت واد آهي. الله الله آهي يڪو يڪدو آهي. قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي ته فاذڪروني اذڪرڪم- ياد ڪريو مون کي ته ياد ڪريان توهان کي. يعني الله ۽ بندو ٻئي جدا هستيون آهن- هڪ نه آهن. لا تقنطوا من رحمة الله يعني الله جي رحمت مان اميد نه لاهيو. ان مان به ثابت ٿو ٿئي ته اسلام ادويتواد ۾ وشواس ڪونه ٿو رکي. پوءِ به اسان مومن ۾ اونچ-نيچ ڪونهي.

ٽو چيو ھو:
جيڏانھن ڪريان پرک، تيڏانھن صاحب سامھون!
پٽ لطيف! تون جتي پھچندين اُن ھنڌ، اُن مقام پاڪ
ھن وقت تون ڪلپنا بہ نہ ڪري سگھندين.
(پروناٿ جي تيجسوي اکين جو ڪلوز - اپ)

سوتر ڌار (فقط آواز)

شاھ لطيف جي ڏينھن ۾ ٺٽو ٺٽو ھو. اَن - ڌن سان ڀرپور، شور - شرابي سان ڀرپور، عاليشان عمارتن سان ڀرپور، حسن ۽ دلڪش نظارن سان ڀرپور ٺٽو، واپار جو پڻ مرڪز ھو.

درشيہ

ھوائي شاٽس. ٺٽي جو شھر ڏيري ڏيري ويجھو ايندو ٿو وڃي.

سڀ کان وڏي ڳالھہ تہ ٺٽي ۾ وڏا وڏا عالم ۽ عارف مقيم ھئا. انھن مان ڪيترن سان ئي شاھ لطيف ۽ جوڳين جون ملاقاتون ٿيون ۽ روحانيت تي خيالن جي ڏي - وٺ ٿي.

مسلم عالمن سان شاھ لطيف ۽ جوڳين جي ملاقاتن جا ڪجھہ شاٽس.

ٺٽي جي عالمن ۽ عارفن مان مخدوم معين جو ھتي ذڪر

مخدوم معين ڪنھن ڪتاب جي ورق - گرداني ڪري

پر لطيف، قرآن شريف ۾ ضرور اهڙا ڪي اشارا هوندا جن جو سهارو وٺي صوفي اڳتي وڌيا آهن ۽ ان ويچار برهم تائين اچي پهتا آهن.

(شاهه لطيف ڪجهه دير سوچي ٿو.)

شاهه لطيف: ڪجهه آيتون ته هن وقت به منهنجي خيال ۾ اچي رهيون آهن...

هڪ هنڌ فرمايو ويو آهي:

مارأيت شيئاً" إلا ورأيت الله.

اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله جو حسن نه ڏٺم.

پروتفات : اشارو ڪافي چٽو آهي... اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله جو حسن نه ڏٺم. هڪ قدم اڳتي وڌندين ته چوندين: اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله جو روپ نه ڏٺم، الله جو ديدار نه ڪيم ؛ لطيف! آخر ۾ ڇا چوندين؟

شاهه لطيف: آخر ۾ چوندس: اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله نه ڏٺم...

پروتفات : درشن جو چڪر اتي پورو ٿي ويو الئي...

(ٻنهي جي چهري تي آزاد مرڪ نمودار ٿئي ٿو.)

شاهه لطيف! پاڻهين سي پاڻ کي، پاڻهين محبوب،
پاڻهين خالق خوب، پاڻهين طالب تن جو.

پروتفات : واه!

شاهه لطيف: پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

پروتفات : جواب ناهي. پر پٽ، تنهنجي هڪ سٽ مان جيون-ڀر نه وساري سگهندس. ان ائي هڪ ڏينهن

ڪلام - پاڪ ۾ موجود آهن. جيڪي شخص انهن کي سمجهن ٿا ته تصوف کان ٻاهران آڌار ورتو ويو آهي، اهي عظيم غلطي ڪن ٿا.

شاه لطيف: صوفي انا الحق جو نعرو ٿا هڻن، پاڻ کي ٻندو نه مڃي حق ٿا مڃن. ڇا ان کي اسان ويدانت جي هڪ سوتر "اهم برهماسمي" تان ڪنيل يا ورتل نٿا مڃي سگهون؟

مخدوم : لطيف، جي انهن سوچيندين ته ڪٿي به نه پهچندين. لفظن کي ڪائي معنيٰ ڪونه آهي، ڪائي اهميت ڪونه آهي. اصل چيز آهي اندر جي روشني، اندرين سفر جا تجربا ۽ روحانيت جي آسمان ۾ تصور جو پرواز. جي الاه هڪ آهي ۽ هن تائين پهچڻ جا رستا علحدا علحدا آهن ته سطح تي مونجهارا ڏسڻا ئي آهن. پر هڪ ڳالهه طئه آهي ته آخرين آزمودا هر هڪ سالڪ جا ساڳيا ئي هوندا. پوءِ ڇاهي انهن جو بيان هن ڪهڙن به لفظن ۾ ۽ ڪهڙين به علامتن جي سهاري ڪيو هجي.

شاه لطيف: ساڳي ئي مشڪلات وحدت الوجود جي باري ۾ به پيدا ٿئي ٿي.

مخدوم : ڪجهه مشڪل ناهي، ڪائي ڏکيائي ناهي. مشڪل فقط اها آهي جو انسان پنهنجي دائري کان ٻاهر نه ٿو نڪرڻ چاهي. انسان لاءِ دائري ۾ بند رهڻ ذرا سهوليت پرو آهي. پڃري ۾ بند ٿيل پکي جهڙي حالت آهي انسان جي من جي. دائري کان ٻاهر نڪري هر خطرا کڻڻ نه ٿو چاهي. دائرن ۾ سهوليت به آهي، سلامتي به آهي ۽ پڃرائي اسـ

ڪرڻ تمام ضروري آهي
ڇو تہ هن ودوان سان شاهہ
لطيف جا وڏا ۽ لمبا بحث
ٿيا هئا تصوف تي ۽
روحانيت جي راهہ ۾ ٿيندڙ
رهسيہ ۽ ادڀت انڀوئن
۽ آزمودن تي!

رهيو آهي.
مخدوم معين ۽ شاهہ لطيف
هڪ ٻئي جي سامهون ويٺي
ڪجهہ ڳالهائي رهيا آهن.

ٽيون / مخدوم معين جي اوطاق / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز ڪتابن جي هڪ قطار تي. ڪئمرا جي پُل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا تہ ڪيترائي ڪتاب ديوارن ۾ لڳل تختن تي قطارن ۾ پيا آهن. اها مخدوم معين جي اوطاق آهي. اوطاق جي هڪ طرف مسند پيو آهي جنهن تي غلم وڇايل آهي ۽ آس پاس ڪجهہ ٽول وهاڻا پيا آهن. مسند تي ٽول وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي مخدوم معين ويٺو آهي چهري تي لمبي ڏاڙهي ۽ مڇون اٿس. هن جي اکين ۽ پيشانيءَ مان علميت ۽ ذهانت جا تجلا لڪري رهيا آهن. هن جي سامهون ٿي شاهہ لطيف ويٺو آهي. ٻئي روحانيت ۽ تصوف بابت گفتگو ۾ محو آهن. اوطاق جي هڪ ڪنڊ ۾ پاڻيءَ جو گهڙو پيو آهي ۽ ان جي پاسي ۾ لوٽي ۽ ڪجهہ گلاس پيا آهن. اوطاق ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڪجهہ مجمون بہ پيون آهن.)

مخدوم: تصوف اسلامي اخلاق جو جوهر آهي، سچ آهي، سار آهي. تصوف جا ارڪان، صوفي مت جا بنع

ڇو ته هو بيمثل آهي، يڪتا ۽ يگانا آهي. هن جهان ۾ اسان جو ڪجهه ڏسون ٿا اها ڪثرت وحدت مان ئي وجود ۾ آئي آهي. اها گهڻائي هڪ ڏٺي، جي هيڪڙائي آهي... ٻيو ڪجهه به ناهي.

شاهه لطيف: وحدت کان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي ۾ ڀل،
هوءِ هلاچو هل، ٻا الاه سڌو سڄڻين.

مخدوم : ٻيڪل ائين... هوءِ هلاچو هل،
يا الاه سڌو سڄڻين!... سچ چيو اٿن ته عالم فاضل جيڪو ڄاڻن ٿا، صوفي سو ڏسي ٿو. هڪ سچي صوفيءَ جي سچي هستي هڪ چشمو آهي، ڪامل اِڪ آهي.

شاهه لطيف: جي ڏٺي وڃن اقرب- تنهن کان به وڌيڪ آهي ته ڇا هن جي جو ٻئل ڪائنات نظر جي ڏسي کان ٻاري ٿي ٿي سگهي؟ جن وقت اڪ آهي انهن لاءِ ڪجهه به ٻيو ڪو نه آهي. سائين، سڀ ڪجهه سڄو تماشو اکين جي سامهون ئي ته ٿي رهيو آهي.

مخدوم : ڏينهن رات، هر پل.

شاهه لطيف: هائو سائين، ڏينهن رات- هر پل.

ننڍو / ڌرمشالا جو ڪمرو / اندر / رات

ڪشمرا ڪلو ۽ ٻرو ٿيامت جي ڇوري ٿي. هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي. ڪشمرا جي پل اڪ ڪرڻ آئي اسان ڏسون ٿا ته

ملي ٿي. دائرا لتاڙي ٻاهر نڪري معنيٰ دنيا جي
سامهون سيڌو ٿا اٿي اهڙ، لطف، اهڙي همت،
جرئت (ڪجهه مرڪي) يا حماقت تمام گهٽ ماڻهون
ئي ڪري سگهندا آهن.

شاه لطيف: مان خود وحدت الشهود کان وحدت الوجود ڏانهن
وڌيڪ مائل آهيان. مڪمل ڪائنات ۾ فقط الله
ئي موجود آهي. هر شيءِ الهيءَ مان آهي ۽ الهيءَ
۾ آهي. ان فلسفي کي دل مڃي ٿي، دماغ مڃي
ٿو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته روح ۾ هڪ قسم
جي لرزش پيدا ٿئي ٿي...
وحدت الشهود جو فلسفو پنهنجيءَ طبيعت سان
ميل نه ٿو کائي. انهن چوڻ ته جيتوڻيڪ اسان
هر شيءِ ۾ واحد جي موجودگيءَ جي شاهدي ڏيون
ٿا، پر حقيقت ۾ اها موجودگي آهي ڪو نه،
ڪجهه ٻڌڻ وارو نه ٿو لڳي.

(مخدوم ڪجهه دير سوچيندو ٿو رهي.)

مخدوم: هون اون اون اون! وجود حقيقي هڪ آهي فقط
الله ئي موجود آهي. ٻيو ڪجهه به نه آهي...
موجون ۽ لهرون مٽجنديون رهنديون پر سمنڊ قائم
دائم رهندو. الله به هميشه کان آهي ۽ هميشه
رهندو...
هون اون اون اون! جڏهن هن کان سواءِ ٻيو
ڪو وجود تسليم ڪيو ويندو ته — وجود حقيقي
نه واحد رهندو ۽ نه ئي لامحدود رهندو. هو ئي
عالم تڪوين ۾ موجود آهي ۽ هو ئي عالم تشبيهه ۾
به جلوه گر آهي. هو حلول ۽ اتحاد کان پاڪ آهي

پڙهي رهيا آهن.)

پروتنات : جڏهن سڄو سنسار ساڪشي - ڀاوَ سان ڏسندين، تنهن ۾ دويت - ڀاو هوندو. توُن ۽ جيڪي توُن ڏسندين آهي ٻه هوندا ۽ انهن کي جوڙيندڙ هوندو درشن. درشن معنيٰ ڏسڻ جي ڪريا، ڏسڻ جو ڪم.

(ڪجهه دير شانتي.)

پروتنات : ها، ٺيڪ لطيف! هڪ وقت اهڙو به ايندو جڏهن تون، نظارو ۽ ڏسڻ ٽيئي هڪ ٿي ويندا. ڏسندڙ، ڏسڻ ۾ ايندڙ شيون ۽ ڏسڻ جو ڪارڻ الڳ نه رهندا، ٽيئي ملي هڪ ٿي ويندا. اهو ئي آهي ادويتواد جو رهسيه. اها ئي آهي اها حالت جنهن کي صوفي وحدت الوجود ٿا چون.

شاهه لطيف: (مرڪندي) سوامي جي، هڪ فلسفي طور ته اهو سڀ ٺيڪ آهي پر حقيقت ۾ ته سوامي جي سوامي جي آهي، لطيف لطيف آهي ۽ ڪمل ناٿ ڪمل ناٿ آهي.

پروتنات : لطيف، تنهنجي شرارت سمجهان ٿو. حقيقت ۾ تون جيڪو ڪجهه ڏسي رهيو آهين، ٻڌي رهيو آهين، ڇهي رهيو آهين، اهو سڀ مايا ته آهي. مٿيا ئي ته آهي. هن هڪ پرماتما کان سواءِ ٻيو ڪوئي شئي آهي به ڇا؟

(شاهه لطيف مرڪي کڻي ٿو سر جهڪائي)

پروتنات : هڪڙي ڀيري ادويتواد جو پرچارڪ سوامي جڳت گرو شنڪر آچاريه پنهنجي شش سان گڏ هڪ سوڙهي ڳلي تان لنگهي رهيو هو. اوچتو ڳلي جي سامهون واري پاسي کان هڪ مست هاٿي ايندو نظر آيو. شنڪر آچاريه هڪدم رڙ ڪري شش کي

پروٽاگورس شاھ لطيف سان ڳالهائي رهيو آهي. ڪيترا ڏوري ڏوري پوئتي هٽندي ٿي وڃي ۽ اسان جي سامهون ڪنهن ڌرمشالا جو هڪ وڏو ڪمرو آهي جنهن جي بناوت مستطيل قسم جي آهي. فرش تي فراسون ۽ ڏڏا وڇايا پيا آهن جن تي پروٽاگورس، جوڳي ۽ شاھ لطيف جدا جدا صدرائن ۾ ويٺا، اڌ ليٽيا يا ليٽيا پيا آهن. ڪمري ۾ ڪجھ جاڙا آهن جن ۾ ڏيئا ٻري رهيا آهن ۽ انهن جو ڏنڌڙو پرڪاش انساني پرچاڻن کي ارزاني رهيو آهي. جوڳين جي هاوَ - ڀاوَ مان لڳي رهيو آهي ته ڏڏن ۽ فراسين تي ليٽڻ هنن لاءِ نه فقط نئين ڳالھ آهي بلڪ ڪجھ ڪجھ پريشان ڪندڙ به آهي.

مستطيل ڪمري جي سامهون واري ننڍي ديوار سان وڇايل فراسي تي پروٽاگورس ۽ شاھ لطيف ويٺا آهن. هنن جي پاسي ۾ ٿي ڪملناٿ ۽ هڪ ٻيو جوڳي به ويٺو آهي.

پروٽاگورس: ڀٽ لطيف! مخدوم سائينءَ جو اڀياس به گهرو ٿو لڳي. وحدت الشهود آهي ساکشي - ڀاءُ. يوڳ - ساڌنا ۾ ساکشي - ڀاوَ جو وڏو مهتوَ آهي. هن ماياوي جڳت جي مٿيا ۽ ڪوڙاڻ ثبت کي پنهنجي اکين جي سامهون پاڻيءَ جي لهرن وانگر وهندو ڏس. ان وهڪري ۾ پنهنجي من کي، پنهنجي چت جي ورتين کي ٽهڪڻ نه ڏي. هن مٿيا ۽ مايامه سنسار جو شاهد - ماتر ٿي رھ. ڏس، لوڪ ان. اڻ، جي ساکشي - ڀاوَ سان سنسار جي وهنوار کي ڏسڻ سکي ونءِ ته پوءِ تنهنجي لاءِ ڪجھ نه ڪرڻ ۽ ڪجھ نه ٿي وڃڻ ناممڪن نه ٿيندو.

(شاھ لطيف ۽ ٻيا جوڳي ڌيان سان مهاڙڪي پروٽاگورس جا وچن

هو. واپار، مال جي روانگي ۽ ڌن-دولت جي آمد هئڻ جي ماڻهن کي ايترو ته ان-ڌن سان ڀرپور ڪري ڇڏيو هو جو انهن کي پهاڪا ۽ ڪهاوتون به جڙي ويون هيون.

مکهڙائن جي ڀرسان رڙهيءَ نالي هڪ ڳوٺ هو. هاڻي ته اتي فقط دڙا ڦٻا ئي ڏسڻ ۾ ايندا. چون شاه لطيف جي وقت ۾ ان رڙهيءَ جا واپاري ايتري قدر شاهوڪار ها جو هاڻي ان طرف ايلڪا-سينڪا خرچ ڪندو آهي ته چوندا ئي آنس: اڙي تون ته ڪو رڙهيءَ جو شاهوڪار ٿو لڳين!

شاه لطيف سر سورٺ جي داستان پنجين ۾ لکيو آهي:

ڦرڦل، ڦوٽا، ڦارچا، ڀاڻيت ڀاتائون،
ڪولمون ڦيمت سيد چون، تر ۾ تاڪائون،
لاچون منجھ، لطيف چئي، ٻيڙا ٻڌائون،
لڏ ر نبيءَ جام جو، چڙهندي چاڻون،
جي چوڏي چورڙ پاٿون، سي ٻيڙيون رکين پاڇھ سين!

— ۽ سر سامونڊيءَ جي داستان پنجين ۾ شاه لطيف لکي ٿو:

سڙه لسي سوهائون، اندر جن انڙن ئي،
سلان معلر خمرون، اسڪي ٻور پاٿون،
سڙ سونياٿون، اونڙ ڪنهن لءِ اوليا.

دريائن ۽ سمنڊن شاه لطيف جي دل کي ڇگوني ڇڪيو ۽ ڏوڏيو هو. اهي ئي سر - سر سورٺ ۽ سر سامونڊي ان جو ثبوت آهن. اهي ان سرن ۾ شاه لطيف سنڌ جي ان ڀاڱي جي چٽي ۽ زنده تصوير اسان جي سامهون پيش ڪئي آهي. ان کان

ڇو ته - مڙو ۽ ٻڌو.
ٻڌندي ٻڌندي هڪ شش ڄڱمت-گروه کان پڇيو -
سوامي جي، هي سڀ سنسار ته مايا آهي پوءِ ٻڌون
ڇو ؟
ڄڱمت گرو شنڪر آچاريه چيس: موڙکه، اسان جو
ٻڌڻ به ته مايا ئي آهي.
(سڀني کان ٺهڪ اڀري ٿو وڃي.)
شاه لطيف: سوامي جي! روحانيت ۾ به چالاڪيون ٿينديون آهن
ڇا ؟
پروتمات : ٻاڻ سمجهه ٻچا !

سنڌو درياه / ٻاهر / ڏينهن

(وائيڊ شاٽ. سنڌو درياه ڇوليون مــاري وهي رهيو آهي. تمام ٻريان هڪ ٻيڙو ترندو نظر اچي رهيو آهي. ڪئميرا ڏوري ڏوري درياه کي ڪور ڪندي ٻيڙي جي ويجهو اچندي ٿيندي وڃي. هاڻي اسان ڇٽيءَ ۽ ڇگيءَ طرح ڏسي ٿا سگهون ته ان ٻيڙي ۾ پروتمات، جوڳي ۽ شاه لطيف سوار آهن. پروتمات ۽ شاه لطيف هڪ ٻئي جي ڀرسان ويٺا آهن.
سوتر ڌار جو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

سوتر ڌار: شاه لطيف مهانوڪي پروتمات ۽ جوڳين جي ٽولي
سان گڏ لڏي وڃان سنڌو درياه وارو رستو اختيار ڪري
سجاول ۽ مکهر ٻئي تعلقي جهيءَ ڏي وڃي. شاه
لطيف جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ هيءَ ڀاڳو جنسي ٻارس

(ٻڍو اڳتي وڌندو ٿو وڃي. جوڳي جدا جدا آلاپن ۾ لڳا پيا آهن.)

شاهه لطيف: (چڱو ڀاڱ سان ڳالهائيندي): انسان جا اهي ناٽڪ ۽ ڪيڏو جيون لاءِ طلبون ۽ ڪيڏيون قربانيون ٿا گهرن ... تهه سماري جـي ڪاري رات، ڪاري آسمان مان وسندڙ ڦڙي مينهن، ڪهڙو گهڙو! آها ڪهاڻي نمنهن جي ديوانگي ۾ هٿي جنهنجي آسري سهڻي، مهنجو ڀاڱ ڪٽي ٽڪي، وهڪ ۾ اڇلڻو ... هلو ته پيون سهڻي، جا ڪر چاڙهي نمنهن!

پروتڏات : ديوانگي ته صوفين ۾ به هوندي آهي. سنگيت جي لهرن ۾ جهومندي جهومندي جنهن حال کي وڃي رسندا آهن اهو درشيه چڱو ادويت جـو چٽر هٿي چڙهندو آهي.

شاهه لطيف: سائين مخدوم، اوائلي صوفين جي باري ۾ هڪ ڳالهه ٻڌائي هٿي. سوامي جي، اهو وچٽر واقعو ٻڌڻ کان پوءِ توهان پاڻ ئي فيصلو ڪجو ته صوفين جو بنياد ڪهڙن نه اونچن اصولن تي ٻڌل آهي. توهان خود محسوس ڪندا ته هڪ يوگي ۽ صوفي ۾ ڪوئي فرق ئي ڪو نه آهي.

پروتڏات : ۽ هڪڙ نه چئو گهرجي؟

(ڪجهه دير شاهه لطيف درياهه جي لهرن ڏانهن نهاريندو رهي ٿو چڱ ته ڪهاڻي لاءِ بنياد ٻڌو ڪري رهيو هجي.)

شاهه لطيف: لائين صدي جي آخر ڌاري درياهه جي هڪ غلام هاڻو. ان وقت جي خليفي کي وڃي خبر ڏني ته عربستان ۾ هڪ نئون فرقو وجود ۾ آيو آهي. ان فرقي جا پوئلڳ موسيقي جا شاعق آهن. لهن لـا،

سواءِ ان ڏورانهين حصن ڏانهن به اشارو ڪيو اٿائون: هڪ آسـ
سڙين جو واپار ڪاٺياواڙ، سيلان، بنگال ۽ ساموانبي ڪناري
تي آڏيل هر شهر تائين ڦهليل هو. ٻيو فرنگين، ترڪن، ساموانبي
ڌارين جو ذڪر ڪيو اٿائون جهڙي طرح سمنڊ تي لاماراهيندا
ها ۽ قرابت ڪندا ها.

(ٻيڙو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: (ٻيڙي ٿي موڙ)

جهڙو وانءُ جهاز! ڪڏهن غوران سين،
ٻوڙيندي هن ٻار ڏي، سدا ڪنهن ساز،
اچن ٿا آواز، سنائي سمنڊ جا.

ڪمل ناٿ: شاهه لطيف، آخر ٻيهڙي جهاز کي گهڻن غورابن
سان جوڙيندين؟

(شاهه لطيف ڪمل ناٿ جي سوال جو ڪو جواب ٿو ڏئي ۽ نه
ڪولي هن ڏانهن ڌيان ٿو ڏئي. هو دريا جي لهرن ڏانهن نـ
نهاريندو ٿو رهي.)

پرولناٿ: پنت لطف! جي جهاز آهن ته سدائين غورابن جي
چاڙهه به ره ٿا جڏهن ڪٿ غوراب ٿين ته ٻيهڙي
چاڙهه جهازن تي ڏيندو اڇجانو.

شاهه لطيف: سوامي جي! ڇا هڪ ٿي ٻيڙو ڪنهن جي اڳيان جهاز
۽ ڪنهن جي سامهون غوراب نه ٿو ٿي سگهي؟

پرولناٿ: اسان کي اهو ٿي جواب ڪيندو هو. چاڙهه به ره ۽
چاڙهه ڏي. آهي ته سڀ مايا ٿي مايا، جهاز به مايا،
غوراب به مايا، هڪ جو ٻئي سان جهڳڙو به مايا
ته سمنڊ به مايا ۽ سمنڊ ۾ وهڻ يا ٽرڻ به مايا. ٻر
پنت، مايا جا ناٽڪي پردا پار ڪرڻ لاءِ جهو ڪي
اهي ناٽڪ ته ڪرڻا ٿي پون ٿا.

ٻڌ هنن جون اکيون ! اکين ۾ ڄڻ نه عشق ۽ عقل جا سمنڊ ڇوليون ماري رهيا آهن. جمڙتڪ خليفو ۽ درٻاري ڪافي غصي ۾ آهن ته به هنن کي ڪائي پرواهه ڪونه آهي. هنن جي سڄي وجود جو اطمينان ڄڻ اعلان ڪري رهيو آهي ته انسان لاءِ زندگي ۽ موت ۾ ڪو به فرق ڪونه آهي.)

خليفو : (اوچتو ٽهڪ ڏيئي) هي پاڳل ديوانا هنن لـڳون فتوو جاري ڪيو آهي...... هتاهو هنن ڪافرن کي هٽان- دُور ڪيو هنن دوزخين کي منهنجين نظرن کان. چاڙهيو وڃي هنن کي ڦاسيءَ تي- هڪدم...

(درٻار ۾ خوشيءَ جي لهر ڦهلجي ٿي وڃي. موت جو فيصلو ٻڌڻ جي باوجود انهن ٻنهي ديوانن جي چهرن چاهي اکين مان نه خوف ٿو ظاهر ٿئي، نه معافيءَ جي خواهش ! هو بلڪل لاپرواهه آهن. ڄڻ موت جي سزا کين نه پر ڪن ٻين کي ملي آهي. سپاهي هنن کي گهليندا درٻار کان ٻاهر وٺي ٿا وڃن.)

ڦاسيءَ جو ميدان / ٻاهر / ڏينهن

وائيڊ شاٽ. ميدان جي وچ ۾ ڦاسي ڏيڻ جو بندوبست ٿيل آهي. [illegible] ٽي قيدي قطار ۾ بيٺا آهن. ڦاسيءَ جي اڳيان ٻه جلاد موجود آهن. ميدان جي آس- پاس ڪجهه سپاهي بيٺا آهن. ڦاسيءَ جو نظارو ڏسڻ لاءِ عام جمعا به دائرو ٺاهي بيٺي آهي. قيدي قطار ۾ هن طرح بيٺا آهن : آدو همزه ، عرفان ، شبلي، نوري ۽ آخر ۾ جنالد .

ڦاسيءَ جون تياريون مڪمل ٿي ويون آهن. جلاد سپاهين کي

ٽپا ٿا ڏين، ڳائن ٿا، جهومن ٿا، ناٽڪانا ٽڪا ڪندا
پولين ٿا. هو ايترا ته گستاخ آهن جو نه خليفي کان
ٿا ڏڪن نه دين-ايمان کان. ٻاهر ۾ ملندا رهن ٿا ۽
بدتميزيءَ جي نمائش ڪندا ٿا رهن.

صبر پڇاڙيءَ تي خليفو ۽ درباري تپي باهه ٿي ويا.
اعلان ڪيائون ته جيئن ته اهو فرقو بد دماغ ابراڪن ۽
مجرمن جو آهي ان ڪري جيڪڏهن خليفو انهن جي
اڳواڻن کي ڦاسيءَ تي لٽڪائي مارائي ڇڏيندو ته
باقي ديوانن جا هوش ٺامراد ۽ ٺڪاڻي لڳي ويندا.
خليفي حڪم ڪيو ته گهاي اچو بد تميز بد اخلاق
گستاخن کي منهنجي سامهون دربار ۾ ... ۽ ...
ابوهمزه، عرقام، شبلي، نوري ۽ جنائد کي دربار
۾ خليفي جي سامهون پيش ڪيو ويو...

(ڪئميرا شاهه لطيف جي چهري تي. شاهه لطيف جي اکين جو
ڪلوز - اپ.)

خليفي جي دربار / اندر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز خليفي جي اکين تي. ڪئميرا جي پل ٻئي
ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته خليفو تخت تي ويٺو آهي. دربار
لڳي پئي آهي. خليفي جي سامهون قيدين جي حالت ۾ ابوهمزه
عرقام، شبلي، نوري ۽ جنائد بيٺا آهن. هنن جي آسپاس ڪجهه
سپاهي به بيٺا آهن جن جي هٿن ۾ تلوارون آهن. سڀ ئي قيدي
صورت شڪل مان بلڪل معمولي ۽ اڌ - پاگل لڳي رهيا آهن.

ڪندس، ٻيءَ دنيا ۾ اوترو ئي الله جي وڏڪ
ڦرڻ لڳندس- ۽ ڀڄڻ ويندس.

(جلاد ۽ ٻيا موجود ماڻهون ٽوپيءَ جي گفتن کي سمجهڻ جي اجا ڪوشش ئي ڪري رهيا آهن ته هڪ درٻاري تڪڙو تڪڙو اتي اچي پهچي ٿو ۽ هڪ ٻئي درٻاريءَ جي هٿ ۾ فرمان ڏئي ٿو، درٻاري فرمان پڙهي ٿو.)

درٻاري : عالم پناهه جو حڪم آهي ته هن جي ڦاسيءَ کي روڪيو وڃي. قاضي صاحب اچي رهيو آهي. اهو هن سان گفتگو ڪندو، سوال جواب ڪندو ۽ ان کان پوءِ هن جي نصيب جو فيصلو ڪندو.

(عام ماڻهن ۾ ڇڙ ٻڙ مچي ٿي وڃي. پنج ئي دوست خاموش آهن. درٻاري سڏائيءَ ۾ دور نهاري ٿو.)

خليفي جي دربار / اندر / ڏينهن

(والد شاهه خليفو تخت تي ويٺو آهي. درٻاري موجود آهن. پنج ئي دوست هڪ طرف کان قطار ۾ بيٺا آهن. خليفي جي سامهون قاضي بيٺو آهي.)

قاضي : عالم پناهه! جيڪڏهن ڪو ئي هن پنجن الله جي عزيز عالمن کي باغي ۽ ڪافر سمجهي ٿو ته مان هن ئي وقت صاف صاف لفظن ۾ لکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ته سڄي زمين تي ڪو ئي ديندار، ڪو ئي مذهب جو پابند آهي ئي ڪو نه.

(درٻار ۾ مڪمل خاموشي. خليفو سوالي نظرن سان قاضيءَ طرف

اشارو ٿو ڪري ته اُبُو حمزه کي آندو وڃي. جنهن تي سپاهي اُبُو حمزه کي اڳتي ڦاسيءَ جي تختي ڏانهن وٺي وڃڻ چاهين ٿا، نوُري هڪدم اچي پنهنجن ساٿين جي اڳيان ٿو اچي. هو ڪافي خوش لڳي رهيو آهي.)

نوُري : مان سڀني کان اول موت کي گلي لڳائڻ چاهيان ٿو

جلاد : ميان، اڃا تنهنجو وارو ڪونه آيو آهي. ڦاسيءَ جو تختو يا تلوار، ڪا اهڙي شيءِ ناهي جنهن لاءِ تون موت کي جلدي ڪرڻ لاءِ چئين. هيءُ موت آهي، انعام ناهي.

نوُري : برادر، منهنجي زندگيءَ جو بنياد ئي موت تي ٻڌل آهي. زندگي دنيا ۾ سڀني شين کان وڌيڪ قيمتي شيءِ آهي. مان نذراني طور قربان ڪرڻ چاهيان ٿو پنهنجي زندگيءَ جا ڪجهه اهي لمحا جيڪي بچيل آهن، پنهنجن دوستن تي، جيئن انهن جي زندگي، ڪجهه لمحا ئي سهي، دراز ٿي وڃي.

(جلاد ڪاوڙ ۾ کڙا بيٺا آهن. سپاهي ۽ ٻيا عام ماڻهون عجب ڀريل نظرن سان نوُريءَ جا لفظ سمجهڻ ۾ اهڙو ڀول ڀڃي رهيا آهن. نوُريءَ جا دوست پنهنجو پاڻ ۾ مگن آهن.)

نوُري : منهنجو خيال آهي ته هيءَ دنيا ۽ جنت جي هزار سالن جي عمر کان هن دنيا ۾ زندگيءَ جي هڪ گهڙي، هڪ پل، هڪ لمحو وڌيڪ قيمتي آهي...
هتي مان بندن جي خدمت ڪري ٿو سگهان، هن دنيا ۾ فقط الله جي قريب هوندس ۽ بندن جي خدمت کان واجهل...
هن دنيا ۾ جيتري بهتر نموني مان الله جي خدمت

سواءِ اسان کي ٻيو ڪجهه به نه گهرجي.

خليفو : توهان کي روڪي رکڻ ۽ توهان کي ٻلائي ڇڏڻ نه ڪنهن لاءِ ممڪن آهي ۽ نه مفيد......

(ٻنهي ئي صوفي درويش ماٺ وڃن ٿا. ڪئميرا هنن جي پٺن کي ڪور ڪري رهي آهي.)

درياه / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز شاه لطيف جي چهري تي. هو ڪجهه چئي رهيو آهي.)

شاه لطيف : شريعت ٻڌي رسمن رواجن جي سهاري انسان ۾ ويڇا وجهي ۽ دلين کي ڪٽي جدا ڪري ٿي پر صوفين جي طريقت ڪائنات جي هر چيز کي هڪ ٻئي سان جوڙي هڪ ڪري سگهي ٿي.

(ڪئميرا ڦري ٿي پل ٻيڪ ڪري ٿي ۽ اسان شاه لطيف، ٻروٽناٿ ۽ جوڳين کي ٻيڙي ۾ سفر ڪندو ڏسون ٿا.)

ڪمل ناٿ : ڇيو طريقت جو ٻين جو اهو ٻرهم-استر آهي جنهنجي سامهون اتفاق جو گهٽو ٽڪج هڪ پل به ٽڪي نه سگهندو!

شاه لطيف : گهٽو ٽڪج؟

ڪمل ناٿ : ٻمعنن جو ٻت. وشال ٽڪار واري گهٽو ٽڪج مهاڀارت جي ٻڌ ۾ ڪورون جي سينا ۾ هاهاڪار مچائي ڇڏي هئي...

ٻروٽناٿ : گهٽو ٽڪج کي مارڻ لاءِ ڪرڻ کي ارهم-استر ڪم آڻڻو پيو هو، جيڪو ارهم-استر هن ارجن

نهاري ٿو.)

قاضي : حضور، هي ٻئي شخص جنهن کي توهان جي سامهون مجرمن ۽ ٻاغين جي صورت ۾ پيش ڪيا ويا آهن، سڄيءَ دنيا مان ٻڌائيندو ڪوئي ته اهي اصل ۾ ڪير آهن؟

(هر ڪو درٻاري هڪ ٻئي جو منهن تڪي ٿو. ڪنهن وٽ به ان سوال جو جواب ڪونه آهي. خود خليفو به حيران آهي.)

قاضي : هي ٻئي ئي اسان جي دور جا شان، عظيم صوفي آهن- ابو حمزه، رقام، شبلي، نوري ۽ جنيد...
هنن جي زندگيءَ جي طريقي تي عجب نه کائو. صوفين لاءِ اهو طريقو طريقت آهي ۽ ان جو سلسلو هو آنحضرت محمد صلعم صلي الله عليه وسلم جي سنت ۽ ڀلائي حضرت عليءَ سان ٿا جوڙن......
اهي پردي ۾ آهن. جلوه نما ٿيندا ته زمين کي نور سان ڀري ڇڏيندا ۽ الله ۽ بندي جي درميان جيڪي دوريون آهن اهي مٽائي ٻنهي کي هڪ ڪري ڇڏيندا.

(خليفي جي دل ڀرجي آئي آهي. هو آڱر سان اکين جون آليون ڪنڊون سڪائي ٿو.)

خليفو : اسان پشيمان آهيون جو اسان توهان جو قدر نه سڃاتو ۽ ٻيا سوچي سمجهي، تڪڙ ۾ سزا جو اعلان ڪيو. يا الله! هي اسان کان ڇا ٿي ويو......
توهان جيڪو ڪجهه گهرندؤ اسان ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، جيڪو ڪجهه چوندؤ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اسان سچ پچ پشيمان ۽ شرمنده آهيون.

ابو حمزه : اسان کي هتان وڃڻ ڏيو ۽ ڀلائي ڇڏيو- اهو کان

کي انهن ٺهرن جو درشن
ڪرڻو هو، ان ڪري ٿي
اها واٽ ورتائون.
شاهه لطيف "سر رامڪلي"
۾ نارائڻسر جو ذڪر ڪيو
آهي :

منجهن لاهو لکيا،
منجهن نارائڻسر.

نارائڻسر جي ڀرسان ئي "ماتا جو مڙهه" نالي استان آهي جتي ماتا جو مندر آهي. — ماتا جي مندر جو درشن.

شاهه لطيف "سر رامڪلي" ۾ ٿي هڪ هنڌ ان ڏانهن بہ اشارو ڪيو آهي:

مڙهيءَ جو مَن مذڪور، ڪالهہ ڪندا ويا ڪاپڙي.

لکپت ۽ اپراسو جي وچ ۾ چترالو نالي هڪ ڏونگر آهي، جتان اڳي هڪ درياهه وهي، مانڊوي جي ويجهو ڪڇ جي نار ۾ چوڙ ڪندو هو. انهيءَ کي "پترال" يا "پٽيهل" درياهه چوندا ها. — چترالو جا شانس.

اهو درياهه ڪيترن سالن کان سڪي ويران ٿي ويو آهي. — سڪل درياهه جا درشن.

کي مارڻ لاءِ رکيو هو.
(شاهه لطيف سوالي نظرن سان پروتنامڪ طرف نهاريندو. پروتنامڪ هن جو مطلب سمجهي ٿو وڃي.)
پروتنامڪ: ڪري فقط هڪ دفعو ٿي برهم-استر ڪم آڻي ٿي سگهيو.
(ٻوڙهو اکيون وڌندو ٿو وڃي. درٻار جهولڻ ماءِ رهيو آهي.)

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيہ
مکهه ٻئن جي پراڻن ڪوري ڪاري آهي. شاهه لطيف مهاڀوڳي پروتنامڪ ۽ ٻين جوڳين سان گڏ ڪوري ڪاري اڪري پار ڪئي ۽ ڪڇ	ٻيڙي ۾ شاهه ۽ جوڳي ...
جي هاڪاري بندر "لکپت" اچي پهتو. جوڳين گرنار وڃڻ لاءِ هي رستو جنهن مطلب کان چونڊيو هو اهو بلڪل صاف آهي، لکپت جي ويجهو ٻه تيرٿ-استان آهن. هڪ تيرٿ	لکپت بندر جا ڪجهه شاٽس.
جو نالو آهي نارائڻسر ۽ ٻئي تيرٿ جو نالو آهي ڪوٽيسر. انهي ٻئي تيرٿ هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو آهن. جوڳين	نارائڻسر ۽ ڪوٽيسر جا منظر، ڏاٽس.

سالن کان پوءِ کھڙا
لاڀ پاتا ٿا تن جي
تہ خبر ڪونہ آھي پر
مشھوري ڪيس واہ جي ملي.
شاہ لطيف ڪيس آمر ڪري
ڇڏيو .
جسودن جھا پار ،
پڙا ويو وماس ۾ ...
۽ شايد جسودن جي حالت تي
شاہ لطيف جي منھن مان
"سر ڍھر" ۾ چوايو آھي :

صاحب تنھنجي صاحبي، عجب ڏني سون ،
پسن پوڙان پاتال ۾ ، پٽ ٿاريو تون ؛
جھڪر اچن مون ، تہ مھرباني مان لھان !

۽ انھيءَ سر "ڍھر" ۾ پڪار
ڪئي اٿائين :

مدينہي جا مير ! سڀ منھنجا سڏڙا ...

۽ دل ۾ چوو ھوندائين - شيءِ جي چاپا ڪان اچاھ !

شاہ لطيف جوڳين سان گڏ — پالاڙي جي درگاہ جو درشن.
پنج بہ ويو ھو ۽ اتي پالاڙي
جي درگاہ جي زيارت ڪئي
ھئائين ..

شاہ لطيف جي ڏينھن ۾ سنڌ — دريا جو درشن.
مان پاڻيءَ رستي ڪڇ ڏانھن
وڃي سگھبو ھو. ١٦ جون

شاهه صاحب رسالي جي "سُر
ڏهر" ۾ انهيءَ ديري جو
نالو ۽ اُتان جي حاڪم جمودن
موراڻي بابت اشارا ڏنا آهن.
راڄا جمودن موراڻي کي شهزادي
جي ساڃ-سڃوري جو ڪره
اچي ويو اهن ساڃن ستن
سالن ۾ ٻه ٽهل درياهه سڪو
ملڪ ۾ ڀيانڪ ڏڪار پيو ۽
راڄا پاڻ فقير ٿي ديش ڇڏي
هليو ويو!

ڪنڊا! تون ڪنڊو، جڏهن ٻاهر ٻڌُو وڃي،
جمودن جيڏو، تون ڪو ڪنڊڙو ٻهڙو؟

شهزادي کي سنائيندڙ ۽ سخت
مڙائيون ڏيندڙ ڪره ڪري
مشهور ويو آهي. ٻڌو، شهزادي
بابت اُنهيءَ بس، چوڻ ويندو
آهي ته ويندي ويندي هن
فائدي واري اسم اُٿي، هٿي
ويندو آهي. شهزادي جون
سختيون انسان کي سون ۽
سون کي پارس
ٺاهي ڇڏينديون آهن. راڄا
جمودن موراڻي کي ساڃ-سڃن

شهزادي ديوتا جو چتر جدا جدا
ٻهڙن ڪاڻ ڏيکاريو ٿو وڃي.

شهزادي گره جو چتر:
سڪو سوڙ سنڌل
سو ٻه سنڌل جا پارٿهن ڪاليڪ
حصا.
شهزادي گره جو چتر:

(ڪئمرا آهستي آهستي پُل بئڪ ڪندي ٿي وڃي ۽ انسان ڏسون ٿا ته پروتناٿ، شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي دوارڪاناٿ جي مندر ڏانهن وڃي رهيا آهن. عام رستو آهي ان ڪري ٻيا به ڪيترائي ماڻهو اچ - وڃ ڪري رهيا آهن- پرش، استريون، ٻار ۽ ٻڍا، جوان. ڪڏهن ڪڏهن ڪن ياترين جي منهن مان ”دوارڪاناٿ ڪي جئه“ ”ڀڳوان ڪرشڻ ڪي جئه“ ”جسودا-نندن ڪي جئه“ وغيره جئه جئه ڪار جا نعرا به اڀرن ٿا.)

پروتناٿ: پٽ لطيف، سنسار جي اوتارن، پيغمبرن ۽ ايشوري-پرشن تي نظر وجهي ڏس. سڀ جا سڀ گنڀير، اداس ۽ دکي لڳندا. تون اوتارن ۽ پيغمبرن کي نه هڻندو ڏسندين، نه بانسري وڄائيندو ڏسندين، نه راس-ليلا ڪندو ڏسندين ۽ نه شرارتون ڪندو ڏسندين. ڪين يا ته وڻن جي ڇانءَ ۾ اُپديش ڏيندو ڏسندين، يا ريگستانن ۾ اڙندو ۽ جنگيون ڪندو ڏسندين يا ڪنهن ڪنڊ پاسي اڪيلائيءَ ۾ من سان واد - وواد ڪندو محسوس ڪندين. ڪرشڻ جهڙو ٻيو پورڻ پرش پيو هن ڌرتيءَ تي آيو ئي ڪو نه آهي جنهن بانسري به وڄائي سگهي ۽ سدرشن چڪر به هلائي سگهي- جنهن سڀ ڪجهه ڪندي به هر ڪرم کان مڪت رهي...

شاهه لطيف: منهنجو خيال آهي ته شاعر ۾ به اهي سڀ گڻ ۽ شڪتيون آهن.

(پروتناٿ فخر، خوشي ۽ عجب ڀريل نظرن سان شاهه لطيف طرف نهاري ٿو. شاهه هلڪو مرڪي ٿو.)

پروتناٿ: تنهنجو چوڻ بلڪل ٺيڪ آهي. شو جهڙو ٻيو پورڻ پرش سنسار ۾ پيدا ٿيڻ ممڪن ناهي. پر پٽ،

١٨١٩ع ۾ هتي نهايت خوفناڪ زلزلو آيو هو. راڻ جو محلات ۽ رعيتي ماڻهن جا ست هزار کن گهر زمين دوز ٿي ويا ها. هزارين ماڻهو اجل جو بک ٿي ويا ها. ۽ ان زلزلي ۾ ئي پاڻيءَ پنهنجو پاسو بدلائي ڇڏيو ۽ ڪڇ سنڌ کان ڪٽجي ويو. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪوئي درياهي رستو رهيو ئي ڪو نه ...

زلزلي جو درشيه.
زمين دوز ٿيندڙ جهڳڙون ...

شاه لطيف جو ٻين سان ڪيل:
پنجڪان ماڻدوي واڍ ۽ اڄان
ڪڇ جي ڏار اڪري دوارڪا
ويو ...

ڪڇ جي رڻ جو نظارو.

❂

دوارڪانات مندر طرف ويندڙ رستو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز ميڊيم پروتمات جي چهري تي. هو هلندي هلندي ڳالهائي رهيو آهي.)

پروتمات: ٻت لطيف، ڪرشڻ جهڙو پورڻ پرش نه اڳي ڪڏهن ٿيو هو، نه هن وقت آهي ۽ نه آئينده ۾ ٿيندو. ڪرشڻ ڪرشڻ آهي. ڪرشڻ جهڙو ڪوئي ٿيو ئي، اهو سوچي نه ٿو سگهجي.

ماحول ڪرشڻ - مئي ، راس - مئي ، آنند - مئي ۽ ڀڳتي - مئي لڳي رهيو آهي.

ڀرو ترناٿ جوڳين جي اٽالي ۽ شاهه لطيف سوڌو دوارڪاناٿ مندر ۾ داخل ٿي رهيو آهي. سوترڌار جو آواز اوورلئپ ڪري ٿو) :

سوترڌار (فقط آواز)	درشيه
دوارڪا جو تيرٿ سڄي ڀارت جي مکيه تيرٿن مان هڪ آهي. هي آهي دوارڪا- ناٿ جو وڏو مندر. نهايت اوچو. وچ واري ڀاڱي ۾ ست ٿنڀا.	ڀرو ترناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف مندر جو درشن ڪري رهيا آهن.
هن استان کي گومتي دوارڪا چوندا آهن.	گومتي دوارڪا جو درشيه. جوڳين جا ڪجهه شاٽس.
گومتي دوارڪا جي ڀرسان آهي مول دوارڪا. مهاڀارت واري زماني ۾ دوارڪا کي سمنڊ ڳالي ويو هو. ان جي ٻوڙي اڀرل ڀاڱي کي مول دوارڪا چون ٿا...... ۽ هيءَ آهي رڻ - ڇوڙ جيءَ جو مندر.	ڀرو ترناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف مول دوارڪا ۽ رڻ - ڇوڙ جيءَ جي مندر جو درشن ڪري رهيا آهن.

(ڀرو ترناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف هلندا هلندا هڪ تلاءَ وٽ اچي ٿا پهچن.)

شو اوتار ناهي. شو ديواديو آهي- ديون جو بہ ديو آهي. نٽراج تہ تانڊو نرتيہ سان پوريءَ سرشٽيءَ ۾ پرليہ بہ ڪري ٿو سگهي. مهاديو جو ترشول نہ فقط هڪ هٿيار آهي بلڪ "اوم" جو پرتيڪ بہ آهي ۽ ٽنهي لوڪن ۾ ٽنهي قسمن جي آپدائن کان مڪتي ڏيندڙ آهي. ٽي لوڪ آهن: آڪاش، پرٿوي، پاتال. ٽن قسمن جا دک، يعني ديوتائن طرفان ملندڙ دک، پرڪرتيءَ طرفان ملندڙ دک ۽ سنسار طرفان ملندڙ دک...

(ڪجهه دير سڀ خاموشيءَ سان هلندا ٿا رهن.)

پروتشات : هت لطيف، يوگ ۽ تنتر جي باري ۾ ڪڏهن وارتالاپ ٿيو تہ شو ۽ شڪتيءَ جي باري ۾ بہ ڪٿن و چتر وارتائون پڙهندو رهان. تو شو جو پرتيڪ لنگ تہ ڏٺو ٿي آهي. جڏهن ڌيان ڪندين تہ اهو بہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ استريءَ جي يونيءَ جي شڪل جهڙي هڪ شيءِ هوندي آهي جنهن ۾ لنگ استاپت ٿيل هوندو آهي يعني ان جي مٿان رکيل هوندو آهي. لطيف، اهي سڀ پرتيڪ آهن، اشارا آهن. پرش ۽ استريءَ جي گپت انگن کي شو ۽ شڪتيءَ جو پرتيڪ ڇو بڻايو ويو؟ ان سوال جي پٺيان انساني من جون وڏيون وڏيون ڪامنائون ۽ شرارتون لڪل آهن.

(پروتشات، شاهہ لطيف ۽ جوڳي اڳتي وڌي رهيا آهن. ڪجهہ دوريءَ تي دوارڪاناٿ جو وڏو مندر نظر اچي رهيو آهي. يڳين ۽ درشن-ابلاشين جي اچ وڃ جاري آهي. ڪجهہ جوڳي ٻنهي ٻانهن تي دوارڪا جي ڇاپ هڻائي رهيا آهن. سڄو

ڏوڙي گوڙهي رهي آهي.)

پروتمات: ڪرشڻ جهڙو نه ڪوئي ٿيو آهي، نه ٿيندو.
ڪرشڻ جو مرلو ۽ سنگيت ۽ نرتيه جي راس-ليلا
هو ۽ هڪ آنند ڀريو مها - اُتسو هو.

(جهٽو اچي وڃي ٿو.)

پروتمات: هاڻي اسان هلنداسين پوربندر ڏانهن...
جا حاڪم ڀاڻ کي "راڻو" چوائيندا آهن.
هو جيٺوا راجپوت آهن ۽ هنومان کي پنهنجو
اشٽ-ديوتا ۽ ڪل-پتا ڪري مڃيندا آهن. راڻن
جي گاديءَ جو هنڌ "ڇايا" نالي شهر آهي جتي
جهجهي وڻڪار آهي. ڇايا شهر کان ٿورو پرڀان
پوربندر آهي...

(اٿاو هلندو ٿو رهي.)

پروتمات: چوندا آهن پوربندر اُهو اِستان آهي جتي مهاڀارت
واري زماني ۾ ڪرشڻ جي ننڍپڻ جي سنگتيءَ ۽
اننيه ڀڳت سداما جو شهر "سداما پوري" اڏيل هو.

(جوڳي اچي وڃندا ٿا رهن.)

پروتمات: پوربندر جو ڪنارو ڪافي خطرناڪ آهي. تون
ان کي طوفاني ڇيڙ ڇڏي ٿو سگهين.

شاهلطيف: جهاز صعيفن جو ڀاڻيءَ ۾ اُرتو ۽
سهڻ سانت سندوء، پوربندر پهچائين!

پروتمات: پوربندر...

(پروتمات جي اکين جو ڪلوز - اپ)

پروتداس: لطيف! هي اٿئي ”گوپي - تلاءُ“...

شاهه لطيف: گوپي - تلاءُ!... جنهن تلاءَ ۾ گوپيون سدائين ڪنديون هيون يا جنهن تلاءَ جي اڳيان ڪرشڻ سان گڏ راس - ليلا ڪنديون هيون ؟...

ڪمل ذات: (وچ ۾) يا جنهن تلاءَ ۾ سنان ڪندڙ گوپين جا ڪپڙا چورائي ڪرشڻ وڻ تي چڙهي ويو هو؟ ۽ اهو وڻ ڪٿي آهي ؟

(هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿي. وڻ کي ڳولهي رهي آهي سندس ڪان ڪل نٿي لڳي وڃي.)

پروتداس: ”گوپي - تلاءُ“ ۾ سنان ڪرڻ سان من ۾ ڀڳوان شري ڪرشڻ لاءِ اترو ئي پريم پيدا ٿيندو جيترو گوپين جي هردي ۾ هو. لطيف! هي سڀ ڀاونا ۽ وشواس جو ئي ڪمال آهي. ڀاڳوت پڙهندين ته گوپين جي پريم ۾ صوفين واري مستي ڏسندين. ڀڳت جي پريم ۾ ساڪار ۽ نراڪار ڪائي معنيٰ ئي ڪونه ٿو رکي. هڪ ڀڳت لاءِ پرماتما سدائين سامهون ئي آهي - ساڪار. ٻين جي سامهون ڪونه آهي ئي ڪونهي، ڀاونا ۽ ڪلپنا کان سواءِ - نراڪار.

(گوپي تلاءَ مان اڀن تي ڪجهه ڇنڊا وجهي پروتداس، جوڳي ۽ شاهه لطيف اڳتي وڌن ٿا. ماڻهن جي اچ - وڃ جاري آهي. جتو اڳتي وڌندو ٿو رهي. اوچتو پروتداس هڪ هنڌ بيهي ٿو رهي.)

پروتداس: هي آهي اهو استان جتي هڪ شڪاريءَ ڪرشڻ ڀڳوان کي تير هنيو هو...

(پروتداس، جوڳي ۽ شاهه لطيف ان استان کي پرڻام ڪري اتي ئي ڌيان ۾ ويهي ٿا رهن. ماحول ۾ خاموشي - جهڙ جي مند؛

پر لطيف، ڪڏهن اسان کي خيال ايندو
آهي ته اسلام جو عربستان مان اچي وڏي-وڏي،
سنڌ جي دروازي کان ڀارت ۾ داخل ٿيڻ هڪ
اهڙو چمتڪار هو جنهن مان ڀارت کي ڪي قدر
لاڀ ئي ٿيو آهي...
اسلامي اثر هيٺ، پاکنڊي ۽ اُبتڙ ڌرمن ۽ متن
جي خلاف جيڪا جاڳرتي پيدا ٿي ان جو نتيجو
اِهو نڪتو جو اُتر ڀارت ۾ اخلاقي ۽ نيتڪ
قدرن ۽ قيمتن کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيندڙ
نانڪ-پنٿ جو پايو پيو ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ وشنو ۽
لنگايت متن جو اُڀار ٿيو... نه ته ڀارت اخلاقي
گراوٽ جي انتم چرڻ ۾ وڃي پهتي ها.
(شاه لطيف ڌيان سان پروتناٿ جا وچن ٻڌي رهيو آهي.)
شاه لطيف: اکيون آلو ماه، سدائين سڄڻين جون،
واري ليڪ نه ڏيان، جاڳي جهليا جوڳئين!
جهاسون جوڙ ٿي، جوڳيءَ لاتو جار،
سندو سُوب ٻار، آچيائين انڌن کي!
پروتناٿ: لطيف، جوڳي انڌن کي ڪجهه به نه آچيندو آهي؛
جوڳيءَ کي جڳياسو جو مهين ڏسندي ئي پتو
پئجي ويندو آهي ته هن اکين ۾ ڪائي روحاني
روشني آهي يا ته هن خاڪ جي ٿيڻ ۾ لپٽيل
ڪوئي الو آهي يا فقط مٽي ئي مٽي آهي......
جو ته پر لطيف! انهن کي ڪجهه ڏيڻ بعدي پاڙيءَ
۾ پٽو اُچلائڻ يا ايگناهن لاءِ تڪليفون ۽ ڪشٽ
پيدا ڪرڻ.
شاه لطيف: جا هر ڌرم، هر مذهب، هر مسلڪ، هر قوم جو

پوربندر جو ڪنارو / ٻاهر / پرڀات

(وائڙو شانت. سمنڊ ڇولين ماري رهيو آهي. پوربندر جي ڪناري تي مهاجوڳي پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف موجود آهن. اڪثر جوڳي يوڳ جي سادنائن يا ڌيان ۾ رڌل آهن. هر ڪو پنهنجي پنهنجي منهن ڪجهه نه ڪجهه ڪري رهيو آهي. پروتناٿ ۽ شاهه لطيف هڪ پاسي ويٺا هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا آهن. ڪمل ناٿ هنن جي سامهون ئي پدم آسڻ لڳائي ويٺو آهي.)

پروتناٿ : جڳت-گرو شنڪر آچاريه جو ٻڌارجڻ پسارڻ جي ڌرمي اتهاس جي هڪ اهم گهٽنا آهي. هن جي مناظرسي اثر جي ڪري سهل ۽ غافل سناتن ڌرم وري جاڳي اٿيو ۽ ويدانت جي ادويتواد جو نغارو چئني ڏسائن ۾ وڄڻ لڳو.
پٽ لطيف، شنڪر آچاريه جي تعصبي ۽ سوڙهي هستيءَ جي سامهون عياش، ولاسي ۽ ناستڪ ٻڌ-ڌرم جا پير ٽڪي نه سگهيا...

(شاهه لطيف سوالي نظرن سان پروتناٿ طرف نهاري ٿو.)

پروتناٿ : هائو پٽ، عجب نه ڪاڄ. ٻڌ-ڌرم جنهن جو باني گوتم ٻڌ ئي ان لاءِ هو جيئن سناتن ڌرم جي پاکنڊن کان عام جنتا کي مڪتي ڏياري سگهي، اهو ئي ٻڌ-ڌرم اڳتي هلي خود ئي پاکنڊ ۽ اناچار جي جار ۾ ڦاسي ويو ۽ ننڍن-منڍن جو سهارو وٺي عام جنتا کي انڌوشواس ۾ ڦاسائڻ لڳو. اڳتي هلي سڌ-پرمپرا ۾ سهج-ياني ۽ وجر-ياني ٿيا. انهن ته اناچار جي حد ڪري ڇڏي... اصل هر ڪو ليڪو لتاڙي ويا!

اسٿان مان مار کائي وڃڻ ۾ شرمائي ٻڌجي وڃي
وسهو! پرڀوءَ جي ليلا اپرمپار آهي، بس!

شاهه لطيف: ڇو نه شنڪر آچاريه انسان نه پر ديوتا، گيان ۽ علم جو اوتار هو...

ڀروتناٿ: شنڪر آچاريه لاءِ مشهور آهي ته:

अष्टवर्षे चतुर्वेदी اٺن سالن جي عمر ۾ ئي هن چار ئي ويد اَزبر ياد ڪري ڇڏيا.

द्वादशे सर्व शास्त्र वित् ٻارهن سالن جي عمر ۾ ئي هو سڀني شاسترن جو پارنگت ودوان ٿي ويو.

षोडशे कृतवान भाष्य سورهن سالن جي عمر ۾ ئي هن شاسترن تي ڀاشيه لکيا ۽

द्वात्रिंशे मुनिरभ्यगात ٻٽيهن سالن جي عمر ۾ ئي هن سدا لاءِ سماڌي ورتي.

(جوڳي پنهنجن پنهنجن ڪارن ۾ مگن آهن. ڪمل ناٿ ٻاهران جهونڪ پدم آسڻ لڳائي ويٺو آهي ۽ ٻاهر کي ڌيان ۾ گم ڏيکاري رهيو آهي پر ڪنهن ڪنهن اک ٽيٽ ڪري سمنڊ جي ڇولين کي يا ڀروتناٿ ۽ شاهه لطيف ڏانهن به نهاري ٿو.)

شاهه لطيف! ماشاءَ الله! جڳت گرو شنڪر آچاريه گلاب جو گل هو - جو گهڙيون ٽڙيو پر سڄي گلشن کي معطر ڪري ويو، سڳنڌن سان ڀري ويو.

ڪمل ناٿ: (اوچتو پٺيان اچي ڪري): لطيف، گل ته ماڻ به آهن - ڪمل جو! ڪپچڪ ۾ جنم وٺڻ پر سدائين اڻلپت رهن...

شاهه لطيف: ٺالي ۾ ڇا رکيو آهي ڪمل ناٿ! ٺار ڪسي گل سڌ پنهنجي ته ڇا ن مان خوشبوءِ اچڻ لڳندي؟ موڻ ته اڪثر رهڻ ۽ ڪرڻ کي ڇڏيندڙي ظالم ڪندو

انهن اهڙو ئي نتيجو آهي؟

پروفيسر: سنسار جا سڀ پدارٿ - جڙ، چيتن، اسٿول يا سوکشم - وناشڪي آهن، پرتيو مکي آهن. ڪڏهن تي ڪٿ ڇڏهندي، ڪوئي ٽڪجي ويندو، ڪوئي ڪاچي ويندو، ڪوئي گسي ويندو، ڪوئي ڀڄي ويندو، ڪوئي سڪي - سڙي ويندو ۽ ڪوئي لسو ٿيندو ۽ ٿيندو نشٽ ٿي ويندو. هي لطيف، سنسار جا سڀ پدارٿ وناش-ڪي ۽ پرتيو مکي آهن! اهو سنسار سچ آهي، اٽل نيم آهي.

(پروفيسر ۽ شاه لطيف ڪناري تي ڪجهه مسافر کان لنگهيا. سمنڊ جون ڇولهون گهان - واڙيا لاءِ بلڪل موزون اٿڪ ڳرانوڻ ڏاهي ڏهون آهن.)

شاه لطيف: ڇا اهو سچ آهي تہ جڳت-گرو شنڪر آچاريہ ٻڌ - ڌرم کي هڪالي ڀارت کان ٻاهر ڪيئي ڇڏيو؟

(جواب ڏيڻ کان اڳ پروفيسر ڪجهه سوچي ٿو.)

پروفيسر: ان حقيقت کي ٻين شبدن ۾ چئي تہ ٿو سگهجي. واد - وواد ۾ جڳت - گرو جي سامهون ڪوئي ٽڪي نہ سگهندو هو. انهن وچتر - وچتر دلائن سان سامهون واري جو آتم - بل ئي نشٽ ڪري ڇڏيندو هو... حقيقت ۾ جڳت-گرو جي دلائن مار سان گڏو گڏ ٻڌ - ڌرم ۾ گهڙي آيل خاميون ۽ پاکنڊ بہ ان کي عام جنتا جي دلين تان لاهي ڇڏڻ ۾ وڏو ڀاڱو ورتو... ۽ ان طرح هڪ مهان وچار - ڌارا، هڪ مهان ڌرم ڀارت ئي جنم-

نه کھڙا منتر پڙهجن ۽ جي کنهن کي وس ۾
ڪرڻو هجي نه وشيڪرڻ منترن جو جاپ ۽ ڌيان
ڪرڻ گهرجي. مطلب ته مورکن کي ٺڳائڻ جو
ٻوڙ ۽ ٻوڙ ۽ انڌ ويسمع ڪمال آهي انهن گرنٿن ۾.

شاه لطيف: سواميجي! ڇا تنتر-شاستر آهي ئي انهن ۽ اهڙن شيطاني ڪارستانين لاءِ؟

(پروهتن شاه لطيف جي سوال جو جواب هڪدم ڪونه ٿو ڏئي. هو ڏور خلائن ۾ نهاري ڪجهه سوچي رهيو آهي.)

شاه لطيف: سواميجي! ڪرپا ڪري منهنجي سوال جو جواب صاف صاف لفظن ۾ ٻڌايو. مون کي چٽو جواب گهرجي.

پروهت: نه، ائين ناهي. تنتر-شاستر ڪلين ڪرڻ وارن جو ودي-وڌان ڪونه آهي... تنتر يوگ کان به مهان ڏکيو آهي. جتي يوگ پورو ٿو ٿئي، تنتر اتان شروع ٿو ٿئي. يوگ ٿو ڏئي ٻنڌن لاءِ وڃهي. يوگ چوي ٿو: هي ڪر- هي نه ڪر- هي سٺو آهي، هي برو آهي. يوگ تنهنجي دشمني کي ٻاڳن ۾ وڌائي ٿو ڇڏي... پر تنتر ائين نه ٿو چوي...

(ڪجهه دير شانتي)

پروهت: تنتر لاءِ نه ڪجهه برو آهي، نه سٺو. تنتر ۾ ورجنا- روڪ ٽوڪ آهي ئي ڪونه. تنتر صفتن ۽ وشيشتن ۾ وشواس ئي ڪونه ٿو رکي. تنتر لاءِ نه ٻوڌ آهي نه پرلو. تنتر لاءِ هڪ ئي ڪال آهي- ورتمان ڪال، زمان حال.
تنتر ڌارا سان گڏ جي، هڪ ٻئي وهندڙ وهڪ ۾ ئي وشواس ٿو رکي. تنتر چوي ٿو: ڌارائن جي

ڏنو آهي.

پروهت: پنهنجا نار ٻنا گرڻ جا مثال مشڪل سان ملندا آهن.

(ڪجهه پل نهٺي خاموشيءَ سان هلندا رهن. سمنڊ جون ڇولهون ڏاڍيون زور واريون لڳي رهيون آهن. ٽيئي ڄڻا هڪ هنڌ ويهي ٿا رهن.)

شاهه لطيف: سوامي جي! وئدڪ ڌرم ۾ اناچار ڦهليو ته ٻڌ ڌرم جو ڇا ٿيو هو...

پروهت: ٻڌ ڌرم ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو - هينيان ۽ مهايان. هينيان سنياس-پرڌان رهيو ۽ ان ڪري عام جنتا تي نه جهڙو اثر وجهي سگهيو. عام ماڻهون هينياني ٻڌن کي مان عزت ته ڏيندا هئا پر لوڪ لاءِ اُپيوگي نه سمجهندا هئا. مهاياني لوڪ-پرڌان هئا. عام لوڪن سان لهه-وچڙ ۾ ايندا هئا. ان هوندي به هو ٻنهي پراچين سنياس-پرڌان مدو رهڻ جو تياڳ نه ڪري سگهيا. جنهن ڪري اڳتي هلي ٻڌ-ڌرم ارڙهن شاخن ۾ ونڊجي ويو، ان هي ٻاوجود عام جنتا لاءِ ٻڌ-ڌرم سنياسن جو ڌرم ٿي رهيو.

پٽ لطيف، اهو ٻڌ-ڌرم جهڙو پوريءَ طرح ٻڌيءَ ۾ پورو وشواس رکندڙ هو، هڪ ڏينهن منترن-تنترن جو جهنڊو وڃي رهيو. ٻڌ-تنتر-گرنٿن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪهڙي سڌي يا شڪتي پراپت ڪرڻ لاءِ ڪهڙي ديوتا جي ڪهڙن پوڄا-اُپاسنا ڪجي. تنتر گرنٿن ۾ ٻڌايل آهي ته ڪنهنکي مارڻو هجي يا بيمار ڪرڻو هجي ته ڇا ڪجي، ڪنهنکي پنهنجو غلام بڻائڻو هجي

سڌ - ٻڌ مڙيئي جو آرام ٿيو. سڌن جي سکيا ڇوڙيندي آهي. هنن جي دل ۾ سدائين چاهي پوڻ پنهجي ڌرمن لاءِ وروڌ جي ڀاونا هئي. ٻرهمڻن ۽ ٻوڌن جي پاکنڊ ڀريل وهنوار سڌن جي آتما کي ڪمزائي ڇڏيو ۽ هو اناچار، اتياچار ۽ پاکنڊ جي ڄڙ ڪٽڻ لاءِ تيار ٿي ويا......

شروع شروع ۾ سڌ سهج - ياني هئا - سادوڪ، پوِتر ۽ تياڳي! سهج - ياني سڌن سادنا ۾ چمتڪاريءَ تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. هنن جي مکيه ٻه روپ ڪنڊ ۽ منڊن جي هوندي هئي. ساموهن واري فرقي جي مڃتائن جو ڪٿور لفظن ۾ ڪنڊن ۽ پنهنجي مت جو پرچار منڊن......

شاه لطيف: ڪنڊن - منڊن... لفظ تمام سٺا آهن ۽ پنهنجو پاڻ ۾ وڏا مطلب ٻه رکن ٿا.

(ڪجهه دير خاموشي)

پروتمات: پت لطيف! سهج - ياني پنهنجن اونچن وچارن ۽ آدرشي هلت چلت ۽ سهج - سڌا کي گهڻو وقت قائم نه رکي سگهيا. سهج - يانين مان ٿي وجر - ياني فرقي نڪتا. وجر - ياني سڌن جي مکيه سادنا وڃي ٿي: ڪمل ۽ ڪلش سادنا!

(شاه لطيف پروتمات ڏانهن نهاري ٿو.)

ڪمل ناٿ: سوامي جي! لطيف کي ڪمل - ڪلش سادنا مان سمجهايان؟

(پروتمات ڪمل ناٿ ڏانهن شوڪي نهاري ٿو.)

پروتمات: ڪمل يعني استريءَ جي اندري ۽ ڪلش معنيٰ پرش جو لنگ. وجرياني سڌ، ڪمل - ڪلش سادني

اُٿڻ ويهڻ ۾ ڪجهه پوندين ۽ ڪل انسان جا
ڪجهه پرامٽ ڪري ٿو سگهي ۽ نه وري پرامٽ
ڪمل وٽن مان آنند ئي ماڻي نٿو سگهي. تنهن
جو پٽو: ڌارائن سان گڏجي هڪ ئي وهندو هل،
نديءَ وانگر وهندو هل، سمهندو هل، گهرڻ
کندو هل، پوکيندو هل، چڙهندو هل، پاڻيندو
هل ۽ آخر ۾ مهاساگر سان ملي هڪ ٿي وڃ.

شاه لطيف: شايد ان جي ڪري ئي تنهن جو ارٿ ئي الٽو ٿي ويو آهي.

پروتنات: تنهن هڪ مهاشڪتي آهي. پر جي ان جو اڀوڳ فقط سنساري سک پراپت ڪرڻ لاءِ ڪبو ته اها شڪتي بدنام ته ٿي ئي ويندي.. هڪ ڪانٽرڪ لاءِ انسان جي دماغ کي، انسان جي سوچڻ وارن شڪتين کي پنهنجي وس ۾ ڪرڻ هڪ سادارڻ ڳالهه آهي. ۽ پڪ لطيف، جي دماغ ئي پروس ٿي ويو ته باقي ٿو وڃي رهڻ ئي ڇا؟

شاه لطيف: (اکين ۾ چمڪ آڻي) اوه! ائين آهي؟

پروتنات: هائو، ائين آهي.

ڪملنات: هائو، لطيف! ائين ئي آهي. ڏسين ڪونه ٿو ته انسان سڀني جو ڪهڙن جا دماغ ۽ مغز پروس ٿيا پيا آهن! هڪ ته جوڳيءَ جو دماغ پنهنجي وس ۾ ڏسين ٿو؟

(ويچار اچي ٿو ۽ شاه لطيف جي ڪن جي پرسان مٺهين ڏاڍي چوٿو،)

ڪملنات: تنهنجي دماغ جو ڪهڙو حال آهي لطيف؟

(شاه لطيف فقط مرڪي ٿو.)

پروتنات: پنڌ - ڏيڍ ۾ ڦهلل اناچار جي پرتڪريا ۾ ئي

ڇڪرو ڀوهن ۾ قائل سمجهجان ٿو ... جڏهن اُن
”هائو“ کي ڪلي اجازت سمجهيئه، ته پوءِ پرماتما
۾ ليِن ٿيڻ جو ته سوال ئي نه ٿو اُٿي، اُلٽو ڪام-
واسنا جي دلدل ۾ وڌندين ڦاسندو ...
جن ڪبير تهري سون آيو،
راڪس لمها ڀڳوان !
(سنگيت)
تهري گت ٿوُهي جاني ،
ڪٿهر تو تيري سرنا !

(شاهه لطيف جون اکيون آنند ۾ ٻوڙجي جهڪي ٿيون وڃن . ڪمل ناٿ اکين جون ڪنبون اُگهي ٿو . مهايوگي پروتنات جي ٿڄوي اکين جو ڪلوز - اپ.)

جهوناڳڙه ويندڙ رستو / ٻاهر / ڏينهن

(وائيڊ شاٽ. مهايوگي پروتنات، ڪمل ناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف جهوناڳڙه طرف وڃي رهيا آهن. سوترڌار جو آواز اوور لئپ ڪري ٿو .)

سوترڌار (فقط آواز) : جهوُناڳڙه !... شاهه لطيف مهايوگي پروتنات ۽ جوڳين جي ٽُلي سان گڏ جهوُناڳڙه وڃي رهيو آهي. ٻُور ٻُنڊر جو دم سڪائيندڙ دهشت ٻُرُو ساگر ٻُو ٽيٽي رهجي ويو آهي. هاڻي هن سچ جي ڳولهائن ۽ حق جي طالبن جي منزل آهي جهوُناڳڙه ... سنگيت تي سُري لاهي ڏيندڙ، وڻن – وڻ ڀر راهه ڏيکاريندڙ جو جهوُناڳڙه !

ٿوني - ليڪن جي مطلب ڪهي ٿي سڀ ڪان وڌي
مهانتم ساڌنا ۽ آتما - پرماتما جي ملاپ جي هڪ
ٿي اڪملي ۽ سرل راه مڃڻ لڳا! جڏهن انسان
جي جسماني ڪامڪ سنگم کي پرماتما تائين پهچڻ
جي آڌياتمڪ ۽ روحاني ذاتڪ مڃيو وڃي ته اُن
حالت ۾ لطيف، ڪهڙا نه الاچار ٿيا هوندا
ڏ ور ۽ روحانيت جي لالي ۾؟... شاعرڪ سڪ ٿي
ساڌنا جو مقصد وڃي رهيو هو لطيف! اهو چوندا ها
ته ڌيان کي پختو ڪرڻ لاءِ شراب اپنائڻ، شرير کي
بلوان رکڻ لاءِ گوشت کائڻ ۽ وليه جي رکشا لاءِ
استرين سان سهواس ڪرڻ تمام ضروري آهي!

(شاهه لطيف پروتمات ڏانهن نهاري ٿو. هن جي نگاهن ۾ شڪ ۽ سوال آهن.)

پروتمات: بس لطيف! هاڻي اسان ڏانهن نهارڻ ڇڏي ڏي. پنهنجي آتما کان پڇ. پنهنجي آتما جو آواز ٻڌڻ سک. پنهنجي آتما ڏانهن نهار ۽ پاڻ فيصلو ڪر...

(ڪجهه پل خاموشي.)

پروتمات: اسان تنهنجي اڳيان ۽ تنهنجي لاءِ وڃون ٿا ڪرڪمون ڪولمبدار چولن جي جوابداري لوني آهي.

(ڪجهه پل شانتي)

شاهه لطيف: مون کي فقط هڪڙي سوال جو جواب ڏيو - فقط هڪڙي... ڇا ڪمل - ڪلش ساڌنا رستي ئي پرماتما ۾ ليه ٿي سگهجي ٿو، سوامي جي؟

پروتمات: (ڪجهه دير سوچي) لطيف بس! جي هڪ شبد ۾ جواب ڪهڻي ته: هائو! ۽ اهو "هائو" هڙا

گيان جو امرت جو سار آهن. هڪ ڀڳت جو اهوئي
وشواس آهي- اهوئي وديا جو انت آهي ۽ انتم
وديا آهي. جنهن ڀڳت ۾ اهڙي ڀاوُ هوندو ان
لاءِ سڀ سنسار رڄ - ڪڻ جي برابر آهي- مٽيءَ
جي هڪ ڪڻي جي برابر آهي!

(شاهه لطيف گيان وارتا ٻڌي ۽ ٿو ٻالڪ پي رهيو آهي.)

پرو ٿنات : سنت دادو ديال هڪ آلمست ۽ آتمگياني انسان هو. هڪڙي ٻيري رتن ڪنڌو ڪنڌو وڃي فتحپور سيڪري پهتو. اتي سمراٽ اڪبر سان مڪاميلو ٿيو.

اڪبر پڇيو- سائين، ڪرپا ڪري ٻڌايو ته خدا
جي ذات، انگ، وجود ۽ رنگ ڪهڙو آهي؟
دادو ديال ان تي مسڪرائي ٻه جواب ڏنو ته:
اِسڪ الڪ کي جات هئي، اِسڪ الڪ ڪا انگ!
اِسڪ الڪ اوجود هئي، اِسڪ الهه ڪا رنگ!!
سمراٽ اڪبر سنت دادو ديال جو اهو جواب ٻڌي
باغ باغ ٿي ويو ۽ سنت دادو ديال کي اڪبري
دربار ۾ رهي ان جي شوڀا وڌائڻ لاءِ عرض
ڪيائين. پر جنهن ديواني هڪ دفعو الک جڳائي
ڏني، اها ٻيءَ جي شرط جو الله ماٺي ڏنو تنهن جو
راج دربارن ۽ راج محلن ۾ ڪ نسورو دم اهو گهٽجندو.
سنت جي المستيءَ جي اڳيان سمراٽ جي هڪ نه
هلي......

(اوچتو آلاپ جو آواز اوور لئپ ٿيو ڪري. ڪمل ناٿ دادو
ديال جو هڪ سنڌي ٻند ڳائي رهيو آهي.)

جهوناڳڙهه جو شهر راءِ ڏياچ جي ڏاڏي راءِ گرهارپوءَ ٻڌايو هو. راءِ گرهرپو جيڪو راءِ گوراروءَ جي نالي سان به سڏبو ويندو هو تنهن سنه ٨٩٢ع ۾ فاني دنيا مان چالاڻو ڪيو. راءِ گرهرپوءَ کان پوءِ راءِ ڪاوت گاديءَ تي ويٺو ۽ هن کان پوءِ سنه ١٠٠٣ع ۾ راءِ ڏياچ تخت نشين ٿيو. راءِ ڏياچ جو محلات جهوناڳڙهه جي نزديڪ گرنار ٽڪريءَ تي اڏيل آهي.

(جيئو اڳتي وڌي رهيو آهي.)

پروندات : پرم - هنس پرارٿنا ڪري پرماتما ۾ لين ٿي وڃڻ جو سولي ۾ سولو ۽ سلامتيءَ پريو رستو آهي ڀڳتي! ڀڳتيءَ جي ڪٿڙ ۾ وري پرارٿنا يعني شرڌاڳتيءَ جو وڏو ۾ وڏو ملهه آهي. ڀڳت جو سڀ ڌرم، سڀ ڪرم، سڀ ساڌن ڇڏي هڪ ايشور جي اوٽ ۽ آسرو وٺڻ سڀ پرارٿي آهي- شرڌاڳتي آهي. ان ڪري پت لطيف! ڀڳت اهڙي ڪندو جهڙو پريوءَ کي وڻندو هوندو. اهو محسوس ڪندو جيڪو پريوءَ کي ناراض ڪندو هوندو. ڀڳت کي پورو پورو وشواس هوندو آهي ته پريو هر حال ۾ هن جي رکيا ڪندو. ڀڳت سدائين ايڪانت ۾ پريوءَ جو ڳڻ ڳان ڪندو رهندو آهي ۽ پريوءَ جي ٿي ڌيان - چنتن ۾ مگن رهندو آهي. ڀڳت پوريءَ ريت پريوءَ جي ادين هوندو آهي ۽ سدائين دين - هين ۽ وچارو ٿي ڪري ٿو ڀڳت ڀڳوان جي شرڻ ۾ ويندو آهي. پت لطيف! هڪ سچي ڀڳت ۾ انهن ڇهن ڳڻن جو هئڻ تمام ضروري آهي. اهي ڇهه ڳڻ ڇهن شاسترن ۾ سمايل سموري

٣- قاتل ڪمائي ڪري وه ماکيءَ جي ڪن

(اسمع ٿين ڪمئين آهيون)

ليکڻ لئب حوار : و بلا بو لائڪ - ٣

ڪمل ناٿ: حال اسان جو لال ري،
تو کي سڀ معلوم ري! حال ...
١- منجهن ڪامان، منجهن ٻران الا!
منهنجي لڳي ٻاري ري! حال ...
٢- منجهن ڀرون ري مڇي اهو الا!
ڪنهن ڏر ڪريان دانهن ري؟ حال ...
٣- ٻيڙو ڪنهائي مون گهر الا!
منجهن ٻري ٻاه ري! حال ...
٤- سڪون ڪري ڪباب جئن الا!
اٿن داد وه جي هماڻو ري! حال ...

(ڪمل ناٿ جي درد ڀري آواز جوڳين تي ڀي اثر ڪيو آهي. هو ٻه ٻه جي ٽولي - تال اڪتارا تنبورا کڻي وڃي رهيا آهن. پوءِ جي ٻڌران ڀڄڻ جو ماحول پيدا ٿي ويو آهي.)

پروتناٿ: ڀٽ لطيف! رسالو ٿي رهيو آهه، هنڌلو نه ...

شاهه لطيف: ڀڳتيءَ ۽ عبادت جي رس ۾ ٻڏل رهان، هيس پوءِ ۾ نه ... ڀلائين سوامي جي؟ سمجهيم.

پروتناٿ: ڀٽ لطيف! مهران واري وشواس - پوري ڀڳتيءَ سورداس واري چمتڪاري ۽ تجسوي ڪلپنا ۽ تلسيداس واري هڪ ۾ نه ڏنا!:

شاهه لطيف: نند تماريءَ ٿان، ڪهڙو سو قبول پيو،
خاڪ مٽيءَ ڪاهان، ڪانئا ٻڙه ڪجهه ڏهن!
سائين، ڪانيا ٻڙه ڪجهه نهن ... ڪجهه ڏهن!

(جنگ جو درد ڀريو آواز. پروتناٿ ۽ شاهه لطيف هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

گرنار ٽڪري / ٻاهر / ڏينهن

(وائيڊ شاٽ. جهوناڳڙهه جي نزديڪ گرنار ٽڪريءَ جو درشيہ. راءِ ڏياچ جي محلات جون ڪجهه جهلڪون. ڪئميرا گرنار ٽڪريءَ جي مختلف چوٽين کي جدا جدا ڪور ڪري ٿي. آخر ۾ سڀ کان اوچي چوٽيءَ تي فوڪس.

وايو منڊل جڳهه مان ايڪو ٿيندڙن سوز ڀريل سرن سان ڀرپور آهي. اوچتو ”جئه گورکناٿ“ جو نعرو اڀري ٿو. گرنار ٽڪريءَ جي ترائيءَ ۾ مهاڄوگي ڀروٿناٿ، جوڳي ۽ شاه لطيف بيٺا آهن ”جئه گورکناٿ“ جو نعرو انهن جوڳين ئي هنيو آهي.)

ڀروٿناٿ : لطيف، گرنار جي ٽڪريءَ جي اها جڳها اوچي ۾ اوچي چوٽي ڏسي رهيو آهين، اها اٿئي گورکناٿ شڪر...

(جوڳي ”جئه گورکناٿ“ جو نعرو هڻن ٿا.)

ڀروٿناٿ : هيءَ سڀ ٽڪري شوالن، مندرن، غارن ۽ گفائن سان ڀري پئي آهي. اسان جوڳين جو هيءُ هڪ پوتر استان آهي.

(سڀ اڳتي وڌن ٿا. شاه لطيف چپ آهي. هو ڪجهه سوچي رهيو آهي. هن جي اندر جي جنگ، هن جي خاموشي چهري مان سمجهي سگهجي ٿي. اوچتو شاه لطيف ۾ هڪ عجيب ڦيرو اچي ٿو وڃي.

هو گرنار جي ٽڪريءَ ڏانهن نهاري ٿو.

راءِ ڏياچ جو محلات!

گورکناٿ شڪر!

راءِ ڏياچ جو محلات!

شاه لطيف مستيءَ ۾ ٻرجي ڳائڻ لڳي ٿو.)

شاھ -

ڪاتل ڪمائي ڪري، وھ ماڪي ۾ ڪن،
وڃان ويهي تن، سهج ڪي سلطون.
(سر يمن ڪلياڻ-۴)

ڏوري ڏوري ڏيهه، ڪاهوڙي آئيا،
مون پيرين ڪيهه، ڪي جاڻان ڪنهن پار جي.
(سر ڪاهوڙي-۳)

جاڳو ڏلي گودڙي، سا ڏي الهندي لڄ،
سدا تنهن سهج، چهلو چولڙو ڪپڙا؟
(سر رامڪلي-۹)

ڏان ڪي سانڍن اور، جان آهين اوطاقن ۾
چولـ،
سندي جوڳيان ذات، ائي ڪوري مس مڙي
؟
وڃا جي هنگلور، لـ ڪرم ملڪه ڪاپڙي
ان ڪري
ڏه ڏه پيرا ڏيهن ۾ پساط مڙانئن گهور.
(سر رامڪلي-۸)

هر روپ ۾. هن تائين پهچڻو ناهي، هن کي ڏسڻو آهي، ساهمون، بلڪل ساهمون. ان لاءِ ٻاهر جي نه، ٻاهر اکين جي ضرورت آهي — اندر جي اکين جي، ڪلپنا جي اکين جي ۽ گيان جي اکين جي!

(ڪجهه دير شانتي)

پروتمات : ڏسان ... سمادي ... ۽ اندر جي اک جي ساهمون پرماتما ... ڪڏهن نه روپ ۾، ڪڏهن نه رنگ ۾!
۽ آنند ۾ ... لطيف پٽ! آنند ۾ ... ڪجهه به نه —
شونيه — شونيه — شونيه - اوم! نه - اوم به نه!
اوم کان به ٻاهر — شونيه — شونيه — شونيه!
اوم برهم جي ٻرابري آهي - شونيه!
پرماتما سان ۽ پرماتما ۾ ملڻ وڃڻ آهي — شونيه!
شونيه — ڪنول شونيه ...

شاهه لطيف: جهاڳي سڀ، وسمڻ کي وڃها ڏٺا!

پروتمات : نه! لطيف پٽ، نه! تنهنجيءَ ان سڀ جو اُن شونيه سان ڪوئي سمبنڌ ئي ڪونه آهي. تنهنجي سڀ لعازئڻ کان پوءِ وسمڻ ٿي اچي... پر شونيه کان پوءِ ڪجهه آهي ئي ڪونه...

شاهه لطيف: شونيه کان پوءِ اوم برهم جي ٻرابري ناهي سوامي جي؟

پروتمات : نه.

شاهه لطيف: شونيه کان پوءِ ايشور يا الله سان ميلاپ ڪونه ٿو ٿئي؟

پروتمات : نه... شونيه کان پوءِ ڪجهه ڪونه آهي. شونيه ئي اوم برهم آهي - شونيه ئي پرماتما آهي. پٽ، جڏهن اوم برهم ٻاڻيءَ، پرماتما ۾ ليِن ٿي وڃن ته ان کان پوءِ باقي رهو ٿي ڇا؟

شاهه لطيف: اوه!

شاهه لطيف: اکيون پير ڪري وڃي،
وو! وڃي.
١- سڄڻيان جي ڳالهڙي،
ڪنهن سان ڪين ڪڇي.
اکيون ...
٢- لڪائي لوڪ کان،
ڳجهڙي ڳوڙ نڇي.
اکيون ...
٣- ميهڙي مهار جو،
سُور نه ڪنهن سلي.
اکيون ...

(شاهه لطيف جي سوز ڀري وائي جو اثر نه فقط جوڳين تي بلڪ پروتمات تي به ٿئي ٿو. وائي ماحول کي درد جي تصوير بڻائي ڇڏيو آهي. ڪمل ناٿ پروتمات ڏانهن نهاري ٿو. شاهه لطيف اڃا به خيالن ۾ گم آهي.)

پروتمات: (شاهه جي ڪلهي تي هٿ رکي) ڀٽ لطيف! اکيون پير ڪري وڃي! تو پڻ پنهنجي پرايت ڪرڻ جي ڪنجي ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏي آهي... سمجهين ٿو؟ سمجهين ٿو اسان جهڙو ڪجهه چئي رهيا آهيون؟ سمجهين ٿو، تون جو ڪجهه چئي آهين؟... اکيون پير ڪري وڃي! ڀٽ لطيف، پير ڪوئي طرفو ٿي ڪو نه آهي...

(شاهه لطيف پروتمات ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتمات: پرماتما ڪٿي وڃي ڪو نه آهي، جو اسان ڀڄ ڪري، چاڙهيون چڙهي، لڪ لڪائي هن کان ڀڄون. هو موجود آهي — هر هنڌ، هر وقت؛

شاهه لطيف: ره مصلحت مڱڻا قصر ڪين اچن،
اوُر ٽجلو نوُر سڃن، نعمو اهڙ ٻسن،
خمي ۾ ڪنگهار جي، چانڊوڻا چمڪن،
لڏائين لطيف چئي، سڌا ڏاڙ ڏسن،
ٽملان ملڪ ڏٺين، مڃيو مڱڻهار ڪي.

هڪ جوڳي: جئه گورکناٿ جئه...

(ٻروٽناٿ جوڳيءَ جي اشاري سان روڪي ٿو، شاهه لطيف وري پنهنجن ئي خيالن ۾ گم ٿي ٿو وڃي. جوڳي ٻروٽناٿ جي رخ مان سمجهي ٿا وڃن ته هوُ هاڻي ڪجهه وقت اتي ئي شاهه لطيف سان گڏ گذارڻ ٿو چاهي. ان ڪري هرڪو جوڳي پنهنجي پنهنجي ڪرمت ڪار ۾ لڳي ٿو وڃي. ڪرمت ڪار يعني يوگ ابياس، آسڻ، ڌيان ۽ چنتن.

ٻروٽناٿ ۽ شاهه لطيف ڪي اتي ئي چڏي اڳتي وڌي ٿو وڃي ۽ هڪ ڪنڊ وٽ وڃي ڌيان ۾ مگن ٿي ٿو وڃي. شاهه لطيف جي اکين جو ڪلوز-اپ.
شاهه لطيف جي ڪلپنا ۾ ڪي درشيه اڀرن ٿا.)

(ٻڙڪ ڪرانولب ۾ وڃندو رهندو ڪئمرو. سڀ افساني جو مرڪز آهي چڱه. سرلدي مان لڪرلدا رهن ٿا درديلا سروتمار سر!)
(درويش ۽ راءِ ڏياچ جي محل)
درويش. ٽرڪي هڪ ٻت جهندو ۽ر اهو ڪنهنجي ٻاءِ راءِ ڏياچ جو سر ڪٽيندو.
(ڪجهه ماڻهو هڪ صندوق درباهه ۾ وڃهي رهيا آهن. صندوق

پروتداٽ: سچ لتاڙي وسنديءَ ۾ اچڻ جو مطلب سمجهين ٿو؟

(شاهه چپ آهي)

پروتداٽ: نٿو سمجهين؟ وڏي پد تي پهچي وري واپس مايا جار ۾ ڦاسڻ چاهيندين؟ لطيف پٽ، تنهنجي ان ست جي ٻنهان ڪلپنا اها آهي ته انسان هرهڪ حواسن جو تياڳ ڪري، تن کي تسما ڏيئي پرماتما کي پراپت ڪري ٿو... هلي چلي جي انوسار هال سنو آهي پر "شونيه" واري منزل چڙهي ئي اي آهي.

(پروتداٽ شاهه لطيف ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتداٽ: تون ڪائي چنتا نه ڪر پٽ لطيف! سچ ڇهاڳي وسنديءَ ۾ داخل ٿيڻ ۽ اکين کي بند ڪري پٽ ڪرڻ جي وچ ۾ ڪهڙا وٺي آهي، اها تو لاءِ پرڻ بلڪل ڏکيو نه ٿيندو... اهي ته روحانيت جي راهه جا پڙاو آهن. پڙاو نه هوندا ته، ساهي نه پوندا، آس پاس جو جاڙو نه ونڊائي ته "شونيه" تائين پهچي ئي نه سگهندين.

(سڄو ٽولو گرنار تي چڙهندي چڙهندي اچي راءِ ڏياچ جي محلات تائين پهتو آهي. محلات جي بلند شان جون نشانيون اڃا قائم آهن.)

شاهه لطيف: سو هي آهي راءِ ڏياچ جو محل — اُن سخي سردار جو محل جنهن سنگيت تي سر ڏنو، جنهن ڪلا جي قدر ۽ قيمت کي ان حد تائين پهچائي ڇڏيو جنهن حد کي اڄ تائين نه ڪو ٻيو لتاڙي سگهيو آهي ۽ نه اڳتي لتاڙي سگهندو...

(اوچتو شاهه لطيف چپ ٿي ٿو وڃي.)

(رتنو ڪمري دريساه جي ڪپ تي پيل صندوق مان هڪ لياٽي ٻاهر ڪڍي رهيو آهي. هو ڪجهه پل لياٽيءَ جي چنڊ جهڙي ڇهري ڏانهن تڪيندو ٿو رهي.)

رتنو : ڪهڙي ڪمائيءَ تو سان هيءَ ڪامڻگي ڪار
ڪئي آهي؟ ملڪ جي راجا ڏاج ڪي هيرن پوري
ته هوند ڪارائيءَ سان ڇمرائي ڇڏيس ان هڇاري
کي......

(ان وقت اوچتو ٿي اوچتو دور ڪان مدو مڌر آلاپ پڌڻ ۾ اچي ٿو. ڪوئي ساڌو پنهنجي موج مستيءَ ۾ يڪتاري تي مهران جو پد راڳ سورٺ ۾ ڳائيندو، درياه جو ڪپ وٺيو ڪيڏانهن هلندو ٿو وڃي.)

ساڌوُ : (ڳائي ٿو، راڳ سورٺ ۾)
ڙاڻي ڪانئي ڪهه سمجهائون
مهارا ٻالا گرڌاري! ڙاڻي...
١- ٻوڙب جمر ڪي ٻريت هماري
اب لهون جاس لواري! ڙاڻي...
٢- مهران کهي گوٻن ڪو ٻالهو
همسو ن ٻيو ٻرهچاري! ڙاڻي...
٣- چرڻ سرڻ هئي داسي تمهاري،
ٻلڪ ڻ ڪهئي نياري! ڙاڻي...

(گيت جي وچ وچ ۾ رتني کي ٽاٽيءَ کي پيار ڪندو ڏيکاربو ٿو وڃي. لڳي ٿو جڻ صندوق مان لڪتل ڪما ڪي ٻه مهران جو پڇن آلد ڏئي رهيو آهي.)

رتنو : سورٺ راڳ وٺئي، لڳي ٿو. ڏاڍو خوش ٿي نڪر
اچين. ڇگر ڏيءُ ڇگو. رتنو ڪمري جهڪر مڪا
لاهيندي لاهيندي مڪا وجائڻ لڳو ۽ مڪا

لڙهندي لڙهندي اڳتي وهڪري ۾ وهندي ٿي وڃي.)

راجا آنبراء: (رڙ ڪندي) اسان جي مٿان اول ٿي ست ڌڪڻون جو بوجهه آهي. هيءَ ايڪهٺون ڇا ڪٿان آئي؟ ڦٽو ڪريوس وڃي درياه ۾...

(سپاهي هڪ صندوق درياه جي حوالي ڪري رهيا آهن.)

(چارڻ ۽ سندس زال درياه جي ڪناري تي بيٺا آهن. هڪ صندوق ترندي ترندي هنن جي پاسان اچي ٿي پهچي. چارڻ صندوق درياه مان ٻاهر ڪڍي کولي ٿو ته ڏسي ٿو ته ان ۾ هڪ نئون ڄاول ٻالڪ مزي سان ليٽيو پيو آهي ۽ آڱوٺو چوسي رهيو آهي.)

زال : اڙي هي چنڊ جهڙو ٻالڪ ته ڪنهن راڄ-گهراڻي جو ٿو لڳي.

چارڻ : شل ٻاجهه جي چنڊ جيان وڌن ۽ ويجهن... آنبراءِ جي ديش ۾ چارڻ تنهنجو سواگت ٿو ڪري.

زال : جي هن لال کي ٻاجهه جو چنڊ ڪوٺيو اٿو ته نالو ئي ٿا رکونس ٻاجل...

(زال مڙس ٻاجل کي گود ۾ کڻي ڪڏائن ٿا. ٻاجل مرڪي رهيو آهي.)

لاءِ مڃ ڦٽي وڃي رهيو آهي.

راءِ ڏياچ : ٻڪڙي ولي اچوس رتي... ڪنهن جي هٿ ڪي...

(راءِ ڏياچ جي سامهون رتنو ڪنڌ هيٺ ڪري بيٺو آهي. هو ٿر ٿر ڪنبي رهيو آهي.)

راءِ ڏياچ : ڇو ڙي رتنا! ڪالهه اسان جو ۽ ڏيئر ڀيڄائين آنيراءِ ومتا هن ٻنهي ڪوسٽ ۾ ڇا ڏٺو جو اسان ۾ نظر نه آيو ڙي؟ تنهنجي ڏيءُ جي ڏولي جي منزل اچي وئي. ڇاهي نالو تنهنجي ڏيءُ جو؟

رتنو : ساڻين سورٺ.

راءِ ڏياچ : سورٺ، مڙر راڳڻي سورٺ! سورٺ راءِ ڏياچ جي محلات ۾ جادو جاڳائيندي ۽ سون جهون اٻارون وسائيندي...

(انيراءِ بيحد غصي ۾ محلات جي ڪمري ۾ اچ وڃ ڪري رهيو آهي.)

انيراءِ : اڀمان! گهور اپمان!... هڪو ڏيارو سڄي ملڪ ۾ نه جهڪو راءِ ڏياچ جو سر ونهي منهنجي سامهون اڄ ڪنڌو تنهنکي سونين مهون سان ٻرٻل ڏاله ڏنو ويندو... ٻيو اهو جهڪر ڪجهه گهرندو، سو ڪيس ملندو! مٿو، مٿو! اسان کي راءِ ڏياچ جو وڍيل مٿو گهرجي!

وڃائيندي وڃائيندي ڇار - هيءَ راتيون - راتيون ٽٽيون نه
سگهي ويو... اهو رنگ لنهندڙ تارن کي ڪٽي ٿو رکي-
سورت... راتيون پيڙو جي ٽمڻ ٿو نهن سورت...

(رڳو ٻن ڪرسين ڇڙي رهيون آهن. پيهل جوان ٿي چڪو آهي ۽ وقت جي هيٺان ويهي ڇڏڪ وڃائي رهيو آهي. ڇڏڪ مان اهڙا ته مڌر سر نڪري رهيا آهن جو نه فقط چوپايو مال مستيءَ مان ڇڙي رهيو آهي بلڪ پيهل جي آس پاس ڪتڙا ٿي پيشو ۽ ٽڪي اچي ڪٺا ٿيا آهن.)

(رنگ منڪو وڃائي رهيو آهي. سورت اچي رهي آهي. سورت جون ساهيڙيون اچن ٿيون. سڀ ڪلنديون ڪلنديون ٻاهر نڪري ٿيون وڃن.)

(مچ وڄي رهي آهي. شادمانا. شهنائيءَ جا سُر. ڏوليءَ ۾ ڪنوار. ڏوليءَ جي اڳيان رنگ اڳيندو اڳيندو وڃي رهيو آهي... پنهنجي محلات جي ڪوٺي تان راءِ ڏياچ شادمانا ڏسي ٿو.)

راءِ ڏياچ : هيءَ ڪنهن جي جڃ وڃي رهي آهي؟

انگرڪشڪ: سائين، جڃ لاهوتي — مڇ آهي. رنگ ڪنڌار پنهنجيءَ ذيءَ جي شادي راجا انيراءِ سان ڪرائي

شاهه لطيف: ادا ڪمل، منهنجو راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي ڪهاڻيءَ
سان نه ڪوئي مطلب آهي ۽ نه ڪوئي لڳاءُ يا
واسطو. منهنجي اکين جي سامهون ته هڪڙو
ڪلاڪار آهي جنهنجي ڪلا ۾ جان کي جسم کان
جدا ڪري ڇڏڻ جي طاقت آهي- جيڪر سرندي
جي سُرن سان سر وڍي ڇاڻي!... منهنجي سامهون
ڪلا جو هڪ پوڄاري آهي جيڪو سنگيت جي
سُرن مان امرت آنند وٺي ڄاڻي جو ڪنهن زندگي ۾
خصوص لڳڻ ٿي لڳي، تنهن ٿي لڳڻ لڳي! ۽
منهنجي سامهون آهي هڪ مندر راڻي سورٺ
جنهنجي مشاس ۾ اها مدهوشي ڀريل آهي جو ماڻهو
پنهنجو پاڻ کان ئي جدا ٿي وڃي!...

ڪمل نات: لطيف، ياءُ لطيف! ارت جو انرت نه ڪر.

پروتنات: پٽ ڪمل، لطيف جي ويچار ڌارا کي سمجهڻ
جي ڪوشش ڪر. لطيف قصن- ڪهاڻين جي لفظي
۽ دنياوي مطلبن کان گهڻو گهڻو مٿي چڙهي چڪو
آهي.

(شاهه لطيف چپ آهي. ڪمل نات مهاپرکي پروتنات ڏانهن
نهاري ٿو.)

پروتنات: لطيف جو درشٽيڪوڻ سمجهه. هڪ طرف اُجل
جهڙو سنگيت جو جادوگر، ٻئي طرف سورٺ
جهڙي مندر راڻي ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ سنگيت
جو پوڄاري راءِ ڏياچ.
آنند جڏهن انتم سيما نه پار ڪري ويندو آهي ته
پوءِ سڀئي هستي فنا ٿي ويندي آهي. هستيءَ
سان گڏ اهي سڀ شيون نه فنا ٿي وينديون آهن

(بيجل راءِ ڏياچ جي سامهون ڇنگ وڄائي رهيو آهي. راءِ ڏياچ جي حالت منتر مُگد انسان جهڙي ٿي وئي آهي- مدهوش، بيخود، مفتون، قربان ٿي وڃڻ واري تصوير.)

راءِ ڏياچ : گهر جيڪي گهرڻو اٿئي چارڻ!

بيجل : راڄن! ڏيڻو اٿئي ته ڪنڌ ڪپي ڏي.

(ڇنگ مان سورٺ ۽ مارو سر نڪرن ٿا. راءِ ڏياچ ڪٽارو کڻي ڪنڌ ڪپڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي.)

(شاهه لطيف جي جهوپڙي جو ڪلوز-اپ.)

شاهه لطيف: ڪنهن ڪهڙس ڪنرو، واڄو وڄائي،
هڻي تند حضور ۾، تنهن ٻارس ٻرائي،
ڏسندئي ڏياچ کي، ظاهر ٿيو ذاتي،
ڪيي تنهن ڪاتي، وڍو ڪرڻ ڪارڻ.

(اوچتو ڪمل ناٿ شاهه لطيف جي سامهون اچي ٿو بيهي)

ڪمل ناٿ: لطيف! هڪ خوني محبت کي ٻارس ٿو چوين؟!
ٻوڙڻ گروهه جي پدوي ٿو ڏين؟! بيجل- بت پرست
ڪلاڪار، جنهن ڪماچ کان ڪاتيءَ جو ڪم ورتو!
بد اخلاق ڪلاڪار جنهن ڪينري کي ڪٽارو
هٿائي ڇڏيو- بيحس بيجل، بڇڙو بيجل، دشمن بيجل،
اهو ٻارس!

(شاهه لطيف ڪمل ناٿ کي هڪدم جواب ڪونه ٿو ڏئي. هو سوچ ۾ گم آهي. اسان ڏسون ٿا ته پروتماڻ اسر شاهه لطيف جي منهن ڏانهن نهاري رهيو آهي پُرذرا مرڪندڙ نظرن سان.)

۾ ۽ ماڻهن کي آپس ۾ تبديل ڪري ٿو سگهن.
(مذاقيه انداز ۾ آشيرواد ڏيندي)
شل اهو مقام توسان ۽ تون ان مقام سان جڳ - جڳ
جڙيو رهين...
(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف مرڪن ٿا.)
هڪ جوڳي: (اوچتو اچي ڪري) جئه گورکناٿ! سوامي جي، هلون؟
(پروتناٿ ڪنڌ سان هاڪار ڪري ٿو. سڀ اڳتي وڌن ٿا. گورکناٿ - شڪر آسمان سان ڳالهيون ڪري رهي آهي.)

گورکناٿ شڪر / ٻاهر / ڏينهن

(پروتناٿ، شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي گرنار ٽڪريءَ جي سڀ کان اوچي چوٽي گورکناٿ شڪر تان پرماتما جي رچنا ليلا جو آنند ماڻي رهيا آهن. اهڙن استانن تي پهچي انسان جو من خود ۽ خود پرماتما ڏانهن ڇڪجي ويندو آهي.)
شاهه لطيف: نه ڪندا، نه ڪهري، نه لانگوٽي لڪ،
جنڏانهن پرين وڪ، تنڏانهن صاحب سامهون.
(جوڳي پدماسڻ ۾ ويهي "اوم - اوم - اوم" جي ڌني لڳائن ٿا. سڄو ماحول اوم جي گهن گمڀير سُر سان پرجهي ٿو وڃي.)
شاهه لطيف: جا اسلامان اڳي هئي، سا سڻائون ٻانگ،
سامي ڇڏي سانگ، ڪڍيا گورکناٿ کي!
(اوم شبد جي گونج اڃا برقرار آهي.
شاهه لطيف پاڻ ۽ پدماسڻ لڳائي ويهي ٿو رهي.)
شاهه لطيف: اوم......
(ڇئي طرفن کان اوم جو پڙاڏو)

جن جو آنند سان لاڳاپو ھوندو آھي.

(ڪمل ناٿ ۽ شاھ لطيف پروتناٿ ڏانھن نھارين ٿا. ھو اجا بہ وڌيڪ ڇڻائيءَ سان سمجھڻ چاھين ٿا.)

پروتناٿ: ھڪ ڀڳت جي ڀڳتيءَ جي آنند جي وھڪري ۾ وھي اشٽ-ديوتا جي چرڻن ۾ پراڻ ارپڻ ٿـو ڪري ۽ سروپ ۾ سمائجي ٿو وڃي. تہ ھن سان گڏ ئي ڀڳتي ۽ ھو اشٽ-ديوتا ۽ سروپ ۾ سمائجي ھڪ ٿي ٿا وڃن.

(شاھ لطيف جي اکين ۾ آنند ڀري عجيب چمڪ اچي ٿي وڃي.)

پروتناٿ: اڪيلو راڳ ڌيان ئي ڀڳتيءَ جا پراڻ ٿـو ٿماڳي، ھـن سان گـڏ ئي ساڳي ئي ڇڪيا ۾ سورت ۽ ٻجل ٻـ- ٻسر ٿين ٿا. آنند ڀوڳيندڙ ۽ ٻيو تہ آنند پيدا ڪندڙ ۽ ٻيو ۽ آنند جي وسـتو ۽ ويئي... اجا ۽ وڌيڪ ڪولي ڇوان؟ راڳ- ٻوليءَ ويـو تہ ٻاڻ سان راڳ ۽ راڳي ٻـ ڪٽي ويو. لطيفي جـي سوچ جون لھي آھن سمائون.

(شاھ لطيف ڏاڍو گدگد لـڳي رھيو آھي.)

شاھ لطيف: سڀ سون ٻائي، جـي تـند ٻر ٻر تو رباب،
آئـل اوڏانھن تـئي، جنڏانھن ٻھل پرائي،
سڪـٽو ھـڏ آھي، سر ۾ سچڻ نـاھ ڪي.

پروتناٿ: لطيف، تون ٻاڻ ۽ سنگيت جو ڪمل راڳ ڏياج آھين تڏھن تو اھڙا ٻول ٻولي سگھين. ٻئي جي جاھ ناھي.

ڪمل ناٿ: ادا لطيف، جي تون ٻاڻ ٿي تنھن راڳ ڏياج تہ ٻره تو ٿي ڪاڻي معار ناھي. جو ٻولين سو واھ واھ! جو آکين سو سچا... مطلب ڪمال آھي تہ ھاڻي تون ان مقام تي ٻھچي چڪو آھين جتان آيعن ڪي ٻيئن

ڪنڀات ۾ مهاديو جو ٽلاءُ / ٻاهر / ڏينهن

(وائيڊ شاٽ. شنڀ تيرٿ تي جوڳي ڌيان مگن ويٺا آهن. شاهه لطيف هڪ شولنگ ڏانهن نهاري رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اوليا را در درون ـيـ نغمهاست
طالبان را زان حيات ـيـ بي بهاست

ڪمل ذات: (اکيلو ئي) معني؟

شاهه لطيف: مولانا روميءَ جو ڪلام آهي. چوي ٿو: طالب مرشد وٽان روحاني رمز پروڙي پاڻ کي هن ۾ فنا ٿو ڪري. ان ڪان پوءِ طالب ۽ مطلوب ٻئي هڪ ٿي ٿا وڃن. راجا راڄائي هردو ئي هڪ ٿيا...

ڪمل ذات: اڄ تنهنجو من ڏاڍ ۽ ٻهجل کي پڪڙي ويٺو آهي. مهاديو جي لنگ ڏانهن نهار. سڄي سرشٽي ان ۾ سمائي پئي اٿي.

شاهه لطيف: اهو ئي ته ڏسي رهيو آهيان. ڏسي رهيو آهيان ۽ سوچي رهيو آهيان.

ڪمل ذات: لطيف، ڏسڻ ۽ سوچڻ کان سواءِ ٻيو اسان لاءِ آهي ئي ڇا؟

شاهه لطيف: ڪڪ آهين ان حالت مان؟

ڪمل ذات: ڪڪ ئي ڪري ته ڪندس ڇا؟

شاهه لطيف: ڪنهن ڪُڙي ڳوڙهي آئي ٿي تڙ واجهاءِ،
مان اڃيون ڪاءِ، سوادائي سڄڻين.

(ڪجهه پل خاموش رهي ٿو)

شاهه لطيف: ڏٺيون ڏيهان ٿيون،
مون ڪسي ويهه ونڊائين جو،
ڏٺيون ڏين ٿيون......

گرنار ٽڪريءَ جي هڪ غفا / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز مهايوگي پروتناٿ جي چهري تي. هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي.)

پروتناٿ : مهايوگي گرو گورکناٿ اسان ناٿ - پنٿين کي من - وچن - ڪرم جي پوترتا جو مها منتر ڏنو آهي. اسان ناٿ - پنٿين جي اٺ - انگا جو اُپديش آهي : مَن - سان نام، پراڻ - سان نام، اندريه - سان نام، پاتنجل يوگ ۽ آچار - وچار جي پوترتا...

(پروتناٿ جي سنواد سان گڏوگڏ ڪئمرا به پوئتي هٽندي ٿي وڃي ۽ اسان ڏسون ٿا ته پروتناٿ شاهه لطيف سان ڳالهائي رهيو آهي. آس پاس ٻيا جوڳي به ويٺا آهن. جيئن ته هو هن وقت گرنار ٽڪريءَ جي هڪ غفا ۾ ويٺا آهن ان ڪري ڪجهه اونداهو محسوس ٿي رهيو آهي.)

پروتناٿ : اسر يوگندر گرو گورکناٿ سوامي اهڙن پرڪاڻي ۽ تپسوي ورلن پرشن مان هڪ جنهن جي پاو ڪان ڪنهن لاءِ به اڻ ممڪن نه هو. پوءِ اهو چاهي عام ماڻهو هجي، ڪوي - ڪلاڪار هجي يا تپسوي ۽ سنت پرش هجي. پٽ لطيف، ڪٻير جي واڻي پڙهي ڏس. تون ڏسندين ته ڪٻير جهڙي اکڙ ۽ فقير طبيعت انسان تي به يوگيراج گورکناٿ ۽ سندس سڌانتن جي امٽ ڇاپ آهي...

جوڳي : جئه گورکناٿ...
الک نرنجن......

سڀ کان اول هڏن ڍير ڏريا
لنگر ٻارڪر ۾ ،
لنگر جهڙو شهر ،
جنهن ۾ نمرهاڙي لهر .
ڍر لنگر ٻارڪ آهي ڪارونجهر
ٽڪريءَ جي هيٺ ۾ —
ڪارونجهر ٽڪري جنهن کا
ڍرلڏ جبل جي ڀائي آهي.

ڏر جي وٽن جون قطارون.

ڪارونجهر ٽڪريءَ جي چوٽ
مان ڪڙ ڪڙاهٽ جو خوفناڪ
آواز نڪري ٿو.

ڪارونجهر پهڻن ڪالنجر —
ڪال جو الف آکيندڙ مهاديو.
هتي انهيءَ سان، سارنگ ۽
گنو مکي نالي ٽي تيرٿ استان
به آهن.

جوڳي ۽ شاهه لطيف شو- لنگ
جي اڳيان سر جهڪائن ٿا...
انهيءَ سان وٽ شاهه لطيف ۽
جوڳي. سارنگ ٽي شاهه لطيف
۽ جوڳي. گنو مکي وٽ شاهه
لطيف ۽ جوڳي.

سٿيءَ سڀئي سارنگ جي پاڻي جا پيهار...

سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ واري ڏر
کي "پاڻي جو ڏر" ڪري
سڏيندا آهن. هن سر زمين
ڏانهن جوڳي ۽ شاهه لطيف جهڙا
چمڪي ڪشش سان ڇڪبدا
ڇڪبدا ان ڪري آيا جو
جوڳين کي گوريءَ جي مندر
جو درشن ڪرڻو هو ۽ شاهه
لطيف کي ڏسڻو هو مارئيءَ
جو ملڪ — ملير...

ٻروڪنات، جوڳي ۽ شاهه لطيف
تيز رفتار سان اڳتي وڌندا ٿا
وڃن.

ڪمل ناٿ : سچ آهي- بلڪل سچ آهي. پيار جو پاڻ آڌار نه وهندو آهي، هڪڙن ۾ اڻکي پنو، حماڻيءَ ٻــر چڙهندو آهي. هڪ دفعو ٻر ٻر-پاڻ سان جو ڦٽڻو سو ڦاٽو. پنو موڙهه ٽاڻين ڦٽڪندو.

پروتڊاٽ : (اوچتو اچي ڪري) ڦٽڪندو، لڇندو، ٻرندو، جلندو پر هيمت نه ڪرندو......
کهٽ ۾ کهٽ لطيفي لاءِ ته اسان اهو دعوي سان چئي ٿا سگهون... مهاديو شو شنڪر جي اکين سر جهڪائي، وڏو ن ٿا اڳتي...

⊗

سوتر ڌار (فقط آواز)

شاه لطيف جي ڏينهن ۾
ڪجرامه جي شهرن ۾ گوريءَ
جو ميلو لڳندو هو. ميلي ۾
عام جنتا سان گڏو گڏ ڪيترا
ئي جوڳي به وڃي ڪٺا ٿيندا
ها...

شاه لطيف ۽ جوڳي ڪنپامه
ڪان سڪو جهسلمير ڪوله ويا
ها ۽ ڪجرامه جا پٽ لتاڙي
سنڌ ڏاهن رخ رکيو هئائين.

درشيه

پارسنامه جي جهانڪي. ميلو.
گوري جا ڪجهه درشيه
راس ليلا
پروتڊامه، شاه لطيف ۽ جوڳي
ميلو ڏسي رهيا آهن.
سڀ پارسنامه (گوراڪڙو) جو
درشن ڪن ٿا.

شاه لطيف ۽ جوڳي امت لتاڙي
رهيا آهن.

ٻاٽي ٻڌندا آهن؟
(آواز کي وڌندا ويندا ٻڌائيندي)
هڪڙي اندر خاني جي ڳالهه ٻڌايانءِ؟
عمر ڪهڙي نه ڪوشش ڪئي ته مارئيءَ جو
منڪو ٽوڙي — پر نه ٽٽو، نه ڀڳو — اڙي ميان !
ڏس الله جا ڪرشما ! عمر پاڻ ٽٽي پيو. ٽٽي
پيو، ڀڄي ويو —
(اوچتو منڪي کي ڪڍي ڏور ڇاتيءَ سان لڳائي.)
اڌ - چريو : هيءَ مارئيءَ جو منڪو - مان ڪنهن کي نه ڏيندس،
ڪنهن کي نه ڏيندس، ڪنهن کي نه ڏيندس...
(ساڳيا لفظ دهرائيندو دهرائيندو هڪ طرف ٻڪندو ٻڪندو
هليو ٿو وڃي.)
شاهه لطيف: (اکين کان دور ٿيندڙ اڌ-چريي فقير ڏانهن نهاريندي)
اشارا سمجهڻ اٿائين سو اشارن ۾ ڳالهائي ٿو. زمان
۽ مڪان کي فتح ڪري چڪو آهي
پروتمات : ٻت لطيف، فقير جي جهڙو - دنيا ٻاولا ئي ڏس. دنيا
جا هوش حواس دنيا کي ڏيئي ڇڏيا اٿائون، پر
لوڪ - ڪلپاڻ کان منهن نه موڙيو اٿائون... اخلاق
جي قيمت اڃا سمجهي ٿو...
(شاهه لطيف ٻڪنڪ ڪولٻيءَ طرف نهاريندو ٿو رهي.)
ڪمل ناٿ: ڪولٻيءَ جهڙو ڪنڊو ڪويءَ جي قلب ۾ اڙجي
ويو ۽ ويو ڪوي ڪم کان !
پروتمات : ڏيهون ڏينهن لطيفو ڪم جو ٿيندو ٿو وڃي...
ڪمل ٻت، هي لوڪ - ڪهاڻيون ته ڪلهون آهن
جن تي لطيفو آڌيائينڪ اڏيون ۽ آزمودن جا وسيع
ٺهکيندو. ڪتابن ڪهاڻيون ته ڏاڍيون آهن جن ۾

(سنگيت - ايمن عورتاڻي آواز ۾)

جهڙي آهس جيئن، جي تهڙي وڃان تن ڏي،
ته لالڻ جا، لطف ڇڏي، ڪر مدن اُتا ميڙهن،
ماڙيءَ لڳم مهڙو، سپ چاندر سيڻن،
تمس ڪاٺاري ڪانڌ جي، هتي اُچي هيڻن،
ڪنڌ ڪٺلس ڪيئن، مڙهن ماروئڙن جي؟

(درد ڀريو سنگيت ۾ هاڪر.)

ملير ۾ ميدان / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز پٽ ۾ ڪيل پٽر جي هڪ وڏي ڪوٺڙي تي. هڪ اڌ - چريو فقير ميڪي مان ڪوٺڙي ۾ ٻاهٽي اوڏي رهيو آهي. ڪئميرا جي ڦرڻ هيٺ تي اسان ڏسون ٿا مهاپورڳي پروتدات، جوڳي ۽ شاهه لطيف ان ڪوٺڙي جي آس پاس اينا آهن ۽ تپرس مان اڌ-چريو فقير ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

اڌ-چريو : ايندي—ايندي—هاڻي ايندي-پٺهين چيلن چيلن سان گڏ ايندي—هو هو —

شاهه لطيف: اَبا ، ڪير ايندي؟

(اڌ-چريو فقير عجب مان هن سڀني ڏانهن نهاري ٿو- جڻ ڪيس ڪل ئي ڪو نه هجي ته هن ڪان سواءِ ٻيا ڪوئي اُتي آهي.)!

اڌ-چريو : (شاهه لطيف جي مٿهن سامهون هٿ لوڏيندي) اچين ٿو ڪير ايندي؟ هو هو هو— مارئي ايندي مارئي! پٺهين چيلن چيلن سان گڏ مارئي ايندي...
خبر ڪو نه اٿئي ته هن ڪوٺڙيءَ مان چيلا ۽ چيلهون

علاج آهن. ڪڇرا هو جي پٿرن جي ٻاهرئين پاسي
ڪام ـ ڪريا جون گنديون ۽ گنديون تصويرون
آهن ڪنهن ڪامي پاڳل جو من ڪهڙي ڪلپنائون
ڪري ٿو سگهي انهن کان اڳ گهٽ وڌ ٻيڪ پيالڪ.
ڪمل نال جوڙا آهي واسنا ڀريون تصويرون ڏسندا
رهندا، ڏسندا رهندا جيسين هن جو من ڀرجي نه
وڃي، ڏڪجي نه ... پوءِ اندر داخل ٿيندا. اندر،
ديوارن جي پٺيءَ پاسي، ڪجهه نه ڪونهي... سمجهيئه
لطيف؟ ڪجهه نه ڪونهي.
ڪام ـ واسنا جون سڀ ڪلابازيون ٻاهر رهجي وڃن.
هاڻي آهي ـ ڪجهه نه نه. شونيه ـ شونيه ـ شونيه. لطيف!
ٻوڙي، ٻـوڙي، ٻوڙي، ڏڪجڻ ۽ ٿماڳڻ کان سواءِ
پرم پد جي اُڀرائي، شونيه جي پراپتي ٿيڻي ئي
ڪونه آهي. هاڻي اسان گوڙي مندر جو درشن
ڪرڻ لاءِ هلنداسين. پارسناٿ گروپ جي گوڙي
مندر ڏانهن...

گوڙي مندر / اندر / ڏينهن

(دالان. گوڙيءَ جو مندر حاطي اندر آهي ۽ اڳيان دالان اٿس.
پرولناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف دالان جو ديدار ڪري رهيا آهن.
دالان ڏسڻ وٽان آهي. سڄو ڪم سنگمرمر ۽ جوڌپوري پٿر جو
ٿيل آهي. دالان جا ٿنڀا ۽ سنگمرمر جا آهن. گولائيءَ واري ڇت.
ديوارن تي دلڪش چِٽ چٽيل.
دالان جي سونهن ڏسڻ کان پوءِ سڀ هڪ وڏي صفي ۾ داخل

لطيفو روحاني هيرا موتي جواهر، لعل ٻوليندو.

شاهه لطيف: ٻاچاهي نه ٻاڙيان، سرتيون سڀئي ساڻ،
ٻڪي اُگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ،
ٻهر چاٻي چاڻ، اهڙ جي اوصاف ڪسي!

ڪمل ذات: يعني سڀئي جا ڳڻ سمجهڻ لاءِ به ٻيو جنم وٺڻو پوندو؟ يا اهنڪار مارڻو پوندو؟

پروتنات: ڪمل پٽ، هاڻي تون ئي ٻڌاءِ ته لطيفو ڏينهون ڏينهن اڙجندو ٿو وڃي يا آزاد ٿيندو ٿو وڃي؟

ڪمل ذات: (شرارت مان) اهو ته سڀ ٺيڪ آهي ڳروجي! پر ... ڪين ڍڪيائين پاڻ... انهن لفظن جي پٺيان ڪائي صورت مورت ته ڪو نه لڪائي رکي اٿئي؟ ڀڳوان ڄاڻي، ڪلپنا ۾ ڪنهن کي ٿو اُگهاڙو ڏسين!

(پهريون دفعو شاهه لطيف مرڪ لاهي ڪمل ذات ڏي جهٽڪو ٿو ماري. پر ڪمل ذات هڪ طرف هٽي ٿو وڃي. شاهه لطيف چاهي ڪمل ذات جي چهري تي مرڪ آهي جڻ ٻئي ان مذاق مان آنند ماڻي رهيا آهن. اوچتو ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن نهارن ٿا، کلن ٿا ۽ کڻي ٿا هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ ڀرن.)

پروتنات: پٽ لطيف، ڪمل جو علاج ڪرڻو پوندو. اسان هن کي کجراهو جون غفائون ڏيکاريندا سين.

شاهه لطيف: کجراهو جون غفائون؟ ان مان ڇا ٿيندو سوامي جي؟

پروتنات: ڪمل جي وڪارن جو علاج - وڪرت سوچ جو علاج ...

(ڪمل ذات مرڪي رهيو آهي. شاهه لطيف پروتنات ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتنات: کجراهو جا پراڻا ڪامڪ چٽر واسنا جي روڳن جو

سوتردار (فقط آواز) : هي آهي وڏهي جهپ ڳوٺ جي ڀاڙان
ڀارو فقير جي سماڌي. ڀارو فقير جنهنکي عام طرح "ڀار ڀرهم" چوندا آهن سو اصل ڪڇ جي انجار شهر جو رهاڪو هو ۽ ڪڇي برهمڻ هو. ننڍپڻ ڌاري هڪ سنياسيءَ کان يوگ - ڪرياؤن سکيو ۽ سڄي عمر برهمچاري ٿي رهيو.
سياري جو وراڳي هو - گهمڪڙ هو. ڏٺن ڪندو ڪندو اچي سنڌ پهتو. وڏهي جهپ جو ڳوٺ اهڙو نه وڻي ويس جو هتي ئي رهي پيو ۽ هن ڳوٺ کي ئي پنهنجو سيوا - استان، ڪرم - ڀومي ۽ سماڌي - استل بڻايائين!
ان وقت ٻه هن ڳوٺ ۾ ڀيل رهندا ها. شودر اڇوت ۽ گهٽ جاتيءَ وارا ڀيل، جنڪان سڀ اونچين جاتين وارا ڇوڻ ڇوڻ ڪري دور ڀڄندا ها ۽ جنکي ڌڪاريندا ها! ڀر ڀارو فقير ڀيلن جو سيوڪ ٿي ڪري رهيو! برهمڻ ٿي ڀيلن جو سيوڪ!!

(ٿلهل ٿلهل ڀيل زمين تي سمهيا پيا آهن. ڀارو فقير گهر ۾ اندر اچي ٿو. هنجي مٿي تي هڪ وڏي گهاگهر پاڻيءَ سان ڀريل آهي. هو هڪ ڪنڊ ۾ رکيل مٽيءَ جي مٽڪن جي اڳيان اچي بيهي ٿو. مٽڪا صاف ڪري ٿو ۽ گهاگهر جو پاڻي انهن ۾ اوتي ٿو.)
ڀارو فقير: ويچارا ڪم ڪري ڪري ٿڪا ٽٽي پيا آهن. سمهيا ائين پيا آهن جهڙ ڀون لوڙهن...
(ڀارو فقير هڪ گهر ۾ ڪالهن جي ڀري رکي ٿو.)

ٿين ٿا. صفي جي ٻنهي پاسي کان ڇهه ڇهه يعني ڪل ٻارنهن ڪوٺيون ٺهيل آهن. جوڳي صفو ڏسي رهيا آهن. پروڊيوسر ۽ شاهه لطيف هڪ ڪوٺيءَ ۾ داخل ٿي ٿا وڃن. ڪوٺيءَ جي ڇت گنبذ جهڙي آهي ۽ ان ۾ هڪ ننڍڙو ٿلهو به ٺهيل آهي- يوگ- ابهياس لاءِ يا ڌيان-گيان ڪرڻ لاءِ.

ڪوٺيءَ ۾ ڏسڻ لاءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه آهي. ان ڪري اهي واپس صفي ۾ اچن ٿا. پوءِ سڀ هڪ ٻئي صفي ۾ داخل ٿين ٿا جنهن ۾ هڪ وڏو ٿلهو ٺهيل آهي.)

پروڊيوسر : پراچين ڪال جو گروڪل لڳي رهيو آهي ... هي وڏو شاهي ٿلهو ڏسو، سڀ گروڪل واسي ملي ڪري هتي ڀڄن ڪندا هوندا ... من پرسن ٿي ويو - آنند اچي ويو.

(سڀ واپس ورن ٿا ۽ مندر جي ٻاهران پر احاطي جي اندر هڪ غفا جي پاسان اچي ٿا بيهن. پروڊيوسر، جوڳي ۽ شاهه لطيف ان غفا ۾ داخل ٿين ٿا. غفا ۾ هيٺ وڃڻ لاءِ ڏاڪا ٺهيل آهن.)

پروڊيوسر : هي گرڀ-گهر آهي آچاريه جي يوگ ابياس لاءِ ۽ شاسترن جو چنتن ۽ منن ڪرڻ لاءِ ...

شاهه لطيف : هي اُهي آهي آستان جتان املهه لال ۽ هيرا تراشجي نڪرندا ها.

ويڙهي جهپ / پارو فقير جي سماڌي / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا پارو فقير جي سماڌيءَ کي ڪور ڪري رهي آهي. سرندي تار جو آواز اوورلئپ ڪري ٿو.)

ٻارو فقير : هاڻي منهنجي
مٿان مٽي وڌايو
۽ مون کي
ڌرتيءَ تي
سماڌي ڏيو.

ٻارو فقير جي سماڌي جڙندي
ٿي وڃي.

ٻارو فقير جي سماڌي / ٻاهر / پرڀات

(پرڀات جو سمو آهي. پکين جي چهچهاٽ وايو منڊل کي قدرتي سنگيت سان ڀري رهي آهي. سج اڃا نڪتو ڪونه آهي. اوڀر طرف اُفق تي لالاڻ آهي.

ٻارو فقير جي سماڌيءَ جي ڀرسان مهارشي پروتمدات ويٺو آهي. هنجي سامهون شاهه لطيف ويٺو آهي. باقي سڀ جوڳي اڌ - گول ٺاهي پروتمدات جي سامهون ويٺا آهن.)

پروتمدات : هيءَ جاڳرت سماڌي آهي. مهارش پاربرهم جي هيءَ سماڌي جاڳرت سماڌي آهي. هيءَ سماڌي اُن شڪتيءَ جي سماڌي آهي جنهن جاٽ - پات ۽ اونچ - نيچ جو ڀيد مٽايو ۽ منش کي منش تي ڪري جهڪڻ جو پاپ ٻڌايو. هتي جهڪڻ ڪانئي شيءِ دفن ٿيل آهي ته اها آهي نفرت. انسان جي انسان سان نفرت هتي پوريل آهي. ان ڪري اسان چئون ٿا ته هيءَ هڪ جاڳرت سماڌي آهي.

اڄ اسان هن جاڳرت سماڌيءَ جي سامهون ڌرم ۽

(ٻارو فقير هڪ گهر ۾ جنڊ هلائي اَن پيهي رهيو آهي.)

سوتر ڌار (فقط آواز)

ڪجهه عرصي کان پوءِ ٻارو
فقير موٽي اڄار ويو ۽ پنهنجن
مائٽن کي چيائين :
مان وڏڙهي جهب ۾ ٻڌراڻ
ٿيو آهيان. توهان منهنجي
ساڌي اٿي ٿي جوڙائيو.
دنيا کي ڀل ته ياد رهي ته
ذات - پات جي پيڊ ڀڃڻ
جو آغاز سڀ کان اول سنڌ
جي وڏڙهي جهب ڳوٺ ۾
ٿيو هو ۽ سو به هڪ ٻرهمڻ
جي هٿان...

پوءِ هو پنهنجن مائٽن کي وٺي
وڏڙهي جهب ۾ آيو.

۽ هڪ ڏينهن...

درشيہ

ٻارو فقير مائٽن سان ڳالهائي
رهيو آهي.

ٻارو فقير وڏڙهي جهب ڳوٺ
جي ٻاهران هڪ ميدان ۾ لوگ
آسڻ لڳائي ويٺو آهي.
هن جي آس پاس هندو مسلمان
مائٽ ۽ ڳوٺ جا ماڻهو ويٺا
آهن.

مؤلاڌار جو ڏنو، سواڌستان آهو واپس ورتو. باقي جو ڪجهه رهيو اهو آهي: توهان پاڻ، توهان جي نج هستي... ۽ توهان جي نج هستي، توهان جي ماتا - پتا جي شريرن کان به اڳ، هزارين هزارن سال اڳ به وجود ۾ هئي......

پٽ لطيف، ٻڌاءِ: تون ڪرشڻ کي سڃاڻين؟

شاه لطيف: ڪرشڻ؟ مان نه ڪرشڻ کان به اڳ جو آهيان.

(جوڳين جي چهرن تي مرڪ اچي ٿي وڃي.)

پروتناٿ: ٻالڪ لطيف، تنهنجو شرير ڀلي اڄ جو هجي مگر تنهنجو ”آتم“، تنهنجي ”هستي“ انادي ڪال جي آهي.

شاه لطيف: انادي ڪال کان وٺي به؟

پروتناٿ: ها پٽ، ها پٽ! ”ٻه“ ان ڪري جو چيتنا ڪونه ٿي رهي... اڳيان جنمن يعني پراپت ٿيل شريرن ۽ تهن جي ياد گهري ڪونه ٿي رهي. پر آتما امر آهي، توهان جي نج هستي امر آهي. گيتا جو سار به اهو ئي آهي. گيتا ۾ ڀڳوان شري ڪرشڻ ارجن کي اهو ئي سمجهايش ڏنو آهي ته مهاڀارت جي يڌ ۾ جنگ ۾ شور ويڙ مرتيو کي پراپت ٿيندا آهي مؤلاڌار طرفان ڏنل قرض کان فقط آجا ٿيندا ۽ سواڌستان ۾ استت تي تنهنجي نج هستي کان واقف ٿيندا. حقيقت ۾ موت ڪائي سزا ڪونه آهي، فقط قرض جي ادائگي آهي...... موت ئي توهان کي ٻڌائي ٿو سگهي ته توهان اصل ۾ ڇا آهيو ۽ توهان جو اصلي روپ، نج هستي ڇا آهي. ڪنڊليني جي ڏاڪڻ جو ٻيون ڏاڪو آهي:

مذهب جا پنڌ مڃائيندا آهن. اڄ اسان ڀٽ لطيفي جي سامهون ڇهن لفظن ۾ اهو ڀيد کوليندا سين جنهن جي ڄاڻ کان پوءِ هڪٻئي ۾، کنهن اُن قسم جي فرق جو سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي.

اڄ اسان ڀٽ لطيفي کي ياترا ڪرائيندا سين. ڪنڊليني - چڪرن جي ياترا - مولادار چڪر کان وٺي سهسرار چڪر تائين ستن چڪرن جي ياترا... ڪنڊليني جي چڪرن جي شروعات ٿئي ٿي مولادار چڪر سان. مولادار يعني بنياد. اهو بنيادي يا شروعاتي چڪر آهي. ان کي اسان واسنا چڪر ۽ چئي ٿا سگهون ته جنم چڪر ۽ چئي ٿا سگهون. استري ۽ پرش جا مولادار چڪر ئي ٻه روپ ۾ مليل سرشٽي ڪن ٿا، جيون کي اڳتي وڌائن ٿا. اسان سڀني جو شرير اسانجي ماتا - پتا جي مولادار چڪرن جي ڪرپا ئي اسان کي پراپت ٿيو آهي. مولادار کان مٿي آهي سواڌستان چڪر. سواڌستان يعني خود جي رهڻ جي جاءِ. اها جاءِ جتي جيو پنهنجي اصلي روپ ۾ رهي ٿو. ان کي مرتيو - چڪر به چوندا آهن...... عجب نه ڪجو. جيون اصل ۾ مرتيو ۾ ئي نواس ڪري ٿو. ڀٽ لطيف، انسان مري ڪري ئي پنهنجي نج هستيءَ کي پراپت ٿئي ٿو... جو نه مري فقط اهو ٿو، الٽ فقط ان جو اچي ٿو جيڪو توهان نه آهيو. فقط توهان جي شرير جو انت اچي ٿو ۽ شرير نه توهان جي ماتا - پتا جي مولادار چڪرن جو ڏنل تحفو آهي. موت فقط ان تحفي کي کسي ٿو.

(ٻروٿناٿ ۽ سڀ جوڳي هلڪي کل کلن ٿا. شاهه لطيف جي اکين ۾ به چمڪ آهي.)

ٻروٿناٿ : وري شيطاني ڪيڏي نه! انسان جو پنهنجو سوارٿ لڪائڻ کي پٺڪي ڇو رکي جهڙن ڳائُو پڇن. وري جي ڪوي چوي ته ليکڻ کي پٺڪي رکجي ته اهو چوڻ به ته ٻالڪ کي ٻڌو ڪرڻ آهي. لطيف پٽ، دل جون ڀاوَنائون لکجڻ جون نه آهن. انهن کي انيڪ نيڪال آهن ...

پٽ لطيف! ڏاڪڻ جا اهي ٽي هيٺيان ڏاڪا آهن. هيٺيان، اهميت جي لحاظ کان نه، پر سلسلي جي لحاظ کان. ان کان پوءِ چوٿون چڪر آهي: اناهت چڪر - هرديه ڪمل ر. ڪهڙو نه سندر شبد آهي- اناهت. اناهت يعني اهو آواز جيڪو ٽڪرائجڻ بنان ئي پيدا ٿئي! سمجهين ٿو لطيف؟ بنان آواز جي آواز! شبد هين شبد. هڪ هٿ سان وڄايل تاڙيءَ جو آواز!

(شاهه لطيف عجب ڀريل نظرن سان ٻروٿناٿ ڏانهن نهاري ٿو.)

ٻروٿناٿ : ڪنڊليءَ جو اهو اناهت چڪر کلڻ سان ئي انهد ناد ٻڌي سگهبو آهي. اناهت کي ئي ڪبير ۽ ٻين سنتن انهد ناد چيو آهي. اناهت چڪر ٻالڪل وچ ۾ آهي- ٽي چڪر هيٺ، ٽي چڪر مٿي. اناهت چڪر دروازو آهي- هيٺان کان مٿي چڙهڻ لاءِ يا مٿان کان هيٺ لهڻ لاءِ... هرديه چڪر جو وڏو مهتو آهي. نشڪام پريم، امر پريم، پورڻ پريم اناهت يعني هرديه چڪر مان ئي اُتپن ٿيندو آهي. ڌيان، سمادي ۽ ڀڳتي ان هرديه چڪر مان ئي اُتپن ٿئي

مڻيپور چڪر: اهو چڪر انسان جي جذبات ۽ احساسن جو مرڪز آهي. انسان جون ڀاوناڻون ئي مڻيون آهن، هيرا آهن. ڀاوناڻن، جذبن ۽ احساسن جي ڪري ئي انسان جو مُلهه قيمتي آهي. ورنه، انسان جي شرير ۾ رکيو ئي ڇا آهي؟ پرماتما ڀاوناڻن ۽ جذبن جي دولت فقط انسان کي ئي ڏني آهي. مڻيپور چڪر ئي انسان کي انسان بڻائي ٿو. نه ته هُو جانور آهي، حيوان آهي، درندو آهي، اتياچاري آهي-نشٽ-ڪندڙ آهي. پٽ لطيف، هتي انسان هڪ ڳالهه چٽيءَ طرح صاف ڪرڻ چاهيندا سين... يوگ، خاص ڪري هٺ يوگ ڀاوناڻن، جذبن ۽ احساسن کي روڪڻ جو آديش ڏئي ٿو پر تنتر شاستر چوي ٿو: وهڻ ڏيو، ڀاوناڻن کي نه روڪ-ٽوڪ وهڻ ڏيو. تنتر شاستر هر قسم جي ڀاوناڻن کي وهڻ، پڌرو ڪرڻ ۽ ٻاهر ڪڍڻ جي صلاح ڏئي ٿو...

شاهه لطيف: سوامي جي! ان معاملي ۾ توهان جو پنهنجو مت ڪهڙو آهي؟

پروتنات: هڪ ناف-پدمي يوگي هٺ جي نالي هيٺ ته انسان کي هٺ يوگ جي طرف گهرجي پر اسان ڀاوناڻن جي وهڻ جي فائدي ۾ آهيون. آخر نه رنڻ، ڪاڻ ۽ چرچو گهٻو ڪرڻ ۾ ڏوهه ئي ڪهڙو آهي؟ بيڪار شين جو نيڪال هيٺ ٿي گهرجي جيئن دل ۾ قيمتي شين لاءِ جاءِ پيدا ڪري سگهجي.

شاهه لطيف: سوامي جي!

نهائيءَ ڪان نيهن، سک مٺها سُرڻ!
سڙي سارو ڏيهن، ٻهر پاڻ نه لکري.

پر تہ ڏنا ويندا آهن. اسان توکي اڳي بہ ٻڌايو هو سڀ ۽ هاڻي بہ ٻڌايون ٿا تہ ويدن جي رچائڻ کي رشين ڏنو هو- ان ڪري انهن کي منتر-درشٽا بہ چيو ويو آهي. رشين وٽ منترن کي سوچي ڪو نہ لکيو هو، پر اهي پاڻمراد و هنن جي اکين جي سامهون پرگهٽ ٿيا ها... حضرت محمد بہ قرآن جون آيتون ٻڌيون هيون. جڏهن ڏينهن حضرت محمد سان اها گهٽنا گهٽجي هئي ان ڏينهن هن جي جهڪا حالت ٿي هئي، ان کي عام ماڻهن لاءِ سمجهي سگهڻ بہ ممڪن ڪونہ آهي.

(جوڳي ٻاڻ ۾ ڪجهہ سس پس ڪن ٿا.)

ڪملناٿ: گروجي، اسان اها گهٽنا ٻڌڻ چاهيندا سين.

پروتناٿ: ڇا اڻاهت ناد جي توهان کي ڄاڻ ڪونہ آهي؟

هڪ جوڳي: گروجي، اسان کي سٽن ٿي چڪرن جي ڄاڻ آهي پر تہ بہ اسان جي ٻرٻل اڇا آهي اهو ٻڌڻ جي تہ حضرت محمد سان اها گهٽنا ڪيئن گهٽي.

(پروتناٿ ڪجهہ دير چپ ٿو رهي.)

پروتناٿ: هڪڙي ڏينهن محمد پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي ويٺو هو تہ اوچتو هن پنهنجي اندر مان پاڻمراد و پئدا ٿيل قرآن جون آيتون ٻڌيون. هو مونجهي پيو. هن کي سمجهہ ۾ ئي نہ آيو تہ هي ڇا ٿي رهيو آهي...... گهر آيو، ڏڪندو ڏڪندو، پنهنجي زال خديجہ کي چيائين: گهر ۾ جيترا بہ ڪمبل آهن، وجهہ منهنجي مٿان. مون کي الائي ڇا ٿي رهيو آهي. مون هيئڙي ڏڪڻي ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪئي آهي...

ٿي. جڏهن ڪنبلنيءَ جو چوٿون چڪر- هردي- چڪر
کلي ٿو ته اندر مان ٿي انهدناد ٻڌڻ ۾ اچي ٿو -
اوم اوم اوم. اهو انهد ناد پاڻمرادو لڳاتار جاري
رهندو آهي.

اِئي هڪ ڳالهه جو ڌيان رکجانءِ پٽ لطيف! منهن
مان چيل شبد، ڳلي مان نڪتل شبد يا سوچ سان
گڏ هلندڙ شبد اناهت ناد ۾ شامل ڪو نه آهن. ڀلي
تون زندگيءَ ڀر وٺو نام جو جاپ ڪر يا منترن جو
اُچارڻ ڪر، پر اهو انهد ناد ناهي. اهي-آواز آواز
پاڻمرادو اندر مان اُٿن ٿا، اندر ۾ ٿئي وڃڻو
رهڻو ۽ تون اهو ناد فقط ٻڌي سگهين ٿو. ان ۾
تنهنجي ڪائي ڪريا، ٻڌڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوئي ڪرم
شامل ناهي. هردي جو آواز ٻڌڻ لاءِ توکي ڪجهه
ٻولڻو ناهي، فقط شانت رهڻو آهي. اناهت ناد
شانتيءَ مان اُتپن ٿيل بغير آواز وارو آواز آهي.

پٽ لطيف! توکي ته خبر هوندي. مسلمانن جي مڃتا
آهي ته حضرت محمد قران ٻڌو هو، اهو بلڪل
سچ آهي. محمد قران نه لکيو، نه چيو. ٻڌو،
فقط ٻڌو. دنيا ڪجهه به چوي پر اسان چونداسين-
اهو بلڪل سچ آهي. قران جهڙو گرنٿ فقط ٻڌي
ئي سگهجي ٿو...

لطيف. پٽ! هندن کي اها ڄاڻ پراچين ڪال کان ئي
آهي. اسان وٽ سڀني ڌرم گرنٿن لاءِ هڪ شبد
آهي: شرتي! شرتيءَ جو ارٿ ٿي آهي: اهو جيڪو
ٻڌو ويو. ويدن جهڙا گرنٿ، قران جهڙا گرنٿ
لکيا نه ويندا آهن. اهي گرنٿ ته ٻڌا ويندا آهن

جي شڪتيءَ سان ئي ميران زهر جو پيالو پي ويئي
۽ هن کي ڪجهه به ڪو نه ٿيو!
وشدي چڪر جو نواس ڳلي ۾ آهي. تنتر شاستر
جو مت آهي ته - تڏهن ئي ڳالهاءِ جڏهن پنجين
چڪر ۾ پهچين، ڇوته اُن چڪر پار ڪري- تڏهن
ڪان ڇلانگ لڳائي ڪري نه.
(جوڳين ۽ شاهه لطيف جو هلڪو ٽهڪ)

پروتنات : ڳالهائڻو اٿئي ته پريم مان ڳالهاءِ، نه ته نه...
ڳالهائڻو اٿئي ته ڪروڌ مان ڳالهه، نه ته نه...
جڏهن تنهنجو هردو چڪر کليل آهي، جڏهن
تو اناهت وارو بي-آوازي شبد ٻڌو آهي، جڏهن
تنهنجي اندر ۾ اوم شبد جو سوکم ويد پاٺ امرادو
گونجيو آهي ته پوءِ توکي ڳالهائڻ جي اجازت آهي.
پوءِ تون پنهنجي ڳلي مان نڪتل آوازن جي رستي
پرماتما جو سنديش لوڪن جي زبان ۾ لوڪن تائين
پهچائي سگهندين. ان وقت تون چپ هوندين،
تنهنجي منهن مان پرماتما ڳالهائيندو ... پٽ لطيف!
جڏهن الاهه ڳالهائڻ شروع ڪيو ته تو وٽ چوڻ لاءِ
باقي رهندو ئي ڇا!

شاهه لطيف: سوامي جي! وشدي چڪر بابت ڪجهه ٻيو به ٻڌايو.

پروتنات : وشدي چڪر جو استان آهي ڳلو. ڳلو سڀ ٿا
ڪم آڻن پر اجايو. وشدي چڪر بند پيو هوندو
آهي- بيجان! جڏهن وشدي چڪر کلي ٿو ته پوءِ
لفظ ماکيءَ کان به وڌيڪ مٺا ٿي وڃن ٿا، لفظن مان
خوشبوءِ اچڻ لڳي ٿي، لفظ سنگيت ۽ نرتم سان
ڀرجي ٿا وڃن. پوءِ تنهنجي منهن مان جو ڪجهه

خديجه کي مڙس جي چهري ۾ عجيب نور ڏسڻ ۾ آيو . هوءَ سوچڻ لڳي ته هيءَ ماجرا ڪهڙي آهي. محمد جڏن اکيون ٻاٻار ٻرن ٻڌون ٿيون. ٻه ڪنهن انهن دلڪش نور سان! جنهن ئي گهر ۾ قدم رکيو الانهن ته سڄو گهر چڻ نور سان ڀرجي ويو آهي. خديجه هون به ڪجهه ٻڌڻ لڳي. سو مڙس کي چوائين: توهان کي ڪجهه به ڪونه ٿيو آهي. الله جو رحم ٿيو آهي توهان تي! ٻڌو ته . مون کي سراسرو حال ٻڌايو ته، اڄ توهان سان ڇا ٿيو آهي... مون کي لڳيٿو الله جي توهان تي خاص مهرباني ٿي آهي- خاص رحمت ٿي آهي. توهان جي دل مان ڪجهه نڪري سڄي گهر کي ڀري رهيو آهي. توهان خود سراپا نور ٿي ويا آهيو.

۽ محمد خديجه کي سڀ ڪجهه ٻڌايو...

۽ خديجه ايڪم، اسلام کي قبول ڪندڙ پهريان شخص هئي!

پت لطيفه! اهو انتئي چمتڪار اناهت چڪر جو- هرده چڪر جو...

ٻيجون ڏاڪو آهي- وشدي چڪر. پويترتا جو چڪر. اهو بلڪل سچاويڪ آهي. هڪ دفعو انسان جي اندر ۾ جي سڄي پريم جو نواس ٿيو ته پوءِ هن جي هر ڪاريه ۾، هر ڪرم ۾ پويترتا رهندي ۽ ٻالڪ جهڙي معصوميت رهندي. پويترتا جو جنم پريم مان ئي ممڪن آهي پريم امرت آهي. پريم ۾ موتمار زهر کي به پاڻيءَ جهڙو نرمل ڪري ڇڏڻ جي شڪتي اهي... وشدي چڪر

جهڙو سنڪلپ ڪندين سو اوس پورو ٿيندو.
ڀٽ لطيف! ڪن فيڪون جو مطلب هاڻي چڱيءَ
طرح سمجهي ويو هوندين. حضرت محمد انهن لفظن
۾ ان استثنيءَ جو ذڪر ڪري رهيو آهي جيڪا
ڇهين چڪر ڪراس کان پوءِ پيدا ٿئي ٿي. ان وقت
ٻندو ٻندو نٿو رهي، هو مالڪ ٿي ٿو وڃي. ڪن
۽ فيڪون - ٿيءُ ۽ ٿي ويو!

(شاه لطيف اکيون مهٽي ٿو.)

پروتڊات: ڏاڍيءَ مشڪل سان ڪوئي انسان ڇهين چڪر تائين پهچي سگهندو آهي. جيتوڻيڪ ڪنڊلنيءَ جا ست چڪر آهن پر حقيقت ۾ ڇهون چڪر ئي انتم چڪر آهي. جيستائين هن دنيا جو واسطو آهي، ڇهون چڪر ئي آخرين چڪر آهي. ٻندو مالڪ ٿي ويو! ان کان وڌيڪ هن دنيا ۾ ٻيو ڇا ٿو ٿي چاهي؟ هن دنيا جي حوالي ۾ ڇهون چڪر آخرين سرحد آهي، انتم سيما آهي. ان کان پوءِ جي گهٽنائن سان هن سنسار جو ڪوئي به واسطو نٿو رهي. ڇهين چڪر تائين پهچڻ يعني سنسار جي سرحد تائين اچي پهچڻ. هاڻي جي اڃا به اڳتي وڃڻ چاهيندين ته سنسار سان سمورا سٻنڌ ٽوڙڻا پوندءِ. اسان ته انهن چونداسون ته ان کان پوءِ سنسار آهي ئي ڪونه. سمجهيءِ؟ سنسار آهي ئي ڪونه.

(شاه لطيف پوري ٿيري ڌيان سان ڪنڊلني چڪرن جي باري ۾ ٻڌي رهيو آهي.)

پروتڊات: ڪنڊلنيءَ جو انتم ۽ ستون چڪر آهي: سهسرار چڪر! هڪ هزار پنکڙين وارو ڪمل جو گل!

نڪرندو سو ڪويتا ٿي پوندو، منتر ٿي پوندو، آيت ٿي پوندو. تون جو ڪجهه ڳالهائيندين تنهن ۾ آنند ئي آنند هوندو.

شاهه لطيف: سوامي جي!

"مون" مون ۾ سمجهي، مون کي "مون" جڳاءِ،
مونهن جي ساڃاهه، مونهن منجهان "مون" ٿئي،
اُنهن لئــن جڳاءِ، ان کي لئــن نه ڇوڙ.

پروتنان: جيستائين نيم جي ۽ پاڪما جو سوال آهي، ايمت ٺيڪ آهي. سر وشدي چڪر جي کلڻ جو پتو سمپورڻ ڪاويه مان ئي پئجي سگهندو. انهيجي ڪلام جي مدرتا، سڳنڌ، اثر ۽ سگهمت ٿي نه اڻيندا ته ڪمر ٿو ڳالهائي- تون، تنهنجو اهنڪار، يا پرماتما! وقت اچڻ ڏي، تانون کي پچڻ ڏي پٽ!

(ڪجهه پل خاموشي ٿي رهي.)

پروتنان: ڪنڊليني جو ڇهون چڪر آهي "آگيا چڪر" انهيءَ چڪر جي کلڻ ٿي انسان جي جيون ۾ هڪ سلسلو اچي ٿو وڃي، هڪ ترتيب اچي ٿي وڃي ۽ انسان کي زندهه رهڻ جو صحيح شعور ۽ صحيح طريقو ملي ٿو وڃي. انسان جيون-ڪلا کان پوريءَ طرح واقف ٿي ٿو وڃي...

پهرين چڪرن جي کلڻ تائين ته انسان غلام آهي، گولو آهي، ڪنهن نه ڪنهن جو ڪانئيارو آهي پر، ڇهين چڪر جي کلڻ سان ئي هو مالڪ جو پد پراپت ٿو ڪري.

ڇهين چڪر جي کلڻ کان پوءِ تون جيڪي ڪجهه چوندين، سو ٿيندو ۽ جيڪو گهرندين سو ملندو،

ڪيئن ڪندو ؟

پروتناٿ : جڏهن ٻاڳيشالي جو سڄون چڪر ڪلندو، ان جي
ساموهون جي شعلهن ۽ چمڪندڙ چڪري ڪري آيا ٻه
ته هن جا ٻهر چٽڪ ۽ چمڪ لڳندا. سهسرار چڪر
ڪلڻ ڪان ٻوه تون ٽيج ۽ نور جي ڌارا ڦٽي پوندي.
اهو هزار پنکڙين وارو ڪمل ئي آهي نروان، پرم-پد
۽ پرماتما پڻ اهو آهي!

ان ڪري ئي اسان چئون ٿا، هن سنسار جون
حدون ڇهن چڪرن تائين آهن. سڄون چڪر آهي
نروان، مڪتي، سنسار کي پار ڪري اناديءَ-انت
استيءَ ۾ نواس!

مُول آڌار شرير ۽ حواس واري جيون کي جنم ڏئي
ٿو. سهسرار انت اناديءَ جيون ڏئي ٿو - اهڙو
جيون جڏهن ۾ نه شرير آهي، نه حواس آهن، نه
من-وچن-ڪرم آهي، نه چيتنا آهي. شولم، شوليم ۽ شولم!

(شانتي-ڪجهه پل مڪمل شانتي)

پروتناٿ : پيت لطفه! ڌرتيءَ پنهنجو ڌرم نباهيو - پنهنجو
فرض پورو ڪيو. ٻج کي سانڀيو. ٻج کي شڪتي
ڏني. ٻج کي نوڙيو ... هاڻي ٻج سڄي جي روپ ۾
ڌرتيءَ جو سينو ڦاڙي ٻاهر نڪتو آهي. ٻج پوري
ڦٽي چڪو آهي. پوئو وڌندو. وڌندو ۽ نرم، پيل
۽ ٻڙ جهڙو مضبوط وڻ ٿيندو. ان شڪتيشالي وڻ
جي ڇانو سڄي سنسار کي ڀاڳ ۾ سمهي ڇڏيندي.
اهو وڻ بيشمار جيواسن جي رکيا - اڄ دور ڪندو -
آڌياتمڪ مارگ. تي هلندڙن کي سڌي دڳ لڳائيندو.
پيت لطفه! اڄ اسان ٽوڪي آهي لفظ ۽ پڙاڻون

شاهه لطيف: سوامي جي! ڇا ان جي ڪري ئي ڪمل ۽ ڳپ چڪ ڪي ايترو مهتو ڏنو ويو آهي؟

پروتناٿ: هائو. پٽ لطيف، تو بلڪل ٺيڪ سمجهيو. مولاڌار يعني واسنا يعني ڳپ چڪ. انسان جي شڪتي اتان ئي چڙهي ٿي ۽ آخر ۾ هڪ هزار پنکڙين واري ڪمل جي گل جي روپ ۾ پرگهٽ ٿي ٿئي! ان ڪري ئي سنت ڪوين "ڪمل جان ڪن ۾ رهڻ" واري ڪلپنا ڪئي آهي. آخر ۾ هڪ هزار پنکڙين واري ڪمل جي گل جو مول ڪارڻ - واسنا جي ڪن ۾ ئي ته آهي نه! اها آهي ڪمل جي ياترا. اها آهي انسان جي چيتن جي ياترا. اها آهي انسان جي اوچائيءَ تائين پهچڻ جي ياترا. اها آهي انسان ۾ سمايل شڪتيءَ جي ياترا.

(سڀ ڌيان سان ٻڌي رهيا آهن.)

پروتناٿ: جڏهن ستون چڪر - سهسرار - کلي ٿو ۽ تنهنجي شڪتي اوستائين پهچي ٿي ته پوءِ ٽون خود هڪ ڪمل جو گل ٿي ٿو وڃين. هاڻي، ماکيءَ لاءِ توکي ٻين گلن ڏانهن وڃڻ جي ڪائي ضرورت ڪو نه آهي. هاڻي ماکيءَ لاءِ مکيون تو وٽ اينديون. ستون چڪر کلڻ کان پوءِ ٽون چمڪ جو پهاڙ ٿي پوندين. هر شيءِ - جاندار چاهي بيجان - توڏانهن ڇڪبي رهندي...

ڪمل ناٿ: (وچ ۾) گروجي! سهسرار چڪر جي کلڻ ته وڏيون مصيبتون پيدا ڪري ٿو سگهي - جيڪڏهن شينهن، چيتا، بگهڙ، نانگ، بلائون سڀ ڇڪبا ڇڪبا اچي اڳيان پهچندا ته. ڪمل جي گل جي رکيا

دونهين کي ٻنهي جي پرساس ۾ بند لاٿو آهي...
دوزخ مان جنت جي راهه ڪڍي آهي ...
دونهين مان دلبر جو ديدار ڪرائڻو آهي ...
پسڻ جي پرواهه ڇو ٿو ڪرين؟ تون ڪنول جو گل
آهين- سهسوار !... هزار پنکڙين وارو ڪنول جو گل!

شاهه لطيف: ٻنهي جو پاتار ،
سو ڪيئن پسڻ کان پالهو رهي؟

پروتنات : ان سوال جو جواب ته دنيا کي تون ٻڌائيندين!

(ڪنول ناٿ چاهي ٻين جوڳين جي ڇهري تي گنڀيرتا ڇانيل آهي اها گنڀيرتا هنن جي سڀاءَ کان جدا آهي ڇو ته ان گنڀيرتا جي پٺيان دک جي لهر صاف نظر اچي رهي آهي. جوڳي هرک-سوک کان مٿي هوندا آهن- ان هوندي به هنن جي زندگيءَ ۾ ڪي گهڙيون اهڙيون گهٽجنديون آهن جنهن جي هنن جي انساني سڀاويڪ رد-عمل جو اهڃاڻ ڏينديون آهن. هرڪو جوڳي سمجهي رهيو آهي ته شاهه لطيف کان موڪلائڻ جو ويلو اچي ويو آهي. ڪن ڪن جوڳين جا چهرا اهڙا ٿي ويا آهن جو لڳيٿو- اجهو رنا ڪ رنا !)

پروتنات : هلي آءُ امت لطيف !

(پروتناٿ ڪٺي تو پٺي پالهون ڦهلائي، شاهه لطيف جي آئندي تي ڪٺي ٿو ڪيس گلي سان لڳائي. پوتر پريم جو هيڏو نرمل نظارو ڏسي جوڳي به گد گد ٿي ٿا وڃن. هنن جي اکين ۾ آڏلڪي آلاڻ آهي ۽ منهن تي آنند جي لهر!... پروتناٿ ۽ شاهه لطيف هڪ ٻئي جي سامهون بيٺا آهن. ڪنول ناٿ ۽ ٻيا جوڳي هنن جي ارد گرد بيهي هنن ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

پروتنات : ٻار ٻرهم جي هيءَ سماڌي سنگم- استان آهي-جاتين
جي سنگم جو- ڦرقن جي سنگم جو، ڌرمن جي
سنگم جو ۽ وشواس جي سنگم جو! اسان لاءِ بـ

جهڪي گوتم ٻڌ چنڊ کي ان وقت ڇپيا ها جڏهن وقت ٻڌ چنڊ کان جدا ٿي ويراڳين ڏانهن وڃي رهيو هو. گوتم چنڊ کي چيو هو: چنڊ، مون کي سڄي سنسار ۾ ٻاهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ٿو اچي. سڄو سنسار ڀيانڪر ٻاهه ۾ جلي رهيو آهي. مان ڪجهه به تياڳي ڪري رهيو آهيان. سنسار ۾ تياڳڻ جهڙو ڪجهه آهي ئي ڪونه! ٻاهه کي تياڳڻ به ڇا ڪو تياڳڻ آهي؟ مان ته فقط ٻاهه کان پاڻ بچائڻ لاءِ فرار ٿي رهيو آهيان- پنهنجي پاڻ بچائي رهيو آهيان. ست لطيف! ڀيانڪر اگنيءَ ۾ جلندڙ سنسار کي توکي بچائڻو آهي. گوتم ٻڌ وانگر توکي ٻاهه کان پري ڊوڙ وڃڻو ناهي. توکي ٻاهه ۾ رهي، نه فقط پنهنجو پاڻ کي ٻاهه کان بچائڻو آهي بلڪ سنسار کي به ٻاهه جي ڀيانڪرتا ڏيکاري بچڻ جي راهه ڏسڻي آهي... اسان توکان اها گرو-دڪشڻا ٿا طلبيون.

(مها ڀوڳي پروميٿيئس سڌو ٿيو بيٺو آهي. شاهه لطيف ٿڙي ٿڙي جهڪندو هن جي قدمن وٽ ويهي ٿو رهي. هن جو من ڏاڍو اُداس آهي ڪجهه دير کان پوءِ مٿي ڪري پروميٿيئس ڏانهن نهاري ٿو.)

شاهه لطيف: مون کي مون اڙان، ٻڌي وڌو ٻار ۾،
آيا انهن چون — مڃڻ ٻانڌ ٻسائين!
سوامي جي!
هن ٻنڌ ۾، دوزخ جو دونهون...
ٻمرا ٻنهوران، ٻچو ڏسان ابهو...

پروميٿيئس: نه، ست لطيف! توکي بچڻو ناهي. دوزخ جي

ڀلا لهرن واري من - ساگر ۾ ئي،
عڪس صاف نظر اچي سگهن ٿا،
۽ عڪس جي اندر
آهي سچ جو وجود!

(شاهه لطيف جي اکين مان ڪجهه ڳوڙها نڪري سندس ڳلن کي آلو ڪري ٿا ڇڏين.)

شاهه لطيف: عڪس جي اندر
آهي سچ جو وجود!
مان هرگز هرگز ڪين وساريندس ته:
عڪس جي اندر
آهي سچ جو وجود!

(شاهه لطيف پروتناٿ جي پيرن تي هٿ ٿو رکي. پروتناٿ کيس ڳلي سان لڳائي ٿو. پوءِ شاهه لطيف ڪمل ناٿ چاهي پڻ جوڳين سان ڳلي ملي ٿو. هڪ گراموفون ۾ شاهه جو ڪلام مڌر آواز ۾ ترنم انداز ۾ ڳائبو ٿو وڃي.)

ڪلام : واجهه ويراڳين جا، مون وٽ وڏي وٿ،
سون سيئو ني سگهون، ايءَ ڪين م ڪٿ،
وساهي وصل ڪهين، پورب وڃڻ وٽ،
هل! ڪمائون هٿ، آئون نه جهڳدي اُن ري!

(سڪوت)

واڻي : ڪي اونهين منجهه آهي،
هوءَ جي جهرڻا پسڻ جهو پرا!
ڪي اونهين منجهه آهي!
ا- اُن در سهڻي اکيا،
جن کي ڪو نه ڇتائي!
ڪي...

هي سنگم - استان آهي. هن استان تان اسان ان طرح الڳ ٿينداسين جيئن سدا لاءِ ملي هڪ ٿي وينداسين. گنگا - جمنا ملي سرسوتيءَ جو روپ ڌارڻ ڪنديون ۽ پٽ لطيف، سرسوتي ڏسڻ ۾ ايندي ئي ڪونه آهي! سرسوتي هڪ خيال آهي، هڪ ڪلپنا آهي. گنگا ۽ جمنا جي شونيه ۾ لڪي وڃڻ جي هڪ استٿي آهي! شونيه - جهڙو برهم آهي، پرم پد آهي، نرواڻ آهي!

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف هڪ ٻئي جي اکين ۾ نهاري چڻ نهارڻ جي ڏي - وٺ ڪن ٿا. سڀ جوڳي هن ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

پروتناٿ : پٽ لطيف، اسان پنهنجي جوڳين جي جٿي سوڌو ڪجهه ڏينهن ڳوڙهي منڊر ۾ رهڻ ٿا چاهيون. اُتان جي گروڪل جهڙي واتاورڻ اسان جي من کي موهي ڇڏيو آهي.

شاهه لطيف : سوامي جي، مان ملير جي اُن مٽيءَ جي سڳنڌ سان پنهنجي هستيءَ جو ڪٽو ڪٽو سرابور ڪري ڇڏڻ لاءِ چاهيان جنهن مٽيءَ ماروئڙيءَ کي جنم ڏنو ......
ملير ماڻهائون، حڪم ساڻ حبيب جي!

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف جون اکيون ملن ٿيون. پروتناٿ جون اکيون ڀاو - هين آهن پر شاهه لطيف جي اکين ۾ ڪجهه ڪجهه آلاڻ آهي.)

پروتناٿ : (شاهه لطيف جي ٻنهي ڳٽن کي هٿن جي وچ ۾ جهليندي ۽ اکين ۾ نهاريندي) نه، نه، نه! پٽ لطيف! من کي نه ڏوڙ، اڏول ره ......

ٿر جو ڏيک / ٻاهر / ڏينهن

(آسمان مان ورتل شانتي. ٿر جو پٽ. هر طرف واري ئي واري سڄو ٿر ٻوٽن سان ڀريو پيو آهي. قسمين قسمين جون ٻوٽيون. ڪي ٻوٽيون هڪ ٻئي سان لڳيون پيون آهن. ڪٿي ٻن ٻوٽن جي وچ ڪشادو ميدان آهي ڪٿي ٻوٽن جي وچ ننڍڙا ڳوٺ ٻڌل آهن جتي ماڻهون پنهنجن روزمره جي ڪمن ۾ مشغول آهن. ڪٿي ٻوٽن جي وچ لڪو آهي. ڪن ڏهرن ۽ ٽلين ۾ ٻوڪڙ جا نشان صاف ظاهر آهن. جن ٽلين ۾ ٻوڪڙ نه ڪمل آهي اُتي ڪافي انداز ۾ قدرتي وڻ، ٽڻ ۽ ٻوٽا نظر اچي رهيا آهن جن ۾ چوپايو مال چري رهيو آهي.

شاهه لطيف هڪ ڀٽ تان هيٺ لهي رهيو آهي. مٿو لنئاڙي اي

ڀٽ تي چڙهي ٿو...

چوطرف ٻوٽن ئي ٻوٽن!)

⊛

سنگيت+سور+ڪلام	درشيه
هون اون اون اون هون اون اون اون هون اون اون اون آئون نه جهنڊي آن ري...	شاهه لطيف مڙهي جو وچارو ٿڪر "مندر" لنئاڙي رهيو آهي.
هون اون اون اون هون اون اون اون هون اون اون اون آئون نه جهنڊي آن ري...	عورتون کوه مان پاڻي ڀري رهيون آهن. شاهه لطيف اُتان لنگهي ٿو.

۲- ڏاريا ٻانهن ڏاريو،
ٻاجھ ٻريان سين ڪائي!
ڪي ...

۳- ٻنھنجي ڇڏي ٻيٽ ٻر،
رزق آهن جي رائي!
ڪي ...

۴- خدمت ڪر خلق سين،
ٻالڪ ڳچي ٻر ٻائي!
ڪي ...

۵- آديسون عبداللطيف ڇئي،
الاهن ڪي آهي!
ڪي ...

(وائيءَ جي هلندي ئي شاهه لطيف هڪ طرف هلندو ٿو وڃي. هر هڪ ٻيرو ۽ ٻٽ و وائي جوڳين ڏانهن ڪري ٿو نهاري. مهابوڳي پروتناٿ ۽ ٻيا جوڳي هن ڏانهن نهاريندا رهن ٿا. شاهه لطيف دور ٿيندي ٿيندي اکين کان اوجهل ٿي ٿو وڃي. جوڳي به ٻيان آواز جي ڳوڙهي مندر جي طرف جي راهه وٺيو رهندا ٿا رهن.

آس-پاس جي وڻن کي ڪور ڪندي ڪئمرا ٻار ٻرهم جي سماڌيءَ تي ڪلوز.)

ڏوري : نه سائين نه! اسان ڏر وارن سان اهڙا وچن ڏٺي نه ڪو نه ٿيا ري... گاهه ڪارڻ ۽ رب ٿيڻون...

شاه لطيف: رب ڪهڙن رڱ ٿيو؟

ڏوري : ٻه چار لڏون ڪڻهن گاهه جي آڻي جون وڏي ڪني ۾ وجهون. ان ۾ اڌ ـ مڻ ڏلو پاڻي وجهي پوءِ واهي رڌيون. جڏهن اٽو رڌجي رهي ٿڌهن وٽو ٻه وٽا پيٽ ڀرت ٿيو پون.

شاه لطيف: ابا، اهو ته تمام ڏلو پاڻي!

ڏري : سائين جي اهو ملڻو ته ٻه لک ڪٿياسون. سڪار هتي ڪڏهن ڪڏهن ٿيڪاري. ڏڪار جا ڏينهن سدائين رهن. سوڪهڙن تي ٿاڻ ڪي هيرڻو ٿيو ٿو ندو آهي سائين! ڏر جا ڏڪار اهڙا جو مسڪين ٻڪرين ٻچا وڪڻو ڇڏين. ٻچا ته ڇڏيو، اُن ڪڻن تي لنگهه به وڪڻو ڇڏين! ڪاڻڻ لاءِ وڻن جا چوڏا ٻه نه ملن! وڻ - ٽڻ سڪو وڃن، مال مري وڃي!

شاه لطيف: ابا، هتي ته نسورا ناحق ٿيا ڏين!

ڏري : (آسمان ڏي هٿ ڪڻي) هن وڏي سرڪار سان ڪهڙو ٿيڪي؟ ڪهڙو سوال ڪري؟... سائين، مارئي جهڙي ستي ستائي، ڪي جڏهن سوڙ سهڻا ٿيا ته اسان ڪهڙي حساب ۾ آهيون؟

شاه لطيف: اڙاڙ ابا! ماڻهو ڪهڙي مڇهه حساب؟

(جڏهن وقت شاهه لطيف ڏري سان گفتگو ڪري رهيو آهي ان وچ ۾ ڪجهه پار ۽ ڪي ٻيا ڏري ته اچي اچي اڳهن ٿيا. ٻه چار ڏرياڻيون ته هن جي گفتگو ۾ دلچسپي وٺندي ٻڌيان اچي ٿيهن ٿيون.)

پيرسن ڏرياڻي: ابا، اسان ڏر وارن ڪي اهڙا ٿاپ ڪيا آهن جو

هون اون اون اون
هون اون اون اون
هون اون اون اون
آئون نہ جيئندي اُن ري ...

شاهه لطيف ڪن ٻڌن ۽ ٻڌڻ
وڻان لڳڪي رهيو آهي جڏهن
آس پاس ٽوري ۽ ٽو ڙهاٽهون
نظر اچي رهيون آهن جڏهن
پنهنجن ڪمن - ڪارن ۾
پيو رهيون آهن.

(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اَپ)

شاهه لطيف: سُوري ۽ ساري جو ڳيڙا جهان ۾،
پري جن پاڻي آئون نہ جيئندي اُن ري!

وارو! ويراڳين کي، وصل ۾ وساريج،
قدم ڪاپڙين جا، لطائي ليهيج،
پرس سهو هٿ جي، وڃڻ کي وجهيج،
راتو ڏينهن رڙهيج، آئون نہ جيئندي اُن ري!

(شاهه لطيف هڪ ٻڪريءَ جي پاهران کيهن ٽوريءَ سان ڳالهائي
رهيو آهي.)

ٽوري : سائين، ڪهڙا ٽو حال اچين؟ ٽو آهي ٽڪ ٽي، نہ
ڪڪ ٽي. ٽو ٽڪ نہ ڪيو ٽڏهن ڏئي جڏهن وسي.
سو أبا، وسهو ٽہ ٽو لہ ٽہ ٻئي ۽ ٽو.

شاهه لطيف: أبا، ڏٽي ٽي وڃا ڏيڪ لاءِ تہ پڌل آهي.

ڪلام (عورتاڻي آواز ۾)

اَلا! اُن ۾ هوءِ
جنهن آن مران ٻڌ ۾ !
جسو زنجهون ۾
رائو ڏيهان روءِ،
ٻهران وجان لوءِ،
ٻوءِ مر ٻچئر ڏيهڙا !

درشيہ

مارئـــي عمر جي قيد ۾ ٻڌ
آهي .
وار اُٽيا،
زرد چهرو،
اکين ۾ ڏرا،
قاتل ۽ مرا ڪپڙا ...
مارئيءَ جي اکين جو ڪلوز-اپ.

آئون ٻنديائي ٻڌ ۾،
ڪ ڪي ٻيس ٻڌ ؟
منهن لڳو مهٽو
ڪ منهن ڪڙو ڪند؟
مران جي هن هند،
تہ لڄاءِ مٽڪ ملهو ڏي !

ڪوٺ جي ٻوسان
مارئي عمر کي
ٻاڻي ٻياري رهي آهي.
ڪوٺ تي مارئيءَ جون سرتيون
ہ امڻون آهن...

واڇهائي وطن کي،
ساري، ڏيهان ساهَ،
اِسِ منهنجو ٻڌ ۾
قيد ۾ ڪر ٻچاهَ،
ٻرڏيهاڻي ٻارڻ ري
ڏار ۾ ڏرٻچاهَ،

عمر مارئي کي ڪنهي زوريءَ
اَسُ تي چاڙهي ٻچائي لـــو
رهي...

سپني ۾ به سک نه پسون... ڏک سُور ته اسان سان
سدا سدا آهن، ادا!

شاه لطيف: تن وٿاڻن وڻڪارن ۾ سدائين سڪار،
چنڊ ٻيو، آٺون چاڙهين، سدو ڏونرن ڏار،
جن جو وڙن سين واپار، سي ڏوٿي هون نه ڏٻرا.

(سڀ عجب مان شاه لطيف طرف نهارين ٿا.)

شاه لطيف: ٿوريءَ قسمت قراريا، رهن سچو سک،
کٿيءَ ۾ کنهن پکليا، پوٺن اهڙيءَ پت،
پنوهار ڪي پت، پنهنجي پچ ملير ۾!

پيرسن ٿري: ابا، تون ته اسان جو آهين، اسان وانگيان ٻڌو ٻولين! ڪوهيار آهين. هن ست ۾ هر ڏري اسان جو مان وڌايو اٿئي ابا! جي اڄ اسان کي وسارين ته اسان جا سور ۽ سولهن کي ٻوندا، اسان جا ڏک ـ ڏاکڙا امر کي ويندا.

شاه لطيف: پرم پاروڙيءَ رهي، جنهن ۾ اچي اُن،
تن پٽ وڃي ونڊيان، ٿوڙي ٻولس تن،
غافل رک غريب کي، عمر! مڃهه امن،
سرتين ساڻ سمن، آهه اُلي مهڙي!

(ٿري مرد، عورتون ۽ ٻار شاه لطيف ڏانهن نهاريندا ٿي ٿا رهن. هو ٿڪڙو ٽڪرو اڳتي وڌي ٿو وڃي. عجب ڀريل نظرن سان، ويندڙ شاه لطيف طرف نهاريندڙ پيرسن ٿريءَ جي چهري تي ڪئميرا ڪلوز.)

شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ.
پروفائيل ۾ مٿو ڦرڪي رهيو آهي.
جوڳين جو ٽولو هڪ طرف گامزن آهي.
شاهه لطيف جوڳين کان دور هلندو ٿو وڃي.
شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ.
شاهه لطيف: اکين ۾ لڳي وهه، ته آئون واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آئون نه پسان ڪي ٻيو!
(ڪجهه دير پنهنجن ئي خيالن ۾ گم سم ٿو رهي.)
شاهه لطيف: هڪڙو ڏک ٻئي ڏک سان ڪٽڻ ٿو چاهيان...

سوترڌار (فقط آواز)	درشيه
جيسلمير جو شهر جيسل نالي هڪ ڀٽي راجپوت سنه ١١٥٦ع ۾ ٻڌو ۽ اتي قلعو به جوڙايائين. علاؤ الدين جي لشڪر اهو قلعو اڏائي ڇڏيو ۽ سڄو جيسلمير جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو. جيسلمير ڪيترا سال ويران رهيو...	جيسلمير جي ويراني جا ڪجهه درشيه......
سنه ١٦٥١ع ۾ سبلسنگهه نالي هڪ ڀٽي راجپوت پنهنجي وڏن جا وسايل ڀٽ وسايا ۽ شهر جو اصلوڪو نالو قائم	اوس جا ڪجهه درشيه

ڏٺي وسائجان ٿرن جي
مٺي مٺيءَ مٽاڪ،
جي ٻوڙن لئي ٻساڪ ،
تہ لڄاڻہ مڙہ ملير ڏي.

واجھائي وطن کي
ساري ساہ ڏيان،
هيءَ سر سانڍيہ ساھون
منهنجو اڄ ، مهان !
مٽاماٽي ماروئڙن
وَڃي ٿر ٿمان !
مياڻي جيان ،
جي وڃي مڙہ ملير ڏي.

عمر مارئيءَ کي قيد ۾ بند
ڪري ڇڏيو .
مارئي جي اڳيان زيورن ،
اطلس ۽ ڪيمخاب جي لباسن
سوادي طعامن جا ڍير ڳو
لڳائي ڇڏي.
پر مارئي انهن ڏانهن نهاري
بہ ڪو نہ ٿي.

واجھائي وطن کي
آئون جي همہ مهاس،
گو ر منهنجي، سومرا !
ڪج پنوهارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهہ جي
منجهان ولڙين واس ،
مياڻي جماس ،
جي وڃي مڙہ ملير ڏي.

مارئي ڏريءَ مان ٻاهر نهاري
جڏ وطن ڏانهن واجھائي رهي
آهي .
پوءِ قيد جي هڪ ڪنڊ ۾
وڃي ٿي ويهي.
سڏڪا ۽ سڏڪا ...

ڪاڪ نديءَ جو ڪپ / ٻاهر / ڏينهن

(شاهه لطيف اڪيلو جهڪي ڪاڪ نديءَ جي لهرن ۾ ٻڏندڙي
ٻوڇالي ڏسي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اڙي او لطيف!

ڪهڙو نصيب ڪٿي آهين تون جهان ۾ ؟
محبت ڪئي - دل جا درد مليا،
جوڳين جو سنگ ڪيو - وڇوڙي جا سُور مليا،
مارئيءَ جي ملڪ جي مٽيءَ مشڪ لاتي تہ،
مسڪينن جي مصيبتن ماري وڌو...

(شاهه لطيف اُٿي ٿو ۽ آسمان ڏانهن ٻئي ٻانهون کڻي منهن
مٿي ڪري جڳ ڌڻيءَ کان ٿو پڇي.)

شاهه لطيف: او منهنجا ڌڻي! تون ئي ٻڌاءِ شاهه لطيف جو ڇا
ڏکڙو آهي ؟

(شاهه لطيف ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تان اٿي وڌندو ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: جيءُ منهنجو جن، انگڙيارو وَپيئو.
پچائان پرين، سڄان، سچو نہ ٿئي،
ٻڌايان پرين، سڄان، سچو نہ ٿئي.

(ڪجهہ وقت شانتي)

شاهه لطيف: مٽ مٽ سُورن سپ ڪنهن، مون وٽ وٺاڻان،
پريـــون ڪهو پٽان، وٽــا وهاڻو نڪري.

(ڪجهہ پل شانتي)

شاهه لطيف: مون پـــائو مون وٽ، هميشه هوندا پريـــن،
ويـــڙهو ڏيـــئي ولڪرو، پهري ويا پٽ،
ساهه جهڙن جي سٽ، ڪهو ٿـــي وڪار ۾.

(ڪجهہ پل شانتي)

رکيو جيسلمير.
هي آهي اهو جيسلمير شهر
جنهن سنڌ جي شاعرن جو
سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي
پنهنجا پير گهمائي آيو هو.

جيسلمير کان ڪجهه ڪوهه پري
الهندي طرف هڪ نهايت
قديم شهر آهي لُڊاڻو!

مومل - راڻي جو قصو انهيءَ
لُڊاڻي شهر سان واسطو آهي.
لُڊاڻي جي اتر طرف ڪاڪ
جي ڪنڌيءَ تي هڪ ماڙي
جي عمارت جا نشان اڃا
آهن جنهنکي عام طرح ”مومل
جي ماڙي“ سڏيو وڃي ٿو.
اهو ئي آهي اهو ”ڪاڪ
محل“ جنهنکي مومل جي
جي ڀيڻ سومل پنهنجي جادوءَ
جي ڪلا سان اڏيو هو ۽
جنهن ڪيترن ئي ماڻهن جون
طلسمي ڪاريگريون رکيون
ويون هيون.

جيسلمير شهر جا ڪجهه درشيه

لُڊاڻي جا ڪجهه درشيه

مومل ۽ راڻي جون تصويرون

ڪاڪ نديءَ جو درشيه

طلسمي ڪاڪ محل جا ڪجهه درشيه

پورو پورو ڌيان مومل-راڻي ۽ سومل-ڪاڪ محل جي لوڪ-ڪٿا ڏانهن لڳاءِ. پنهنجن سانساريڪ ڪشٽن کي، دنيوي دردن کي ڪاڪ محل جي طلسمي تلاءَ ۾ ٻوڙي ڇڏ. تنهنجي درد جو اهوئي دارون آهي...

ڀٽ لطيف! پوءِ ڪرم-ڪنڊ ۾ ٽپي پؤ...

ڏس ته پوءِ ڪهڙا نه چمتڪار ٿين...

(پروتڏاڪ جو آواز اوچتو ان طرح بند ٿي ٿو وڃي جڻ ڪنهن آواز جي ڏور ڪٽي ڇڏي هجي. شاهه لطيف ٿوري ڪنڌ ڌوڻ ڪري اکيون مهٽي ٿو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. هر طرف ويراني آهي ڪٿي به ڪوئي به نظر ڪونه ٿو اچي. باقي مومل جي ماڙيءَ جي ڊٺل عمارت جا نشان بيٺا آهن جيڪي جڻ ته پروتڏاڪ جي ڳالهين جي شاهدي ڀري رهيا آهن.

مومل جي ماڙي—هڪ پٿر جي ڊٺل عمارت!)

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيه
ٻارهين صديءَ جي شروعات ۾ گجر جاتيءَ جو راجا نند مرٻور ماليلي تي راڄ ڪندو هو. کيس نوَ ڌيئر هيون، انهن مڙني ۾ مومل سونهن ۾ بيمثل هئي ته وري سومل سياڻپ ۾ پنهنجو ثاني نه رکندي هئي. سومل جادوءَ ۽	راجا نند دربار ۾ تخت تي ويٺو آهي. مومل پنهنجي ڪمري ۾ هار سينگار ڪري رهي آهي. سومل اگني-ڪنڊ جي اڳيان ويٺي ان ۾ آهوتيون وجهي رهي آهي.

شاهه لطيف: ڏسي سونهن ڪڄن، پرديسي ڪهڙا پرين؟
لڏيو لاڏ وڻا ڪيو، پنهنجي ديس وڃن،
اڄاڻان پــرين، ڪجهي اس پنهور ڪان.
(شاهه لطيف ڪناري ڪناري اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)
شاهه لطيف: جان جيئن ٿلان جل، ڪانهي جاهه جلڻ ري،
تتيءَ ٿڌيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي!...
(شاهه لطيف اڳتي وڌندو ٿو وڃي. اوچتو ٻه-وگهراج پروتڏات جو آواز هنن جي ڪنن تي پوي ٿو.)
پروتڏات: (فقط آواز) پت لطيف!... پت لطيف!
(شاهه لطيف هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. پر هر طرف ويراني لڳي پئي آهي— نه آدم نه آدم-ذات.)
پروتڏات: (فقط آواز) پت لطيف! ڪيڏانهن ٿو لهي رهيو آهين اسان کي؟ اسان ته تنهنجي اندر ۾ آهيون. اسان ته تنهنجي اندر مان ٻولي رهيا آهيون.. پٽ! ڪاڪ لڏي جنهن جو ڪنارو وٺيو تون اڳتي وڌندو ٿو وڃين اها ڪاڪ لڏي لڏاڻي شهر جي ٽڪر تان هڪ چشمي مان منهن ڪڍي ٿي. ڪنهن زماني ۾ ان چشمي وٽ هڪ يوگي رهندو هو جيڪو مهان تانترڪ به هو. ان تانترڪ يوگيءَ جو نالو هو ڪاڪ. ان ڪري هن لڏيءَ کي به ڪاڪ لڏي ڪري، ڪوٺين ٿا. ڪاڪ لڏيءَ جي آس پاس تنتر جون ڪيئي ساڌنائون ٿيل آهن. ان ڪري هن استان کي پنهنجو مهتو آهي...
پت لطيف! سوئمل، ان ڪري ئي طلسمي ڪاڪ محل جي رچنا هن جڳهه تي ڪئي هئي...
پت لطيف! جو ٿيو، سو وساري ڇڏ. هاڻي پنهنجو

انگ جي آهي. جڏهن سونُ جو ڏند پاڻيءَ سان ڇهائي ٿو ته پاڻي سڪي ٿو وڃي.)

راجا نند : اڇا! ته هيءَ سچي ڪرامت هن ڏند جي آهي.
هاڻي اسان پنهنجو سڄو خزانو سنڌوُ نديءَ جي پيٽ ۾ لڪائي رکنداسين......

سنڌوُ نديءَ جو هڪ وڏو ٽڪر سڪو پيو آهي. ان سڪل ٽڪر ۾ وڏي کڏ آهي جنهن ۾ راجا نند پنهنجي خزاني جون پيٽيون لڪائي رکي رهيو آهي. اها شاهي کڏ پٿرن سان ڀرجي ٿي وڃي.

اونداهي رات. ڀيانڪ سناٽو. شمشان. ڪي مردا جلي رهيا آهن. آڳ جي لرزندڙ روشنيءَ ۾ اسان ڏسون ٿا ته هڪ شاهي ٻڙ جي وڻ جي هيٺان هڪ تانترڪ ڌيان ۾ ويٺو آهي.
تانترڪ ڌيان ۾ ڏسي ٿو:
راجا نند پنهنجو خزانو صندوقن ۾ ڀري رهيو آهي.
راجا نند صندوقن سنڌوُ نديءَ جي سڪل پيٽ ۾ ٺهيل قدرتي شاهي کڏ ۾ رکي رهيو آهي.
راجا نند جي ساڄي هٿ ۾ هڪ ڏند آهي جنهنجي ڪري پاڻي وڃي ٿو سڪندو ۽ نديءَ ۾ رستو وڃي ٿو ٺهندو.
تانترڪ : هاڪ هو! ته اهو آهي اهو سونُ جو ڏند جنهنجو ذڪر سامري شاستر ۾ ڪيل آهي... هاڪ هوُ!

ٽڪر- وڏيا جي ۽ چاڙهو هئي.
هڪڙي ڏينهن راجا نند
پنهنجن اميرن سان، سندو نديءَ
جي ڪناري تي شڪار پئي ڪيو
ته سندس نظر وڃي هڪ سوئر
تي پئي جيڪو سندو نديءَ پار
ڪري رهيو هو. راجا نند جي
حيرت جي حد نه رهي جڏهن
ڏٺائين ته جيئن جيئن سوئر
ويو ٿي هلندو تيئن تيئن
پاڻي ويو ٿي سڪندو.

راجا نند ۽ سندس امير گهوڙي
تي سوار، شڪار ڪري رهيا
آهن.

سوئر جي اڳتي وڌڻ سان
ندي وچي ٿي سڪندي ۽
رستو ٺهندو ٿو وڃي.

راجا نند : اسان جا پيارا ۽ وفادار مترو! هاڻي توهان واپس وڃو. اسان اڪيلو شڪار ڪرڻ چاهيون ٿا...

هڪ امير : پر سائين...

راجا نند : (حڪم ڀرادي سان) وفادار متر سوال نه پڇندا آهن. اسان اڪيلو شڪار ڪرڻ چاهيون ٿا...

(سڀ امير هليا ٿا وڃن ۽ راجا نند اڪيلو رهجي ٿو وڃي. هو پنهنجي گهوڙي تي چڙهي سڪل نديءَ جي ٽڪر رستي سوئر جي پٺ ٿو وٺي ۽ جيئن ئي سوئر ۽ راجا نند نديءَ جي ٻئي پار پهچن ٿا ته راجا نند ڏڦو هڻي سوئر کي ماري ٿو ڇڏي).

راجا نند : ضرور هن سوئر جي ڪنهن عضوي ۾ اهڙو ڪو اسرار آهي جو پاڻيءَ کي سڪائي ٿو ڇڏي!...

(راجا نند سوئر جا عضوا هڪ هڪ ڪري ڪٽي ٿو ۽ ڪناري وٽ ٿوري پاڻيءَ ۾ وجهي آزمائي ٿو ته آخر اها ڪرامت ڪهڙي

تانتڪ راجا نند جي خزاني جون صندوقون هڪٻئي تي ٻڌيون شاهي ڪڙ ڪان ٻاهر ڪڍي رهيو آهي.

(راجا نند تمام گهڻو غصي ۾ آهي. هن جي هٿ ۾ ننگي تلوار آهي)

راجا نند : ٻيائي! نالائق! بيوقوف! تو اسان کي تباه ڪري ڇڏيو - برباد ڪري ڇڏيو. اسان تو کي اصل نه ڇڏينداسين.

(راجا نند غصي ۾ موُمل کي تلوار سان ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ وارو ئي آهي ته وچ ۾ سوُمل اچي ٿي وڃي.)

راجا نند : تون هٽي ٻاري ٿي وڃ سوُمل! اسان اڄ موُمل کي هرگز نه ڇڏينداسين!

سوُمل : موُمل کي مارڻ مان ڪو خزانو موٽي ڪونه ملندوَ - شايد اهو خزانو توهان مون کان گهرو.

سوتر ڌار (فقط آواز)

موُمل جي ڀيڻ سوُمل ڪنڌ - ودنا جي جادوءَ هئي ۽ جادوءَ جي فن ۾ به ماهر هئي. هن سو چڱو نه اهڙو ڪو رستو ...

(درشيه - ...)

سوُمل سنڌ ڪوري ۾ اڳي - ڪيڻا جي ڀرسان واڻي آهي ۽ آهوندون اوجهي رهي آهي. سومل جي ڪاڇڙا ۾ ڪاڪ لڏيءَ جي ڪناري تي اڏيل ڪاڪ محل جي ڏندلي تصوير

اهو ڏند اسان هر حال ۾ حاصل ڪنداسين - اهو
هزارين ڏند اسانجو آهي، اسانجو ! !

راجا نند جي محل جو باغ. باغ جي وچ ۾ هڪ شاندار گول چبوترو. چبوتري جي وچ ۾ پيل هڪ شاهي گديدار ڪرسي. ڪرسيءَ تي مؤمل ويٺي آهي. آس پاس ڪجهه ساهيڙيون بيٺيون آهن. چبوتري کان ڪجهه دور هٿيار بند پهريدار بيٺا آهن. چبوتري جي ڏاکڻ وٽ ڊاڪٽر بيٺو آهي. هن وقت هو ڪمزور، روڳي ۽ اداس ۽ پيلو لڳي رهيو آهي.

ڊاڪٽر : سائينءَ! مان هڪ اهڙي نگري مرض ۾ ڦاسي ويو آهيان جنهن جو علاج سونهن جي ڏند سان ئي ٿي ٿو سگهي. توهان راڄ-ڌڻي آهيو، اهڙيون قيمتي شيون توهان وٽ ضرور هونديون. سونهن جي ڏند جي آس رکي راجا نند جي در تي سوالي ٿي آيو آهيان.

مؤمل : (ڪجهه وقت سوچي) پتاجيءَ وٽ اهڙو هڪ ڏند آهي ته سهي پر پتاجي ياترا تي ويا آهن...

ڊاڪٽر : سائينءَ! هي غريب سوالي وڏي آس رکي توهان جي در تي آيو آهي.

مؤمل : تون اتي ترس، مان اهو ڏند ڳولهي اچي ٿي توکي ڏيان ٿي.

ڊاڪٽر : ڀڳوان توهان جو ڀلو ڪندو - سدائين شاد - مانُ وڌندو رهندو، اقبال بلند ٿيندو رهندو...

گجگوڙ آسمان تي ڦاڙيو ؟
دليون ٿي لوڙائون !
ديوان خاني ۾ هڪ جهڙا
سهڪاريل سنواريل ست کٽولا !
ڇهه کٽولا ڪچي سٽ سان
واڻيل -
جن جي هيٺان اونها کوه !
باقي هڪ کٽولو ٻوه ؟ فريب
کان آجو !
ڪاڪ محل اَڏجي راس ٿيو
ته ليلا ٿي شهر ۾ هوڪو
گهمايو ويو .

ديوان خاني ۾ ٻهل ست هڪ
جهڙا کٽولا .

هڪ اونهي مونهار کوه جو
در شيهه .

هوڪيوارو : (ڪجهه پل دهل تي ڏاڪو هڻڻ کان پوءِ)
ٻڌو — ٻڌو — ٻڌو .
ڪاڪ محل جي رچناڪار ، راجڪماري مؤمل جو
ڍنڍورو ٻڌو -
جيڪو به ماڻهو ڪاڪ محل جو باغ لنگهي ، تلاءُ پار
ڪري ، شينهن جي چنبي کان پاڻ بچائي ، ديوان
خاني ۾ وڇايل ستن کٽولن مان سچي کٽولي تي
اچي ويهندو تنهن کي سونهن جي ديوي راجڪماري
مؤمل جو هٿ نصيب ٿيندو ...
ٻڌو — ٻڌو — ٻڌو !

(هوڪيواري جي ارد گرد گڏ ٿيل ماڻهون پاڻ ۾ ڳالهائڻ شروع
ٿا ڪن . ماڻهن جا آواز هڪ ٻئي سان ان طرح ونجهي ويا آهن جو

جاري رهي ۽ هميشه مال متاع هت ايندو رهي.	جهلڪ ڏيکاري غائب ٿي وڃي ٿي.
هڪڙي ڏينهن سومل پنهنجين ٻانهين ۽ داسين کي ساڻ ڪري، ماتيلو چڙهي، جيسلمير جي ويجهو ليداڻي شهر ۾ وڃي ديرو ڄمايو.	سچو اٺالو گامزن آهي.
ٿوري ئي عرصي ۾ سومل ليداڻي جي ڀرسان ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تي هڪ طلسمي رنگ محل جوڙايو.	ڪلپنا ۾ پرگهٽ ٿيل محل جڙي راس ٿي ويو آهي.
ڪاڪ محل جي چوڌاري هڪ عمدو ۽ خوشنما باغ!	باغ جا ڪجهه درشيه.
باغ جي چوگرد وڏراه ۾ ٻوُل بلبلان وارو پنجرو!	ٻوُل-بلبلان جا هوائي شانس.
محلات جي ڀنيءَ وٽ هڪ شيشي جو تلاءُ - ڏسندڙ کي ائين لڳي جڻ درياه چولهون ماري رهيو آهي! ساڳـي مهاڀارت واري ڪارستاني!	تلاءُ جو درشيه.
محلات جي چئني ڪنڊن تي ۽ دروازي وٽ جادو جا شينهن! شينهن جـي ٿلهي	شينهن گرجنائون ڪري رهيا آهن.

جي ھمت ۾ ٻُوڙيل خزاني کان سؤڻو خزانو لڪل
آھي، سو توھان کي ملي رھيو آھي. ھومل کي
ماري ڇا ملندو ھا؟

راجا نند : سومل ڌيءَ، اھو ته سڀ سچ، پر ڪڏھن ڪڏھن
سوچيندو آھيان ته توھان اسانجون ڌيئر ڪيئن
ڏينھن ڪيئن مصيبت ۾ نه ڦاسي وڃو!

سومل : اھڙيون اڻ ڳالھيون توھان سوچيندا ئي نه ڪريو.
جيڪي ڌيئرون نوجوان ۽ راڄڪمار ڪاڪ محل ۾
لڳندا آھن، اھي شرم کان پاڻ به ٻاھر نه ڪڍندا
آھن. اھڙو منھن ڪري ليڪاٽي مان ئي لڏي ويندا
آھن.

راجا نند : پر ڌيءَ سومل، ڪي ته ديوان خالي ڪانئين اچي
ڀڄندا ھوندا؟

سومل : اھڙا ٽڪ - ڪٽھار ڦرندي - ڪنڌولي ئي وڃي ويھي
ڪُوھ جي ٽري ۾ پوندا آھن ۽ اتي ئي ڇچلائي
ڇچلائي دم ڏيندا آھن.

راجا نند : سومل! اھي ته نسورا اھڙاڪ ٺڳ، ڪون ٺڳ!

سومل : پتاجي، ٻه چار ھزارا ڪيڏو ۾ ويھي ھري رام ھري
رام جپڻ سان ڪو نه ملندا آھن! ڌڻي - ودبا جو
ستاليت آھي ته ڪامنا جي ٻرانتي لاءِ ڪوشش رستو
ٻيو نه آھي. دراصل سنسار ۾ ڪجھ سچو - ٻيو
آھي ئي ڪونه. ڪرم ڪرم آھي - بس!

ٽن لفظن ”سوُمل“، ”مومل“ ۽ ”ڪاڪ محل“ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به سمجهه ۾ ڪو نه ٿو اچي .)

⊛

(هيڪڙو ٺاهوڪو ڏاڍو نوجوان ڪاڪ محل جي مکيه ڦاٽڪ وٽ رکيل نغاري تي ڏونڪو هڻي رهيو آهي. جلد ئي مومل جي خاص خدمتگار ناتر ڦاٽڪ جو ننڍو دروازو کولي ٻاهر اچي ٿي ۽ نوجوان کي پنهنجي پٺيان پٺيان اچڻ جو اشارو ڪري ٿي.

⊛

نوجوان ناتر جي پٺيان پول پاڇان واري پڇري تان هلندو ٿو وڃي .

اوچتو ناتر غائب ٿي وڃي ٿي .

نوجوان وائڙن جيان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي ٿو .

مومل جا ڪمرا اچي ٿا نوجوان جي مٿان مارو ڪن ۽ هن جا سڀ هيرا جواهر ۽ زيور ڦري اڪيلو ڪري ڦاٽڪ جي ٻاهران ڦٽي ٿا ڪري اڇلن .

⊛

(راجا نند جي محل ۾ راجا نند ۽ سوُمل)

سوُمل : مهاراج، جيڪڏهن سوُمل ڏند ڏيئي چوڻ واري غلطي نه ڪري ها ته بيشمار خزانا توهان وٽ ڪيئن ڪٺا ٿين ها؟ توهان جي پاڇي ۾ سڌو ٿلهي.

هوس ٻر ڪاڪ محل جي
مومل مون سان هيءَ ڪار
ڪئي آهي...

❂

(شاه لطيف جي ڇهري جو ڪلوز-اپ)

شاه لطيف: ڪالهه ڪڏهن مون ڪاپڙي ٻڌو سڀ ڪان لاهوءِ،
لاهو سونهن ساويءَ جي، رمز ورلو روءِ،
جو منهن مومل جي پوءِ، مونٽ تنهن مس ٿئي!

(جوڳيءَ تي ڪئمرا (خمار) چڙهي ٿو وڃي. هن جي اکين مان جهر جهر ڳوڙها ڳڙي رهيا آهن. هڪ وڻ جي اوٽ وٺي هو اٿي ٿي ليمر لاهوتيءَ جي حالت ۾ لهي ٿو پوي.
هيمر ۽ سندس ساٿي ڏک ۽ عجب مان جوڳيءَ طرف نهارن ٿا.)

شاه لطيف: اهڪاريءَ کي اسر ۾، ويو ڪمف چڙهي،
ڳالهون ڪندي ڪاڪ جون، ڳوڙها پيس ڳڙي،
ڪا جا الڳ اڙي، جئن ڇپا ڦٽ ڇڙي لما!

❂

سوتر ڌار (فقط آواز)

هلو هلو ڪاڪ ڏٺن
ڇڙو جمع چڙهن،
ڪوڙين رنگ رچن
ٻانو ڙي ٻڪ سهن!

درشيه

هيمر ۽ سندس ساٿي ڏاڍو جوش و خروش سان مومل جي ڪاڪ محل طرف وڌندا ٿا وڃن.

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيه
جنهن وقت ميرپور ماٿيلي ۾ راجا نند حڪومت ڪري رهيو هو ان وقت ٿر جو ملڪ سومرن جي حڪومت هيٺ هو. انهيءَ گهراڻي جو پويون حاڪم همير سومرو ١٤٠٠ع ۾ گاديءَ تي ويٺو هو. سندس راڄڌاني هئي امرڪوٽ.	راجا نند جو محلات
همير سومري کي ٽي پڪا يار ها: ڏونئر لاکاڻي، سينهڙو ڌاماچاڻي ۽ راڻو مينڌرو. راڻو مينڌرو همير سومري جو سالو به هو.	همير سومرو پنهنجي محل ۾ خاص ڪمري ۾ ويٺو آهي. سندس نار ۽ سندس ٽي يار ويٺا آهن. ڏونئر لاکاڻي- سينهڙو ڌاماچاڻي- راڻو مينڌرو ...
چارئي يار عيش و عشرت جا ڪوڏيا ۽ شڪار جا شوقين!	شراب جو دور - ٽهڪڙا. شڪار جا ڪجهه درشيه.
هڪ دفعي شڪار ڪندي ڏسن ٿا ته هڪ "ٻاٻو ۽ لنگهه پيوند" ڪڍيو. جوڳيءَ جو سچو روپ مٽڪ ڏسي ڪيس نمسڪار ڪيائون ۽ ڪانئس رٿ ۾ ٻڪريءَ جو ڪارڻ پڇيائون؟	همير ۽ سندس يار جوڳيءَ کي نمسڪار ڪن ٿا ۽ ڪجهه ڳالهائن ٿا.
جوڳي: مان به هڪ راجڪمار	

هوُمل : چار شڪار اچي ويا آهن ناٿو؟
ناٿو : هائو راجڪماري، ٻوُرا ۽ ٻڪا چار شڪار.
هوُمل : صبح ٿئي- پوءِ هنن جي خبر وٺجانءِ.
ناٿو : ٺيڪ آهي...

ڪاڪ محل جي ٻاهران ميدان / ٻاهر / پرڀات

(چار ئي ڄڻا ميدان ۾ وڇايل فراس تي ويٺا آهن. ناٿو خوب هار- سينگار ڪري هنن جي مرحبا لاءِ آئي آهي. هن سان گڏ چار ٻانهيون به آهن جن مان هر هڪ جي هٿن ۾ هڪ ٿالهي آهي. ناٿو هر هڪ اُميدوار جي اڳيان چڻن جي ٿالهي رکي ٿي ۽ منجهيل سٽ جي ڦاري رکي، پاڻ پوئتي هٽي بيهي ٿي رهي.
راڻي ميندري کان سواءِ باقي ٽيئي ڄڻا چڻن کي جهٽي ٿا وڃن ۽ ڪائي پؤ ٿا ڪن. صاف ظاهر آهي ته هو ڪجهه ڏينهن جا بکايل آهن.
ناٿو سڀ ڪجهه چتائي ڏسي رهي آهي.
راڻو چڻن جي ٿالهي کڻي گهوڙي جي اڳيان ڏو رکي.
هومر ۽ هن جي ٻن ٻارن چڻا ڪائي پيٽ ڀريو آهي ۽ هاڻي هو منجهيل سٽ سلجهائي رهيا آهن پر ڪاميابي ملڻ جا آثار نظر ڪونه ٿا اچن.
راڻو منجهيل سٽ کي ڪاتيءَ سان ڪپي ٿو ۽ اُن مان مڪٽهارو ٺاهي پنهنجي گهوڙي جو سينگار ڪري ٿو. ناٿو سڀ ڪجهه عجب مان ڏسي رهي آهي.)

راڻو : وڃ ۽ وڃي پنهنجي راجڪماريءَ کي ٻڌاءِ ته گهوڙي لاءِ موڪليل مال گهوڙي کي ئي ڏنو ويو.

هلو هلو ڪاڪ ٽڙين،
جتي گهڙجي لمحن،
نه ڪا رات نه ڏينهن،
سيکو اسي اُڏان ڪي!

هُو سڀ انسان ۽ اي ديائي
جي تصوير لڳي رهيا آهن.
ٽن اُٺن جي تيز رفتار جا
ڪجهه ڏرشيه.
راڻو گهوڙي تي سوار آهي-
سمند گهوڙي تي.

ميدان / ٻاهر / نماشام

وائيڊ شاٽ. ڪاڪ محل جي ٻاهران سنهو- دوار جي ڀرسان همير ۽ سنڌس ٻارن اچي ديرو ڄمايو آهي. اُنن جي سواريءَ سڀ چار ئي ٻار لڪجي ويا آهن ۽ ميدان تي ليئي لڪ مٽائي رهيا آهن.

ڪاڪ محل صاف نظر اچي رهيو آهي.

ڪاڪ ندي مستاني وَهڪ سان وهي رهي آهي.

ٽي اُٺ جڳالي ڪري رهيا آهن. سمند گهوڙو گاهه چري رهيو آهي.

ڪاڪ محل ۾ مؤمل جو خاص ڪمرو / اندر / رات

(ڪمرو بيحد خوبصورت طريقي سان سجايل آهي. مؤمل پلنگ تي ليٽي پئي آهي. سنڌس ڀرسان هن جي خاص داسي ناتر ويٺي آهي.)

مَيدان.

(راڻيءَ جي پرسان ناٿو بيٺي آهي. هن جي هٿن ۾ ٿالهه آهي. راڻو ٻيڪڙ لاهي ڏسو ۽ پستن، باداممن، ڪاجن ۽ طرح طرح جي سڪل ميون سان ڀرپور حلوو ڏسي ٿو. راڻو هڪدم زور سان ڪٽي ٿو ٻيڪڙ ٿالهه جي مٿان رکي.)

راڻو : ڇا تنهنجي راجڪماريءَ اسان کي زالون سمجهيو
آهي جو هيڏو زنانو طعام موڪليو اٿائين؟
(ناٿو ٻچي ٽڪڙو ٽڪڙو واپس وري ٿي.)

همير : راڻا مهندرا! تون آهين ته اسانجو سالو،
پر ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ ائين ڇيندو آهين
چٽ ڪو زهريلو ڀالو!
گهوڙن وارا ڇٽا اسان کي ڪانه ڏنئه پر پستن باداممن
وارو حلوو موٽائي ڇڏيئه...

راڻو : منهنجا يار همير! دل نه لاهه!
اڃا پيو طعام آيو، آيو...

ڏونگر . اڙي — آيو — آيو...

سنهڙو : سچ پچ آيو — ٻڪ اچي ويو —

ناٿو : (اوچتو فرم ۾ داخل ٿي.)
هي ڇٽيهن ٻدارن وارو ٻوچن راجڪماري موڪل
منهنجي شيءِ هٿن سان پاڻ تيار ڪيو آهي ۽ منٿ
ڪئي آهي ته ڪرپا ڪري هي ٻوچن سوُ ٻڪار
ڪري اسان کي ڪرت ڪاري ڪريو...

(ناٿو پاڻ سان گڏ آيل ڇٽن داسين جي هٿن مان سونيون ٿالهيون وٺي هرهڪ نوجوان جي اڳيان رکندي ٿي وڃي. پنجين داسي

(ناٿر جو منهن لهي ٿو وڃي. هوءَ ڇڏي پاڻهين سوُڙي واپس وڃي ٿي. راڻو هن ڏانهن نهاري به ڪونه ٿو. گهوڙو ۽ ڇٽا ڪاٽي رهيو آهي.)

مومل جو خاص ڪمرو / اندر / ڏينهن

(مومل جي سامهون ناٿر بيٺي آهي.)

ناٿر : راجڪماري، چار پروانا ٽوهان جي روپ جي جوالا ۾ پاڻ اَرپڻ لاءِ آيا آهن. آهن ته چارئي لاهوُڪا ۽ من موهيندڙ پر ... پر ، راڻو راڻو آهي...

(مومل ناٿر جي اکين ۾ نهاري ٿي.)

ناٿر : منهنجي نه مرضي نه آهي ۽ صلاح به آهي ته راڻي کي ڪٺي پنهنجي هرڻ جي سنگهاسڻ تي ويهاريو... هوُنئن به اهڙي روپوان ۽ پدمان نوجوان جي جان وڃڻ کان عقل جو ڪم ڪونهي.

(مومل ڪجهه پل سوچي ٿي.)

مومل : ناٿر، جي روپوان راڻو سچ پچ اهڙو سهڻو به آهي ته پاڻهي اچي اسان تائين پهچندو... هوُ سامهون پيو اڱڻي حلوي جو ٿالهه - مهمانن جي ناشتي لاءِ ڪٽي وڃ ...

(ڪمري جي هڪ طرف ميز تي چانديءَ جو وڏو ٿالهه پيو آهي ٿالهه جو ڍڪڻ به چانديءَ جو ئي آهي. ناٿر ٿالهه ڏانهن وڌي ٿي.)

ميدان

(راڻي جي سامهون ناٽو بيٺي آهي.)

ناٽو : جي همت اٿوَ ته هڪ هڪ ٿي اچي ملاقات ڪريو ۽ پنهنجو نصيب آزمايو.

سڀ : (هڪ آواز ۾) ائين ئي ٿيندو.

(ناٽو واپس وڃڻ لاءِ پوئتي مڙي ٿي.)

همير : ترس ! اسان همير سومرا آهيون- ٿر ملڪ جا حاڪم. سڀني کان اول اسان تو سان گڏ ڪاڪ محل ۾ داخل ٿينداسين ۽ پنهنجو نصيب آزمائينداسين.

ناٽو : ته هلو حضور!

ڪاڪ محل جو باغ / ڏينهن

(همير ۽ ناٽو ڪاڪ محل جي باغ مان لنگهي رهيا آهن. باغ جو در لتاڙي پول پلئمان واري ٽپري ۾ داخل ٿين ٿا. اوچتو ناٽو غائب ٿي وڃي ٿي ۽ همير اڪيلو رهجي ٿو وڃي. ناٽو جي لاپتا ٿيڻ تي سڄو ماحول ڀيانڪ آوازن سان ڀرجي ٿو وڃي. آواز اهڙا ته خوفناڪ آهن جو انسان کي پاڳل ڪيو ڇڏين. همير جيئن تيئن ٽاپا کائيندو کائيندو ڀڄي جان ڇڏائي ٿو. ٽهڪن جو پڙاڏو آواز.

همير پنهنجي ٻارن جي اڳيان ڦان تي اچي ٿو ڪري. سڀ حيران ٿي ٿا وڃن.)

همير : مون مڃڻي موت. ڀڄي جان ڇڏايو. سر سلامت هوندو ته موتيون ٻه ماڻيندون...

سوني صراحي نوجوانن جي ٻرسان رکي ٿي ۽ اُن جي پاسي ۾ چار
سونا گلاس به رکي ٿي.
همير ۽ هن جا ٻه يار کائڻ شروع ڪرڻ وارا ئي آهن ته راڻو هنن
کي روڪي ٿو.)

راڻو : همير، تون اڄ منتريءَ جي صلاح شايد ڀلائي ويٺو آهين... او ٻيري جو ذائل کاڌو ۽ پاڻي ڀلا جاچ ڪرڻ جي ڪڏهن به نه ورتائجي.

(راڻو ڪجهه کاڌو سامهون ويٺل هڪ ڪتي جي اڳيان ڦٽي ٿو ڪري. ڪتو کاڌو کائڻ سان ئي ولي ٿو ڪرڪون ڪري ۽ ڦٿڪي ڦٿڪي اُتي ئي مري ٿو وڃي.
همير هڪدم جوش ۾ اُٿي ٿو کڙو ٿئي. هن سان گڏ ٻيا به اُٿي ٿا بيهن.)

همير : هلو ته موٽي وطن هلون. اسان لشڪر وٺي اينداسين ۽ هن طلسمي محل جي هڪ هڪ پرزي جا پرخچا اُڏائي ڇڏينداسين.

راڻو : (شانت - ڀاو سان) دوست، واپس ورڻ ۽ پرن جو ڪم ناهي. هاڻي ته مانجهي مڙس ٿي ميدان ۾ ٽپي پونداسين ۽ ميدان مارينداسين.

(ان وچ ۾ ناٽر ۽ ٻيون داسيون کسڪي هلي ٿيون وڃن.)

مومل جو ڪمرو

(مومل جي سامهون ناتر بيٺي آهي.)

مومل : گهوڙي! زبان بند ڪر. راڻي جي اڳيان جهڪي مان ڪا پاڻ کي ڪائڻ - هاب ڪيڏيس ڇا؟ ...... هاڻي سڏو وڃ ۽ وڃي ڇڏين ته......

ڪري رهيو هو . ويچارو باغ مان ئي وڃي پيو .
سچ ٿي چوان، جي ٻول-ٻلهاڻان ۾ پير رکي ها ته
پڪ ٿي پڪ دل ٽٽي پوس ها ۽ اسان کي...

مومل : (وچ ۾ ٿي ناٿر کي ڪٽي) هڪ ٻئي لاش جي
انتم ياترا جو بندوبست ڪرڻو پوي ها .

(ناٿر زور سان کلي ٿي. مومل جي منهن تي هڪ خُوني مرڪ
آهي — بيباڪ، ڪنور ۽ حيراني.)

ناٿر : ٽين راست وري سنهڙي سڄو ساهيو . سنهڙو ته
ٻنيءَ ڪان ۾ ٻه رتون وڌ ٻڌل اٿئو . باغ جي
ٻاهران ئي هيبتناڪ آوازن جا پڙاڏا ٻڌي وٺي ڀڄ
ڀائي ڀڳو .

مومل : باقي اهڙو آهي راڻو ؟

ناٿر : هائو راجڪماري! پر... مان چاهيان ٿي ڪاش هو
سوڀارو ٿئي — ٽرهان ٻنهي جي جوڙي لاجواب
رهندي .

مومل : (اک ڀوڙي ڪري) ناٿر! متان اسان کي دوکو ڏئين
۽ راڻي جي مدد ڪرين .

(ناٿر چپ آهي.)

مومل : چڱو، هاڻي وڃ ۽ وڃي راڻي مهندري کي آزماءِ.

ڪاڪ محل جو باغ / رات

(ڪئمرا ڪلوز راڻي مهندري جي چهري تي. ڪئمرا جي ٻال
هٽڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته راڻو گهوڙي تي سوار آهي ۽
ٻول-ٻلهاڻان واري ٻڇري تان اڳتي وڌي رهيو آهي. ناٿر

راڻو : دوستو، تو پنھنجو نصيب آزمايو. ھن کي ٻيو وارو ڏيڻ گھرجي. اڄايو نہ تہ خلق اڳيان شرمندا ٿينداسين.

(ھمير جواب ۾ ڪجھہ بہ نہ ٿو چوي.)

۞

ميدان / رات

(پيچيدو ماحول. جھڪي روشني)

ناتر : (ٿنڀولي ڪندي) قبلا! توھان تہ ھمير سومرا آھيو! تہ ملڪ جا حاڪم آھيو! طلسمي آوازن کان ڏڪي وٺي پيا! ولھون اِئين ھمت ڪيون آھن؟

(ناتر چپ ٿي وڃي ٿي. چار ئي يار شرم کان خاموش آھن.)

ناتر : آھي ڪو ٻيو جو ڪاڪ محل ۾ داخل ٿيڻ جي ھمت ڪري؟

ڏونر ڀٽي : (مڇون مروڙي) مان تہ ھلان — مان ڏونر ڀٽي!

۞

مومل جو ڪمرو / رات

(مومل پلنگ تي ليٽي پئي آھي. ناتر ٽِڪ ڏيئي رھي آھي — مومل جي پلنگ جي پاسي ۾ اھي ڪري)

ناتر : سو راجڪماري، ڏونر ڀٽي ھليو. ڀانڪ راس. اولده. ھر پاڇو ڇڙ ڪر پورس. باغ جو ھڪ ھڪ گل پورس جي ڀانڪ اڪہ اٿي پيئي جو روح قبض

محلات جي اڳيان راڻي کي ڏسڻ ٿو لڳي ڄڻ ڪوئي تلاءُ هجي
پاڻيءَ جي ڇولين جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي.)

راڻو : تلاءُ ۾ ڇوليون!؟ يعني طلسم — هون...

(راڻو زمين تان هڪ گول لنڊيڙو پٿر کڻي تلاءُ ۾ اُڇلي ٿو. پٿر
ٻڏي ڪونه ٿو بلڪ ٽڙڪندو ٽڙڪندو اونده ۾ غائب ٿي ٿو وڃي.
راڻو اُهو طلسمي تلاءُ گهوڙي تي سوار ٿي پار ٿو ڪري ۽ محلات
جي ڏيڍيءَ تي وڃي ٿو پهچي.
اوچتو هڪ داسي اچي ٿي پرگهٽ ٿئي.
راڻو گهوڙي تان هيٺ لهي ٿو.)

داسي : (هٿ جوڙي) سائين، ڪاڪ محل ۾ توهان جو
سواگت آهي... اچو.

(اُن وقت هڪ ٻي داسي به اچي ٿي اُتي پهچي.)

داسي : توهان پنهنجي گهوڙي جي چنتا نه ڪريو. گهوڙي
جو به پورو پورو خيال رکيو ويندو.

(راڻو اول آيل داسيءَ سان گڏ محلات ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ هن
جي پٺيان پٺيان هلندي هلندي اچي ٿو ديوانخاني ۾ پهچي. اُتي
سڀ ڪٽولا هڪ جهڙا سينگاريل پيا آهن. راڻو ڪٽولن ڏانهن چتائي
نهاري ٿو)

داسي : سائين، توهان ڪٽولي تي ويهي آرام ڪريو — مان
راجڪماري مومل کي وٺي ٿي اچان.

(داسي هڪ طرف هلي ٿي وڃي.)

راڻو : طلسمي محل ۾ سڀ ڪٽولا — يعني حرڪتبازيءَ
حرڪتبازي. چڱو، جي تون مومل آهين ته اسان به
راڻا آهيون. تو وٽ طلسمي تالا آهن ته اسان وٽ
طلسمي چاٻيون...

(راڻو مياڻ سوڌي تلوار سان ڪٽولي تي ٺڪ ٿو هڻي. ڪٽولي

گهوڙي جي اڳيان اڳيان هلي رهي آهي. ڀيانڪ رات. ڌنڌلي روشني. هڏ ڪنبائيندڙ آواز. روڄن. هانڪا. چيخون. ڀوتن جا ٺهڪ. سرگوشيون. اهڙا لفظ جنهن کي ڪوئي ارٿ نه ڏين. شين جو ڪرڻ. سازن جو وڄڻ. چوڙين جي ڇماڇم. هر راڻي جو هوش برقرار آهي. هو هڪ پل لاءِ به پنهنجي نظر ناٿر تان ڪونه ٿو هٽائي. اوچتو راڻي جو گهوڙو ٺهڪ جي ڪري ٿو.)

راڻو : يار سمند! هيءُ وقت ٺهڪ جو ناهي. فولادي دل سان هر مصيبت جو مقابلو ڪندي اڳتي وڌڻ جو آهي.

(راڻي جو ڌيان گهوڙي طرف ويندي ڏسي ناٿر گوهي ڏيئي کسڪڻ جي ڪري ٿي ته راڻو هڪدم گهوڙي تان ڇلانگ لڳائي وڃي ٿو کيس پٺتي کان جهلي ۽ گهلي پيچري تي آڻي ٿو بيهاريس.)

راڻو : خبردار! جي چالاڪي ڪئي اٿئي. ورنا اسان جي تلوار جي پياس سڀ کان اول تنهنجي خون سان ٻجهندي. گهوڙي جي اڳيان اڳيان هل ۽ شرط عورتن وانگر نه ڪائي ٿيار نه ساڄي نه ٻنيان. اکيون جهڪائي اسان جو رستو صاف ڪندي هل.

(اڳيان اڳيان ناٿر ۽ ٻنيان راڻو سمند تي سوار ٻڙول ٻلنگها وارو پيچرو پار ڪري رهيا آهن پيچري جي ٻڙڙيءَ وٽ بلڪل اونداهه آهي. اوچتو ناٿر وجهه وٺي گهوڙي کي ٺلهو تي ڏئي ۽ اونداهه ۾ غائب ٿي وڃي ٿي. راڻو گهوڙي تان هيٺ ڪري ٿو پوي. راڻو پاڻ سنڀالي اٿي ٿو. اکيون مهٽي ٿو. سامهون محلات جو ڪارو روپ ڏسي ٿو. ڪاريءَ اونداهه ۾ پڙل محلات ۾ اندر ڪٿي ڪٿي روشني آهي جنهن جا هلڪا ڏورا محلات کي ڪجهه ڪجهه پڌرو ڪري رهيا آهن.
خوفناڪ آواز اڃا به جاري آهن.

راڻو : اڇا ! ڪو امتحان هجي ته اسان تيار آهيون.

مومل : (مخاطب ٿي) اي وير ٻير راڻا ! اسان کي وڌيڪ شرمندو نه ڪريو. اسان جي جان، توهان تي قربان. اسان زندگيءَ ۾ توهان جا گولا ٿي گذارينداسين.

(راڻو ۽ مومل ٻئي ٻاهر نڪرن ٿا.)

شاديءَ جا شادمانا.

شادي.

سهاڳ رات.

(شاه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ.)

شاه لطيف: ڪجر ڪهڻا نه گهائيا،

هاڻي تـ —

ٻاڻا لڳندس گهاءُ!

ڪان ڪپار ۾!

امرڪوٽ: همير جو قيدخانو / اندر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز راڻي مينڌري جي چهري تي. ڪئميرا جي ٽل ٿيڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته راڻو قيد آهي. قيدخاني جي ڪمري جي ٻاهران سپاهي پهرو ڏيئي رهيا آهن. راڻو پنهنجن ني

تي وڇايل گديون، غاليچا ۽ طول وهاڻا وڃي ٿا هيٺ اوڙاهه ۾ ڪرن. راڻو اندر اوڙاهه ۾ لهندو ٻانهي ڏسي ٿو ۽ سندس اکيون ڦاٽي ٿيون وڃن.)

راڻو : مُومل! حسن آهين يا خواب ۾ آهين، يالا! اوچيون!

(راڻو هڪ ڪٽولي کي آزمائي ڏسي ٿو. ڇهن ڪٽولن جا استرا وڃي ٿا اوڙاهه ۾ ڪرن. ستين ڪٽولي جو استرو جهڙن جو تهڙن برقرار رهي ٿو. پوءِ به بختاوريءَ جي خيال کان راڻو ان جي هيٺان ۽ آس پاس چڪاس ڪري ٿو. سڀ ڪجهه ٺيڪ ٺاڪ آهي — اهو ڏسڻ تڪڙ کان پوءِ راڻو بالم اٿجي، طول وهاڻي کي ٺيڪ ڏئي ڪٽولي تي ويهي ٿو رهي. تلوار پنهنجي پاسي ۾ ڪٽي ٿو رکي. ان وقت هڪ داسي اچي ٿي.)

داسي : ڪرپا ڪري مٿي هلڻا اچو.

ڪاڪ محل جو شاهي ڪمرو / رات

(ڪمري ۾ شاهي لباس پهري پندرهن رو ٻه توتيون جو پوتيون جدا جدا جڳهين تي ويٺيون آهن. سڀني جي چهري تي هڪ جهڙي مرڪ آهي.

راڻو داسيءَ سان گڏ اندر داخل ٿئي ٿو.)

داسي : هنن پندرهن مومُلن مان پنهنجي مومل ڳولهيو.

(اُن وقت هڪ ڀنورو ڀون ڀون ڪندو اچي ٿو ۽ حقيقي مومل جي چوگرد ڦيرا پائي ٿو. راڻو اندازو لڳائي ٿو ته اها ڪاڪ محل جي راجڪماري مومل آهي. هو سڌو وڃي ٿو مومل جي اڳيان بيهي رهي.)

ڪري توکي ان شرط تي آزاد ڪيون ٿا، ته اُن
زهرائي ناڪڻ جو وري مٿن نه ڏسندين. ڇا تو
انجام پاڙيو؟... نه، تو انجام ڪونه پاڙيو. تون
اسان جي اکين ۾ سرمو پائي موٽل سان ملڻ لاءِ ويندو
رهيين... ثبوت ملڻ تي اسان وري ڪٿي توکي قيد
ڪيو...... اسان جي راڻي يعني تنهنجي ماڻ جي
منٿن ۽ ايلازن جي ڪري اڄ اسان هڪ دفعو
وري توکي آزاد ڪري رهيا آهيون... دل ته
اسان جي بلڪل نٿي چاهي ته ڪو تنهنجا بند خلاص
ڪجن، پر... پر اسان تنهنجي راڻيءَ کي به هرو ڀرو
ناراض نٿا ڪرڻ چاهيون. راڻا تون آزاد آهين...
اسان اُميد ٿا ڪريون ته تون وري اسان کي ڪوئي
اَگرو قدم کڻڻ لاءِ مجبور نه ڪندين......

(هيمو تيز تيز قدم کڻندو بندي خاني مان ٻاهر نڪري ٿو وڃي.)

راڻو ڏاچيءَ جي هڪ ڳوٺڙي تي سوار ٿي موٽل سان ملڻ لاءِ
ڪاڪ محل طرف وڃي رهيو آهي.

خيالن ۾ گم هڪ ڪنڊ کان زمين تي ويٺو آهي.
هيمير اچي ٿو. پهريدار کيس باعزت سلام ڪن ٿا. هيمير پهريدارن کي قيدخاني جو دروازو کولڻ لاءِ اشارو ڪري ٿو. پهريدار دروازو کولين ٿا. هيمير اندر وڃي راڻي جي سامهون بيهي ٿو رهي.
راڻو پنهنجن ئي خيالن ۾ گم آهي. کيس اها به سڌ ڪونه ٿي پوي ته ڪو دروازو به کليو آهي ۽ هيمير اندر داخل ٿي چڪو آهي. پر جڏهن هيمير هن جي پرسان اچي بيهي ٿو تڏهن قدمن جي آواز ۽ ٻن ٽنگن جي اڳيان اچي بيهڻ جو درشيه هن جي تندرا کي ٽوڙي ٿو ۽ هو اکيون مٿي کڻي نهاري ٿو. پر پوءِ وري اکيون جهڪائي ويٺو ئي ٿو رهي.)

هيمير : جنهن حسن جي اسان تمنا ڪريون اهو حسن اسان کي، فقط اسان کي حاصل ٿيڻ گهرجي. اسان پنهنجي پيار کي ٻئي جي ٻانهن ۾ هرگز - هرگز گوارا نه ڪري سگهنداسين، پوءِ چاهي اهو اسان جو سالو - اسان جي راڻيءَ جو ڀاءُ ئي ڇو نه هجي ا...

(راڻو ڪوئي رد عمل ظاهر نٿو ڪري. هو ٺوڪار روپ سان سڀ ڪجهه ٻڌي رهيو آهي.)

هيمير : پنهنجي ڪري اسان جي سراسر بي عزتي - زبردست بي عزتي ٿي آهي. اسان مهارڪو وس ڪري توسان گڏ ڪاڪ محل ۾ هلياسين ته مومل چاٽي واٽي اسان کي منهن ڏيڻ لاءِ ڇيو! ۽ تون؟ تون مومل کي ڀاڻ سان گڏ وٺيو هليو وئين ۽ وڃي عيش ڪيا! ڇا اسان غلط آهيون؟

(راڻو اڃا به خاموش آهي.)

هيمير : اسان غصي ۾ ٻي ٻاهر ٿي وياسين ۽ توکي ڪٽي ڪاٺ ۾ وڌوسين؛ اسر چئن ڇگن جي وچ ۾ اوڻ

روئي ٿو ڇڏي ۽ پنهنجي تلوار مومل جي پاسي ۾ رکي ڇپڇاپ ٻوٻان اٿي ڪري هليو ٿو وڃي.)

(ڪاڪ محل ۾ مومل تڙپي رهي آهي. پس اوورليپ ڪري ٿو - زناني آواز ۾.)

بيت : شمع پاربندي شب، پره پاڪون ڪيئون،
مومت، موران ٿي، مهندرا! راڻا ڪارڻ رب،
تنهنجي ٿاس طلب، ڪانگ، اڏايم ڪاڪ جا!

(مومل، سومل ۽ سندن داسيون ڪاڪ محل ڇڏي امر ڪوٽ طرف وڃي رهيون آهن.
پس اوورليپ ڪري ٿو - آواز زنانو.)

بيت : سوڍا صبر تنهنجو، مرڪ لڳايئين،
چپ سڄڻ جي چون، ادب ڪجي اُن جو.

(شاه لطيف جي ڇوري جو ڪلوز - اپ)

شاه لطيف : جڏهن انسان جا سڀ حيلا وسيلا ناڪام ٿيا ٿين، هارائي ٿا وڃن تڏهن هڪ ئي آهر ٻن سهارو وڃي ٿو اچي...

(مومل باهه ۾ جلي رهي آهي. راڻو ڀڄندو ڀڄندو اچي ٿو مچ ۾ ٽپي پوي!)

سوترڌار (فقط آواز)

امرڪوٽ جي قيدخاني ۾، جي هڪ طرف راڻو مومل جي ياد ۾ امڱوار هو ته ٻئي طرف ڪاڪ محل ۾ راڻي جي جدائيءَ ۾ مومل بي حال هئي!

ڏينهن ته جيئن تيئن ڪري گذاري ڇڏيندي هئي پر جدائيءَ جي رات جو هڪ هڪ پل ڪاريهر ٿي کيس ڏنگيندو رهندو هو.

پاڻ کي پرچائڻ لاءِ ۽ پنهنجي من کي ڪجهه تسلي ڏيڻ لاءِ مومل پنهنجي وڏي ڀيڻ سومل کي راڻي مهندري جا ويس وڳا پهرائي رات جو پلنگ تي پاڻ سان گڏ سمهاريندي هئي- پر کيس ڪهڙي خبر ته:

هڪ ڏينهن......

درشيه

راڻو قيدخاني ۾.

مومل اُداس بت ٺهيو ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺي آهي

مومل سيجري تي هر هر پاسا بدلائي رهي آهي.

مومل ۽ سومل هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي سمهيون پيون آهن. سومل کي راڻي جو لباس پهريل آهي.

(راڻو مهندرو پردو هٽائي مومل جي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ اوچتو رڪجي ٿو وڃي. مومل هڪ غير مرد سان ڀاڪر پائي سمهي پئي آهي!

راڻو غصي ۾ ٽيڪي لوهه لٺ ٿو وڃي. تلوار ڪڍي ٻنهي جا سر ڌڙ کان ڌار ڪرڻ وارو ئي آهي ته اوچتو ڪجهه سوچي هٿ

سائين، اها سٽ ساهه سان وڃي اهڙي نموني سمجهي
وئي آهي جو ساهه وڃي ته وڃي، اِن سٽ جو
سمجهو نه ويندو...

شاه لطيف: ميان، جي مرضي هجي ته سڀ ڪجهه ٻڌايان جنهن
جي هيءَ سٽ آهي.

جت : سائين، اِن کان وڌ ته مون جهڙي لاءِ قارون جو خزانو
به ڪو نه ٿيندو... ڌڻي توهان جو ڀلو ڪندو...

شاه لطيف: سڻ ميان -
هيڪلائي هل، پور پنڌيس پنهوءَ ڏي،
(جت خوشيءَ ۾ اُٿي اچي جهومڻ ٿو لڳي.)

شاه لطيف: آڏا ڏونگر لڪئون، سور ڏئون سهڻ سيل،
(جت وجد ۾ اچي رقص ٿو ڪري.)

شاه لطيف: ته ڪر ڀلي آهن ڀل، جي سور ڏيان جا ساڻ مون!
(جت جو تن سٽ ٻڌڻ ۽ بيهوش ٿي ڪري پوڻ.
شاه لطيف جهڪي جت کي جاچي ٿو. هو مري چڪو آهي.)

شاه لطيف: ميان، تو جهڙو درد وارو انسان نه مون ڪڏهن
ڏٺو آهي ۽ نه وري ڏسڻ جي اُميد ٿي آهي...
رب تنهنجي روح کي مغفرت بخشي.

(شاه لطيف پنهنجن هٿن سان اڪيلي سر قبر کوٽي ٿو ۽ عشق
جي تصوير، جت جو لاش دفن ڪري ٿو. زمين جي اُن ٽڪر
تي شاه لطيف خاص قسم جون سرون رکي نشان - دهي ڪري
ٿو جيئن اڳتي هلي قبر جڙي سگهي.
شاه لطيف اِن جڳهه ڏانهن ڪجهه دير نهاريندو رهي ٿو.
شاه لطيف جي اکين جو ڪلوز - اپ.)

— فيڊ آئوٽ

ٻاهه جا اُلا آسمان ڇهي رهيا آهن.)
شاهه لطيف : اڳتي... اڳتي... ۽ اڳتي......
سڀ ڪجهه سواها... سواها... سواها......

ننگر ٺٽي ڏانهن ويندڙ رستو / ڏينهن

(شاهه لطيف اڪيلو ئي اڪيلو ننگر ٺٽي ڏانهن واپس وري رهيو آهي. اوچتو سندس ڪن تي ڪلام جي هڪ سٽ ڏاڍي دردناڪ آواز ۾ ادا ڪيل ڪن پوي ٿي.)

سٽ : هڪلائي هليل ،
پورينداس پنهونءَ ڏي...
هڪلائي هليل ، پورينداس پنهونءَ ڏي...

(شاهه لطيف دردناڪ آواز طرف نهاري ٿو.
(سامهون هڪ غار ۾ هڪ شخص مايوسيءَ جي عالم ۾ ويٺو آهي ۽ هر هر مٿين سٽ پيو ٿو دهرائي.
شاهه لطيف غار طرف وڃي ٿو.)

شاهه لطيف : ابا، تون ڪير آهين؟
شخص : سائين، مان هڪ جت آهيان.
شاهه لطيف : ابا، تون هر هر ڇا پيو ٿو دهرائين؟
جت : سائين، خون ۾ ڪاڪ پوري لکيل ڪنهن دردناڪ ڪلام جي هڪ سٽ آهي.
شاهه لطيف: ابا ، اها سٽ ڪٿان مليئه؟
جت : سائين، هالن جي پرسان لکهي رهيو هوس تہ ڪن فقيرن اها سٽ هر هر پئي دهرائي...

ويٽا پبليڪيشن جو اسڪرپٽ - ساهت

(١) جوڳي جادو لائي ويا (١٩٨٧) - منوهر - جگديش

[مرڪزي سرڪار جو انعام حاصل ڪيل]

(٢) ڳليءَ ڳليءَ ٿو ڳايان (١٩٨٧) - منوهر - جگديش

(٣) ڀؤ - ڦٽي ڀو ڀٽي (١٩٨٨) - منوهر - جگديش

(٤) ڪريو نہ تنهنجو ڪير (١٩٩٠) - منوهر - جگديش

(٥) جل ۾ جوتين وارو (١٩٩٢) - منوهر - جگديش

(٦) نيڻين ننڊ حرام (١٩٩٣) - منوهر - جگديش

Cover Designed & Printed by **ART SPOT**, BOMBAY-Tel: 464134-395057



منوهر بيدي - جگديش لڇاڻي

عشق تمام، بِرهه تمام، وڙ! مٿن لوُنءِ يار، لوڪو!
سيجَ سُتي نوُن جهپَ نه آوي، نيڻين ننڊ حَرامُ،
راتيان جاڳڻُ، صاحبُ سنڀالڻُ، اِي فقيِرانِدا ڪامُ،
مَتِ عقلَ دي مُنجهه گئيِ، آيا عشق اِمامُ.

NENEN NIND HARAM —MANOHAR BEDI
JAGDISH LACHHANI.

VEENA PUBLICATION